

# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر1/2020ع

سنڌي ادبي بورڊ

## مؤرخہ 13 جنوري 2020ع تي بورڊ آف گورنرس جو ٽيون اجلاس



ساڄي ڪان:- ميمبر صاحبان ڊاڪٽر نواز علي شوق، سيد حاڪم علي شاھ بخاري، سرفراز راڄڙ، عبدالقادر منگي، سڪندر علي شاھ (سيڪريٽري)، سيد ارشاد علي شاھ (ايڪٽنگ چيئرمين)

کاٻي ڪان:- ميمبر صاحبان ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ، سيد شبير علي شاھ 'هاتف' ۽ ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي صاحب

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

# قلندر شاهه لڪياري



## نعت

اي حبيبِ خدا، اي شهِ انبيا،
ساري مخلوق لئه، رحمتن جي صدا!
هل مَديني هلون، جت وَسن رحمتون،
قلب خاطر سڪون، روح لئه مرتبا!
داغ دامن تي جيڪي، گناهن وڌا،
تنهنجي هڪڙي نظر، سارا ڌوئي ڇڏيا!
زاهدِ ڪم نظر، هت تڪبر نه ڪر،
ٿي اڳهي عشق در، عجز جي انتها!
ٿي سڪايل دلين تي، وسي روز و شب،
گنبذِ سبز تان، رحمتن جي گهٽا!
رحمتِ دوجهان، رحم ٿئي سنڌ تي،
جنهن ماٿهو اُڃيا، جنهن جا دريا سُڪا!
مُنهنجي هر سوچ ۾، فڪر دِين متين،
منهن جي هر ساهه ۾ ذڪر خَيرالوريٰ!
قلب ڪوڙهِي ٿيا، روح روڳي ٿيا،
آ فقط در محمد جو دارالشفا!
ظلم ۽ ظلمتن جو ٿئي خاتمو،
ڪو ڪٿي مشعلِ نور نورالهُديٰ!
محل ماڙيون ڇڏي، خاڪساري ڪري،
تنهن جو ٿئي مرتبو، سدرة المنتهيٰ!
اهلِ ايمان ڀانها، ٻه سردار ٿيا،
ڪفر جا شاه سردار ٽَبت يدا!
اي سخي اي شفيع، اي غني هڪ نظر،
تنهن جي در منتظر، هي 'قلندر' گدا.

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 70 | جنوري- مارچ 2020ع | نمبر 1

**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان 'عاطف'**

چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثميـنہ ميمڻ**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ



# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

**سنڌي ادبي بورڊ** ڄامشورو، سنڌ


The "Mehran" Quarterly
Vol: 70, No 1/2020
(Established in 1955)

- An age old leading journal of Scholarship in Sindhi Language, Acknowledged in all Literary circles of Pakistan and Abroad.
- Contemporary Creative writings, History, Civilization Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and Translations from world Literature are the main topics of Material Usually Published in this Periodical.
- Published by *SINDHI ADABI BOARD*



- Publication Contact:

Editor, 'Mehran' Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
E.mail: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline Hyderabad,
Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ



ساليانو چندو: اٺ سو روپيا    فون نمبر: 022-2633679    في پرچو: ٻه سو روپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ريسرچ لائبريري،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

برک اديب، افسانا نگار، ڪهاڻيڪار، تعليمي ماهر ۽ بزمِ روح ’رهاڻ‘ جو سرواڻ

# حميد سنڌي



جنم:- 12 آڪٽوبر 1939ع

وفات:- 03 جنوري 2020ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سوچ -لوچ

ٽه ماهي 'مهراڻ' جي ايڊيٽوريل بورڊ جي اڻٿڪ ڪوشش سان ۽ محترم چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي دلچسپيءَ ۽ رهنمائيءَ سبب 'مهراڻ' پڙهندڙن تائين پهچائڻ ممڪن ٿيو آهي، جڏهن ته اجان به اها ڪوشش رهندي ته ايندڙ شمارا هر ٽه ماهيءَ جي شروعاتي مهيني ۾ پڙهندڙن کي پهچائي سگهجي. ٽه ماهي 'مهراڻ' جي وقت تي اشاعت لاءِ لکندڙن جي به مهرباني آهي، جن جو تعاون ساراهڻ جوڳو آهي. ٽه ماهي 'مهراڻ' جي معيار کي نظر ۾ رکندي ايڊيٽوريل بورڊ جي مانوارن ميمبرن مليل مواد جي سهڻي نموني ڇنڊڇاڻ ڪري توڙي رسالي جي سٽاءَ ۾ انهن جي ڀرپور رهنمائي قابل تعريف آهي. وقت تي اشاعت کي يقيني بڻائڻ لاءِ مانوارن اسڪالرن، لکندڙن کي پڻ اپيل آهي ته اهي نون موضوعن ۽ نڪور لکڻين کي 'مهراڻ' لاءِ وقت تي موڪلي ڏين ته جيئن اهي مناسب جاءِ تي سٽاءَ ۾ اچي سگهجن.

- 'مهراڻ' جي هن شماري ۾ هلندڙ سلسلن کان علاوه 'لافاني ڪلام' ۽ 'لوڪ ادب' کي مناسب جاءِ تي شايع ڪيو ويو آهي ته جيئن هنن سلسلن سان نه صرف اسان جا پڙهندڙ پنهنجي اڳين صاحبِ فن ۽ استاد شاعرن جي ڪلام کان نئين سر آگاهه ٿي رهنمائي ڪندا، پر لوڪ ادب جي ڀاڱي جون شاعري واريون صنفون پڻ پڙهي انهيءَ حقيقت کان آگاهه ٿيندا ته اسان جي لوڪ شاعرن وٽ پڻ شاعريءَ جو ڪيڏو مواد موجود آهي.
- ٽماهي 'مهراڻ' جي اشاعت کي وقت تي يقيني بڻائڻ لاءِ 'پڙهندڙن جون صلاحون' (پڙهندڙن جي راءِ) جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ مانوارن پڙهندڙن کي گذارش آهي ته اهي شايع ٿيندڙ لکڻين تي راءِ سان گڏ رسالي کي بهتر نموني پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجون صلاحون، رايا ۽ تجويزون تفصيل سان ڏياري موڪلين، جن کي وڏي اهميت سان نه رڳو شايع ڪيو ويندو، پر انهن تجويزن تي عمل پڻ ڪيو ويندو. اميد آهي ته مانوارا پڙهندڙ هن شروع ڪيل سلسلي ۾ ڀرپور سهڪار ڪندا.

**آديسي اٿي ويا (آه! حميد سنڌي)**

نئين سال جي شروعات ۾ سنڌي ادب کي وڏو ڌڪ تڏهن رسيو، جڏهن 3- جنوري تي محترم حميد سنڌي صاحب اسان کان جدا ٿي ويو. اِناللہ واِنا اليه راجعون.

محترم عبدالحميد ولد سيٺ محمد اسمٰعيل ميمڻ صاحب 12- آڪٽوبر 1939ع تي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. بنيادي تعليم نوشهري ۾ حاصل ڪرڻ بعد زرعي اقتصاديات ۾ ايم.اي، ايل.ايل.بي ۽ بعد ۾ هائر ايجوڪيشنل ڪميشن ائڊمنسٽريشن جو ڪورس مانچسٽر يونيورسٽي- برطانيه مان حاصل ڪيائين.

پاڻ تمام گهڻن سرڪاري عهدن سان گڏ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين، زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام شورو ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر پڻ رهيو.

1958ع کان سنڌي ادب سان واڳجڻ بعد حياتيءَ جي آخري گهڙين تائين 'ادب' جي مطالعي ۽ محفلن سجائڻ کان پري نه رهيو.

پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، رائٽرس گلڊ، نيشنل بوڪ فائونڊيشن کان ويندي تمغهء امتياز تائين تمام گهڻن تمغن ۽ ايوارڊن جا جهول ڀريائين.

ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ سنڌي ادب جي مورچي تان سگهارو ڪردار ادا ڪيائين. نه صرف ليکڪ طور، پر ٻين به ڪيترن ئي نون خواه پراڻن لکندڙن کي همٿائڻ طور به اهم ڪردار ادا ڪيائين. مزاحمتي ادب جي پليٽ فارم طور 'روح رهاڻ' رسالي کي جاري ڪيائين. روح رهاڻ سان گڏ جشن روح رهاڻ جون نشستون به يادگار رهيون. حياتيءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ خاموش ٿي نه وينو ۽ بزمِ روح رهاڻ جي نالي سان بزم سجايائين جيڪا اجان تائين قائم آهي.

پاڻ مترجم ۽ ڊراما نگار کان علاوه بحيثيت سنڌي ڪهاڻيڪار جي وڏي حيثيت رکندا هئا. پنهنجي دؤر جي صفِ اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ سندن نالو شامل ٿئي ٿو. حميد سنڌي صاحب نهايت مصروف انتظامي زندگي

گذاريندي بہ هميشہ ادب ۾ وڌيڪ مصروف محسوس ٿيندا هئا. سنڌي ادب کي 11 قيمتي ڪتاب ڏنائون، جن ۾ 'سيمي'، 'اُداس واديون'، 'ويريون'، 'راڻا جي رجپوت' ۽ 'سو مون سپ ڄمار' خاص آهن.

حميد سنڌي صاحب سنڌ ثقافت کاتي طرفان هر سال ملهائجندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ادبي ڪانفرنس تي تحقيق جي روايت کي برقرار رکندي 11 سال تسلسل سان مختلف ليکڪن کان تحقيقي مقالا لکائي، پڙهائي ۽ ترتيب ڏيئي سُر وار ڪتاب شايع ڪرايا. انهن سُرن ۾ گهاتو، ليلان چنيسر، ڪاموڏ، ڪاپائتي، سارنگ ۽ ٻيا سُر شامل آهن.

محترم حميد سنڌي صاحب تمام بهترين مقرر پڻ هئو. سندس زبان ۾ مناسب الفاظن ۾ ڪشش هئي. علم جو ڀنڊار هئو ۽ ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ڪيس خصوصي تياري جي ضرورت نہ پوندي هئي.

محترم حميد سنڌي نهايت نرم، باوقار ۽ باعزت شخصيت جو مالڪ هئو. صبر، خوش اخلاقي ۽ درگذر ڪرڻ سندس اعليٰ ڪردار ۾ شامل هئا. سخي، مهمان نواز، يارن جو يار ۽ مددگار هئو. دوستي جا قدر ۽ ماڻ ڄاڻندو هئو. گفتگو جي جادوءَ سان پراوا بہ پنهنجا ڪري سگهندو هئو.

سنڌي ادبي بورڊ سندس شاندار اينٿالوجي شايع ڪرائي آهي، جنهن کي محترم نصير مرزا صاحب ترتيب ڏنو آهي. سنڌ ماٿڪ موتي تنظيم طرفان محترم محمد عثمان منگي صاحب کين سندن سالگرهہ تي ڪيترائي دفعا علمي، ادبي ۽ تعليمي پڳ جا وَرَ ڏنا.

ايندڙ ٽہ ماهي 'مهراڻ' جي پرچي ۾ اسان سندن سوانح ۽ علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن تي، تفصيلي مضمون شامل ڪيو آهي.

سڄي ڄمار سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪندڙ هن تمام اهم شخصيت جو سنڌي ادب ۾ خال نہ ڀرجڻ جهڙو آهي ۽ ادبي تاريخ ۾ کين هميشہ سنهري لفظن سان ياد ڪيو ويندو.

ادارو 'مهراڻ' سندن پوري خاندان سان هن گهري ڏک جي گهڙين ۾ شريڪ آهي، ڏٽي در دعا آهي تہ مالڪ حقيقي کين دنياوي لغزشون معاف فرمائي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏي ۽ پونيئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**ستار پيرزادو:**

تازو سنڌي ادب جو هڪ خاموش طبع، محنتي ۽ مائٽو ليکڪ ستار پيرزادو بہ اسان کان وڇڙي ويو. اِناللہ وانا اليہ راجعون.

ستار، سنڌي ادب کي ڪتاب بہ ڏنا تہ بحيثيت هڪ ادبي ڪارڪن جي خدمتون پڻ سرانجام ڏنيون، وفات کان ڪجهہ وقت اڳ هُو شاهہ لطيف چيئر ڪراچي کي پنهنجي زندگي جا آخري پل ارپيندو رهيو.

سندس وڇوڙو سنڌي ادب لاءِ وڏو نقصان آهي. اسين اداري طرفان اللہ پاڪ کان سندس بخشش لاءِ دعاڳو آهيون ۽ سندن خاندان کي هِن صدمي تي اللہ پاڪ صبر جي توفيق ڏي.

ٽہ ماهي 'مهراڻ' جي ايندڙ پرچي ۾ اسين سندن شخصيت متعلق هڪ جامع مضمون شامل ڪري رهيا آهيون.

- **8 مارچ** هر سال عورتن جي عالمي ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي. سڄي دنيا ۾ هن ڏينهن تي عورتن جي ترقي، بهتري، ڀلائي ۽ سجاڳيءَ جي حوالي سان سيمينار، ڪانفرنسون ۽ مذاڪرا منعقد ڪري عورتن جي سماج ۾ اهميت ۽ ڪردار کي اجاگر ڪيو ويندو آهي. ان ڳالهہ کان ڪو انڪار نہ آهي تہ ڪنهن بہ معاشري ۾ مرد ۽ عورت لازم ملزوم آهن. عورت جي شرڪت کانسواءِ معاشري جي ترقي ناممڪن آهي ۽ اهڙو اظهار نہ صرف عورتون پر مرد بہ ڪندا آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عورت کي پنهنجي اهميت ان مليل ميڃتا کي برقرار رکڻ لاءِ زندگيءَ جي هر موڙ تي ثابت قدم رهڻ گهرجي ۽ اهڙي طرح مردن کي بہ عورت ڏانهن پنهنجي روين ۾ بهتري آڻڻ گهرجي. خاص طور ورڪنگ وومين توڙي گهر ۾ ڪم ڪندڙ عورتن لاءِ سرڪاري سطح تي تمام ڪارائتا قدم کنيا ويا آهن ۽ انهن قدمن کي تڏهن تقويت ملندي، جڏهن اسان جي معاشري ۾ هر سطح تي مرد جو تعاون ۽ سهڪار شامل هوندو.

**ثمينہ ميمڻ**
ايڊيٽر 'مهراڻ'

## مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘

(جنم: 6- آڪٽوبر 1919ع- وفات: 11- جنوري 1993ع)

جاڳڻ سان رک جلد- مسافر، جانبُ لهندين جاڳي جاڳي.

1. سمهڻ منجهان متان سور پرائين، وحدت جو ويساه وڃائين
منزل اڳتي آهي اجائين، متان رسي منٺار- مسافر
سنجهي رڪجان يار سجاڳي!

2 ويل رهڻ جي ڪانهَ ڪا آهي، سالڪ! پڌ تون سندرو ساهي
لوڪ سندا لاڳاپا لاهي، ورهه جو ڪر واپار- مسافر
صورت پسندين سهڻي ساڳي.

3 والهڙو تون وات نه ڇڏجان، گوندر سان دل پنهنجي گڏجان
اڃهو وڃي اوڏانهين لاڏجان، سهڻو جت سردار- مسافر
نيئي نه نهوڙي نند نياڳي.

4. مرد ٿي محڪم طالب مولا، سر تي سهجان ڏک ۽ ڏولا
ٿيندا ڏور جهڪون ۽ جهولا، مولا مددگار — مسافر
وحدت سان جن دلڙي واڳي

(ڪتاب ’ڇُپر ۾ ڇڙيون‘ تان ورتل)

•

## فيض بخشاپوري

(جنم: 1922ع- وفات: 14- مئي 1992ع )

### غزل

خانہ دل ۾ لامڪان آهي،
عرش تي منهنجو آشيان آهي.
مفلسي، وجه بيڪسي يا رب!
ڪوئي مهمان نه ميزبان آهي.
هاءِ! بي مهري ۽ هوس- پيشہ،
بوالهوس تي هو مهربان آهي.
عشق ڪافر ۾ جان بلب آهيان،
يعني دوزخ ۾ مسلمان آهي.
راز دل گر ڏيان ڏيان ڪنهن کي،
ڪوئي همدم نه رازدان آهي.
ڪير توکان ڪري ٿو سر پيارو،
امتحان تي جو امتحان آهي.
بي ڪفن لاش ”فيض“ جو هائي!
ڪوئي ڪانڌي نه نوحہ خوان آهي.

(ٽه ماهي مهراڻ ’شاعر نمبر‘ 1-2-1969/3ع تان کنيل)

## حسن بخش شاهہ ڏُنڙائي

(جنم: 1262هجري- وفات: 7 جمادي الاول 1318هجري)

### ڪافي

وٺي ويا وات وحدت جي، جَلالي جُنگ جوڳيڙا.
ڪاهي آيا مٿي ڪثرت، وٺي وادي، سندي وحدت،
ڏِٺائون حق جي قدرت، ڇڏي ٿيا ناهہ، نوڳيڙا.
نچايا نينهن ناسوتي، ڪيائون سَير ملڪوتي،
ڏِٺائون ڏيهہ جبروتي، رڱيا رَس رنگ روڳيڙا.
هٿا جي صاحب، عظمت، هلايا حڪم باحشمت،
هلي تن جي نہ اُت حُجت، ڪيا ڪئين عشق اوڳيڙا.
’حسن بخش‘ حال سي جاڻن، ”موتو اقبل اَن“ مَري ماڻن،
السِتي واري اُهڃاڻن، پَڇن پَو پول پوڳيڙا.

(ڪتاب: ڪلام حسن بخش، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ 1957ع تان کنيل)

•

## رشيد احمد لاشاري ’رشيد‘

(جنم: 18- اپريل 1922ع- وفات: 20- سيپٽمبر 1970ع)

### غزل

طريقا اسان جا ازل کان ئي بگڙيل،
ڪندو ڪير هاڻي سڌارا اسان جا.
زمانو اسان کي سڃاڻي نه سگهندو،
پسڻ کان پري سڀ پسارا اسان جا.
بڻايون ٿا جڳ ۾ ملامت جون ماڙيون،
اڏيا عرش تي دل منارا اسان جا.
رئڻ ۽ پٽڻ ڪنهن نہ سمجهو اسان جو،
ٿيا حال توڙي هچارا اسان جا.
جڏهن مهر وارن ڪٺي منهن مٽايو،
ويا ختم ٿي سڀ سهارا اسان جا.
جي توکان وياسين تہ ڇڻ زندگي وئي،
ڪٿي ڪين ٿيندا گذارا اسان جا.
اسين ڪين هونداسين پيار جي آڏو،
تڏهن گيت لڳندا، هي پيارا اسان جا.
’رشيد‘ آهہ هاڻي، ٻڏل پنهنجو بيڙو،
لڙهي ويا ڪُنن ۾، ڪنارا اسان جا.

(ٽہ ماهي مهراڻ ’شاعر نمبر‘ 1-2-1969/3ع تان کنيل)



تاج محمد 'تاج' هاليپوٽو
(شادي پلي)

## اهي چارئي ٽوڪ ڀلا (ٻول)

نينهن لاتا ڀلا، سچا ناتا ڀلا،
غر جا تا ڀلا، پنهنجا ڪاتا ڀلا،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

سهڻ آيا ڀلا، پيچ پايا ڀلا،
ڳڻ ڳايا ڀلا، ڪير ماهيا ڀلا،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

مينهن وٺا ڀلا، پرين ڏٺا ڀلا،
ويري مُٺا ڀلا، ميوا مِٺا ڀلا،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

اگهه سستا ڀلا، سڌا رستا ڀلا،
فوجي دستا ڀلا، جوڳي رمتا ڀلا،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

پنهوارن جا پاڙا ڀلا، وَڄُن سان واڙا ڀلا،
لالڻ جا لاڙا ڀلا، پرون سونهن جاڙا ڀلا،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

لڇڻ واري ماٺي ڀلي، حلال جي پاڻي ڀلي،
سچ واري واٽي ڀلي، مارئي ڀلين جاٽي ڀلي،
اهي چارئي ٽوڪ ڀلا، تڪا مڙيئي روڪ ڀلا.

گڏهه کان وڌ گهوڙو ٻَلو، اُٺ تہ آهي پوڙهو ٻَلو،
جهار جي لئي ڳوڙهو ٻَلو، پوک کي آهي لوڙهو ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

ٻاڙي آهي موک ٻَلو، لولو وٽي سوک ٻَلو،
پئسو ڏجي روک ٻَلو، ٻالاپڻ جو ٻُوک ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

طالب ڳايو مورو ٻَلو، محبت جو آ گهورو ٻَلو،
ٽکل مٺي ٽورو ٻَلو، گهڙو اٽئي ڪورو ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

زال کي آ ورَ ٻَلو، در وارو گهر ٻَلو،
مارن جو آ ٿر ٻَلو، ڪپڙي جو آ ٻَر ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

ڪوڙ کان آ ڪَوءُ ٻَلو، ٻُکيئي کي آ ٻُو ٻَلو،
ماربو آهي مُئو ٻَلو، پنهنجو پنجاه سو ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

ڄَٽ کان آهي ڄاڻو ٻَلو، سمجهو سگهڙ سياڻو ٻَلو،
روح وارو راڻو ٻَلو، موتيءَ جو آ داڻو ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

اباڻو آ ويس ٻَلو، پنهنجو آهي ديس ٻَلو،
رهزن مٺي ڪيس ٻَلو، هني مٺان ڪيس ٻَلو،
اهي چارئي ٽوک ٻَلا، ٽکا مڙيئي روک ٻَلا.

کير سان آهي ڀَت ڀَلو، عورت جو آ سَت ڀَلو،
اَٽ سان گَڏ ڄَٽُ ڀَلو، ڏانگيءَ وري رت ڀَلو،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

ناٽي کان وڌ ننگ ڀَلو، ٻنيءَ جو آ ڏنگ ڀَلو،
سچن جو آ سنگ ڀَلو، وفا جو آ رنگ ڀَلو،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

مهمان آيو هَلي ڀَلي، ٽامي جي لٺ ڪَلي ڀَلي،
ٽِڪ واري رلي ڀَلي، ڪاوڙ آهي جهَلي ڀَلي،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

ياري آهي پڪي ڀَلي، محبت توڙ ڀڪي ڀَلي،
عورت ناهي ٽڪي ڀَلي، بدي ناهي ٻَڪي ڀَلي،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

حجت ناهي رکي ڀَلي، سيرت واري سڪي ڀَلي،
چٽڻي آهي چکي ڀَلي، دلبر سان دل ٻَکي ڀَلي،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

درويشن جي دعا ڀَلي، ملي عزت اَها ڀَلي،
ڏِگي تہ آهي سُٺا ڀَلي، راند نہ آهي جوٺا ڀَلي،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.

پيٽيون ڀائرن پيڙيون ڀليون، مينهون آهن ميڙيون ڀَليون،
رهاٽيون ’تاجن‘ چيڙيون ڀليون، ٻنيون مُند تي ڪيڙيون ڀَليون،
اهي چارئي ٽوڪ ڀَلا، ٽَڪا مڙيئي روڪ ڀَلا.



## هُنر: محمد خان مري- ڪامي

**هنر (1) ڪيري تعلقي جي ديهن جي نالي تي هنر:**

هالاري، ڪانگيٽي، ڪڪيجن چٺجان،
پلنگهي ويندس ڪينڪي، تڳوسر جيسين.

**هنر جي ڪول:**

حال روئي، ڪانگاڙي، ڪاڪيجن چٺجان،
پلنگين، ويهندس ڪينڪي، تڳيو سِر جيسين.

**(2) ذاتين تي هنر:**

عمراڻي، هَڪڙي، ڳالهه اها پنگوار ڏي،
مري جي وجان، اباڻن لاشاري ڏي،
دل چٺي هاليپوٽن ۾، وجي ڳاهن کي ڏسيان.

**هنر جي ڪول:**

عمر هاٿي هڪڙي ڳالهه، اها پُنگ تي واري ڏي،
مري جي وجان، اباڻن لاش واري ڏي،
دل ٿي چوي حالي پوئن ۾ وجي ڳاهن کي ڏسان.

هن وقت تائين سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جيتري قدر کوٽي کڍي وئي آهي. تنهن مان لڳي ٿو ته اها ٻن وڏن شهرن، هڙاپا ۽ موئن جو دڙو، ۽ الڳ الڳ پکيڙ جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن جي وڏي تعداد تي مشتمل هئي. سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌ علائقي اندر گهٽ ۾ گهٽ ٿي ڪوٽ آيل ماڳ آهن. آيا هڙاپا ۽ موئن جو دڙو، سمير ۽ اڪاد (Akkad) جي شهري رياستن وانگر، ٻن الڳ الڳ رياستن جون گاديون هئا، يا آيا اهي هڪ ئي سلطنت جا ٻه وڏا شهر هئا سو معلوم ته آهي پر ٿي سگهي ٿو ته سنڌو جي هيٺين علائقي ۾ ته شهري رياستون هجن ۽ هڙاپا ۽ موئن جو دڙو ان جا ٻه مکيه شهر هجن. هيل تائين سٺ کان وڌ يڪ ماڳن ۾ هڙاپا ۽ موئن جي دڙي واري تمدن جا عنصر مليا آهن. اهي ماڳ شمالا ڏکرين لڳ رو پڙ ۽ بلوچستان جي 'سڪتاجن ڊوڙ' جي وچ ۾ آهن. سڪتاجن ڊوڙ عربي سمنڊ جي ڪپر وٽ ڪراچي کان 300 ميل اولهه طرف آهي

**ڊاڪٽر ايچ.ٽي.سورلي**
ڪتاب "سنڌ گزيٽيئر"
ص 116 تان ڪنيل



ڊاڪٽر نواز علي شوق

# سُر ڏهر/ڏاهر ۾ آيل ٻن لفظن (پرياڻ ۽ ڪريڙ) بابت ويچار

## (علمي بحث)

ته ماهي 'مهراڻ' جي اپريل- جون 2019ع واري شماري ۾ محترم عبدالقادر ڪوسي صاحب جو هڪ مقالو شايع ٿيو آهي، جنهن جو عنوان آهي 'شاهه جو سُر ڏهر/ ڏاهر ۽ محققن جي تحقيق'، هيءُ هڪ معياري مقالو آهي. پڙهڻ کان پوءِ مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ معلوم ٿيو ته ڪوسي صاحب کي ڀٽائيءَ جي ڪلام سان نه صرف دلچسپي آهي، پر هُو شاهه سائين جي ڪلام جو پارکو به آهي. توڙي جو هن ڪسرنفسي کان ڪم وٺندي اهڙي ڪا به دعويٰ نه ڪئي آهي.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جڏهن شاهه جو رسالو تيار ڪيو، ته 'لغات لطيفي' به تيار ڪيائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنجاهه سال محنت ڪري، پنجاهه قلمي ۽ سمورا ڇاپي رسالا آڏو رکي، 'مستند شاهه جو رسالو' تيار ڪيو ۽ قلمي نسخن ۾ آيل سمورو مواد محفوظ ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ تي اهو الزام اجايو آهي، ته هن شاهه جي ڪلام جو ڪجهه حصو رسالي مان ڪڍي ڇڏيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو شاهه جو ڪلام هو، تنهن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام' عنوان ڏيئي شاهه جي ڪلام جو مستند متن تيار ڪيو. باقي ٻيو ڪلام جيڪو 50 قلمي نسخن ۾ موجود هو، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب 'رسالي جو ڪلام' يعني شاهه جي مختلف رسالن ۾ آيل ٻين شاعرن جو ڪلام، ڏهين جلد ۾ محفوظ ڪيو آهي.

ان کان علاوه 'روشني' جي عنوان سان شاهه جي ڪلام جي لغات تيار ڪئي، جنهن جا به ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. شاهه جي ڪن ٻين شارحن رسالي جي حاشيي ۾ يا آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني آهي. مطلب ته رسالي سان گڏ ان جي لغات ڏيڻ وارا شمس العماء مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهن، جيڪي سنڌي ادب جا وڏا محسن آهن. جڻ ته درياهي آهن، جن ادبي سرزمين کي سيراب ڪيو، باغ بستان لڳي ويا، ادبي چمن جي گلن جي خوشبوءِ هند سنڌ کي واسي ڇڏيو.

هينئر شاهه جي لغات تيار ڪرڻ وارن لاءِ جڻ آساني پيدا ٿي آهي. کين تمام گهڻو مواد ملي ويو آهي ۽ هنن لاءِ وڏي رهبري ۽ رهنمائي ٿي ويئي آهي. ڪجهه لفظ گهٽائي وڌائي، ڪي نوان لفظ شامل ڪري، ڪن لفظن جون نيون معنائون ڏيئي، نئين لغت تيار ڪري سگهجي ٿي، پر مان دعويٰ سان ٿو چوان، ته ان ۾ نوي سيڪڙو مواد 'لغات لطيفي' ۽ 'روشني' تان کنيل هوندو. باقي جيڪو ڏهه سيڪڙو نئون مواد، ان نئين لغت ۾ شامل هوندو، سو به يقين سان نه ٿو چئي سگهجي، ته اهو ڪيترو مستند هوندو.

مرزا صاحب پنهنجي تيار ڪيل 'شاهه جو رسالو' جي لغت تيار ڪئي ۽ ڊاڪٽر بلوچ به پنهنجي تيار ڪيل رسالي جي لغت تيار ڪئي. نئين لغت تيار ڪرڻ وارن کي اها وضاحت ضرور ڪرڻ گهرجي ته هنن شاهه جي ڪهڙي رسالي جي لغت تيار ڪئي آهي؟ ڇاڪاڻ ته ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي هن وقت تائين ڪيترن عالمن شاهه جا رسالا تيار ڪيا آهن، تنهنڪري ٿوري وضاحت لازمي آهي.

فاضل مقاله نگار پنهنجي مقالي جي ص- 25 تي لکيو آهي، "هن سُر (ڏهر/ ڏاهر) بابت شاهه جي 244 هين عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن جو ڪتاب 'سُر ڏهر' 1989ع ۾ ڇپيل آهي. ان ڪتاب جو مرتب نواز علي شوق آهي. اهو ڪتاب ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز وارن جو ڇپايل آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ 16 نامور اسڪالرن جا مقالا ڇپيل آهن. ڪتاب جي ص- 219 کان 140 تائين آفتاب ابڙي جو

لکيل مقالو 'سُر ڏهر جي لغت' شامل آهي. ڊاڪٽر ابڙي هن مقالي ۾ ڪافي لفظن ۽ محاورن جون معنائون سمجهايون آهن، پر اهي سڀ معنائون ساڳيون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واريون تشريح سان لکيون اٿس."

معلوم ٿيو ته هينئر رڳو هيرا ڦيري ڪري لئي ۽ ڦينچي ڪان ڪم وٺي، شارٽ ڪٽ ڪرڻ وارا، لغتون تيار ڪندا ۽ پاڻ کي لغت جو ماهر سڏائيندا. ائين نڳي چوري، ڪوڙ، ڪپت ۽ ڪوٽ جو ڪاروبار هلندو رهندو. جيئن اڄ ڪلهه هر شيءِ ۾ ملاوت وڌي وئي آهي، تيئن ادب ۾ به ملاوت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. 'ڪڪڙ ڪوريءَ جو ۽ نانءُ وڏيري جو' مثال چٽو ٿي اکين آڏو اچي رهيو آهي. ماهر معمار موڪلائي ويا، جن ادب جا محلات اڏيا، هينئر سرَ تغاري ڪڻڻ وارا رهجي ويا آهن، جي دانشوري جو دهمان پٽي رهيا آهن.

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وِندين جي،
تتين سندا پويان، ڪٽين ڪٽ لوهار.

فاضل مقالہ نگار سُر ڏهر ۾ آيل ٻن بيتن جي ٻن لفظن 'پرياڻ' ۽ 'ڪريڙ' جي معنيٰ ۽ مطلب متعلق مختلف عالمن جي تحقيق جا حوالا ڏنا آهن. هونئن ته لفظ 'پرياڻ' رسالي ۾ 24 جاين تي آيل آهي، جنهن لاءِ ڪوسي صاحب جو مقالو، ته ماهي 'مهراڻ' جي جنوري 2018ع واري شماري ۾ ڏسڻ گهرجي. هتي ڪوسي صاحب سُر ڏهر/ ڏاهر جا فقط ٻه بيت ڏنا آهن، جي هن ريت آهن:

ڪونج نہ لکيو پاڻ، جو ماريءَ، سندي من ۾،
اوچتي پَرياڻ، وڳر هٽي ويچون ڪيا.

ڪڏهن جهلين ٻڪرا، ويئي منجهه وتاڻ،
اوچتا پرياڻ، آهي ڏڻ ڏٿين جا.

ڪوسي صاحب لکيو آهي ته 'پرياڻ' لفظ جون شاهه جي شارحن ۽ محققن ڌار ڌار معنائون لکيون آهن، اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

پَرياڻ: اهڃاڻ، ڏس، پتو، آثار، نشان، پريتڻو، پَريان وارا.

شاهه جي رسالي جي شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن لفظ جون هيٺيون معنائون ۽ اشتقاق لکيا آهن.

پرياڻ: سن- پرياڻ+ ۾ "اڳتي+ يا" وڃڻ (منهنجي خيال ۾ اهو 'يا' نه ۾ لفظ جو پويون اڌ 'ياڻ' هوندو. شايد پروف جي غلطي آهي) ڀڃُ، رٺ، ارادو "بيبي خديجه خواب ۾، پرورِيسَ پرياڻ" (گل حسن شر) ويچار، خيال، نصيحت، انجام، پانڌاڻ.

متي جيڪي به معنائون ڏنيون ويون آهن، اهي پنهنجي جاءِ تي، پر سُر ڏهر جي هيٺئين بيت ۾ ڊاڪٽر بلوچ 'پرياڻ' لفظ جي معنيٰ ڏهڪاءُ لکي آهي.

ڪونج نہ لکيو پاڻ، جو ماريءَ، سندي من ۾،
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويچون ڪيا.
(ص- 22)

فاضل مقالہ نگار لکيو آهي ته 'پرياڻ' لفظ تحقيق طلب آهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي عالمن 'پرياڻ' لفظ جي جيڪا معنيٰ لکي آهي، ان معنيٰ جي آڌار تي بيتن جي معنيٰ دل سان نه ٿي لڳي، اهوئي سبب آهي جو هن محققن کي دعوت ڏني آهي، ته ان لفظ تي ويچار ڪري، اهڙي معنيٰ پڌائي وڃي، جيڪا صحيح معلوم ٿئي.

مان سنڌي ادب جو شاگرد آهيان، ۽ لغات جي به مون کي، تمام معمولي ڄاڻ آهي. هندي جي هڪ عالم راجيسور راءِ اصغر جي 'هندي- اردو لغت' کي کولي ڏٺم ته 'پرياڻ' لفظ جي هيءَ معنيٰ معلوم ٿي.

پَرياڻ: هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه وڃڻ، رحلت، روانگي، ڪُوچ، حملو، موت (ص- 178)

اهي معنائون ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي. سوچيم ته شاهه لطيف لغت جو ڪيڏو نه ماهر هو ۽ وٽس مختلف ٻولين جو وڏو ذخيرو موجود آهي. شاهه صاحب بيتن ۾ تُز لفظ آڻي خوب خيال ۽ مثال ظاهر ڪيو آهي. هاڻي ٻيهريون بيت ۽ ان جي سمجهاڻي ڏجي ٿي.

1. ڪونج نہ لکيو پاڻُ، جو ماريءَ سندي من ۾،
اوچتي پرياڻ، وڳر هٽي ويچون ڪيا.

سمجهاڻي: ماري جي من ۾ جيڪو (ڪونج کي مارڻ لاءِ) تيرُ هو، ارادو هو سو ويچاري ڪونج سمجهي نه سگهي. (هن سوچيو، هُوءَ ته ڪنهن جي دشمن ناهي، پوءِ جو ڪيس ڪو ماريندو!) ماري (شڪاري) جي لوچتي حملي (جنهن ۾ ڪونج ويچاري مري وئي)

مختلف نمونن ۾ لکيو آهي. اهو بيت هن ريت آهي:

آيون ڏور ڏري، اصل سنڌي آسري،
ڪريهڙ پون ڪري، پاٽان پير ڏکوئيا پکئين.

ڊاڪٽر بلوچ 'شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام' جلد-3 ۾ مختلف قلمي رسالن تان پوئين مصرع جون پڙهڻيون نقل ڪري ڏنيون آهن، سي هن ريت آهن:

1. ڪڙي هر پون ڪري، پاٽا پير ڏکوئيا پکئين.
2. ڪڙيهڙ پون ڪڙي، پاٽا پير ڏکوئيا پکئين.
3. ڪڙي هل پون ڪڙي، پاٽا پير ڏکويا پکئين
4. ڪڙي هر پون ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
5. ڪينهر پڻ ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
6. ڪريهر پون ڪري، پاٽا پير ڏکوئيا.
7. ڪريهر پون ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
8. ڪرهر پون ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين
9. ڪري هر پون ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين
10. ڪريهر پڻ گري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
11. ڪيهپر پون ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
12. ڪنهن ڪر پُن ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
13. ڪنير پُنءِ ڪري، پاٽا پير ڏکويا پکئين.
14. ڪينهر پون ڪري، پاڻ پير ڏکويا پکئين. (ص- 586)

ان مان ظاهر ٿيو ته مصرع ثاني (ٻي مصرع) جو پهريون پد پندرهن مختلف نمونن ۾ لکيو ويو آهي. اڪثر محققن پهريون لفظ 'ڪريڙ' لکيو آهي. يا ڪن ٻئي نموني لکيو آهي، پر ان جي معنيٰ سخت زمين، ڪيڙيل زمين، ڪڙهڙ يا کُٻ کُٻ ٽيل زمين لکي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته ڪاتبن کي جيئن سمجهه ۾ آيو، تيئن هنن لکي ڇڏيو. ڪاتب نه وڏا عالم هئا ۽ نه وري هر خطي جي ٻوليءَ جا ڄاڻو هئا، تنهنڪري مونجهارو پيدا ٿيو.

پهرين مصرع جي ٻئي پد ۾ 'اصل' لفظ آيل آهي. اهو به غور طلب آهي. ڇاڪاڻ ته ان جي معنيٰ مطابق مصرع جو مفهوم دل سان نه ٿو لڳي. جو ته معنيٰ ٺهڪي نه ٿي اچي، ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪو ٻيو لفظ هجي. ان تي به ويچار ڪرڻ ضروري آهي.

مٿي مصرع ثاني جي پهرين پد ۾ شاهه جي شارحن جيڪي لفظ لکيا آهن، سي سڀ اوپرا آهن. اهي ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ موجود نه آهن. پڪين جا پير ڏکڻ واري ڳالهه ڏسي، شارحن اندازي تي ان جي معنيٰ سخت زمين، ڪڙهڙ، ڪيڙيل يا کٻ کٻ ٽيل زمين لکي. پکين جا پير ڏکوئجڻ جي مناسبت سان اهائي معنيٰ مناسب معلوم ٿئي ٿي، پر جيئن عبدالقادر ڪوسي صاحب لکيو آهي، ته پهرين اهو طيءِ ٿيڻ گهرجي ته ان لفظ جي اصل بيهڪ ڪهڙي آهي؟ ان ڪان پوءِ ان لفظ جي معنيٰ تي سوچ ويچار ڪجي، جڏهن اصل لفظ جي خبر ئي نه آهي، ته پوءِ اندازي ۽ انومان تي ئي معنيٰ لکي ويندي.

علمي ۽ تحقيقي اصول موجب پهرين ان لفظ جي صحيح صورتخطي معلوم ڪرڻ گهرجي، پوءِ لغت ۾ ان جي معنيٰ معلوم ڪرڻ گهرجي. ان بيت جي ٻي مصرع جي پهرين پد ۾ جيڪو پهريون لفظ مختلف صورتن ۾ لکيو ويو آهي، سو ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ نظر نه ٿو اچي. ڊڪشنرين ۾ بيت جي پهرين مصرع جي مناسبت سان جيڪي لفظ نظر آيا، تن جي معنيٰ هيٺ ڏني وڃي ٿي، فيروزاللغات ۾ 'اصل' لفظ جي معنيٰ هيءَ آهي.

اصل: بنياد، پاڙ، سرچشمو، ٻج، سَتُ، عطر، حقيقت، نيڪ، واقعي، ماهيت، نسبت، سرمايو، پونجي، ذات، ڪتاب جو متن، نج، ڪرو (ص- 68)

هڪ لفظ جي ايترن مختلف نمونن ۾ لکجڻ مان معلوم ٿئي ٿو، ته ڪاتبن کي اهو لفظ سمجهه ۾ نه آيو، تنهنڪري هر ڪنهن پنهنجي سمجهه آهر لکي ڇڏيو. هنن اهو نه سوچيو ته اهو ڪهڙي زبان جو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ ڇا آهي؟ بس رڳو هڪ مبهم لفظ پنهنجي سوچ سمجهه مطابق بيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام' جي جلد-3 ۾ ڪونجن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته، "ڪونجون قسمت سانگي ڇُوٽي ۽ قُوت لاءِ ٿيون هِت اچن، پر سندن اصل وطن روهه آهي، هت ڪريهڙ جي ڏوري تي لٿيون، ته کهري زمين سندن پير ڏکوئي وڌا." (ص-55)

غور سان ڏٺو وڃي ته ڏورا ٻيا به هئا. ٻدام جي پٽ ۾ به ڪن ڏنين ڏورن ۽ ڪُنبن تي ڪونجون اچي لهنديون هيون. اهوئي سبب آهي جو شاهه صاحب

فرمايو آهي:

چيتا ڪئو چٽيچ، بداماڻي ٻُٽِ ۾.

معمور يوسفاڻي صاحب اها مصرع هن ريت لکي آهي:

چنتا ڪئو چٽيچ، بداماڻي پَٽ ۾.

هيئر سوچڻ جي ڳالهه آهي ته پٽائي فرمايو آهي:

آيون ڏوري ڏري، اصل سندي آسري.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪونجون اچي ڪنهن ڏوري تي لٿيون. ان مان ڪنهن ٻيٽ طرف اشارو نه ٿو نظر اچي، تنهنڪري ان مصرع کي 'ڪريڙ ٻيٽ' ڏانهن ڇڪي وڃڻ مناسب معلوم نه ٿو ٿئي. جڏهن 'ڪريڙ' هڪ ٻيٽ جو نالو آهي، ته پوءِ ان جي معنيٰ هروڀرو سخت ڇو ٿيڻ گهرجي. ڪونجون هر سال جيان اچي ڪنهن ڏوري تي لٿيون. پٽائي پنهنجي بيت ۾ ڪنهن ڏوري جو نالو نه ڏنو آهي، اهو ڪو به ڏورو ٿي سگهي ٿو. پٽائي رڳو اهو چيو ته:

آيون ڏور ڏري، اصل سندي آسري.

مٿين مصرع ۾ آيل لفظ 'اصل' جي معنيٰ آلا ڏيئي ڇڪو آهيان. منهنجي ناقص راءِ موجب ان مصرع ۾ اصل جي بجاءِ 'اَڪُل' لفظ وڌيڪ موزون ۽ مناسب لڳي ٿو. جيئن اَڪل ۽ اصل جي صورتخطيءَ ۾ تمام ٿورو فرق آهي، تنهنڪري ڪاتبن کان ٿوري سَهوَ ٿي وئي 'اڪل' بجاءِ'اصل' لکي ڇڏيو. پوءِ شاهه جا شارح اهو ئي لفظ لکندا آيا. 'اڪل' جي معنيٰ آهي: ڪاڌو، خوراڪ. عربي زبان ۾ 'کُلوا وَشْرِبُوا' جي معنيٰ آهي کائو پيئو.

معلوم ٿيو ته 'اصل' کان 'اڪل' لفظ وڌيڪ موزون ۽ مناسب آهي. اهو لفظ بيت جو مفهوم وڌيڪ چٽيءَ ريت ظاهر ڪري ٿو. بحث هيٺ آيل بيت جي مصرع ۾ منهنجي ناقص راءِ موجب 'پکئين' لفظ زائد آهي. جڏهن ذڪر ئي پکين جو آهي ته پوءِ 'پکئين' لفظ غير ضروري معلوم ٿئي ٿو. ٻي ڳالهه ته اهو لفظ آڻڻ سان مصرع جون ماترائون وڌي وڃن ٿيون. هيئر اهو بيت لکي، ان جي سمجهاڻي ڏني وڃي ٿي.

آيون ڏور ڏري، اَڪُل سندي آسري،
ڪَرير پونءِ ڪَري، پاٽان پير ڏکوئيا.

سمجهاڻي: (ڪونجون) اچي ڏوري تي لٿيون، چو جو اتي کين کاڌي خوراڪ جو آسرو هو (اها اميد رکي ڏوري تي لٿيون آهن پر اُهو ڏورو شايد سُکي ويو هو) تنهنڪري اها زمين جيڪا نُون ڦُٽل ڪَچڙن پَٽن (گونچن) جهڙي ڪُنڊري هوندي هئي، سا هاڻي جهڙي سخت ٿي پئي آهي، تنهنڪري ويچارين جا پير ڏکجي پيا. جيئن ڪونج پاڻ سهڻي نازڪ ۽ نفيس تيئن ان جا پير به پَٽ جهڙا، تنهنڪري سخت زمين تي ان جا پير ڏُکجي پيا. پٽائيءَ کي انهيءَ منظر ڏاڍو ڏکارو ڪري وڌو، جو ڪونجون ويچاريون پنهنجو وطن (روهه) ۽ ٻچا ڇڏي، وڏو سفر ڪري هتي چوڳي لاءِ آيون هيون. افسوس جو کين خوراڪ ته نه ملي، پر سخت زمين سبب ويچارين جا ريشم جهڙا نرم نازڪ پير به ڏکجي پيا. مطلب ته شاهه پٽائيءَ انهيءَ بيت ۾ ڏاڍو ڏکارو منظر پيش ڪيو آهي.

## مددي ڪتاب:


1. شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام (جلد- ٽيون)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، 1994ع.
2. شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت (ڇاپو ٻيون)، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، 2017ع.
3. سائل ڪوش (ڇاپو ٻيو)، پروفيسر سترام داس سائل، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 2009ع.
4. هندي- اردو لغت، راجيسور راءِ، حيدرآباد دکن.
5. فيروزاللغات، فيروز سنز لاهور، 1987ع.






ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو

# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’مجاز مرسل‘ جو جائزو

(A study of ‘Synecdoche’ in Molvi Ahmed Mallah’s poetry)

**جائزي جو پس منظر:**

مولوي صاحب پنهنجي دور جو ته ڪمال جو شاعر هو، ليڪن بعد ۾ به هن جو ملڪو رهيو آهي. سنڌس شاعريءَ جي ٻولي اهڙي ته مٺاهين پد جي آهي، جو ڪيس پنهنجي علائقي جا ماڻهو عام پيا گونجاريندا آهن ۽ سنڌس شعر، محاورن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين طور پيا ڪم آڻيندا آهن. اها ڪنهن پلي شاعر جي بين الاقوامي معيار مطابق خوبي تصور ڪئي ويندي آهي. تنقيدي لحاظ کان ڪنهن شاعر جي خوبين کي ٻن اهم پلڙن ۾ توريو ويندو آهي، هڪ: فن ۽ ٻيو: فڪر.

فن ۽ فڪر جي حوالي سان ڪي اصطلاح يڪسان به هوندا آهن، جيڪي فڪري ۽ فني لحاظ کان ٻنهي پلڙن ۾ توربا آهن. جيئن تجنيسن کي صرف لفظن جي گهاڙيٽي ۾ ڏسبو آهي، ليڪن صنعتن کي وري معنوي لحاظ کان جاچبو آهي. علم بيان موجب تشبيهه، استعارو، مجازمرسل ۽ ڪنايو اهم ليکيا ويندا آهن. معنوي لحاظ کان اهي اصطلاح، شاعر پنهنجي خيال کي وڌيڪ مضبوط، سهڻو ۽ عام فهم بڻائڻ لاءِ ڪم آڻڻ لازمي سمجهندو آهي. هتي مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ علم بيان جي جز: ’مجاز مرسل‘ تي نظر رکڻ مقصود آهي.

’مجازمرسل‘ مان مراد ڪنهن لفظ يا فقري جي ’حقيقي‘ معنيٰ کان هٽي ڪري ’مجازي‘ معنيٰ وٺڻ هوندي آهي. مجازي معنيٰ سان گڏ جڏهن حقيقي معنيٰ به شامل ٿئي ته پوءِ اهو ڪنايو ٿي ويندو آهي، جيئن: ’فلاڻي ماڻهوءَ جي چلهه پئي ٻرندي آهي.‘ چلهه ٻرڻ حقيقي معنيٰ ۾ به آهي ته وري اشارو ’ماني ٽڪيءَ جو پچڻ‘ ۽ ’مهمان نوازي هجڻ‘ واري مراد به آهي، ان سبب ان کي ’ڪنايو‘ سڏبو. جڏهن ته مجازمرسل ۾ ’ڪل جو جز‘ يا ’جز جو ڪل‘، ’مڪان جو مڪين‘ يا ’مڪين جو مڪان‘، ’سبب جو مسبب‘ يا ’مسبب جو سبب‘، ’ظرف جو مظروف‘، ’مظروف جو ظرف‘ وغيره وٺبو آهي. مثال طور: ’هي ڳوٺ ڪافي سڌريل آهي‘ واري جملي ۾ ’ڳوٺ‘ مان حقيقي مراد ’جايون- جڳهيون، پٽيون- چٽيون، گهٽيون- گهر‘ آهي، جڏهن ته جملي جي نوعيت ٻڌائي ٿي ان جو اشارو ’ڳوٺ جي رهاڪن‘ ڏانهن آهي. ان اهڙي مجازي اشاري يا ’ڳوٺ‘ ۽ ’رهاڪن‘ جي وچ واري ’مڪان کان مڪين‘ واري تعلق کي ’مجاز مرسل‘ ڪوٺيو ويندو آهي.

عام طور جڏهن ڪي لفظ پنهنجي حقيقي معنيٰ کان هٽي ڪري استعمال ڪيا ويندا آهن ته تنقيد نگار اهڙي استعمال تي طنز ڪري، ان کي تنقيد سمجهندا آهن. هي علم بيان جو هڪ جزو آهي، جنهن کي، مجازي معنيٰ وٺڻ سبب، مجازمرسل سڏيندا آهن. ان اصطلاح کي سمجهڻ لاءِ هيٺين سوالن جو احاطو ڪيو ويو آهي.

**اهياس جا سوال:**

علم بيان ڇا کي ٿو چئجي؟

- مجاز مرسل مان ڇا مراد آهي؟
- ڇا ٻوليءَ جي اصطلاح يا محاوري جي حقيقي ۽ مجازي/ سماجي معنائن کي مجازمرسل چئي سگهجي ٿو؟
- مجازمرسل جون ڪهڙيون امڪاني صورتون ٿي سگهن ٿيون؟

**اڀياس جو عمل:**

مجازمرسل، پنهنجي مجازي معنيٰ سبب ڪم ايندو آهي. هي اصطلاح 'علم بيان' جو هڪ جزو آهي. هتي علم بيان جو مختصر خاڪو بيان ڪري مجازمرسل بابت عالمن/ استادن جو ڏسيل دائرو سامهون رکي، ان بابت معيار ڏسڻ ۽ مولوي صاحب جي شاعري جاچڻ مقصود آهي.

**علم بيان :**

اهڙو علم جنهن ذريعي ڪنهن لفظ جي معنيٰ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪي نوان انداز ورتا وڃن، ان کي علم بيان چئبو آهي. ٻوليءَ ۾ عام طور لفظ جون، ٻن اندازن سان معنائون ورتيون وينديون آهن، هڪ: حقيقي، ٻي: مجازي. مجازي معنيٰ وٺڻ لاءِ علم بيان جو گس ورتو ويندو آهي. فرض ڪريو ته 'چنڊ' ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڪم آڻيندي، ان جي سونهن مراد ورتي وڃي. علم بيان جي دائري ۾ چار جزا ڏسيا ويا آهن: 'تشبيه، استعارو، مجازمرسل ۽ ڪنايو'. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب 'آفتاب ادب' ۾ علم بيان ۾ اهي ئي چار جزا ڄاڻايا آهن. (سيوهاڻي، 1983: 198- 201) مرزا قليچ بيگ مذڪوره جزن کي 'صنايع معنوي' ۾ شمار ڪري ٿو. (قليچ، 2016: 128- 134)

ظفر عباسي 'علم بيان' بابت لکي ٿو ته: "علم بيان اهڙن قاعدن جو نالو آهي، جن جي سمجهڻ سان هڪڙي ئي معنيٰ کي ڪيترن نمونن سان ڪم آڻي سگهجي ٿو. يعني ڪنهن هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ جهڙو بيان ڪرڻ." (ظفر، 2007: 451)

اهي جزا ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪرڻ ۽ پنهنجي خيال کي وڌيڪ مضبوط، واضح ۽ سهڻو ڪرڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. مجازي معنيٰ لاءِ ڪم ايندڙ اصطلاحن جي ڀيٽ نسبت 'تشبيه ۽ استعارو' پاڻ ۾ ويجهو آهي، جڏهن ته 'مجازمرسل ۽ ڪنايو' پاڻ ۾ قريب ٿين ٿا، مثال طور:

- تشبيهه: احمد چنڊ جهڙو سهڻو آهي.
- استعارو: احمد ته چنڊ آهي.

تشبيهه ۾ جهڙو، وانگر، جيان وغيره جا لفظ وٺي ان ۾ خاصيت به بيان ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته استعاري ۾ سڌو لفظ وٺي، ان جي خاصيت تصور ڪئي ويندي آهي.

- مجازمرسل: هي گهر لکيل پڙهيل آهي. (هتي مڪان مان مراد مڪين جي آهي، يعني گهر جا ماڻهو)
- ڪنايو: احمد جي چلهه ته پٽي ٻرندي آهي. (هن جي حقيقي معنيٰ ۽ مجازي معنيٰ ۾ ويجهڙائپ آهي.)

مجازمرسل جو علم بيان جي ٻين جزن سان تقابل

علم بيان جي جزن جي پاڻ ۾ ڪافي ويجهڙائپ رهي ٿي، ان ڪارڻ مجازمرسل جي مختلف جزن سان ڀيٽ ڪجي ٿي ته جيئن مجاز مرسل واضح رهي:

**مجاز مرسل ۽ استعاري ۾ فرق**

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ان بابت لکي ٿو ته "استعاري ۽ مجازمرسل ۾ لفظن جي لغوي ۽ حقيقي معنيٰ نه وٺبي آهي. جيڪڏهن وٺبي ته مضمون بي مطلبو ٿي پوندو. 'شينهن ترار پٽي هلائي'- انهيءَ فقري ۾ جيڪڏهن 'شينهن' جي معنيٰ مشهور درندو جانور وٺبي، ته اهو ترار ڪيئن هلائيندو؟ پوءِ اهو جملو ئي بي معنيٰ ٿي پوندو. انهيءَ ڪري اهڙي جملي ۾ ضرور مجازي معنيٰ وٺبي- يعني 'پهلوان'." (سيوهاڻي، 1983: 164)

سيوهاڻي مرحوم جي ڄاڻايل مثال مان سوال اهو ٿو اڀري ته 'ان استعاري ۾ مجازمرسل جي ڪهڙي جز جي معنيٰ نڪرندي؟ ممڪن آهي ته سيوهاڻي مرحوم جي مراد مجازمرسل جي جز 'سبب مان مسبب (نتيجو)' واري هجي. ظاهري جملي ۾ 'شينهن' اڌارو ورتل آهي ڪنهن 'پهلوان/ بهادر' لاءِ، يعني شينهن جو لفظ اڌاري وٺڻ ڪارڻ استعارو چئبو؛ پر جڏهن معنيٰ تي ٿو ڌيان ڌرجي ته اهو لفظ پنهنجي مجازي معنيٰ ۾

ڪنهن بهادر ماڻهوءَ لاءِ ورتو ويو آهي. اتي ’شينهن‘ سبب آهي، جنهن جو مُسبب/ نتيجو، ’پهلوان/ بهادر‘ آهي. ان مجازي معنيٰ واري چال کي ’مجازمرسل‘ ٿو ڪوٺجي.

**مجاز مرسل ۽ تشبيهه ۾ فرق**

تشبيهه ۾ حرف تشبيهه: وانگر، جهڙو، جيان وغيره جي استعمال سان گڏ ان جي خاصيت به ٻڌائي ويندي آهي. مثال: ’احمد شينهن جهڙو بهادر آهي‘. هن جملي ۾ ’حرف تشبيهه: جهڙو‘ ڪم آندل آهي، جنهن سبب ’احمد‘ ۽ ’شينهن‘ کي به الڳ اسم سمجهيا وڃن ٿا. پر جيڪڏهن احمد جي جوشيلي ۽ جلالي انداز لاءِ چئجي ته ’شينهن وانگر پيو ٿو گجي‘، ان صورت ۾ ’گجڻ‘ مان مراد ’جوش ڏيکارڻ‘ آهي، جيڪو (سبب جو مُسبب) نتيجو آهي ’گجڻ‘ جو، اهڙي مجازي معنيٰ وٺڻ کي ’مجاز مرسل‘ ڪوٺبو.

**مجاز مرسل ۽ ڪنايي ۾ فرق**

سيوهاڻي صاحب لکي ٿو ته ”’فلاڻي جون ٻانهون ڊگهيون آهن‘- انهيءَ جملي ۾ ’ڊگهيون ٻانهون‘ حقيقي معنيٰ ۾ نه آهن، بلڪ ’ٻانهون ڊگهيون‘ معنيٰ ’وڏي پهچ‘. پر جيڪڏهن انهيءَ جملي جي معنيٰ وٺبي ’ڊگهيون ٻانهون‘ ته به جملو بي معنيٰ نه ٿيندو، ڇو ته ڪن ماڻهن جون ٻانهون ننڍيون ٿينديون آهن ۽ ڪن جون وڏيون. جيتوڻيڪ حقيقي معنيٰ وٺڻ سان ڪلام ۾ ڪا ڪمليت نه رهندي، ته به ڪا نه ڪا مناسب معنيٰ ضرور نڪرندي“ (سيوهاڻي، 1983: 164- 165)

سيوهاڻي مرحوم جي مراد آهي ته ’ٻانهون ڊگهيون هجڻ‘ جون ٻئي معنائون يعني ’مجازي ۽ حقيقي‘ وٺي سگهجن ٿيون. ان سبب ان کي ’ڪنايو‘ ٿو چئجي. پر جيڪڏهن اهو اصطلاح پنهنجي حقيقي معنيٰ نه ڏئي ها ۽ صرف مجازي معنيٰ ڏئي ها ته ان صورت ۾ ’سبب جو مسبب/ نتيجو‘ واري جز ڪارڻ ’مجازمرسل‘ سڏجي ها. جيئن ته هتي اهو اصطلاح ٻئي معنائون (حقيقي ۽ مجازي) ڏئي پيو ، ان ڪري ان کي ڪنايو سڏيو ويندو.

هيٺ مجاز مرسل جو اشتقاق ۽ ان جي جزن جو وچور هيٺين ريت پيش ڪجي ٿو:

**مجاز مرسل جو اشتقاق**

مَجاز مُرسل: [ مَجاز- مَفعَل- اسم مڪان (جاز = هو گذري ويو- جائز ٿيو) لنگهه جي جاءِ- واٽ، اهڙو لفظ جيڪو ڪنهن مناسبت سان ٻي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ جائز هجي + مُرسَل- مُفعَل- اسم مفعول (رَسَلَ = هن نياپو موڪليو) موڪليل نياپو ] ڪو نئون رستو اختيار ڪرڻ- علم بيان موجب ڪو لفظ پنهنجي حقيقي معنيٰ بدران مجازي معنيٰ ۾ ڪم ايندو هجي ۽ حقيقي ۽ مجازي معنائن وارو لاڳاپو تشبيه وارو نه هجي ته ان کي مجاز مرسل چئبو. ڪنايو، پنهنجي حقيقي ۽ مجازي ٻنهي معنائن ۾ ڪم ايندو آهي، ليڪن مجازمرسل صرف مجازي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي. اها واٽ يا لفظ جنهن ۾ ڪنهن جڳهه لاءِ ان جا رهندڙ مراد هجي، ڪنهن سبب بدران ان جو سبب ڏيکاريندڙ يا نتيجو مراد هجي، يا ڪُل مان مراد جُز هجي. مثال طور: ’هي اسڪول ڪافي سٺي تعليم مهيا ڪري ٿو‘، هن جملي ۾ ’اسڪول‘ لفظ پنهنجي مجازي معنيٰ ڏيندو، يعني ان مان مراد اسڪول جا ’استاد‘ ۽ ان جي ’انتظاميہ‘ آهي.

**مجاز مرسل جو اصطلاح/ محاوري يا پهاڪي/ چوڻي سان تعلق**

اصطلاح يا محاورو، جملي جو جز سڏبو آهي، جڏهن ته پهاڪو يا چوڻي هڪ پورو جملو تصور ڪيو ويندو آهي. اصطلاح ۽ پهاڪي جي معنيٰ جو تعلق سڌي سنئين معنيٰ سان نه، پر سماجي ٻوليءَ سان آهي، جڏهن ته محاورو يا چوڻي پنهنجو سڌو مقصد ظاهر ڪندي آهي.

مجازمرسل، پنهنجي سماجي معنيٰ سبب اصطلاح يا پهاڪي جي خاندان سان تعلق ضرور رکي ٿو، ليڪن ان جي معنيٰ وٺڻ جا پنهنجا ماپا آهن. جنهن سبب ان کي شاعراڻي معنيٰ سان گهڻو سلهاڙيو ويو آهي. فرض ڪريو ته:

| سڌي سنئين معنيٰ موجب | سماجي معنيٰ موجب |
|---|---|
| انڌو (اکين کان) | انڌو (عقل جو جڏو) |
| مٺو (جسم جو حصو) | مٺو (سوچ) |
| سون (هڪ ڌاتو) | سون (سراسر سچ) |
| پانهن (عضوو) | پانهن (سگ يا عورت) |

(ٻوهيو، 1978: 305)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”هنن مثالن مان ڏٺو ويندو ته هڪ ئي لفظ معنيٰ جا ٻه مقام ڏئي ٿو. انهن ٻن معنائن مان پهرين معنيٰ ته اها عام معنيٰ آهي، جا فرد ۽ فرد جي وچ ۾ منتقل ٿئي ٿي، پر ٻي معنيٰ متاڻهين آهي، جا سماج ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ سماجي طور تي ڄاتي وڃي ٿي.“ (ٻوهيو، 1978: 305- 306)

اهي لفظ جيڪي جملي ۾ اصطلاحي معنائن ۾ ڪم اچن ٿا، ظاهر آهي ته ان جون معنائون مجازي ورتيون وڃن ٿيون. ان صورت ۾ عام رواجي يا سماجي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا ته انهن اصطلاحن کي الڳ دائرن ۾ ڏٺو وڃي ٿو ۽ انهن جو هڪ مقرر فارميٽ ٿئي ٿو. ساڳيا لفظ، جڏهن مجازي معنيٰ سان، ڪنهن شاعريءَ ۾ ڪم اچن ٿا ۽ ڪنهن ڄاڻل معيار هيٺ بيهن ٿا ته ان کي مجازمرسل ڪوٺجي ٿو. يعني ٻوليءَ جي حقيقي يا سڌي سنئين معنيٰ ظاهر ڪندڙ لفظن کي مجازمرسل جي ويجهو نه سمجهبو.

## مجاز مرسل جا جزا

مجاز مرسل جي ڪل جزن جي تعين تي اختلاف سامهون اچن ٿا. مرزا قليچ بيگ مجاز مرسل ۾ لاءِ صرف هڪ جزي: ’سبب ڪان مسبب‘ جو ڄاڻايو آهي. (قليچ، 2016: 134) حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ نو جزا ڏنا آهن: ’ڪُل مان جز‘، ’جز مان ڪل‘، ’سبب مان مسبب‘، ’مسبب مان سبب‘، ’محل/ ظرف مان مظروف‘، ’اوزار مان ان جو ڪم‘، ’ماضيءَ مان حاضر‘ ۽ ’مستقبل مان حاضر‘ جي مراد وٺڻ؛ جڏهن ته ’تعريض‘ کي به مجاز مرسل جو جز ڪوٺي ٿو، حالانڪ اهو جز ’ڪنايي‘ جو آهي. (سيوهاڻي، 1983: 155- 158) بهرحال ان جي مڙني جزن جي تعين ۾ اختلاف مان مراد ته ڪن عالمن ان جا صرف چار جز ڏسيا آهن ته ڪن وري اٺ! البت اٺن کان وڌيڪ سنڌي عالمن وٽ ذڪر نه ٿو ملي. هتي مختلف نڪتن جي اپياس وٺڻ بعد چوويهه رکيا ويا آهن:

### مڪان مان مراد مڪين جي وٺڻ

’ثقافتي ڏهاڙي تي سڄي سنڌ جهومي پئي.‘، هتي ’سنڌ‘ مان مراد سنڌ جا ’رهاڪو‘ آهن.

### مڪين مان مراد مڪان جي وٺڻ

’سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ سڀ ماڻهو تنهنجا آهن.‘ هتي ’سڀ ماڻهو‘ مڪين آهي، ۽ ان جو مڪان پورو ديس آهي. يعني سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو پورو ديس تنهنجو آهي.

### جز مان مراد ڪل جي وٺڻ

’لوهه، لوهه کي ڪٽيندو آهي.‘ هتي پهرين ’لوهه‘ مان مراد ان جي جز يعني ان مان ٺهيل ڪٽيندڙ شيءِ ڏانهن آهي. يعني هي ’جز ڪان ڪل‘ جو مثال آهي.

### ڪل مان مراد جز جي وٺڻ

’ڪمرو بند ڪرڻ گهرجي.‘ هتي ’ڪمري‘ مان مراد ڪل جي آهي، ليڪن ڪمري بند ڪرڻ لاءِ ’دروازو‘ بند ڪبو آهي. يعني هي ’ڪل ڪان جز‘ جو مثال آهي.

**سبب مان مراد مُسبَب (نتيجي) جي وٺڻ**

’حيات کي تہ نک ئي ڪونهي.‘ هتي ’نک‘ مان مراد ان جو نتيجو ’شرم ۽ حيا‘ آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان جي چهري ۾ نک هڪ نمايان حيثيت رکندڙ عضوو هوندو آهي.

**مُسبَب (نتيجي) مان مراد سبب جي وٺڻ**

’اندر ۾ باهہ پئي ٿي ٻري.‘ هتي ’باهہ‘ مان مراد ’اذما يا تڪليف‘ آهي ۽ مُسبَب آهي. باهہ خود نہ ٻرندي آهي، بلڪ ڪنهن جي سڙڻ جو نتيجو هوندي آهي، ان ڪري ان جملي ۾ ’باهہ‘ مسبَب آهي، ڪنهن سڙندڙ جسم جو، جنهن کي سبب ٿو چئجي.

**ظرف مان مراد مظروف جي وٺڻ**

’درياهہ ڪچو ٻوڙي ڇڏيو.‘ هتي ’درياهہ‘ مان مراد ’پاڻي‘ آهي. درياهہ ظرف آهي ۽ پنهنجي جڳهہ تي بيٺو آهي، جڏهن تہ ان ۾ موجود پاڻي مظروف آهي، جيڪو ٻوڙي ٿو.

**مظروف مان مراد ظرف جي وٺڻ**

’پاڻي ڪٿي اچ.‘ هتي ’پاڻي‘ مان مراد ان جو ٿانءُ، جنهن ۾ پاڻي هجي. هن جملي ۾ پاڻي مظروف آهي، جيڪو ڪنهن ظرف ۾ ئي ڪٿي سگهجي ٿو.

اهي تہ باضابطہ قسم ٻڌايا ويڻ ٿا، ان کان علاوہ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ٻيا قسم بہ ڄاڻايا آهن، جہ ھڙوڪ: ’ماضيءَ جي حالت مان موجوده حالت وٺڻ‘، ’مستقبل کي موجوده حالت سان تعبير ڪرڻ‘، ’اوزار مان مراد ان مان ٺاهيل تصور ڪرڻ‘، ’تعريض: ڳالهہ هڪڙي، اشارو ڪنهن ٻي ڳالهہ ڏانهن‘ وغيره. (سيوهاڻي، 1983: 157) سيوهاڻي صاحب جي ڄاڻايل ’تعريض‘ ڪنايي ۾ بہ شامل ڪئي ويندي آهي، ان سبب ان کي هتي آڻڻ مناسب نہ ٿو سمجهجي.

**اوزار/ عضوي مان مراد ان جو عمل وٺڻ**

’اسان جي زبان سنڌي آهي.‘ يا ’زبان ڏي، تہ ڪڏهن ڪتاب ڏيندين؟‘ هتي ’زبان‘ تہ هڪ عضوو يا اوزار آهي، جيڪو ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ ڇرپر ڪري ٿو. زبان، ٻولي ڳالهائڻ جي عضون مان صرف هڪ عضوو آهي، ليڪن هتي مراد ’ڳالهائجندڙ ٻولي‘ ۽ ’واعدو‘ آهي.

**ڪنہ هن عمل مان مراد اوزار/ عضوو وٺڻ**

’هن تہ مون کي گهائي ڇڏيو.‘ ان شاعراڻي مزاج واري فقري ۾ ’گهائڻ‘ هڪ عمل آهي، جڏهن تہ اهو عمل ڪنهن اوزار يا عضوي سان ئي ممڪن آهي. ’اکين جي گهور سان گهائجڻ‘ وارو تصور بہ ان سان سلهاڙي سگهجي ٿو.

**موجوده حالت مان مراد ماضيءَ جي وٺڻ**

’مان تہ مٽي آهيان.‘ هن فقري ۾ ’مٽي هجڻ‘ واري حالت اصل تہ ماضي ۾ هئي، ليڪن موجوده حالت ۾ پاڻ کي مٽي سڏيو ويو آهي.

**ماضيءَ واري حالت مان مراد موجوده وٺڻ**

’مان تہ فقط مٽيءَ جي مُٺ آهيان.‘ سيوهاڻي صاحب ’مٽيءَ‘ جي وضاحت ۾ لکي ٿو تہ ”انسان اصل مٽيءَ مان ٺهيل ۽ مٽيءَ جو پتلو آهي. انسان جي اها حالت ماضيءَ ۾ هئي، پر هاڻي هو مٽيءَ جو بوتو ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. هتي ماضيءَ واري حالت بيان ڪري، هاڻوڪي جسم جي معنىٰ ورتي ويئي آهي.“ (سيوهاڻي، 1983: 157)

**موجوده حالت مان مراد مستقبل وٺڻ**

’مان تہ جڻ قبر ۾ پيو گذاريان.‘ هن جملي ۾ اها حالت ٻڌائي وئي آهي، جيڪا مستقبل ۾ ممڪن آهي.

**مستقبل واري حالت مان مراد موجوده وٺڻ**

'اڙي يار، هاڻي مُئي کي نہ مار!' هن جملي ۾ لفظ 'مُئي' يعني 'مئل' واري اهڙي حالت آهي، جا زمان مستقبل ۾ ٿيڻ واري آهي، ليڪن جملي ۾ مخاطِب هينئر ئي پاڻ کي انهيءَ حالت ۾ بيان ڪري ٿو. (سيوهاڻي، 1983: 158)

**ماضيءَ واري حالت مان مراد مستقبل وٺڻ**

'منهن ڏيکارڻ کان بہ وئين.' هن جملي ۾ ماضيءَ واري حالت ڏيکاريل آهي، ليڪن مراد ايندڙ وقت آهي، يعني 'هاڻي، منهن بہ نہ ڏيکاريندين.'

**مستقبل واري حالت مان مراد ماضي وٺڻ**

'اها تہ خبر ئي نہ پئي تہ مون کي ڇڏي ڏيندين.' واري جملي ۾ مسقبل واري حالت آهي، جڏهن تہ مراد ماضيءَ واري بيهندي.

**مثبت مان منفي مراد وٺڻ**

'واه جو منهنجي دوستيءَ جو مون کي صِلو ڏنو اٿئي، هاڻي ڪلي بہ نہ ٿو ڪيڪارين.' هن جملي ۾ 'واه جو صِلو' واري ترڪيب مثبت ۾ بيان ڪيل آهي، جڏهن تہ ان جي اصل مراد 'منفي' يعني 'سزا' جي آهي.

**منفيءَ مان مثبت مراد وٺڻ**

'هي تہ ڪو بگهڙ رانديگر آهي.' هتي 'بگهڙ' هڪ خونخوار ۽ چيريندڙ جانور آهي، ليڪن هتي مراد 'تمام سٺي رانديگر' جي وٺي سگهبي.

**اوزار چاٺائي، مراد اوزار هلائيندڙ وٺڻ**

قلم جي حيثيت تلوار کان وڌيڪ آهي. هتي قلم مان مراد قلم هلائڻ وارو ۽ تلوار مان مراد تلوار هلائيندڙ آهي.

**اوزار هلائيندڙ مان مراد اوزار وٺڻ**

'هوشو شيديءَ جي پهرين وار ئي مخالف جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيو.' هتي اوزار هلائيندڙ چاٺائيندي، اوزار يعني تلوار جي مراد وٺبي، ڇاڪاڻ تہ وارُ ڪنهن هٿيار يعني تلوار سان ئي ڪري سگهجي ٿو.

**مضاف مان مراد مضاف اليہ وٺڻ**

'بدڪردار ماڻهن کان تہ جنتي ڪتو ڀلو آهي.' هتي 'جنتي ڪتي' مان مراد 'اصحاب ڪهف' جو ڪتو جيڪو جنتي چاٿايو ويو آهي. اصل ترڪيب آهي 'اصحاب ڪهف جو ڪتو'، هتي 'ڪتو' مضاف آهي، جڏهن تہ 'اصحاف ڪهف' مضاف اليہ. سڀ ڪتا تہ جنتي ڪونہ سڏبا، جڏهن جنتي ڪتي جو ذڪر ايندو آهي تہ عام طور ان جي مراد 'اصحاف ڪهف' واري هوندي آهي.

**مضاف اليہ مان مراد مضاف وٺڻ**

'اڄڪلهہ زمان ڏاڍو خراب آهي.' هتي زمانو 'مضاف اليہ' آهي، اصل ترڪيب ٿيندي: 'زماني جا ماڻهو'. ان ترڪيب ۾ 'ماڻهو' مضاف آهي. جملي ۾ 'زمانو: مضاف اليہ' ڏسيل آهي، جڏهن تہ ان جي مراد 'ماڻهو: مضاف' وٺبي.

**مذڪر مان مراد مؤنث جي وٺڻ**

سنڌي سماج ۾ عورت کي عاشق تصور ڪيو ويو آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سيني شاعرن تمثيلي سُورمين جي روپ ۾ شاعري ڪئي آهي. شاه لطيف جي هڪ سٽ خيال خاطر ڏجي ٿي تہ "مُنيس جهل مهار، ڪنيس ڪاه مَ ڪرهو..." ان سبب سنڌي شاعرن جي مزاج ۾ 'منڪر' کي مخاطب ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ مجازي طور مراد 'مؤنث' وٺي سگهبي آهي.

**مؤنث مان مراد مذڪر جي وٺڻ**

’ڪوجهيءَ جو ڪلام سراسر عشق سان ٽمٽار آهي.‘ هتي ٻوليءَ جي لحاظ کان ’ڪوجهي‘ مؤنث آهي، ليڪن اهو تخلص هڪ مذڪر ’محمد بخش شيخ‘ جو آهي. ان ڪارڻ مؤنث مجازي مراد ۾ ڪم آيل آهي، جڏهن ته اصل مراد مذڪر جي آهي.

**مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ مجاز مرسل جو جائزو**

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ لفظن جي وڏي بازيگري آهي، هتي ’مجازمرسل‘ نسبت سندس شاعريءَ مان چند مثال ڏسجن ٿا:

**مڪان مان مراد مڪين جي وٺڻ**

سڄڻ، شاهد سڄوئي جڳ، ته ’احمد‘ اڳ نه پَريو پَڳ،
ڪُنس تو ڪالهه اڄ پڻ اڳ، اکيَن سان ڪيا اشارا تو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 454)

هتي مڪان: ’جڳ‘ مان مراد، مڪين: جڳ جا ماڻهو آهن.

**مڪين مان مراد مڪان جي وٺڻ**

مُلڪ سارو مِلڪ تنهنجي، خواه ماڻهو، خواه مَلڪ،
عرش ڀُون اُڀ فرش عالَم، جُملي انورَ، تنهنجي هَٽ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 148)

هتي ماڻهو مڪين آهي ۽ ان مان مراد ’پورو ديس‘ آهي.

**جز مان مراد ڪل جي وٺڻ**

نه جي جيئري مليَر جاني، ٿيس منجهه قرب قرباني،
ڪَجل جي شل، وجهي ڪاني، ڪڏهن ڏئي ڦُل اُهاهاها.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 82)

هتي ’قل‘ جز آهي، سورة فاتحه ۽ دعا وغيره جو. شاعري جي مراد قبر تي ’سورة فاتحه ۽ قل وغيره‘ جي آهي، جيڪو ڪُل آهي. جڏهن ته ’قل‘ ان جو جز آهي.

**ڪُل مان مراد جز جي وٺڻ**

جهَليو دِل ۾ ڀُڻان دانهون، پرين، وِجهه پير ڪو پانهُون،
ٿيون اظهار جي آنڌُون، ته ٻرندا ڀاڦ سان ٻيلا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 74)

هتي ڪل:’ٻيلا‘ مان مراد ان جو جز: ’ڪاٺيون‘ آهي، ڇاڪاڻ ته ٻرنديون ڪاٺيون جز جي صورت ۾، پر لفظ ’ٻيلا‘ ڪل جي صورت ۾ ڪم آندل آهي.

**سبب مان مراد مسبب جي وٺڻ**

هَر مَحلو هن مَهل خوش، مينهن وسندي مُنهن ڏيڪار،
قلب ۾ وسندي ڪڪر، ڪاڙهو ڪڙهي ٿو بي سبب.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 105)

’ڪڪر جو وسڻ‘ ’سبب مان مُسبب‘ جو مثال آهي. ’ڪڪر‘ سبب آهي، جڏهن ته ’مينهن جو وسڻ‘ ان جو مُسبب/ نتيجو آهي. هتي ’ڪڪر جو وسڻ‘ جي مجازي مراد ’مينهن جو وسڻ‘ ورتي.

**مسبّب مان مراد سبب جي وٺڻ**

أف ڪڍي 'احمد' نہ ٻئي وٽہ آڳ اندر ۾ جلي،
پر سدا سھٹا، تو سامھون، سُور سارن ئي مباح.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 201)

آڳ خود جلندي/ ٻرندي ناهي، بلڪ ڪنهن جي سڙڻ جو نتيجو هوندي آهي. هتي 'آڳ' مُسبّب آهي، ڪنهن سڙندڙ جسم جو، جنهن ڪي سبب ڇٽيو.

**ظرف مان مراد مظروف جي وٺڻ**

وهُ وٺيءِ ۾، ڇُون وِهسي، آهہ ايءُ آبِ حيات،
پَرڪ پاٹھي، پُر پيالو، جي پئين تون هيڪڙو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 482)

ظرف: پيالو ۽ مظروف: شراب/ مشروب. هتي شاعر جي ظرف مان مراد مظروف آهي.

سندّ سَلامت رَڪ تون سائين، مِهر ڪَر مهراڻ جهلَ،
مهل هن مَٹي مُهڙ تائين، مِهر ڪَر مهراڻ جهلَ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻهريون- 510)

هتي ظرف: 'مهراڻ' مان مراد، مظروف: پاڻي آهي، ڇاڪاڻ تہ مهراڻ درياہ کي جهلڻ مان مراد ان جي پاڻيءَ کي روڪڻ جي ڳالھ ڪيل آهي، جيڪو ٻوڏ جو سبب بڻيو آهي.

**مظروف مان مراد ظرف جي وٺڻ**

ڪڻ مُربي ڪي، مَري رَهہ، مون مَريڙو ياد پيو،
ڇا ڪريان ميون ميان، مون لاءِ مَڪ ۾ ميٹ ميٹ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 162)

هتي 'مُربو' مظروف آهي، ان مان مراد اهڙي ٿانءُ جي آهي، جنهن ۾ 'مربو' هجي، 'مربو' سٹو سنئون ڪونہ کٹيو، بلڪ ڪنهن ٿانوَ ذريعي ئي کڄندو.

هي چند مثال 'مجازمرسل' جي نسبت رکيا ويا آهن، جيڪي سامهون اچي سگهيا آهن.

**اوزار/ عضوي مان مراد ان جي عمل جي وٺڻ**

ٻي ٻيائي ٻولين ڪان، ٻانهڙي ڄي ٻُڌ زبان،
عمر ساري مون اندر ۾، آيتون اُذڪار ڏي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻهريون- 198)

ان شعر ۾ 'ٻانهڙي جي ٻُڌ زبان' مان مراد آهي 'ٻولي/ ڳالھ/ عرض/ دلي مقصد'. يعني هتي اوزار/ عضوي: 'زبان' مان مراد ان سان ڪيل ڳالھ يا عرض آهي.

**ڪنهن عمل مان مراد اوزار/ عضوو وٺڻ**

حَملا حبيب لايا، غمزن غريب گهايا،
'احمد' عجيب آيا، احسان جان قربان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 364)

ان شعر ۾ 'حملن ۽ غمزن سان گهائڻ' جي ڳالھ ڪيل آهي، جيڪا ڪنهن اوزار يا عضوي جو عمل آهي. اتي مولوي صاحب جي مراد 'اک' جي اشارن سان 'حملا' ۽ 'غمزا' آهن. يعني شاعر 'حملن ۽ غمزن' کي اوزار/ عضوي 'اک' واري مراد سان سلهاڙي ٿو.

**موجوده حالت مان مراد ماضيءَ جي وٺ**

دَم هُئڻ جا هَڻ نہ هُونهين، تنهنجي هستي ڏينهن ڏيہ،
تون مِٽي آخر مٽيءَ ۾، موج مستي ڏينهن ڏيہ.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 239)

هن شعر ۾ شاعر انسانذات کي مخاطب ٿيندي 'تون مِٽي' چوي ٿو. هتي 'مٽي هجڻ' واري اصل حالت تہ ماضيءَ جي آهي، جڏهن ساہ ڦوڪيو ويو تہ ان جي حالت مٽيءَ واري نہ رهي، اڳتي هلي مٽِيءَ واري حالت ٿيندي، جيڪا مولوي صاحب بيان ڪئي آهي. هتي 'تون مٽي' زمان حال ڏيکاريو ويو آهي، اصل مراد 'ماضيءَ' جي اٿس.

**ماضيءَ واري حالت مان مراد موجوده وٺ**

واہ، جوين جس جواني، ڏينهن سي آيا ويا،
واہ، زينت زندگاني، ڏينهن سي آيا ويا.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 98)

هن شعر ۾ 'جوانيءَ' جي ڳالهہ يعني ماضيءَ کي موجوده حالت سان سلهاڙيو ويو آهي. يعني موجوده حالت ۾ اها جوت نہ رهي آهي ۽ مسڪيني حال ۾ پيو گذارو ٿئي.

**موجوده حالت مان مراد مستقبل وٺ**

اَمر مُوٺُوا سُٺي 'احمد'، عُمر جو آسرو لاٿم،
ويا ڪانڌي ڪري قابو، قبر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 460)

ان شعر ۾ مولوي احمد چوي پيو تہ 'جڏهن 'موٺوا / مَرو' جو حڪم ٻڌم تہ عمر تان هٿ کڻي ڇڏيو. ڪانڌي قبر ۾ قابو ڪري ويا، هاڻي اتي ئي ڏينهن پيو گهاريان!' شاعرُ اها 'قبر ۾ هجڻ واري حالت' موجوده ٻڌائي پيو، جڏهن تہ اها حالت مستقبل واري آهي ۽ اها ئي مراد وٺبي.

**مستقبل واري حالت مان مراد موجوده وٺ**

'اڙي يار، هاڻي مُئي کي نہ مار!' هن جملي ۾ لفظ 'مُئي' يعني 'مئل' واري اهڙي حالت آهي، جا زمان مستقبل ۾ ٿيڻ واري آهي، ليڪن جملي ۾ مخاطِب هينئر ئي پاڻ کي انهيءَ حالت ۾ بيان ڪري ٿو (سيوهاڻي، 1983: 158).

خَلق ۾ خالق ڪيوئي، خاتم الشُعراء خاص،
هاڻ 'احمد' آخرت سين، سنڌ مٿي سالار هج.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون- 179)

ان شعر ۾ مولوي صاحب پاڻ کي 'آخرت' يعني زمان مستقبل تائين خاتم الشعراء هجڻ جي دعوا ڪندي، 'هُج' وارو امري فعل يعني 'زمان مضارع' ڪم آندو آهي؛ ليڪن سندس اصل مراد 'موجوده' واري آهي.

**ماضيءَ واري حالت مان مراد مستقبل وٺ**

مهرباني ٻي تہ مُئي، پر مُنهن ڏيکارڻ ڪان بہ وئين،
آئون نهوڙيَس تنهنجي نيڻن، تون نهارڻ ڪان بہ وئين.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون-441)

مٿئين شعر ۾ 'مهرباني ٻي تہ مُئي' ۽ 'منهن ڏيکارڻ ڪان بہ وئين' زمان ماضيءَ واري حالت موجود آهي، ليڪن مولوي صاحب جي مراد 'زمان مستقبل' آهي. يعني ايندڙ وقت ۾ 'منهن بہ نہ ڏيکاريندين'.

هتي 'دونالين' جو اشارو بندوق سان آهي، جيڪو استعارهٔ محبوب جي اکين جي گهُورن لاءِ ڪم آيو آهي. شعر ۾ اهو واضح جاٿايل ڪونهي ته 'دوناليون' ڪنهن جون ۽ ڪير پيو هلائي. ان لحاظ کان اتي اوزار جو ذڪر ته ڪيو ويو آهي، ليڪن مجازي طور هلائيندڙ يعني محبوب جي مراد ورتي.

**اوزار هلائيندڙ مان مراد اوزار وٺڻ**

مِڙي لک لُهارن، هنيا ڏک هزارن،
لٿي تان نه لوري، رڳون روح ٽوڙي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 555)

ان شعر ۾ لوهرن جي ڌڪن جي ڳالهه ڪيل آهي، ظاهر آهي ته لوهر ڪنهن جسم کي جيڪي ڌڪ هڻندو آهي سي يا ته هٿوڙا ڪم آڻيندو آهي يا وڌاڻ. مذڪوره شعر ۾ لوهر جي ڌڪن جو ذڪر آهي، ليڪن اتي مراد ان جي 'هٿوڙن يا وڌاڻن جا ڌڪ' آهي.

**مضاف مان مراد مضاف اليه وٺڻ**

هي 'اضافت واري ترڪيب' جو اصطلاح آهي، جنهن ۾ 'حرف اضافت' ڪم آڻبو آهي. مثال طور: هي 'علم جو گهر' آهي. هتي 'گهر' مضاف آهي ۽ 'علم' ڏانهن اضافت جو اشارو آهي، ان کي 'مضاف اليه' چئجي ٿو. ان حوالي سان مولوي صاحب جو شعر آهي ته:

هُو منارا، هو منارا، هو منارا مِير جا،
اج ڪيا اوئيَن اشارا، هو منارا مِير جا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻهريون- 480)

ان شعر ۾ 'منارا' مضاف آهي ۽ 'مير' مضاف اليه آهي. سنڌي ترڪيب ٿيندي: 'مير جا منارا'، ڇاڪاڻ ته سنڌي ترڪيب ۾ پهريائين 'مضاف اليه' ايندو آهي ۽ بعد ۾ 'مضاف'. هتي مولوي صاحب عربي ۽ فارسيءَ جيان پهريان 'مضاف' رکيو آهي، بعد ۾ 'مضاف اليه'. هتي اصل اضافت جي ترڪيب بيهندي: 'رسول الله/ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جا منارا'. مضاف اليه ۾ اصل سڃاڻپ يا مٿو نالو حذف ڪري، 'منارا مير جا' واري ترڪيب آڻي، مجازي مراد کي مضاف: 'منارا' سان ڳنڍيو ويو آهي، جنهن جي مراد 'حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وآله وسلم جا منارا' آهي.

**مضاف اليه مان مراد مضاف وٺڻ**

هن زماني ۾ هُونهين، حقدار هيٺو پيو هَلي،
ڦاسندو فرياد ۾، مسڪين مُلزم جي بجاءِ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 509)

ان شعر ۾ 'زمانو'مضاف اليه جاٿايل آهي، ليڪن شاعر ان جي اصل مراد 'مضاف' يعني 'ماڻهو' آهي. اضافت جي ترڪيب بيهندي: 'زماني جا ماڻهو'، يعني ان شعر ۾ 'زماني' مان مراد ان جا 'ماڻهو' آهي.

**مذڪر مان مراد مؤنث جي وٺڻ**

سنڌي سماج ۾ عورت کي عاشق تصور ڪيو ويو آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سڀني شاعرن تمثيلي سورمين جي روپ ۾ شاعري ڪئي آهي. شاهه لطيف جي هڪ سِٽ خيال خاطر ڏجي ٿي ته "مُنيس جهل مهار، ڪنيس ڪاه مَ ڪرهو..." ان سبب سنڌي شاعرن جي مزاج ۾ 'مذڪر' کي مخاطب ڏنو ويو آهي، جنهن ته مراد 'مؤنث' هوندي آهي.

ڪوه وِجهائين قيد ۾ مون، جي اٿئي ڪاوڙ قريبَ،
ڪول زلفن کي ذرا، زنجير زندان جي بجاءِ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 507)

هن شعر ۾ مولوي صاحب مؤنث کي مخاطب ٿيندي، 'قريبَ' لفظ ڪم آڻي ٿو. جڏهن ته زلفن کي ڪولڻ جي گذارش وارو انداز ٻڌائي ٿو ته 'مذڪر' صورت ۾ مخاطب مجازي آهي.

**مؤنث مان مراد مذڪر جي وٺڻ**

چا هَلي منهنجي حجت، ناقص نماڻي آهيان،
عرض آزيون عُذر آڻي، در تي داڻهيندس دوام.
(ڪليات احمد، ٻاڳو ٻيون- 340)

هن شعر ۾ مولوي صاحب پاڻ کي مؤنث ۾ ڄاڻائيندي، 'نماڻي آهيان' پيو چوي. حقيقت ۾ شاعر مذڪر آهي، هتي 'مؤنث' ۾ ڄاڻائڻ وارو سندس انداز مجازي آهي.

**حاصل مطلب/ نتيجو**

- علم بيان مان مراد ڪنهن لفظ جي معنيٰ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪي نوان رستا ورتا وڃن. ان جا چار جزا آهن: تشبيهه، استعارو، مجازمرسل ۽ ڪنايو. مجازمرسل مان مراد اهڙو لفظ جنهن جي مراد حقيقي، ڪان هٽي ڪري مجازي ونجي. مثال طور: 'هي ڳوٺ لڪيل پڙهيل آهي'، ڳوٺ مان مراد ته گهر، پٽيون، چٽيون ۽ گهٽيون وغيره، ليڪن مجازي معنيٰ ٿيندي: 'ڳوٺ جا رهاڪو/ ماڻهو'؛ يعني مڪان مان مراد مڪين وٺڻ.
- مٿي ڄاڻايل مجازي معنيٰ موجب، اڀياس آڌار مجاز مرسل جا چوويهه جزا نوٽ ڪيا ويا آهن: مڪان مان مراد مڪين وٺڻ، مڪين مان مراد مڪان وٺڻ، جز مان مراد ڪل وٺڻ، ڪل مان مراد جز وٺڻ، سبب مان مراد مُسبب وٺڻ، مُسبب مان مراد سبب وٺڻ، ظرف مان مراد مظروف وٺڻ، مظروف مان مراد ظرف وٺڻ، اوزار/ عضوي مان مراد ان جو عمل وٺڻ، ڪنهن عمل مان مراد اوزار/ عضوو وٺڻ، موجوده حالت مان مراد ماضيءَ جي وٺڻ، ماضيءَ واري حالت مان مراد موجوده وٺڻ، موجوده حالت مان مراد مستقبل وٺڻ، مستقبل واري حالت مان مراد موجوده وٺڻ، ماضيءَ واري حالت مان مراد مستقبل وٺڻ، مستقبل واري حالت مان مراد ماضي وٺڻ، مثبت مان منفي مراد وٺڻ، منفيءَ مان مراد مثبت وٺڻ، اوزار ڄاڻائي مراد اوزار هلائيندڙ وٺڻ، اوزار هلائيندڙ مان مراد اوزار وٺڻ، مضاف مان مراد مضاف اليه وٺڻ، مضاف اليه مان مراد مضاف وٺڻ، مذڪر مان مراد مؤنث وٺڻ، مؤنث مان مراد مذڪر جي وٺڻ.
- مجازمرسل جي ڄاڻايل مختلف جزن جي معيارن تي مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ سان اسان کي لاتعداد مثال ملن ٿا.

**حوالا/ ذريعا**


- بوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1978ع)، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017ع)، ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح)، ٻاڳو پهريون ۽ ٻيون، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.
- سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم (1983ع)، آفتاب ادب، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- عباسي ظفر (2007ع)، سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- مرزا، قليچ بيگ (2016ع)، علم عَروض ڄامشورو، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.



**تبصرو: اويسي ڊاڪٽر عبدالجبار ’عابد‘ لغاري**

# ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا

## علم، ادب ۽ شخصيتون

**مرتب: محمد ارشد بلوچ**

هي ڪتاب، ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ريسرچ اداري طرفان سن 2012ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. هي اهو ئي ادارو آهي جيڪو نوادرات کاتو حڪومت سنڌ طرفان آگسٽ سن 2009ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو هو، جنهن جو افتتاح ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حياتيءَ ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ جناب فضل الرحمان صاحب 26 سيپٽمبر 2009ع ۾ ڪيو هو. پهرين ڊائريڪٽر جناب گل محمد عمراڻي صاحب هن اداري جو تعارف اهڙي ته سهڻي ۽ پُراثر انگريزيءَ ۾ ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ساري عمر جي جاکوڙ ۽ علمي ادبي تاريخي ۽ لوڪ ادب توڙي لغت ۽ شاهه لطيف جي رسالي تي ڪيل ڏهن جلدن تي دل جي آواز سان ڳالهايو هو جو خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيس تمام گهڻو واکاڻيو ۽ آيل اسڪالرن ۽ اهم شخصيتن جو شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو هو.

هي اهو پهريون ادارو آهي جيڪو هر سال ايم.فل ۽ پي ايڇ.ڊي تي ٻه موضوعاتي اسڪالرشپون ڏيندو ۽ مُلڪ اندر يا دنيا ۾ ساڳي نوعيت جي ٻين ادارن سان تحقيق جي سهڪاري رٿائن ۾ معاونت پڻ ڪندو. هي اهو ادارو آهي، جنهن جي لاءِ سنڌ يونيورسٽي وڏو پلاٽ اعزازي طور مهيا ڪيو آهي ۽ حڪومت سنڌ جي قديم نوادراتي کاتي طرفان بلڊنگ جي تعمير لاءِ پڻ عظيم رقم مهيا ڪئي آهي، جنهن جو افتتاح پڻ کاتي جي صوبائي وزير مخدوم جميل الزمان صاحب ڪيو هو.

هن ڪتاب جي اشاعت تي ٿلهوڪي ڊائريڪٽر حبيب الله صديقي صاحب اظهار تشڪر جو نوٽ لکندي الله جل شانهُ جا احسان مڃيا، جنهن سهڪاري ماڻهن ۽ اداري توڙي حڪومت جو مانُ مٿانهون ڪيو ۽ هي ڪتاب مرحوم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي پهرين ورسي 6- اپريل 2012ع تي هڪ ئي وقت ڇئن ڪتابن جي رونمائي ۾ شامل رهيو. ان موقعي تي مون يعني ڊاڪٽر عابد لغاري جو ڪتاب مرحوم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سوانح ۽ علمي ادبي خدمتن تي ’ڄامن سنڌ و ڄام‘ جي پڻ رونمائي ٿي هئي.




زيرِنظر ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي چاليهن کان مٿي مقالن تي مشتمل آهي جن ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب مختلف موضوعن تي پنهنجي قلم جا واهڙ وهايا ۽ ڪوُنتل ڪُڏايا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ٻولي، اسلوب، تحقيق، تاريخ وغيره سڀ هڪ ئي وقت پڙهندڙن کي موهي ٿا وجهن. هر لفظ توريل تڪيل ائين ٿا لڳن جيئن شاعريءَ ۾ بحر وزنن ۾ مڪمل خيال رکيو ويندو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جنهن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب، توڙي تاريخ ۽ شخصيات، ابيات يا

ملفوظات لاءِ پنهنجي زندگي موقف ڪري ڇڏي هئي، تنهن جي پيڻا ۾ هاٿي سنڌ ته ڇا، پاڪستان ته ڇا پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اتان جي علمي ادبي هيروز شيڪسپيئر، برنارڊشا جيان واڪاڻيو پيو وڃي ۽ انسائيڪلوپيڊيا ۾ سندن حوالا سنڌ کي دنيا جي ملڪن ۾ هڪ علمي ادبي ۽ تاريخي شاهوڪار ملڪ جيان قيامت تائين ياد ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، حضرت پير سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جي ملفوظات کي پنهنجي مقالي جي زينت بڻايو، جيڪو فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن جو ترجمو سندن وڏي خليفي ۽ وقت جي وڏي عالم، وڏي عابد ۽ زاهد فقير محمود نظاماڻي ڪيو هو.

ملفوظات جي پهرين ستن بابن جو ترجمو مفتي محمد قاسم مشوري رحه ڪيو ۽ باقي نون بابن جو ترجمو مفتي درمحمد سڪندري ڪيو ۽ بعد ۾ انهن سورهن ئي بابن کي گڏيل طور تي سن 2000ع ۾ اصل ۽ ترجمي سان درگاه شريف پير پاڳاري مان اشاعت ۾ آندو ويو.

ڊاڪٽر هن ملفوظات تي قلم کنيو ۽ ملفوظات جي تاريخ مرتب ڪري ڇڏي ۽ اهو ظاهر ڪيو ته سنڌ ۾ بيان العارفين کان پوءِ ٻئي نمبر تي هي ملفوظات تفصيلي آهي. هن ملفوظات ۾ پير سائين جي ذاتي فضيلت ۽ روحاني عظمت جا راز ۽ عرفاني مسلڪ ۽ طريقو نمايان ڪيل آهي. عارفن ۽ عالمن جي عزت ۽ انهن جي باري ۾ نيڪ نظر سان گڏ سندن باري ۾ ذاتي ۽ عرفاني عظمت کي ظاهر ڪيل آهي. توڪل سان گڏ مريدن ۽ معتقدن سان دلي محبت ۽ اسلامي برادري وارو ورتاءُ پڻ بيان ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پير صاحب جي علمي ۽ ادبي حيثيت کي نمايان ظاهر ڪندي ڪيترائي مثال ڏنا آهن ۽ سنڌي لغت جي ڄاڻ ۽ پارکو تحت پڻ سندن ڄاڻ کي واکاڻيو آهي. پير صاحب جن نه فقط شگفته طبع هئا پر خوش طبعي جا پڻ ڪئين مثال ڏنا ويا آهن.

راڳ سان رغبت سازن سان ٻڌڻ کي ناجائز قرار ڏنائون. پر مولود کي بيحد پسند ڪندا هئا. پاڻ ذاتي طور تي مولود جا سٺا شاعر هئا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ملفوظات مجمع الفيوضات کي سنڌ جي ثقافت جو آئينه دار قرار ڏنو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيترائي تاريخي اهڃاڻ ۽ حوالا ملن ٿا. ان ۾ وقت جي عالمن، بزرگن ۽ انهن جي علمي ادبي روايتن کي شامل ڪيل آهي. نه فقط ايترو بلڪ مخدوم غلام محمد بگائي جي حال حقيقت شاهه عبداللطيف جي بيتن جو ذخيرو، ٻين ڪيترن معاصرانه شاعرن جا ابيات وغيره پڻ ملفوظات ۾ شامل آهن.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب نتيجي طور لکي ٿو ته هي ملفوظات پندرهين صدي هجري جي اوائلي يعني ٽالپرن واري دور ۾ سنڌ جي روحاني عظمت، تهذيب ۽ ثقافت جو آئينو آهي (ص: 11 کان 31).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هيو مختصر ۽ جامع مقالو نه پر هڪ مهاڳ آهي، جيڪو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي تحقيق ۽ تدوين ۽ تخريج بسلسله ڪتاب: 'منهاج المعرفت' مصنف شاهه لطف الله قادري تي 2009ع ۾ لکيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب حقيقت ۾ پنهنجي شاگرد رشيد کي واکاڻيندي لکيو آهي ته "اڄ ڪتاب ٺُلهي ليکي مصنف جو آهي ته اڄ ڪتاب محقق طرفان مهاڳ ۽ مقدمي جو آهي (ص: 40 کان 41).

پيش لفظ ڪتاب 'مڪمل شرح ابيات' خواجه محمد زمان لواري واري جا بيت، جامع مڪمل عربي متن: تصنيف: شيخ عبدالرحيم گرهوڙي تحقيق، ترجمو، مقدمو ۽ تعليقات ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2008ع. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن سڄي محنت کي هنن لفظن سان ساراهيو آهي ته:

محقق عبدالغفار سومري صاحب مصنف، گرهوڙي صاحب جي 'شرع ابيات سنڌي (عربي) کي موجوده دور جي تحقيقي ۽ تنقيدي تقاضائن مطابق، سنڌي ترجمي ۽ توضيع جي صورت ۾ سينگاريو آهي. سندس پنهنجي نظر ۾ "سنڌي تصوف جي تاريخ ۾ هن ڪتاب جي غير معمولي اهميت آهي." ۽ وڌيڪ نه "سنڌ جي تصوف جو اهو هڪ اهڙو روشن باب آهي جنهن ذريعي تصوف جي گوڙهي فڪر جي استفادي ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ابن عربي تي ٿيل تنقيد جو

جائزو وٺڻ بعد ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ساراهيندي لکيو آهي تہ ”ڊاڪٽر عبدالغفار سومري وجدي فلسفي جون مٽيون فڪري نزاڪتون کولي سمجهايون آهن ۽ پڻ واضح ڪيو آهي تہ باوجود اختلافي دليلن ۽ مثالن جي ڪن وڏي بصيرت وارن صوفين ’وحدت الوجود‘ ۽ ’وحدت الشهود‘ کي ساڳي توحيدي فڪر جا ٻہ رُخ طور تسليم ڪيو آهي.“

ڊاڪٽر بلوچ صاحب مجدد الف ثاني، ابن عربي وغيره جي تاريخ ۽ نظرين تي پاڻ بہ نظر وڌي آهي ۽ دنيا ۾ جتي جتي انهن ٻنهي نظرين کي جلا ملي آهي، پاڻ انهن جو احاطو ڪيو اٿس. بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب، هي دستوري پيش لفظ اختصاري انداز کان وڌي ويل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سومري صاحب جي تحقيق کي معياري قرار ڏنو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي ان خدمت کي بہ ساراهيو آهي تہ ”مهاڳ ۾ اسلامي تصوف جي تعارف ۽ تاريخي جائزي کي اضافي کان وڌيڪ ’لزوم مالايلزم‘ قرار ڏنو آهي. يعني جيڪو مٿس لازم نہ هو سو پاڻ تي لازم ڪيائين.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اها اميد پڻ ظاهر ڪئي تہ ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب پنهنجي علمي وسعت، تحقيقات مهارت ۽ تنقيدي صلاحيت سان اڳتي هلي سنڌ ۾ اسلامي ”تصوف“ ۽ فلسفي جي تاريخ کي وڌيڪ تفصيل سان لکي پورو ڪندو (ص 42 کان 48).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، قاضي قادن جي ڪلام جو ناياب ذخيرو رروزانہ عبرت 10- آڪٽوبر 1978ع جي شماري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب هندستان جي نامياري سنڌي اديب حيدري ذڪر جو شڪريو ادا ڪيو، مبارڪون بہ ڏنيون جنهن قاضي قادن جا هڪ سؤ ٻارنهن بيت هڪ وڏي قلمي ذخيري مان ڪڍيا ۽ انهن جون پڙهڻيون قائم ڪيون ۽ انهن جون معنائون بہ لکيون آهن.

قاضي قادن جا پنج سو سال اڳي وارا ست اٺ بيت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي صاحب شاهہ ڪريم جي بيان العارفين ۾ ڏنا هئا ۽ اِهو انگ اڳتي وڌيو ئي ڪونہ ٿي، جڏهن هر عالم فاضل ۽ محقق کي اندازو هو تہ بيت وڌيڪ هوندا پر اهي ٻنا نالي جي ٻين صوفياء ۽ شعراء ڪرام جي ڪلامن ۾ شامل ٿي ويل آهن، انهن کي الڳ ڪرڻ مشڪل آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڪوجنا کي تعريفي ڪارنامو چيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، قاضي قادن جي حوالي سان محمد غوثي گجراتي مانڊوي، دادو ديال جي پوئلڳ ڀڳت هرداس جي ڪشالن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جتان انهيءَ ”مٿ“ مان يا پستڪ مان اهو ڪلام دستياب ٿيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سلطان باهو ۽ سرائيڪيءَ ۾ سندس چيل بيتن تي مقالو لکيو، جيڪو اٽلهہ هو، اهو بہ هنن مقالن ۾ شامل ٿي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي محنت جي ساک ڀري ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان جي حسب نسب، شخصيت ۽ شاعريءَ تي سير حاصل تحقيق ڪندي ٻڌائي ٿو تہ سندن ابيات جو موضوع ڪهڙو آهي ۽ ان جا مثال سندن شاعريءَ مان پيش ڪري ٿو. باوجود انهيءَ جي تہ مقالو مختصر آهي مگر ايڏو تہ جامع آهي جو سنڌيءَ ۾ لفظ ”هُو“ جي تشريح ڪري چوي تہ اهو ”الله هُو“ جي برابر آهي پر ڪٿي وزن جي پورائي بہ ڪري ٿو ۽ ڪٿي تہ وزن کان ٻاهر پڻ آهي (ص: 51 کان 54)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علم ادب، لوڪ ادب ۽ تاريخ تي هميشہ گهري نظر رهي، ان ڪري پاڻ وس پڄندي اهڙو ڪو بہ موضوع ڪونہ ڇڏيائون جنهن جي لاءِ تاريخ جو طالب علم ۽ اسڪالر پريشان رهيو هجي. جيئن فارسي زبان، هن پوري علائقي بلڪ برصغير هندو پاڪ جي درسي توڙي سياسي ٻولي رهي هئي، ان ڪري عربيءَ کانپوءِ هن ٻولي وڏي ترقي ڪئي ۽ پنهنجي ڏاڪ ويهاري.

پر سنڌ ۾ انگريز دور جي بلڪل اوائل ۾ ئي سنڌيءَ کي الف بي جي صورتخطيءَ سان نوازيو ويو تہ سنڌي علم ادب کي تيزيءَ سان ترقي ملي ۽ اوتري ئي تيزيءَ سان فارسي جي تنزلي پڻ ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ انهيءَ جي نشاندهي پنهنجي مقالي ’تڪملة التڪملة: سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو آخري دور‘ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جيڪو پاڻ منڪوره ڪتاب جي مقدمي طور 2007ع ۾ لکيو هو.

بلوچ صاحب پاڻ عبدي جو ديوان فارسي ڏٺو ۽ مطالعو ڪيو هئائين.

ان مان ظاهر آهي ته هو فارسي ۽ سنڌي جو قادرالڪلام شاعر هو (ص: 84- 93).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'ڪلينيڪل سرجري' جي مصنف سرجن علي بخش جتوئي جي ڪتاب تي ديباچو لکي نه فقط هن ڪتاب جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي پر سندس هن مقالن واري مجموعي ۾ شامل ڪري انسٽيٽيوٽ فارهيريٽيج ريسرچ پڻ سنڌي زبان ۽ سنڌ توڙي قوم تي ٿورو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته هي درسي ڪتاب بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب "سنڌي ۾ اعليٰ سائنسي تعليم جي ترقيءَ لاءِ نيڪ فال آهي. اڳتي هلي ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته هن درسي ڪتاب جي لکجڻ سان ان تاريخي حقيقت جي تصديق ٿئي ٿي ته اعليٰ سطح تي تعليمي ذريعي بڻجڻ جي سنڌي زبان ۾ پوري صلاحيت موجود آهي." ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته ٽي سئو سال اڳي عربي ۽ فارسي ذريعه تعليم هئڻ جي باوجود ابتدائي تعليم ۾ ڏيڻ شروع ڪئي ۽ ان وقت فقه، حديث، تفسير وغيره جي مسئلن کي سنڌيءَ ۾ سمجهايو ته اهو ڪم فارسي ۽ عربي ۾ موجود نه هو.

بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب مصنف هن ڀرين جلد ۾ سکيا ۽ سمجهاڻي جا جيڪي طريقا اختيار ڪيا آهن، اهي بلڪل اثرائتا آهن (ص 64 کان 96).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، صحافي علي قاضي جي ڪتاب 'جمود پرستي خلاف مسلسل جهاد' تي مهاڳ تبديلي پسندن جو ڪتابه جنهن ۾ قاضي صاحب ڪاوش اخبار ۾ شايع ٿيل مضمونن کي مجموعي ۾ آڻي شايع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، قاضي صاحب جي خاندان جي علمي ڪاوش کي مختصر طور پيش ڪري لکي ٿو ته، اڄوڪي سياسي وايومنڊل، منظرنامي ۽ سماجي ماحول جي مايوسي واري ماڻار ۾ هڪ وڏو پٽر اجلي سوچڻ تي آماده ڪيو آهي، پر سندس مقصد ڪو سياسي ناهي، هُو صحافي آهي ۽ پاڻ ان جو سرواڻ آهي. سندس تجويز آهي ته "سماجي، سياسي توڙي غير سياسي تنظيمن جي لاءِ ڳنڍجاڻي سڏائجي ۽ ذهن ميمبرن جي ڪميٽي مختلف شعبن لاءِ گائيڊ لائين جوڙي پر اُن تي عمل جو ڪم سياسي پارٽين ۽ سياستدانن جو هوندو. "هي هڪ مسئلو آهي ته سياسي پارٽين ۽ سياستدانن کي ڪير سنئين راهه تي هلائيندو، قاضي صاحب انهن کي "مائنس عوام" سڏيو، (سندس سوچ موجب) عوام ئي مائنس عوام کي شڪست ڏئي سگهي ٿو." (ص 97 کان 99)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، محمد طالب لوهار جي نياڻي مائي زينب النساء کي گهڻو واکاڻيو آهي پنهنجي والد جي سوانح ۽ شاعريءَ کي 'پيرون چونديم پاند ۾' ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب محمد طالب سان پنهنجي ذاتي تعلق کي پڻ پيش ڪيو آهي. (ص 100 کان 102)

ته ماهي 'مهراڻ' رسالي طرفان 'سوانح نمبر' 1956/4-3ع جو شمارو نهايت اهم آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ سنڌ جي ناميارن عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي سندن سوانح سان گڏ علمي، ادبي خدمتون ۽ شاعري وغيره پيش ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان شماري تي جيڪو ادارتي نوٽ لکيو، جيڪو سندن هن مقالن جي ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اهو وڏي اهميت جو حامل آهي، ساڳئي سال ملتان جي هڪ پراڻي اهم رسالي 'بلوچي دنيا' ۾ سندن هڪ مضمون 'بلوچي زبان' تي آهي، جنهن ۾ هن زبان بابت تاريخي حقيقتون پيش ڪيون آهن ته هي ٻول هر لحاظ کان ايران جي جهونين ٻولين جهڙوڪ زند، پهلوي ۽ دري جي صف ۾ شامل آهي، هي ٻولي بلوچستان جي وچ واري علائقي يعني پسني ۾ سمايل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻڌائي ٿو ته هي ٻولي سڄي پنجابه سنڌي بلوچستان ۾ ڪٿي ڪٿي ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ اُن ۾ پنهنجيون نراليون خوبيون ۽ خصوصيتون رائج آهن ۽ هر لحاظ کان انوکن لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن سبب ممتاز آهي. هن ۾ مغربي توڙي مشرقي محاورن جون خصوصيتون موجود آهن، جن جي ڪري انهن جي لساني پيٽ علم اللغة جي لحاظ کان دلچسپ آهي ۽ چئن وسيع علائقن يعني مڪران، خاران، قلات ۽ چاغي ۾ ساڳئي رنگ ڍنگ سان ڳالهائي وڃي ٿي. منجهس فارسي لفظ وڏيڪ شامل آهن ۽ ڪيترائي لهجا مختلف علائقن ۾ مروج آهن. هن ۾ ڪيترائي سنڌي لفظ پڻ

منهنجي لاءِ جڻ سوکڙي ٿي پئي، ان کري اها ياد ڪندو هئس يا لکي ڇڏيندو هئس.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تعليمي دورن ۾ چا ڪيو، ڪيئن اڳتي وڌيو، ڪيترن ئي شاعرن ۽ سگهڙن سان محبت، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سان پيار اپنو ته وڌيو جو 1943ع کان 'سنڌي عربي دور جي تاريخ' بابت سنڌ جو سفر اختيار ڪيو. جڏهن ٻه موقعو مليو ته نڪري پوندو هو، سنڌ کي ڏسڻ ۾ ان کي سمجهڻ ۽ حقيقت جي تهه تائين پهچڻ لاءِ ڪشالا ڪيڻ.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي سچي جاکوڙ انهيءَ 'پارس ڪاڻ' جي حوالي سان نروار ڪندي فقط 'توحيد' جي وضاحت ۾ سنڌ ڪامل درويش ۽ صوفيا ڪرام جي درس کي واضح ڪري ٿو ته: حقيقت حمد ۽ وڏائي تنهن صاحب کي سونهين، جنهن جي عظمت ۽ قدرت جو يقين انسان کي انسانن جي غلاميءَ کان آجو ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي سنڌن بنايل مڙني نئين پراڻن خواه نون، پٿرن توڙي جسمن، خواهش توڙي گروهن جي پوڄا کان بي نياز ڪري ٿو. پاڻ ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي شاعرن هميشه ڏٺيءَ جي ساراهه سان پنهنجا شعر شروع ڪيا ۽ ان لاءِ سبب ٻه ڄاڻايا. اهوئي قرآني ڪردار آهي، ڇاڪاڻ ته قرآن ئي علم ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي، ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيترائي ابيات مختلف شاعرن جا مثال طور پيش ڪيا آهن. (ص 178 کان 193)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'حضرت شاهه صدرالدين عليه رحمة' جي شخصيت ۽ سندس وڏن جي هجرت جيڪا مڪي شريف مان ستوسنئون ڀڳي تورهي جبل ۽ درياه جي وچ واري سوڙهي لڪ (لڪيءَ) جي دامن ۾ بستي هئي، پوءِ انهيءَ لڪ جي حوالي سان اهي لڪياري سڏجڻ ۾ آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڏي تفصيل سان تحفة الڪرام جي حوالي شاهه صدرالدين جي ملفوظات ۽ فيوضيات جو احاطو ڪيو آهي. هي مقالو ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي شاهه صدر ۾ عرس مبارڪ جي موقعي تي 1982ع ۾ پڙهيو هو (ص 194 کان 196).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'حضرت پير سيد علي گوهر شاهه 'اصغر'' بنگلي ڏٺي رحه تي مقالو لکيو جيڪو ماهوار 'الراشد' پير جي ڳوٺ ۾ مئي 2010ع ۾ شايع ٿيو. پير سائين جو تعلق لڪياري ساداتن سان آهي، جيڪو تصوف ۽ طريقت جي سلسلي ۾ پنهنجا روحاني فيض هر دور ۾ ڏيندا اچن ٿا. پاڻ سيد صبغة الله شاهه (اول) جي ننڍين پٽ هئڻ جي باوجود ۽ گهٽ عمر صرف 15 سال جي باوجود متفقه طور تي ڪين ٻئي پير پاڳاري طور سجاده نشين چونڊيو ويو. سندن ڪارنامن ۾: (1) نئين درگاهه جو بنياد وجهڻ، ان کي سينگارڻ ۽ آباد ڪرڻ تي توجهه ڏنو، (2) جماعت جي پوري پرگهور لهڻ، (3) علم جي پڻ آبياري ڪرڻ، (4) جماعت ۾ خودداري ۽ آزاديءَ جو روح ڦوڪڻ.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، انهن چئن ڪارنامن کي وڏي وضاحت سان نکيريو آهي. (ص 197 کان 205)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ جي روايتي سورهيه سردار 'لاکي ڦلاڻي' تي پڻ قلم کنيو، جيڪو سنڌي ادب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حوالي سان گهڻو ڳايو وڃي پيو. سندن اهو ناياب مونوگراف 'سنڌي مجلس' شعبه سنڌي، سنڌ يونيورسٽي ۾ 1958ع ۾ ڇپيو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لطيف سائين جي سٽن:
'لاکا لک سڄن، ڦلاڻيءَ ڦيريو' ۽ 'لاکا لک هُوا نون اڳوٺي کوءِ نه'. کن لاکن جي نالن سان تعارف ٻه ڪرايو آهي ۽ 'لاکي ڦلاڻي' جو نسب نامو، ڪڇ ۾ سڪونت جو زمانو، سندس خاندان سان گڏ لاکي ۽ مهر راڻي جي اصل ڪهاڻي مختصر طور بيان ڪندي، آخر مهر راڻي جا شرط پورا ڪري ان سان شادي ڪيائين ۽ پُراڻ جا پکي ٻه ولر ڪري لاکي جي ڄڃ سان آڏاٽا ته انهن تي نالو پئجي ويو 'لاکي ڄاڄي'. ڪهاڻي ۾ آهي ته لاکي پنهنجي پسند جي مهر راڻي ان ڪري مڱڻهار کي ڏني ڇڏيائين ته ڪيس اڳي ڪٽر وينل هو ته اُها ان سان محبت ڪري ٿي.

ان بعد لاکي ۽ لوڏڻ جو قصو پڻ بيان ڪري ٿو. لاکو ڦلاڻي نسب نامي مطابق سمي لاکي ڦل جو پٽ هو. هن جي ڄڃ جڏهن پراڻ جي هڪ آمري وڻ وٽ رات گذاري هئي ته وڻ جي تارين ۾ ڳهه ڳنا، لال موتي ٻڌا ويا هئا ۽ جڏهن صبح جو اڳتي روانا ٿيا ته اهي هيرا موتي اتي ئي ڇڏيا هئائين. پاڻ پنهنجي 'ڪيرا ڪوٽ' کي مضبوط ڪرڻ لاءِ لوڏن جا راڄ گهرايا هئا.

پاڻ غريب پرور ته اڳي مشهور هو. انڪري انهن ڪاسبين کي دل کولي اجرت ڏيندو هو. اوچتوئي هڪ ناز پري اوڏڻ تي نظر پيس جيڪا بيلي اوڏ جي ڌيءَ هئي، لاکي چوڪريءَ جو سگ گهريو ۽ هنن ڄام کي سگ ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪئي، هن اوڏڻ به ائين لاکي کي ناز ۽ نئڙت سان پنهنجو ڪيو جيئن ڄام تماچي کي مهاڻي نوريءَ نازن سان پنهنجو ڪيو هو، ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان باري ۾ ڪيترائي بيت ڏنا آهن، جيئن:

تماچي آندي مهاڻي لاکي آندي اوڏ،
سما پيا ڪوڏ، ذات نه پڇيائون جوءِ جي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لاکي ۽ ريباري جي ڪهاڻي پڻ بيتن جي ڳهٽائي سان پيش ڪئي آهي، هن ڪهاڻي ۾ ريبارڻ، لاکي کي پنهنجي ملمي راءِ ڪنگهار هٿان مارائي پنهنجي ڪٽنب جي تباهه ڪرڻ وارو بدلو لاکي کان ورتو (ص 206 کان 218).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح حيات ۽ علميت بابت کي ويچار جي عنوان هيٺ مختصر مقالو لکيو جيڪو 'مهراڻ' 1985/4ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سندن سوانح ۽ علمي خدمتن تي لکيو. مخدوم صاحب حج تي ويو ته ڪيس نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي روضي جي زيارت ڪئي، ۽ قرب حاصل ڪيائين. مخدوم صاحب جا ڪتاب هڪ سؤ پنڌرهن کان وڌيڪ آهن، جيڪي عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ آهن. انهن ۾ ڏهه ڪتاب سنڌي ۾ منظوم آهن. (ص 219 کان 221)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'سنڌ جا سورهيه' مقالو لکيو جيڪو 14 سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪراچي ۾ 1981ع پڙهيو هو ته تاريخ شاهد آهي، اصل سنڌ جي قومي اخلاق جون نمايان خصوصيتون سورهيائي، سخا ۽ سچائي هيون، جاڪاڻ ته سندن سردار ۽ پيشوا، اڳواڻ ۽ رهنما خود سورهيه سخي ۽ سچا هئا. هُو قومي ۽ ذهني آزاديءَ جا علمبردار هئا، جي حاڪم هئا ته غيرتمند ۽ عادل هئا، جي راڄن جا سردار هئا ته رڄ چڱا مڙس هئا، پنهنجي ماڻهن جا سچا همدرد ۽ انهن سان پورا وفادار هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاعرن ۽ سگهڙن جي بيتن جي مدد سان انهن مرد مڙيرن جو جائزو پيش ڪيو آهي. جيئن ته پاڻ تاريخ جو مطالعو رکندڙ هو، ان ڪري هندستان جي حملي آور بادشاهن جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ هتان جي حاڪمن ۾ ردوبدل ڪرڻ، هڪڙن کي لاهڻ ٻين کي ويهارڻ ۽ ڌن وٺڻ کي پنهنجي لاءِ جائز قرار ڏنو. سلطان محمد تغلق، سلطان فيروز شاهه يا عبدالرحيم خان خانان جو هتي اچڻ ۽ ڪلهوڙن تي هٿ رکڻ جا تاريخي حوالا ڏيئي، ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ نادر شاهه جو ذڪر پڻ انهيءَ حوالي سان ڪيو آهي ته هتان جي حاڪمن تيستائين ڪنهن جي آڻ نه مڃي، جيستائين انهن کي بيحد مجبور نه ڪيو. هن سڄي احوال ۾ ڄام تماچي ۽ مير بهرام خان جو خاص ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٽالپر حاڪمن جو خاص ذڪر ڪيو آهي ته دنيا ۾ هي وڏو مثال آهي ته ڇئن حاڪمن گڏجي راڄڌاني کي هلايو، سو به هڪ چوياري نه بلڪ ٻن چويارين جو وڏو مثال آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪرڙي واري جنگ جي حوالي سان خليفه نبي بخش لغاري جا اهي طويل نظم پڻ پيش ڪيا آهن، جن ۾ سرڪرده ماڻهن کي خوب ساراهيو ويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب مير شير محمد خان شيرِ سنڌ، هوش محمد شيدي ۽ حُر مجاهدن، بچو بادشاهه ۽ پيرو وزير انگريزن کي ٽوٽا چٻائي ڇڏيا هئا. مل محمود پلي جي نظمن جي آڌار تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهن سورهيه مردن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو ته مرڻ ۽ مارڻ سورهين جو خاص شيوو آهي.

2 سچو سورهيه اهو جيڪو مقابلي ۾ مري موچارو ٿئي.

3 سچو سورهيه اهو آهي جيڪو مقابلي ۾ ميدان ماري، پاڻ سنڀالي ۽ ٻين کي سنڀالي. (ص 222 کان 281)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن مجموعي ۾ خاص طور درويش راضي شاهه لڪياري تي مقالو آهي، جيڪو 'مهراڻ' 1956/1ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب راضي شاهه جي مڪمل شجري ڏيڻ، خانداني حال احوال ونڊڻ ۽ سندس شاعري کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. راضي شاهه کي پنهنجن فقيرن جو گروهه هو. راضي شاهه جي ڪلام بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي

حساب لڳائي ٻڌايو آهي ته بزرگ جي ولادت سنه 532هه ڌاري يا ان کان به اڳ جي آهي (ص 279 کان 282).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي اهو فڪر دامن گير رهيو ته اگر سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن جي احوال کي سهيڙي سينگاري منظرِعام تي آڻبو ته ان سان سنڌ جي تاريخ آسانيءَ سان مرتب ٿي سگهندي. پاڻ اها مهر هلايائون ۽ پاڻ به ان مهر جو حصو بڻيا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لاڙڪاڻي جي پندرهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ’چتو فقير سانگي‘ تي سندس حال احوال ڪٺو ڪري، ٻالجڻيءَ کان جوانيءَ تائين سوانح حيات کي مرتب ڪيو ته چتو فقير ڪهڙي طرح مال چاريندي مدرسي تائين پهتو. ڳوٺ پيڻهڙي لڳ نڪريو مهيسر ضلع لاڙڪاڻي تي مجازي محبت جوانيءَ کان غالب رهي. شريعت جو به پابند رهيو، ڳوٺ تيرهن پور کي سندس دعا هميشه سُکيو سَتابو ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ صاحب، فقير صاحب جي جيڪا سنڌي بيتن ۾ محبت ۽ مجاز کان ٿيندي سچا عاشق جي عنوان هيٺ مثال ڏيندي معرفت ۽ توحيد جا درس ڏيندي، دانائي ۽ حڪمت جا نُڪتا پيش ڪندي سارنگ جا ايترا ته بيت ڏنا آهن، جيئن حضور انور صلي الله عليه وآله وسلم جي ظهور سان دنيا ۾ اسلام جي پيغام کي جيڪا پذيرائي ملي، ان جو اظهار انهن بيتن مان بخوبي ملي ٿو.

چتو فقير سرائڪي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي، بيت چيا، معشوق جي عنوان هيٺ سهڻا ٻول لکڻ ۽ مختلف سُرن ۾ ڪافين جو لکڻ، سر پيرويءَ ڪلياڻ، مانجهه، بروو، وهاڳ، بلاولي، راڻو ۽ جوڳ ۾ سهڻي شاعري پيش ڪئي آهي. هي سڀ ڪجهه هن طويل مقالي ۾ پڙهڻ سان چتي فقير کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي. (ص 283 کان 303)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪو علامه آءِ آءِ قاضي جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ساڄي هٿ وانگر معاون ۽ مددگار رهيو، نئين ڪئمپس جام شوري لاءِ سندس مشورن کي وڏي اهميت آهي. علامه صاحب جي وفات بعد پاڻ ان جي چيئر جا چيئرمن رهيا ۽ وفات بعد علامه صاحب جا مقبري جي پاسي ۾ مدفون رهيا. پاڻ علامه صاحب کي ڪيئن ڏٺائون، سندن علم ادراڪ، سوچ ۽ خطبا ڪيئن لڳن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب علامه صاحب تي هڪ ڀرپور مقالو ’سنڌ يونيورسٽيءَ جو محسن ۽ معمار‘ لکيو ۽ لطيف ڊائجسٽ اپريل 1976ع ۾ اهو ڇپيو. اهو مقالو هن مجموعي ۾ شامل ڪري پڙهندڙن تي وڏو احسان ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، علامه صاحب جي اعليٰ علمي لياقت ۽ فضيلت کان وٺي يونيورسٽي جي تعمير ۽ خدمت تي تفصيل سان لکي ٻڌايو آهي ته پاڻ پنهنجي اهليه سان گڏ لنڊن جي آسائشن کي ترڪ ڪري 9- اپريل 1951ع تي ڪراچيءَ ۾ رسمي طور يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر جي چارج ورتي، جيڪا ان وقت فقط هڪ الحاقي ۽ امتحاني ادارو هو ۽ 16 ڪاليجن مان 5 ڪاليج ۽ 59 هاءِ اسڪول مان فقط 34 هاءِ اسڪول ان جي دائري اختيار ۾ وڃي بچيا. علامه صاحب 18- اپريل 1951ع تي هڪ نئين ڪفايت شعاري رٿا، جيڪا ان وقت ٻن ڪروڙ روپين تي مشتمل هئي، اها سنڌ حڪومت کي پيش ڪئي ۽ هڪ هفتي اندر سنڌ يونيورسٽي ڪراچي ڇڏي 4- مئي 1951ع تي حيدرآباد جي ’وديالا‘ هاءِ اسڪول ۾ اچي ٽپڙ لاٿا. ٻن ڇئن ٽرڪن تي ڪرسيون ميزون ۽ لائبريري لاءِ چار هزار ڪن ڪتاب ڪل سرمايو يونيورسٽي لاءِ هو. آفيس جي آفيسرن کي ٻي ڪلب جاءِ رهڻ لاءِ ڪانه ملي، سواءِ وديالا اسڪول ۾ مٿي لڪائڻ جو بندوبست ٿيو.

علامه صاحب ڪنهن به تڪليف کان همت ڪانه هاري. سنڌ حڪومت به يونيورسٽي کي حيدرآباد موڪلي ڄڻ مٿي جو سور لاهي ڇڏيو هو. مالي طور تي علامه صاحب کي اهڙا ته ڪُتا جواب مليا، جو اندر ئي سڙي ٿي ويو. اهي نهايت حيرت انگيز ۽ عبرت وارا هئا. سنڌ جي پنهنجن نمائندن طرفان يونيورسٽي لاءِ گرانٽ هڪ لک روپيه، جيڪا سنڌ مدرسي لاءِ هئي، ان کان مٿي ڪانه ٿي، پر علامه صاحب ڪڏهن به نااُميد ڪونه ٿيو. پاڻ پنهنجي لاءِ ڪار وٺڻ بدران وڪٽوريا بگي 75 روپيا تي ڪرائي تي رکيائين ۽ پنهنجي پگهار مان ڏنائين.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن لکن ٿا ته عوامي حڪومت جا نمائندا ڪنهن ڪم ڪونه آيا، البته جڏهن

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي خدمتگار، عوامي طرفدار پير الاهي بخش تي پڻ مقالو لکيو، جيڪو سيد زوار نقوي ۽ دين محمد ڪلهوڙي پير صاحب تي ڪتاب مرتب ڪيو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ سنه 2000ع ۾ ڇپيو، ان ۾ شامل هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته پير صاحب استحصالي طبقي جو مخالف ۽ عوامي ترقيءَ جو علمبردار هو. هو انگريز سامراجي طبقي جو پڻ مخالف هو. ڪيس مسلمانن سان انگريزن جو مخالفانه رويو ۽ ناانصافين جو احساس هو ۽ انگريزن خلاف سياسي محاذ جو حامي هو. هن خلافتِ تحريڪ ۾ حصو ورتو. هن هندن جي مقابلي ۾ مسلمانن جي لاءِ اعليٰ تعليم جا دروازا کوليا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته شاگردي واري زماني ۾ آئون پاڻ سندس ثناخوان هئس. پاڻ به منهنجو مددگار رهيو. هُو ذاتي طور تي هر محتاج شاگرد جو مددگار ٿيندو هو.

پير صاحب پاڻ به پهراڙيءَ جو هو ۽ محنت ڪري ڪامياب ٿيو هو. پاڻ دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. پان شهر ۾ پڙهيو، خيرپور هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي، هن مولانا محمد علي جوهر جي مشوري تي جامعه مليه مدرسي ۾ داخلا ورتي. هن دادو مان هڪ اخبار 'شمشير الاسلام' جاري ڪئي ۽ رئيس جان محمد جوڻيجي سان گڏجي تحريڪِ خلافت کي زور وٺايو. پير صاحب 1927ع ۾ پيهر عليڳڙهه ۾ داخلا وٺي ايل.ايل.بي ڪئي ۽ دادو ۾ وڪالت ڪئي.

پير صاحب انهن پنجن ميمبرن ۾ شامل هو جن 'ون يونٽ' جي مخالفت ڪئي. هُو سنڌ ۾ مفت تعليم لاءِ ڪوشان رهيو ۽ بالغن جي تعليم تي زور ڏنو ۽ 47 تعلقا زوري مفت تعليم هيٺ اچي چڪا هئا. هن استادن جي ٽريننگ لاءِ ڪراچي ۾ ٽريننگ ڪاليج پڻ ٺهرايو، سنڌ مسلم ڪاليج قائم ڪيائين.

پير صاحب (مون تي) ڊاڪٽر بلوچ صاحب تي انتهائي زور پريو ته 'سنڌ مسلم ڪاليج' ۾ اچي ملازمت ڪريان (1945ع ۾). مون ڊاڪٽريءَ تان هٿ ڪنيو ۽ اچي ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيس، پر بعد ۾ 1946ع ۾ دهلي ۾ چُونڊيءَ واري معيار ۾ ڪامياب ٿي گورنمينٽ آف انڊيا طرفان اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپ حاصل ڪئي ۽ آمريڪا وڃڻ کان اڳي پير صاحب سان فون تي ڳالهايم ۽ موڪلايم. خوشيءَ جو اظهار ڪيائين ۽ 26- سيپٽمبر 1946ع تي آمريڪا ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ ۾ داخلا ملي ۽ ايم.اي جي ڊگريءَ بعد 1947ع ۾ ڊاڪٽري لاءِ 'سنڌ ۾ نئين تعليمي نظام لاءِ استادن جي تعليم ۽ تربيت' منظور ڪرائي. 1948ع ۾ پير صاحب سنڌ جو چيف منسٽر هو، جنهن سان هڪ به پيرا خط و ڪتابت پڻ ٿي هئي.

مون کي خوشي آهي جو اڄ 27- سيپٽمبر جي تاريخ آهي، پر سال 2016ع جو آهي جو مون ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن مقالي تي رويو لکي پورو ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي عوامي وزيراعليٰ پير الاهي بخش تي لکيل ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مقالي کي آخر تائين پڙهيو اٿم ته ڪهڙيءَ طرح پير صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ ۾ تعليم جي بهتري لاءِ ڪوششون ورتيون هيون. (ص 333 کان 336)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي جڏهن به موقعو مليو ٿي ته هن پنهنجن پيارن جي لاءِ پنهنجون يادگيريون ضرور لکيون ٿي، جيئن قاضي فيض محمد جي ياد ۾ جيڪي پنهنجي مقالي ۾ جيڪو پاڻ سنڌ اسٽڊي سينٽر جو تحقيقي سلسلو جنوري 1985ع لاءِ لکيو هئائين، هُو لکي ٿو ته:

نهايت شريف، همدلعزيز، بلند اخلاق، اعليٰ، واري خيال کان آجو، نهٺو ۽ نماڻو، ارادي جو پختو، اصول جو پڪو، خدمت ۽ قرباني جو قائل، سنڌ جي غريب عوام جو خيرخواه ملڪ ۽ قوم جو درد رکندڙ، دوستي نڀائيندڙ ۽ سڀ سان گڏ سڏ ڏيندڙ.

هنن سارين وصفن کي اگر هڪ هڪ ڪري ڪولبو ته ان مان جيڏهن تصوير ٺهندي، اها قاضي فيض محمد مرحوم جي هوندي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جڏهن به جنهن شخصيت تي لکيو آهي، ته دل جي گهراين سان پيار ۽ محبت جي مس ۾ قلم ٻوڙي ان مس سان لکيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جڏهن ته پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي جنهن ۾ تعليمي ماحول، ڪراچيءَ جا حالات ۽ نوجوان دوستن سان گڏجي خاڪسار تحريڪ لاءِ ڪم ڪرڻ کي اجاگر ڪيو اٿس، انهيءَ سڄي احوال ۾ قاضي فيض محمد کين سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ پيارو

دوست هو. هي مقالو پڙهندڙن لاءِ وڏي معلومات رکي ٿو. (ص 337 کان 345)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ انهيءَ ساڳي اتساهه، پيار ۽ محبت مان پنهنجي پياري دوست قاضي سچيڏني جي باري ۾ مقالو لکيو جيڪو پڻ 'مهراڻ' سرءُ 2004ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب قاضي صاحب جي هڪ ڊپٽي ڪمشنر طور ساٿس انهن تعلقات جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ڏڍن برن ۽ ڪنبرات کي گهمڻ ڏسڻ جا بهترين موقعا فراهم ڪيا. هو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مقالن کان متاثر هو جيڪي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ پاڻ پيش ڪندو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب دل کولي پنهنجي استاد ۽ مربي مخدوم امير احمد تي پڻ مقالو لکيو جيڪو 'مهراڻ سوانح نمبر' 3-4/1957ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سندن حسب نسب ۽ سوانح لکڻ سان گڏ سندس ٻالِ حافظ قرآن شريف جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو اٺن مهينن ۾ ڪيو هئائين. سرڪاري اسڪولن ۾ عربيءَ جو استاد رهيو، 1945ع ۾ حيدرآباد ۾ 'جامع عربيه' عربي يونيورسٽي قائم ڪئي ۽ 1946ع ۾ ڪيس پهريون پرنسپال مقرر ڪيو ويو، هُو سنڌ اورينٽل ڪاليج جو پڻ پرنسپال مقرر ٿيو. سندس ڪوشش سان حيدرآباد ۾ ڪيترائي اسڪول قائم ٿيا ۽ سنڌ يونيورسٽي جي سينيٽ ۽ سينڊيڪيٽ جو ميمبر پڻ رهيو. پاڻ ڪيترن ئي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌي ۾ مترجم رهيو ۽ سندس ڪيترائي مضمون مختلف مخزنن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مولوي عبدالله لغاري جا وڏا مداح رهيا، ان تي مقالو لکيائون، جيڪو 'مهراڻ سوانح نمبر' 3-4/1957ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مولوي صاحب جي ٻڌايل حال احوال تي پنهنجو مقالو لکيو. هو مولانا عبيدالله سنڌي جو قريبي دوست هو. امروٽ ۾ انهن ٻنهي گڏجي پريس به هلائي. هي ٻئي پيرجهنڊي به آيا ۽ اتي مدرسو 'دارالرشاد' کوليو ويو، جلدئي هنن ٻنهي انگريزن کان بچي ڪابل پهچڻ جو سوچيو ۽ ڪوئٽا کان پيادل اهو سفر ڪري ڪابل پهتا، اتي جي حڪمرانن جو هنن سان سٺ هو. مولوي عبدالله لغاري، مولانا عبيدالله لاءِ ڪابل ۽ هندستان وچ ۾ سفر ڪندو ۽ پيغام آڻيندو رهندو هو. ريشمي رومالن وارو سلسلو، بيعتن وارو احوال ۽ خطن جو پڪڙ مطلب اهو سڄو منظرنامو مولوي عبدالله جي زباني هن مقالي ۾ بيان ڪيل آهي. (ص 353 کان 860)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شاعر ثناءُالله 'ثنائي' جي ياد ۾ مقالو لکيو، جيڪو 'السنڌ' رسالي جولاءِ 2007-2008ع ۾ ڇپيو. بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب "گذريل 20 صدي جي وچ ڌاري ٻه عالم شاعر مولوي احمد ملاح ۽ ثناءُالله 'ثنائي' اخلاقي ۽ سماجي اوڻاين جا تنقيدنگار هئا ۽ نثر ۾ اهو ڪردار محمد عثمان ڏيپلائي ادا ڪيو."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ثنائي جي منظوم خط جو خاص ذڪر ڪيو آهي. (ص 360 کان 365)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي هڪ جگري دوست تي مقالو هن عنوان سان لکيو: "منهنجو ساٿي ۽ سڄڻ، مرحوم محمد اسماعيل ٽُون" ۽ جيڪو 'مهراڻ' سيارو 2005ع ۾ ڇپيو. اهو ٽُون صاحب هو، جنهن جي همت ۽ دوستيءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڏ ۾ وڏ سگهڙن جون ڪچهريون رکي سنڌي ادب سموهيو ۽ سميٽيو. ٽُون صاحب جتي جتي اعليٰ عهدن تي فائز رهيو، اتي اتي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لاءِ ميدان هموار هوندو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، خانبهادر علي نواز خان جمالي جهڙي دوست کي به ياد ڪيو جيڪو مير شاهنواز خان شاهلياڻي جو والد هو. شاهنواز خان سان منهنجي ملاقات پڻ 1965ع ۾ ٿي هئي ۽ هاڻي سندس پٽ غلام محمد خان سان اهو رستو آهي جيڪو منهنجي ننڍي ڀاءُ سان سهري جي ڪري قائم ٿيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مير جعفر خان جمالي مطلب ته هن خاندان جو وڏو ذڪر ڪيو آهي. (ص 373)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، قاضي عبدالرؤف مورائي جي شجري ڏيڻ سان گڏ ان جي خطن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. هي مضمون 'مهراڻ سوانح نمبر' 3-4/1957ع ۾ ڇپيو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، فولاد علي شر ۽ سندس اولاد جو ذڪر 'اڃا پڻ آهين.' جي عنوان سان ڪيو آهي. انهن جا احوال ڪير دل جهلي پڙهي سگهي ته واهه نه ته انهن لاءِ پڙهڻ به ڏکيو ڪم ٿيندو، انهن جي ڳالهين ۽ گفتگوئن تي رويو لکڻ به اوکو ڪم لڳي ٿو. ڪنهن

ڪي يقين نہ اچي تہ پاڻ پڙهي ڏسي. (ص 379 ڪان 388)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جا هن مقالن جي مجموعي جا ہ آخري مقالا حيدرآباد جي هڪ ئي خاندان مرزائن تي لکيل آهن. هڪ ممتاز مرزا جون يادگيريون ۽ ٻيو بلوچ مرزا عباس علي بيگ جي وفات تي تعزيتي بُڪ تي جيڪو نوٽ لکيائين. ممتاز مرزا سندس پيارن شاگردن مان هو، چار ماڻهو جيڪي اوج تي پهتا، انهن مان ٽن ۾ ڪجهہ انانيت آئي پر مرزا ممتاز ۽ سندس اولاد ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي جڻ تہ پنهنجو مرشد ٿي ڄاتو. هُو جڏهن ڊي.جي ثقافت ڪاتو هو، آءٌ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان گڏ هئس تہ هُو پيرين پئي کين مليو هو. ان جو سبب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي يادگيرين مان بخوبي معلوم ٿيم. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن کي جيئن ٽرينڊ ڪيو هو، ان ۾ سندس آئيڊيل رهيو. سگهڙن جي محفلن يا راڳ رنگ جي محفلن ۾ ڪيس ٽرينڊ ڪيو، لغت ۽ لوڪ ڪهاڻين جي تدوين ۾ جيئن گائيڊ ڪيو، تيئن هن ڪري ڏيکاريو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرزا صاحب جو هڪ خط پڻ مقالي ۾ ڏنو آهي. (ص 389 ڪان 395)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب عمرو بن بحر 'جاحظ' تي ہ مقالو لکيو، عنوان رکيائين: 'گول لاٺون چورس چڳهہ' جنهن 255هہ ۾ وفات ڪئي. هي مقالو 'مهراڻ' 1990/4ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ هڪ طرف جاحظ جيڪڏهن علم جا درياءَ وهائي ڇڏيا تہ ٻئي طرف سندس وقت ۾ احمقن بہ پنهنجي علم ۽ عقل جي ڏيوالي جا پڙها پئي ڏنا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن دور جي اهڙن ڏيوالي جي اڪابرن تي لکي ذهن نشين ڪرايو آهي تہ علم ۽ عقل ہ الڳ شيون آهن، انهن جي گڏجي ڪم ڪرڻ سان ئي بهتر عمل ۽ نتيجو ملندو. هر مطالعي واري کي گهرجي تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن مضمون کي وري وري غور سان پڙهي ۽ پاڻ کي دانائيءَ جي درجي تي آڻي. (ص 397 ڪان 405)

نوان ڪتاب






محمد پنهل ڏهر

(قسط-1)



# قلندريات

حضرت قلندر لعل سيوهاڻي رح، سنڌ جو اُهو مشهور ۽ معروف بزرگ آهي، جنهن جي سوانح، شاعري، فن ۽ فڪر تي هن مهل تائين سوَن جي تعداد ۾ مضمون، مقالا ۽ ڪتاب، سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن ۾ لکجي ۽ ڇپجي چڪا آهن. مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جي زينت بنيل آهن، جن مان گهڻن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي ۽ اڃا بہ ڪيترائي اهڙا مضمون ۽ مقالا جيڪي مختلف زبانن ۾ آهن، سي ٽڙيل پکڙيل صورت ۾ موجود آهن. جن کي پڻ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي اشد ضرورت آهي تہ جيئن هن بزرگ جو ٽڙيل پکڙيل سمورو مواد يڪجا ٿي، ڪتابي صورت ۾ سنڌن سامهون اچي وڃي تہ جيئن اُنهن کي پنهنجي تحقيقي ڪم ۾ آساني ٿي پوي.

اهڙيءَ طرح هن بزرگ جي سوانح، شاعري ۽ فڪر تي سنڌي ۽ فارسي زبان ۾ لکيل ڪيترائي اهڙا ڪتاب بہ آهن، جيڪي اڃا تائين ڇپائي هيٺ اچي نہ سگهيا آهن. يعني اُهي اڃا تائين قلمي صورت ۾ آهن ۽ ملڪ جي مختلف ذاتي ۽ سرڪاري لائبررين ۾ پيل آهن. اسان کي گهرجي تہ اهڙن سڀني ڪتابن کي، جيڪي هن بزرگ جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام متعلق آهن ۽ قلمي صورت ۾ آهن، سي سڀ ملڪ جي مختلف خانگي ۽ سرڪاري لائبررين مان هٿ ڪري، انهن کي مرتب ڪري ڇپائي هيٺ آڻيون تہ جيئن هن بزرگ جي سوانح، شاعري ۽ فڪر متعلق لکيل اهڙن ناياب شهپارن مان هرهڪ مؤرخ ۽ محقق سندس سوانح، ڪلام ۽ فڪر مان چڱي طرح واقف ٿي مستفيض ٿي سگهي ۽ انهن ناياب شهپارن جي روشنيءَ ۾ هن بزرگ جي سوانح، پيغام، ڪلام ۽ فڪر مان اسان اڃا تائين واقف نہ ٿي سگهيا آهيون. ڇاڪاڻ تہ حضرت قلندر لعل شهباز جي زندگيءَ جا ڪيترائي اهڙا پهلو آهن، جن تي انهن ناياب قلمي شهپارن جي اکين کان اوجهل هجڻ جي ڪري اڃا تائين تحقيقي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي، جنهنڪري هن بزرگ جي زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو اڃا تائين تحقيق طلب آهن.

هن بزرگ جي زندگي جي سڀني پهلوئن کان اسان تڏهن ئي واقف ٿي سگهنداسين، جڏهن اُهي ناياب قلمي شهپارا ڇپجي ظاهر ٿيندا ۽ ان بعد هرهڪ محقق ۽ مؤرخ اُنهن کي ڏسي ۽ پڙهي استفادو حاصل ڪندو ۽ آساني سان هن بزرگ جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي تحقيق ڪري اِنهي کي ظاهر ڪري سگهندو.

اسان هن مقالي ۾ هن بزرگ جي سوانح، شاعري ۽ فڪر وغيره تي لکيل مضمونن يا مقالن کي شامل نہ ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن مقالي ۾ ايتري گنجائش نہ آهي ۽ نہ وري اسان کان ايتري محنت يا ڪم ٿي بہ سگهندو، جو اسان اهڙا لکيل سڀ مضمون ۽ مقالا، جيڪي مختلف زبانن ۾ لکيل آهن، ۽ مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن جي زينت بڻيل آهن، سي سڀ هٿ ڪري سگهون ۽ هتي انهن کي جاءِ ڏيئي سگهون، تنهنڪري هتي صرف انهيءَ تي اڪتفا ڪري رهيا آهيون تہ هن مقالي ۾ صرف ۽ صرف اهڙن ڪتابن کي ئي شامل ڪجي، جيڪي هن بزرگ جي سوانح، شاعري ۽ فڪر وغيره تي مختلف زبانن، جهڙوڪ: فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل آهن ۽ جن مان ڪجهہ اڻڇپيل يعني قلمي صورت ۾ آهن ۽ گهڻا ڇپيل آهن.

ٿورو هيٺ اهڙن ئي ڪتابن جو تعارف پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪي ڀرپور ڪوشش ۽

محنت سان اسان کي معلوم ٿي سگهيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اجا به ٻيا ڪيترائي مختلف ٻولين ۾ لکيل اهڙا قلمي ۽ ڇپيل ڪتاب هجن، جن جي ڄاڻ باوجود ڪوشش جي اسان کي نه پئجي سگهي هجي ۽ اسان اُنهن ڪتابن کي پنهنجي هن مقالي ۾ شامل نه ڪري سگهيا هجون، تنهنڪري هن مقالي جي پڙهندڙن کي مؤدبانه گذارش آهي ته جيڪڏهن اُنهن کي ڪنهن اهڙي ڪتاب (قلمي توڙي ڇپيل) جي ڄاڻ هجي، جيڪو هتي شامل نه ٿي سگهيو هجي ته براءِ مهرباني اُنهيءَ ڪتاب جي ڄاڻ راقم تائين پهچائيندا ته جيئن آئينده اُنهيءَ ڪتاب کي به شامل ڪري سگهون.

اِنهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڪوشش سيد حسام الدين شاهه راشدي صاحب جي آهي، جنهن پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'حديقة الاولياء' (مصنف: سيد عبدالقادر ٺٽوي) جي مقدمي ۾ صفحي 07 کان 10 تي 'سيوهڻ جي مشائخن جا تذڪرا' جي عنوان ۾ هن بزرگ متعلق لکيل تقريباً ستن ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪيو آهي، جيڪي تقريباً فارسي ۾ آهن، جن مان ٽن اهڙن تذڪرن جو احوال آهي، جن ۾ قلندر لعل شهباز سان گڏ سيوهڻ جي چند ٻين بزرگن جو به ذڪر آهي(1).

اُن کان پوءِ ٻي اهڙي ڪوشش مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس السندي صاحب جي آهي، جنهن پنهنجو هڪ مضمون 'قلندر لعل شهباز ڪتابياتي جائزو' جي عنوان سان لکيو. هن انهيءَ مضمون ۾ قلندر لعل شهباز جي سوانح، شاعري ۽ فڪر متعلق 42 عدد سنڌي ڪتابن، ڇهن اردو ڪتابن، ٽن انگريزي ڪتابن ۽ چار عدد اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ٽنهي زبانن يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ لکيل آهن(2).

اهڙيءَ طرح خيرمحمد ٻرڙو سيوهاڻي به پنهنجي تصنيف 'سيوهڻ صدين کان' جي آخر ۾ 'مددي ڪتاب' جي عنوان هيٺ، قلندر لعل شهباز متعلق لکيل اهڙن سنڌي 25، اردو 10 فارسي، 09 هندي هڪ ۽ انگريزي ۾ لکيل ٻن ڪتابن جا صرف نالا ڄاڻايا آهن(3).

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب به پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'تذڪره مشائخ سيوستان' مصنف: عبدالغفور بن حيدر سيوستاني، جي مقدمي ۾ 'تصوف تي ڪتاب ۽ سيوهڻ' جي عنوان هيٺ اٺن اهڙن ڪتابن جا نالا ڄاڻايا آهن، جيڪي پڻ قلندر لعل شهباز جي سوانح متعلق آهن ۽ اهي ڪتاب تقريباً فارسي ۾ آهن(4). انهن مان زياده تر ڪتاب مٿي ڄاڻايل ڪتاب 'حديقة الاولياء' جي مقدمي تان ورتل آهن. انهن ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ گهٽي قدر اهڙا تنڪرا به آهن، جن ۾ قلندر لعل شهباز سان گڏ سيوهڻ جي چند ٻين مشائخن جي سوانح به ڏنل آهي.

آزاد انور ڪانڌڙو صاحب به پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'سنڌڙي جو شهباز قلندر' ۾ 26 عدد اهڙن ڪتابن جا نالا ڄاڻايا آهن، جيڪي قلندر لعل شهباز جي سوانح، شاعري ۽ فن و فڪر متعلق فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ آهن(5).

اهڙيءَ طرح هيءَ ڪوشش راقم الحروف جي آهي، مون ڪوشش ڪري پنهنجي هن مقالي ۾ اهڙن سڀني قلمي توڙي ڇپيل ڪتابن جو تعارف پيش ڪيو آهي، جيڪي تمام گهٽي ڪوشش ۽ جستجو سان معلوم ٿي سگهيا آهن. هاڻي سڀ کان پهريائين اُنهن ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن متعلق چيو وڃي ٿو ته اُهي خود قلندر لعل شهباز جا لکيل آهن. اُنهن ڪتابن ۾ قلندر لعل شهباز جي شاعريءَ جا مجموعا به شامل آهن، جيڪي مختلف ليکڪن، اديبن ۽ محققن مختلف وقتن تي مرتب پئي ڪيا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته جن ڪتابن متعلق چيو وڃي ٿو ته اهي قلندر لعل شهباز جا لکيل آهن، سي سڀ ڪتاب ۽ سندس شاعري فارسي ۾ ئي آهي.

سڀ کان پهريائين هڪ انگريز عملدار رچرڊ برٽن، جيڪو انگريز سرڪار طرفان سنڌ ۾ ٽالپر حڪمرانن جي دربار ۾ هڪ عملدار جي حيثيت ۾ مقرر هو، تنهن پنهنجي ڪتاب 'Sindh and the Races that Inhabit the valley of the Indus' يعني 'سنڌ ۽ سنڌوماٿري ۾ وسندڙ قومون' جي باب ڇهين ۾ سنڌ جي مدرسن جي تعليمي نظام ۽ تعليمي نصاب متعلق، سنڌ جي مدرسن ۾ قلندر لعل

شهباز جي لکيل فارسي ڪتابن جي پڙهائڻ متعلق لکي ٿو تہ:

The first work read was the little treatise called Mizan i Sarf, the work of the celebrated saint and scholar Lal Shah-Baz, upon the subject of the regular verb Faala. It is usually committed to memory, as is also the work called Ajnas or Munshaib, a set of simple rules for the formation of the increased derivatives. The "Kism I doyyum" treats of irregular verbs, and teaches the Sarf-i-Saghir, of the Paradigma. These two books were written in Persian by the same saintly pen, Lal Shah-Baz. The third treatise usually read is one called Akd, also the work of the author but composed in Persian and Arabic Mixed(6).

(**سنڌي ترجمو**)

"پهريون ڪتاب جو هن (شاگرد) پڙهيو، سو آهي "ميزان صرف" نالي فعلن جي مضمون تي مشهور ولي ۽ عالم لعل شهباز جو لکيل مختصر رسالو. اهو گهڻو ڪري اجناس يا منشعب وانگر حفظ ڪيو ويندو آهي. اجناس ۾ اشتقاق ٺاهڻ جا سليس قاعدا ڏنل آهن. "قسم دوئم" ۾ بيقاعدگي فعلن جو ذڪر ۽ صرف صغير ٺاهڻ جو طريقو ڏنل آهي. اهي ٻئي ڪتاب فارسيءَ ۾ لعل شهباز جي روحاني قلم جا لکيل آهن. ٽيون ڪتاب جو اڪثر پڙهيو ويندو آهي، تنهن جو نالو آهي "عقد" اِهو بہ ساڳئي مصنف جو جوڙيل آهي، اِهو گڏيل فارسي ۽ عربي ۾ لکيل آهي (7)."

اهڙيءَ طرح لعل شهباز قلندر تي بعد جي تقريباً سيني لکندڙن اديبن ۽ مؤرخن بہ بغير ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي ۽ بغير ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي فقط 'برٽن' جي ئي حوالي سان بار بار اها ڳالهہ پئي دهرائي ۽ لکي آهي تہ اِهي مٿي ڄاڻايل ٽيئي ڪتاب قلندر لعل شهباز جا ئي لکيل آهن. حالانڪ قلندر لعل شهباز، برٽن کان گهڻو اڳاٽو ٿي گذريو آهي ۽ برٽن کان اڳ واري ڪنهن بہ سنڌي عالم اِهو ڪٿي بہ ڪونہ لکيو آهي تہ سنڌ جي مدرسن ۾ پڙهايا ويندڙ ۽ سنڌ جي مدرسن جي نصاب ۾ شامل منڪوره ٽيئي ڪتاب قلندر لعل شهباز جا لکيل آهن. صرف برٽن کان پوءِ وارن عالمن ۽ اديبن ئي بغير ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي اکيون ٻوٽي برٽن واري لکيل حوالي کي ئي لکير جو فقير بڻجي پئي دهرايو آهي ۽ اِهي ٽيئي ڪتاب قلندر لعل شهباز سان پئي منسوب ڪيا آهن. ايتريقدر جو اڄ جي ڪن اديبن تہ وري ڳالهہ کي وڌائي لکيو آهي. جهڙوڪ: 'مير حاجن مير' تہ قلندر لعل شهباز جي انهن ٽن ڪتابن کان علاوه سندس هڪ ٻئي ڪتاب 'صرف صغير' جو نالو بہ ڄاڻايو آهي(8).

حالانڪ ڄاڻڻ گهرجي تہ برٽن ايڏو ڪو وڏو منهبي عالم ڪونہ هو ۽ نہ وري مدرسن ۾ رائج اسلامي نصاب کان بہ ايترو واقف هو ۽ نہ وري هن کي سنڌ جي مدرسن ۾ درس نظامي ۾ پڙهايا ويندڙ عربي ۽ فارسي ڪتابن جي بہ ايتري ڄاڻ هئي. خبر نہ آهي تہ هِن ڪهڙي بناء تي بغير ڪنهن تحقيق جي اِنهن منڪوره ٽنهي ڪتابن کي قلندر لعل شهباز جو ئي لکيل ڄاڻايو آهي.

هِن دور جو مشهور محقق مولانا ڊاڪٽر عبدالله ڪوسو صاحب، اِنهيءَ هڪ ڪتاب 'ميزان الصرف' تي تحقيق ڪندي لکي ٿو تہ، "هي ڪتاب جيترو مشهور ۽ اهم آهي، اوترو سندس مصنف گمنام آهي. سندس مصنف جو نالو تحقيقي طور تي معلوم نہ ٿي سگهيو آهي." هو اڳتي لکي ٿو تہ، "ڪِن مؤرخن ملاحمزه بدايوني کي ۽ ڪِن وري شيخ سراج الدين اوڌي کي هِن ڪتاب يعني ميزان الصرف جو مصنف لکيو آهي (9)."

اهڙيءَ طرح اسان جي اديبن ۽ محققن قلندر لعل شهباز جو فارسي ۾ لکيل هڪ ٻيو ڪتاب "رسالا عشقيہ" بہ ڄاڻايو آهي(10).

هڪ مقالہ نگار، قلندر لعل شهباز سان منسوب اِنهيءَ رسالي عشقيہ جي باري ۾ لکيو آهي تہ، "قلندر شهباز جي فارسي شاعريءَ جو مجموعو عشقيہ جي عنوان سان سندس هڪ مريد فقير ظفر علي، سندس وفات کان ست سؤ سال پوءِ مرتب ڪيو(11)."

هِن مان معلوم ٿيو تہ هي رسالو فارسي ۾ منظوم آهي، جنهن کي محققن ۽ اديبن قلندر لعل شهباز سان منسوب اِنهيءَ رسالي جي قلندر واري

نسبت جي نفي ڪندي نامياري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پنهنجي تحقيق سان ثابت ڪندي، پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ آخري نتيجو ڪڍي، هن طرح لکيو آهي ته، ”اهڙي طرح مڪمل طور تي ثابت ٿئي ٿو ته هي رسالو غلطيءَ سان حضرت عثمان مروندي (لعل شهباز قلندر) سان منسوب ڪيو ويو آهي، جيڪو صحيح نه آهي، بلڪ هِن جو مصنف حضرت شيخ عثمان جالنڌري رحه آهي (12).“

نامياري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هن رسالي جو نالو ’قوة العاشقين يا عشقيه‘ ڄاڻايو آهي. وڌيڪ لکي ٿو ته، ”هي اصل فارسي ۾ آهي، هن جو مصنف شيخ انصاري آهي. اِنهيءَ فارسي تان سال 1243هه يعني 1827ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ويو، جيڪو 1915ع ۾ شولداس ڪتب فروش شڪارپور واري شايع ڪيو (13).“

ڪتاب ’سوانح عمري حضرت لعل شهباز قلندر‘ جي مصنف شاهه مانا ميان قادري چشتي، پنهنجي اِنهيءَ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، ”*حضرت بوعلی شاہ قلندر کی کئی کتابیں مشہور ہیں: (۱) مکتوبات بنام اختیار الدین (۲) حکم نامہ شرف الدین، (۳) مثنوی کنز الاسرار اور (۴) رسالا عشقیہ*(14).“ يعني رسالا عشقيه، قلندر لعل شهباز جو نه بلڪ بوعلي شاهه قلندر جو آهي.

حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، قلندر لعل شهباز جي تصانيف متعلق لکي ٿو ته، ”ظاهري طور ڪلهه تصنيف ڪاڻ ڪيائون جو ڏسڻ ۾ اچي. مشهور آهي ته عشقيه نالي هڪ ڪتاب حضرت عثمان مروندي جو ٺهيل آهي، پر اِها بلڪل غلط فهمي آهي. عشقيه ڪتاب جو مشهور آهي ۽ سلوڪ و تصوف جي باب ۾ نهايت لذيذ بي حساب آهي، سو عاشق ڪامل، عارف عامل شيخ عثمان انصاري قادري نقشبندي جو ٺهيل آهي، جو ڏسڻ هٿڌ ۾ اچي ٿو (15).“

رسالا عشقيه متعلق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ محمد اشرف شريف لکن ٿا ته، ”حضرت قلندر شهباز جن ڏانهن هڪ ڪتاب عشقيه نالي منسوب آهي، جنهن ۾ ڪجهه شعر پڻ آيل آهن. اِنهيءَ عشقيه نالي جي ڪري غلط فهمي پيدا ٿي آهي، ڇاڪاڻ جو سترهين يا ارڙهين صدي ۾ هڪ عارف حضرت شيخ عثمان انصاري قادري نقشبندي به ٿي گذريو آهي، جنهن ڏانهن پڻ مذڪور ڪتاب منسوب ڪيو ويو آهي(16).“

مٿي ڄاڻايل حوالن ۽ ثابتين مان ثابت ٿيو ته اِهو ڪتاب يعني ’رسالا عشقيه‘ به قلندر شهباز جو نه آهي ۽ اِهو اِنهيءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي. هاڻي ثابت ٿيو ته مٿي ڄاڻايل فارسي ڪتاب ’ميزان صرف، اجناس يا منشيب‘ قسم دوئم؟ عقد، صرف صغير ۽ رسالا عشقيه، حضرت قلندر لعل شهباز جا بلڪل لکيل نه آهن. بلڪ اُن سان منسوب ڪيا ويا آهن.

اِهو به معلوم ٿيو آهي ته حضرت لعل شهباز جو فارسي ۾ لکيل هڪ ٻيو ڪتاب ’رسالا وجود العاشقين‘ به هو. اِهو رسالو لطف الله بدوي مرتب ڪيو هو، جيڪو شايد قلمي صورت ۾ آهي(17). اِهو معلوم نه ٿي سگهيو ته اِهو ڪتاب نثر ۾ آهي يا نظم ۾ ۽ اِها معلومات به ٻئي ڪنهن به ماخذ مان نه پئجي سگهي آهي ته اِهو ڪتاب واقعي قلندر لعل شهباز جو آهي يا نه.

قلندر لعل شهباز جي لکيل هڪ ٻئي فارسي ڪتاب ’ملفوظ عشق؟‘ جو نالو به ملي ٿو، جيڪو قلمي نسخي جي صورت ۾، ڊاڪٽر رضي الدين صديقي ميموريل لائبريري، قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ موجود آهي(18). جيئن ته اسان هي ڪتاب ڏٺو ئي ناهي، تنهنڪري خبر ناهي ته هي ڪتاب ڪهڙي موضوع تي لکيل آهي، نثر ۾ آهي يا نظم ۾. هِن ڪتاب متعلق به ٻئي ڪنهن ماخذ مان اِها خبر نه پئجي سگهي آهي ته اِهو ڪتاب قلندر لعل شهباز جو لکيل آهي يا نه.

جيئن ته حضرت قلندر لعل شهباز، فارسي زبان جو هڪ سٺو شاعر هو، جنهن تي سڀ ئي محقق متفق آهن. هوندئن ته قلندر لعل شهباز جي سوانح متعلق لکيل تقريباً سڀني ڪتابن ۾ سندس ٿورو گهڻو ڪلام موجود آهي ۽ اِنهيءَ ڪان علاوه فارسي شاعرن جي ٻين به ڪيترن تذڪرن ۾ ٻين فارسي گو شاعرن جي ڪلام سان گڏ قلندر لعل

شهباز جو ڪلام بہ موجود آهي، ليڪن هاڻي سڀ ڪان پهريائين هيٺ اُنهن ڪتابن جي نشاندهي ڪجي ٿي، جيڪي تقريباً قلندر لعل شهباز جي ڪلام تي مشتمل آهن، جيڪي مختلف اديبن ۽ محققن طرفان مختلف زبانن ۾ ايڊٽ ڪيا ويا آهن.

اِنهيءَ ڪان اڳ ۾ هتي اِهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ قلندر لعل شهباز جي سوانح، شاعري ۽ فڪر و فن متعلق جيڪي بہ ڪتاب سنڌي، اردو، فارسي يا انگريزي ۾ لکيا ويا آهن، تقريباً اُنهن سڀني ۾ قلندر لعل شهباز شهباز جي سوانح جي سلسلي ۾، سندس جي پيدائش، جمڻ جي هنڌ، والدين، ننڍپڻ، تعليم، سير و سفر، ڪرامات، سندس همعصر دوستن، سنڌ ۾ اچڻ، سيوهڻ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ۽ شاعري ۽ سندس وفات متعلق ئي معلومات ڏني ويئي آهي ۽ گهڻو ڪري سڀني ڪتابن ۾ اِنهن موضوعات ۽ عنوانات تي ئي لکيو ويو آهي ۽ انهن موضوعن تي ئي بحث ڪيو ويو آهي. جنهنڪري اسان هن مقالي ۾، اهڙن ڪتابن جي صرف نالي، ليکڪ يا مرتب جي نالي، ڇاپي، سال ۽ اُن ڪتاب جي اشاعتي اداري جي نالي تي ئي اڪتفا ڪري اُن جو هتي اندراج ڪيو آهي ۽ جتي ڪنهن ڪتاب ۾ موجود مواد يا موضوع متعلق وضاحت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي آهي تہ اُتي اها وضاحت اُن ڪتاب جي اندراج ۽ تعارف ڪانپوءِ، اُتي ئي ڪري ڇڏي آهي يا مقالي جي آخر ۾ ڇاپايل 'حوالن ۽ واڌارن' ۾ اُها وضاحت اُن ڪتاب جي حوالي ڪان پوءِ شامل ڪري ڇڏي آهي. هتي اِهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ مقالي جي طوالت ڪي نظر ۾ رکندي، مقالي ۾ ڪنهن بہ ڪتاب جي سائيز ۽ صنفن متعلق نہ ڇاپايو ويو آهي.

هاڻي انهن ڪتابن جو احوال پيش ڪجي ٿو، جيڪي قلندر لعل شهباز جي شاعريءَ متعلق آهي.

**قلندر لعل شهباز جي شاعريءَ جا ڪتاب:**

**1. رسالہ قلندري**، مرتب خضر علي سيوستاني. قلندر لعل شهباز جي ڪلام جو هيءُ نسخو قلمي صورت ۾ هو، جنهن جي باري ۾ سيد حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ۽ عبدالڪريم آزاد سميجو لکن ٿا تہ نسخو نظر ۾ نہ آهي(19). يعني ناياب آهي.

ايم.ايچ.پنهور، هن رسالي جو نالو رسالہ قلندري سان گڏ 'رسالو سير قلندري' بہ لکيو آهي ۽ مير حاجن مير وري رسالہ قلندري سان گڏ، هن جو نالو 'تنڪرہ قلندري' ڄاڻايو آهي. عبدالڪريم آزاد سميجو، هن ڪتاب جي مرتب جو نالو خضر علي سيوستاني جي بجاءِ غلطي مان 'حضرت علي سيوستاني' لکيو آهي، جيئن تہ هيءُ رسالو ناياب آهي، تنهنڪري اِنهيءَ جي وڌيڪ ڪيفيت معلوم نہ ٿي سگهي.

**2. ديوان قلندر مست**: حصہ اول، شهباز، لعل، شهباز، راجا حضرت عثمان مروندي رحہ سيوهڻ شريف سنڌ، مرتب: مترجم ۽ شارح ظفر علي فقير صوفي (منتظر وزير حق درگاهہ خوش خيرمحمد فقير، ڊاڪخانہ علي نواز فقير رياست خيرپورميرس).

هن ڪتاب ۾ هڪ سٽ قلندر شهباز جي فارسيءَ ڪلام جو ڏيئي، وري اُن سِٽ جي هيٺان مترجم ٻي سٽ ۾ وري اِنهي فارسي ڪلام جو سنڌي ترجمو ڏنو آهي. اهو ديوان شايد پهريون دفعو 1962ع ۾ شايع ڪرايو ويو.

**نوٽ**: هن ديوان جي ٻئي حصي جي خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ اِهو ٻيو حصو، تيار بہ ٿيو يا نہ ۽ ڇپيو بہ يا نہ ۽ ڇپيو تہ ڪڏهن ۽ ڪٿان ڇپيو وغيرہ.

**3. حيات قلندر**: مرتب ۽ مترجم، ڊاڪٽر سيد حيدر مهدي. ڇاپو پهريون 1985ع، مڪتبہ طوسي قدم گاهہ حيدرآباد.

هيءُ ڪتاب اردوءَ ۾ مرتب ڪتاب جي شروع ۾ صفحي 07 ڪان وٺي صفحي 60 تائين قلندر لعل شهباز جي سوانح ڏني آهي ۽ اُن ڪان پوءِ قلندر لعل شهباز جو ڪلام، اهڙي نموني ڏنو آهي جو هڪ صفحي تي قلندر لعل جو ڪلام آهي تہ اُن جي سامهون واري صفحي تي اِنهي ڪلام جو، مترجم منظوم اردو ترجمو ڏنو آهي.

**4. شاهباز نامہ**: مرتب ۽ مترجم، مخدوم غوث محمد گوهر، ڇاپو نامعلوم، سال 1993ع، الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير.

مرتب، ڪتاب جي شروع واري چند صفحن ۾ ڪتاب جي قلمي نسخي جو تعارف ڏنو آهي ۽ اُن بعد قلندر لعل جو مختصر تعارف پيش ڪيو آهي ۽ اُن کان پوءِ قلندر لعل شهباز جو ڪلام ڏنو آهي ۽ هرهڪ غزل سان گڏ وري ٻئي صفحي تي اُن جو منظوم سنڌي ترجمو ڏنو آهي.

**5. ديوان قلندر**: مرتب ۽ مترجم، الاهي بخش شيخ، ڇاپو پهريون ، 98-1997ع سکر.

هن ڪتاب ۾ مرتب قلندر لعل جي ڪلام سان گڏ اُن جو منظوم سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي.

**6. منقبت در وصف حضرت امير المؤمنين علي المرتضيٰ عليه السلام**: از، حضرت قلندر لعل شهباز، عثمان مروندي، سنڌي ترجمو بمع مختصر سوانح حيات قلندر لعل شهباز، حڪيم غلام محمد سومرو عرشي. ڇاپو نامعلوم، سال 2001ع، عرشي پبليڪيشن پرياشهر.

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل شهباز جي اُها منقبت پيش ڪئي ويئي آهي، جيڪا حضرت علي ڪرم الله وجه جي شان ۾ آهي، اِنهي جي مترجم نثر ۾ سنڌي ترجمو بہ ڏنو آهي.

**7. سيرت، تعليمات، مڪمل ڪلام حضرت عثمان مروندي المعروف شهباز قلندرؒ**: مرتب ۽ مترجم بشير احمد قادري، ڇاپو نامعلوم، سال 2003ع، فيضان اڪيڊمي لاهور.

هي ڪتاب اردو ۾ آهي، هِن ڪتاب جي زياده صفحن تي مرتب، قلندر لعل شهباز جي تفصيلي سوانح ڏني آهي ۽ اُن کان پوءِ چند صفحن تي قلندر لعل شهباز جو ڪلام ڏنو آهي ۽ پوءِ عليحده ان جو منظوم اردو ترجمو بہ ڏنو آهي.

**8. حيات قلندر شهبازؒ**: از پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر سنڌي، ڇاپو پهريون 2006ع، قومي اداره براءِ تحقيق تاريخ و ثقافت سينٽر آف ايڪسيلينس قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد.

هيءُ ضخيم ڪتاب اردو ۾ آهي. هن ڪتاب جي شروع ۾ 180 صفحن تائين، قلندر لعل شهباز جي سوانح ۽ ڪلام تي مفصل روشني وڌي ويئي آهي، اُن بعد قلندر شهباز جو ڪلام ڏنو ويو آهي. ڪلام سان گڏوگڏ مترجم طرفان اُن جو اردو نثري ترجمو بہ ڏنو ويو آهي.

**9. شرح ديوان حضرت لعل شهباز قلندرؒ**: مرتب، مترجم ۽ شارح، محمد علي چراغ. ڇاپو نامعلوم، سال 2008ع، نذير سنز پبلشرز لاهور.

هيءُ ضخيم ڪتاب اردو ۾ لکيو ويو آهي. ڪتاب جي شروع ۾ قلندر لعل جي مختصر سوانح ڏنل آهي ۽ اُن بعد قلندر شهباز جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ اُن جو اردو نثري ترجمو ۽ شرح، مترجم ۽ شارح طرفان ڏني ويئي آهي.

**10. ديوان قلندر، حضرت قلندر لعل شهباز کا فارسي کلام اردو ترجمي کي ساتهہ**: مرتب ۽ مترجم، مشتاق مسرور باريچو، ڇاپو پهريون 2010ع، اسد بوڪ ڊپو حيدرآباد.

هن اردو ڪتاب جي شروعاتي 34 صفحن تي قلندر شهباز جي سوانح ڏنل آهي ۽ اُن کان پوءِ قلندر لعل جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ مترجم طرفان اُن جو اردو ۾ نثري ترجمو ڏنو ويو آهي(20).

**11. سوانح حيات حضرت لعل شهباز قلندر مع شاعري**: مرتب ۽ مترجم، خيرمحمد ٻرڙو سيوهاڻي و بشير سيتائي. ڇاپو پهريون 2013ع، مراد پبليڪيشنز سيوهڻ سنڌ.

هيءُ ڪتاب اردو ۾ آهي، جنهن جي شروعاتي 74 صفحن تي قلندر لعل جي سوانح ۽ ڪلام تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي ۽ اُن کان پوءِ قلندر شهباز جو ڪلام ڏنو ويو آهي. ڪلام سان گڏوگڏ اُن جو منظوم اردو ترجمو بہ ڏنو ويو آهي.

خير محمد ٻرڙي سيوهاڻي جو هيءُ اردو ڪتاب 'حضرت لعل شهباز قلندر کي سوانح اور شاعري'، جي نالي سان بہ 2013ع ۾ شايع ٿيو آهي. اشاعت جو هنڌ معلوم نہ ٿيو آهي(21).

**12. مي رقصم، فيض قلندر** *(حضرت لعل شہباز قلندر کا فارسی کلام مع اردو سندھی اور انگریزی ترجمہ)*: مرتب ۽ مترجم منور علي مهيسر، ڇاپو پهريون 2018ع، محڪمئہ اوقاف حڪومت سنڌ ڪراچي.

هن ضخيم ڪتاب جي شروع وارن چند صفحن تي قلندر لعل جي ڪلام متعلق تعارف ڏنو ويو آهي ۽ اُن بعد قلندر شهباز جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ ان جو منظوم سنڌي ترجمو، پوءِ وري قلندر لعل جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ ان جو اردو منظوم ترجمو ۽ وري قلندر لعل جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ ان جو منظوم سنڌي ترجمو ڏنو ويو آهي، باقي انگريزي ترجمي جو نالو ئي ڪونهي. صرف ڪتاب جي آخر ۾ چند صفحن تي قلندر لعل جي سوانح ۽ ڪلام جي باري ۾ انگريزيءَ ۾ تعارف پيش ڪيو ويو آهي.

**13. سوانح شهباز، ديوان قلندر**: مرتب ۽ مترجم، تاج محمد راهي، ڇاپو پهريون ۽ سال لکيل ڪونہ آهي، جنيد بوڪ ڊيپو سکر.

هن مختصر اردو ڪتاب ۾ قلندر شهباز جي سوانح بلڪل نہ ڏنل آهي، بلڪ شروع کان آخر تائين قلندر شهباز جو ڪلام ۽ اُن سان گڏ، مترجم طرفان اُن جو منظوم اردو ترجمو ڏنو ويو آهي.

**14. قلندر جو ڪلام**: مرتب اجمل بيگ مرزا(22). هيءُ ڪتاب شايد قلمي صورت ۾ آهي، جنهنڪري هن جي وڌيڪ ڪيفيت معلوم نہ ٿي سگهي.

**15. قلندر شهباز جو قصيدو**: مرتب نامعلوم، هيءُ ڪتاب قلمي صورت ۾ آهي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري جي لائبريري ۾ موجود آهي. هن جا 16 صفحا آهن(23).

**16. ديوان محمد عارف سيوستاني**: مصنف ۽ مرتب نا معلوم.

هن ديوان جو نسخو بہ قلمي صورت ۾ آهي. هن نسخي جي باري ۾ مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو تہ، "ڪيس محمد عارف سيوستاني جو ديوان نظر مان گذريو، جنهن ۾ سندس هئي ڪلام سان گڏ، مخدوم لعل شهباز جون مداحون ۽ وعظ نصيحت وغيره چيل آهي (24)."

## قلندر لعل شهباز جي سوانح ۽ شاعري متعلق لکيل فارسي ڪتاب:

**17. تذڪره مشائخ سيوستان**: از: عبدالغفور سيوستاني، مرتب- سيد حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، سنڌي ترجمو، نياز همايوني، ڇاپو پهريون 2010ع، شهباز ميلا ڪميٽي ضلع حڪومت ڄامشورو.

هن تذڪري ۾ قلندر لعل شهباز ۽ سيوهڻ جي چند ٻين مشائخن جي سوانح ڏنل آهي. هيءُ فارسي تذڪرو 1039هه ۾ لکيو ويو. سڀ کان پهريائين پير حسام الدين راشدي هن کي ايڊٽ ڪري، رسالي 'مهراڻ' نمبر 3-4، سال 1974ع ۾ شايع ڪرايو. بعد ۾ نياز همايوني هن تذڪري جو سنڌي ترجمو ڪيو. اِهو ترجمو بہ رسالي 'مهراڻ' نمبر 3-4، سال 1979ع ۾ شايع ٿيو. تازو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي، هن تذڪري کي فارسي متن سان گڏ مذڪوره سنڌي ترجمي سميت ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو(25).

**18. يمن البرڪت**: از مهتہ مولچند.

هن قلمي ڪتاب متعلق پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ، "هي رسالو 1072هه ۾ تاليف آهي. هي ڪتاب فارسي ۾ سيوهڻ جي هڪ اهلِ علم ۽ صوفي منش هندو تاليف ڪيو آهي. 217 صفحن تي آهي. اَبتدائي چند ورقن تي مختلف شاعرن جا چند غزل، رباعيون، فرد، قطعا ۽ قصيدا آهن، جن مان ڪي قصيدا لعل شهباز جي مدح ۾ آهن، جيڪي ڪرپال نالي هڪ هندو شاعر جا تصنيف آهن. سڪر جي خواجہ خضر واري آستان تي، سنڌو درياءَ ۽ ٻين هندو تيرٿن تي پڻ قصيدا آهن.

هيءُ ڪتاب مرحوم ڊاڪٽر داؤدپوٽي 22- مارچ 1958ع تي سنڌي ادبي بورڊ کي هديتاً ڏنو هو. ڪتاب ۾ قلندر لعل سيوهاڻي جي سوانح آهي، جيڪا غير مستند ۽ ڏند ڪٿائن تي مشتمل آهي. مؤلف پنهنجي خاندان جو شجرو ڏنو آهي. ڪتاب ۾ درگاهہ سان هندن جي تعلق تي ڪافي معلومات آهي(26)."

خير محمد برڙي سيوهاڻي، ڊاڪٽر مخمور بخاري ۽ چند ٻين اديبن هن قلمي رسالي جو

نالو 'رسالا سوانح قلندر' لکيو آهي(27). هن جو قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريريءَ ۾ آهي(28).

**19. تذڪره اولياءِ سيوستان**: مؤلف نامعلوم.

هن تذڪري ۾ به سيوهڻ جي ٻين بزرگن سان گڏ، قلندر لعل شهباز جو احوال به ڏنو ويو آهي. هن متعلق پير حسام الدين راشدي لکيو آهي ته، "هن جو نالو تذڪره حبيبيه ۾ ميان مير سيوستاني (لاهوري) جي سلسلي ۾ آيو آهي (29)." هي نسخو 20 ناياب آهي. حالات بزرگان سيوستان، مؤلف نامعلوم.

هيءُ قلمي ڪتاب به ناياب آهي(30). هن ڪتاب ۾ به سيوهڻ جي ٻين بزرگن سان گڏ قلندر لعل شهباز جو احوال به شامل آهي.

**21. تذڪره قلندري**: مؤلف نامعلوم.

هن تذڪري متعلق سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو ته، "حضرت قلندر لعل شهباز جي سوانح ۽ ڪرامتن تي مشتمل آهي. هيءُ ڪتاب نهايت غير مستند ۽ غير معتبر آهي. راقم وٽ هن جو نسخو آهي. تصوف جي تاريخ جي لکندڙن لاءِ سرسري مطالعو ضروري آهي(31)."

**22. قلندرنامه**: از: مخدوم عبدالواحد ثاني سيوستاني.

قلندر لعل شهباز جي سوانح تي هي ڪتاب مخدوم عبدالواحد ثاني (متوفي 1224هه) لکيو، جيڪو هن وقت ناياب آهي. پير حسام الدين راشدي هن قلمي ناياب ڪتاب متعلق لکي ٿو ته "تذڪره حبيبيه ۾ هن جو ذڪر آيو آهي. قلندر لعل شهباز ۽ سندس مريدن جي سوانح تي مشتمل آهي (32)."

**23. تذڪره مشاهير سيوستان**: از: شرف الدين سيوستاني(33).

هن قلمي تذڪري ۾ سيوهڻ جي ٻين بزرگن سان گڏ، قلندر لعل شهباز جو احوال به ڏنل آهي. هيءُ نسخو به ناياب آهي.

**24. لال شهباز قلندر (عثمان مروندي)**:

از: پروفيسر نبي بخش قاضي، ڇاپو نامعلوم، سال 1352هه، موسسه فرهنگي منطقه ئي تهران (ايران).

**25. لعل شهباز قلندر**: از مهر ماهه. ڇاپو ۽ سال نامعلوم. موسسه فرهنگي منطقه ئي تهران (ايران)(34).

**26. قلندر نامه**: مؤلف نامعلوم

هيءُ ڪتاب شايد قلمي صورت ۾ آهي ۽ ناياب آهي. هن متعلق خيرمحمد ٻرڙو سيوهاڻي لکي ٿو ته، "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هن جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي(35)."

**27. قلندر لعل شهباز**: مؤلف نامعلوم.

هيءُ ڪتاب قلمي نسخي جي صورت ۾، ڊاڪٽر رضي الدين صديقي ميموريل لائبرري، قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ موجود آهي(36).

**28. قلندر نامه**: از راڌو ڀڳوانداس.

هيءُ ڪتاب 'هندي' ۾ لکيل آهي(37). شايد اڻڇپيل ۽ ناياب آهي.

**29. رسالہ حضرت قلندر لعل شهباز مرونديؒ**: اردو، پنجابي، سرائيڪي، سنڌي بيتن ۾، مصنف، فقير احسان دل رحماڻي، ڇاپو پهريون 1968ع آر.ايچ.احمد اينڊ برادرز حيدرآباد.

هن ڪتاب ۾ مصنف، مٿي ڄاڻايل ٻولين ۾ قلندر لعل شهباز جي بارگاهه ۾ نذرانهءِ عقيدت پيش ڪيو آهي.

**حضرت قلندر لعل شهباز جي سوانح ۽ شاعريءَ متعلق لکيل سنڌي ڪتاب:**

**30. مخزن راز، تذڪره شهباز**: مصنف، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، سال 1904ع ۾ پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور ڇاپيو(38). هن جو ٻيو ڇاپو پڻ، سال 1912ع ۾، پوڪرداس شڪارپور وارن ئي شايع ڪيو(39). خيرمحمد ٻرڙو سيوهاڻي، هن ڪتاب کي فارسي ڄاڻايو آهي ۽ قلمي لکيو آهي ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي کي هن ڪتاب جي مصنف بجاءِ مترجم لکيو آهي(40). منهنجي ڄاڻ مطابق اِها سندس غلطي آهي.

هن ڪتاب جو هڪ ڇاپو 'قلندر نامه (احوال لعل شهباز قلندر)' جي نالي سان، سال 1914ع ۾ سڪر مان به شايع ٿيو، جنهن متعلق مسز شمس

**40. دل جو آواز، مدح قلندر لعل شهباز**: مصنف: حسين بخش خادم سروري، ڇاپو پهريون 1964ع، امين منزل حيدرآباد.
هن ڪتاب ۾ قلندر لعل شهباز جي بارگاهه ۾ مصنف، منظوم خراج عقيدت پيش ڪيو آهي(47).

**41. ضياءِ قلندر**: از: رئيس ضياءالدين بلبل، ڇاپو پهريون 1965ع، قلندر شهباز ميموريل ڪميٽي سيوهڻ.
هن ڪتاب ۾ مضمون ۽ مقالا ۽ قلندر شهباز جي بارگاهه ۾ شاعري به آهي ۽ اِنهيءَ کان علاوه هڪ اردو مقالو به شامل آهي.

**42. سردار قلندر**: مرتب: پروفيسر محبوب علي چنا، ڇاپو سال 1967ع، قلندر شهباز ميموريل ڪميٽي سيوهڻ.
هيءُ ڪتاب قلندر لعل شهباز جي 712 سالا ورسيءَ تي پڙهيل مضمونن، مقالن ۽ شاعريءَ جو گلدستو آهي، جيڪو سندس 714 سالا ورسيءَ جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

**43. شهباز قلندر**: مرتب: علي محمد چنا، سال 1968ع، ڊائريڪٽر آف انفارميشن حيدرآباد.
هيءُ ڪتاب قلندر لعل شهباز متعلق مضمونن، مقالن ۽ شاعريءَ جو مجموعو آهي.

**44. قلندر لعل سيوهاڻي**: مرتب: تاج صحرائي، ڇاپو 1969ع، قلندر شهباز ميموريل ڪميٽي دادو.
هن ڪتاب ۾ حضرت قلندر لعل شهباز متعلق مضمون ۽ شاعري ڏنل آهي.

**45. سنڌڙي جو شهباز**: مرتب: تاج صحرائي، ڇاپو سال 1971ع، قلندر شهباز يادگار ڪميٽي دادو.
هي ڪتاب مخدوم قلندر لعل شهباز جي 708هين سالانہ ورسيءَ جي موقعي تي پڙهيل نظمن ۽ مقالن جو مجموعو آهي.

**46. گلزار قلندر**: مصنف: ماستر محمد پريل سولنگي سيوستاني، ڇاپو پهريون 1972ع، قلندر شهباز اڪيڊمي حيدرآباد.

**47. سيوهاڻي بادشاهه**: مرتب: پروفيسر محبوب علي چنا، ڇاپو سال 1972ع، قلندر شهباز اڪيڊمي حيدرآباد.
حضرت قلندر لعل شهباز متعلق مضمون ۽ منظوم خراج عقيدت ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

**48. قطب قلندر**: مرتب: حافظ محمد احسن چنا، ڇاپو پهريون سال 1973ع، قلندر لعل شهباز ثقافتي ۽ ادبي ڪميٽي حيدرآباد.
هن ڪتاب ۾ قلندر شهباز جي بارگاهه ۾ مختلف شعراءِ ڪرام جو منظوم خراج عقيدت پيش ڪيل آهي.

**49. ولين جو سرتاج حضرت لعل شهباز قلندر**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو سال 1974ع، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي.

**50. الرحيم (سنڌي) ماهه آگسٽ 1974ع**: مرتب: غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد.
هن رسالي ۾ صرف مرتب جو مقالو ”حضرت قلندر لعل شهباز جي پنهنجي اباڻي وطن کي الوداع ڪرڻ جا اسباب ۽ سنڌ ۾ سڪونت“ ڏنو ويو آهي.

**51. قلندر لعل شهباز رحه**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو سال 1975ع، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي.

**52. ماهوار نئين زندگي ڪراچي**: ماهه آڪٽوبر 1975ع، قلندر لعل شهباز نمبر، پاڪستان پبليڪيشن راولپنڊي.

**53. مظهر قلندر**: (سوونيئر) حضرت قلندر لعل شهباز جي 713هين عرس جي موقعي تي شايع ٿيل، سال 1976ع، محڪمۂ اطلاعات مغربي پاڪستان حيدرآباد
ڪتاب ۾ حضرت قلندر لعل شهباز متعلق مضمون ۽ منظوم خراج عقيدت ڏنل آهي.

**54. ماهوار پيغام ڪراچي**: ماهه آگسٽ 1976ع، قلندر شهباز نمبر، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي.

**55. مخدوم قلندر لعل شهباز مرندي**: از: محبوب علي چنا، ڇاپو ٻيو، سال 1977ع، لعل شهباز قلندر ادبي ۽ ثقافتي ڪميٽي سيوهڻ.

ڪتاب قلندر لعل شهباز جي 724هين سالا ورسيءَ جي موقعي تي شايع ڪيو ويو آهي، هن جو پهريون ڇاپو 1962ع ۾ شايع ٿيو هو.

**56. ماهوار نئين زندگي ڪراچي**: ماهه آگسٽ 1977ع، شهباز قلندر نمبر، پاڪستان پبليڪيشن راولپنڊي.

**57. ماهوار پيغام ڪراچي**: ماهه جولاءِ 1978ع، قلندر لعل نمبر، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي.

**58. ماهوار پيغام ڪراچي**: ماهه جولاءِ 1979ع، قلندر لعل شهباز نمبر، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي.

هن رسالي ۾ قلندر لعل متعلق مضمون، مقالا ۽ شاعري ڏنل آهي.

**59. سخي شهباز قلندر**: مرتب: تاج محمد صحرائي، ڇاپو سال 1980ع، محڪمئہ اوقاف سنڌ حيدرآباد.

ڪتاب ۾ قلندر شهباز جي باري ۾ مضمون، مقالا شاعري ڏنل آهي.

**60. ماهوار نئين زندگي ڪراچي**: ماهه جولاءِ 1980ع، شهباز قلندر نمبر، پاڪستان پبليڪيشن اسلام آباد.

**61. ماهوار پيغام ڪراچي**: ماهه جولاءِ 1980ع، قلندر شهباز نمبر، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي.

**62. دربار قلندر**: از: عنايت الله پنهور، ڇاپو ٻيو، سال 1981ع، سيوهڻ.

**63. قلندر شهباز**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو، سال 1985ع، اطلاعات کاتو؟(48)

**64. سخي شهباز قلندر**: مرتب: شمس جعفرائي ۽ تاج صحرائي، ڇاپو، سال 1986ع، قلندر شهباز ميلا ڪميٽي؟

ڪتاب ۾ قلندر لعل متعلق مضمون، مقالا ۽ شاعري آهي.

**65. حيات قلندر**: از: ڊاڪٽر سيد حيدر مهدي نقوي، ترجمو شاهه محمد بلوچ، ڇاپو پهريون 1986ع، مڪتبئہ طوسي حيدرآباد.

**66. لاکيڻو لعل قلندر**: مرتب: تاج صحرائي ۽ نواز علي پنهور، ڇاپو، سال 1988ع، شهباز ميلا ڪميٽي دادو.

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل شهباز متعلق مقالا، مضمون ۽ شاعري پيش ڪئي ويئي آهي.

**67. قلندر لعل سيوهاڻي**: از: مولوي عبدالحئي شڪارپوري، ڇاپو؟ 1989ع، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور.

**68. قلندر لعل سيوهاڻي**: مرتب: تاج صحرائي، ڇاپو، سال 1990ع، شهباز ميلا ڪميٽي سيوهڻ.

هن ڪتاب جي شروع ۾ قلندر لعل شهباز جي سوانح متعلق چند مقالا ۽ مضمون ڏنل آهن، اُن کان پوءِ چند مضمون ۽ مقالا سنڌ جي تاريخ جي مختلف پهلوئن جي متعلق پڻ شامل آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ قلندر لعل جي بارگاهه ۾ مختلف شاعرن جو نذرانہ عقيدت پيش ڪيل آهي.

**69. حضرت لعل شهباز قلندر**: از: مشتاق مسرور باريچو، ڇاپو پهريون، 92-1991ع، شمع بڪ ڊيپو حيدرآباد.

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل جي سوانح کان پوءِ آخر ۾ سنڌس جو ڪجهه ڪلام بہ ڏنو ويو آهي.

**70. حضرت عثمان مروندي حسيني لعل قلندر**: مرتب: سيد علي انور شاهه، ڇاپو پهريون 1992ع، اوقاف کاتو حڪومت سنڌ؟

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل جي سوانح متعلق چند مضمون، مقالا ۽ اُن بعد سنڌ جي تاريخ جي مختلف پهلوئن متعلق چند مضمون ۽ مقالا بہ ڏنا ويا آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ قلندر لعل شهباز جي بارگاهه ۾ منظوم نذرانہ عقيدت ڏنل آهي.

**71. سخي شهباز قلندر رحہ**: مرتب: محمد افضل آرائين، سيد محمد احمد جعفري ۽ الله بچايو ميمڻ، ڇاپو پهريون 1993ع، اوقاف کاتو سنڌ؟

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل متعلق مضمون، مقالا ۽ شاعري ڏني ويئي آهي ۽ آخر ۾ هڪ اردو ڪلام ۾ قلندر لعل جي نذر ڪيل آهي.

**72. قلندر ۽ انهن سان لاڳاپيل مسلڪ**: از: سائمن ڊگبي، ترجمو: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڇاپو پهريون 1997ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

هيءُ ڪتاب قلندري مسلڪ جي معلومات تي مشتمل آهي.

**73. سنڌ جا بر بحر ۽ پهاڙ**: از: غلام رباني آگرو، ڇاپو پهريون 1997ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

هن ڪتاب ۾ ٽن وڏن ۽ مشهور بزرگن، حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحه، غوث بهاؤالحق ملتاني ۽ قلندر لعل شهباز جي سوانح ۽ فڪر تي تفصيل سان لکيو ويو آهي.

**74. شهباز قلندر**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو، سال 1998ع، ميلا ڪميٽي سيوهڻ.

ڪتاب موجود نہ هجڻ جي ڪري هن ۾ موجود مواد جي ڄاڻ نہ پئجي سگهي.

**75. سنڌڙي جو شهباز**: از: مشتاق مسرورو باريچو، ڇاپو پهريون 99-1998ع، صداقت بوڪ ڊپو حيدرآباد.

ڪتاب جي سرورق کان پوءِ واري پهرين صفحي تي ڪتاب جو نالو 'دم مست قلندر سنڌڙي جو شهباز رحه (حضرت لعل قلندر جي سوانح حيات ۽ ڪلام)' لکيل آهي. ڪتاب ۾ قلندر لعل جي سوانح ڪانپوءِ ڪتاب جي آخر ۾ قلندر لعل جو ڪجهہ فارسي ڪلام ۽ اُن بعد چند سنڌي شاعرن جو حضرت قلندر جي درگاهہ ۾ منظوم نذرانہ عقيدت بہ شامل آهي.

**76. لعل قلندر جهولي لعل**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو سال 2001ع، ميلا ڪميٽي سيوهڻ.

ڪتاب موجود نہ هجڻ جي ڪري منجهس مواد متعلق ڄاڻ نہ پئجي سگهي.

**77. حضرت لعل شهباز قلندر (زندگيءَ جو احوال ۽ ڪرامتون)**: مرتب: احمد ضيا، ڇاپو پهريون 2002ع، سنڌ بوڪ ڪلب نوابشاهہ، حيدرآباد

**78. مست گيت لعل جا**: از: سڪندر آهہ، ڇاپو پهريون 2002ع، ڪراچي.

هن ڪتاب ۾ مصنف يعني شاعر قلندر لعل شهباز جي بارگاهہ ۾، پنهنجي شاعريءَ جي صورت ۾ منظوم نذرانو پيش ڪيو آهي.

**79. دمادم مست قلندر**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو، سال 2003ع، ميلا ڪميٽي سيوهڻ.

ڪتاب موجود نہ هجڻ جي ڪري منجهس مواد جي ڄاڻ نہ پئجي سگهي.

**80. محمد عثمان مروندي حضرت لعل شهباز قلندر رحه**: مصنف: نورمحمد عباسي، ڇاپو ؟ سال 2002ع، شهيد ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي اڪيڊمي حيدرآباد.

**81. قلندر جا پيغام**: مرتب: احمد ضيا، ڇاپو پهريون 2004ع، سنڌ بوڪ ڪلب نوابشاهہ، حيدرآباد.

**82. لال قلندر جهولي لال**: مرتب: نامعلوم، ڇاپو، سال 2001ع، ميلا ڪميٽي سيوهڻ.(49)

**83. شهباز قلندر (سو وينيئر)**: سال 2006ع، شهباز ميلا ڪميٽي ڄامشورو.

هن سووينيئر ۾ قلندر لعل شهباز جي باري ۾ مضمون، مقالا ۽ شاعري ڏنل آهي.

**84. تذڪره قلندر لعل شهباز رحه**: مرتب: انور ساگر ڪانڌڙو، ڇاپو پهريون 2001ع، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي.

هن ڪتاب ۾ قلندر لعل جي متعلق مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن، ۽ ڪتاب جي آخر ۾ ٻہ عدد اردو مضمون بہ شامل آهن.

**85. قلندر صوفي ۽ ملامتي**: از: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڇاپو پهريون 2001ع، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي.

**86. سلسليوار سنڌڙي جو شهباز قلندر**: (قلندر لعل شهباز نمبر)، ماهہ جولاءِ 2001ع

(هلندڙ)

جي تسلط تائين، تاريخ جي دور ۾ ٺٽو تاريخي توڙي تمدني، تهذيبي، ثقافتي توڙي علمي وادبي ۽ تعليمي ميدان ۾ پنهنجو اعليٰ مقام رکي ٿو.

سمن دورن ۾ مغليہ ۽ ڪلهوڙا دور نہ صرف سنڌ جو بلڪ ٺٽي جو هڪ سونهري دور رهيو آهي. هنن دورن انيڪ علمي ۽ ادبي شخصيتن کي جنم ڏنو. ٺٽي جي انهن تعليمي ماهرن ۾ مخدوم ابوالحسن ٺٽويؒ، مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويؒ، مخدوم معينؒ مخدوم ابولقاسم نقشبنديؒ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ، سيد نظام الدينؒ، قاضي محمد ابراهيم ٺٽويؒ، (مؤخرالذکر بزرگ اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ فتاويٰ عالمگيريءَ جي مؤلفن ۾ شمار ٿين ٿا). مخدوم محمد جلال ڪتيؒ، قاضي ابراهيم ٺٽويؒ، مخدوم محمد صالح ڪڪراليؒ، مخدوم عبداللطيف ٺٽويؒ، مخدوم عبداللهؒ، مولانا محمد محسن صباغ، مولانا غلام علي مداح، مير علي شير قانع ٺٽوي، مشهور مورخ ۽ عالم مولانا مير محمد جلال ٺٽويؒ، مولوي نجم الدين عزلت مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جو پاٽيجو دائود عباسي ۽ مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ ٺٽويؒ جا نالا قابل ذڪر آهن(9).

ٺٽي لاءِ اهو مشهور آهي تہ اهو شهر عالمن اديبن، مؤرخن، انشاء پردازن ۽ شاعرن سميت مسجدن ۽ مدرسن جو شهر هو. هن شهر جي هر گلي هر ڪوچو، هر چوڪ ۽ هر چوراهو غرض تہ ٺٽي شهر جي چپي چپي تي علم و ادب جو دور دوران هو. هر وقت هر ماڻهوءَ جي زبان تي علم وَ ادب جو ورد هو. گويا ڪہ هر ماڻهوءَ جي بيٺڪ ۽ اوطاق بہ اڄڪلهہ جي هڪ عاليشان مدرسي يا اسڪول جو ڪم ڏيندي هئي. ٺٽي ضلعي جي قديم مدرسن ۾ نہ صرف ديني ۽ اسلامي تدريس ڏني ويندي هئي. بلڪ هتي جي مدرسن ۾ ٻين ڪمن جا پڻ ورڪشاپ قائم هئا. جهڙوڪ: علم طب وَ حڪمت، ڪيميا، ڪپڙي سازي، (ڪپڙو اُڻڻ) زمين ۾ هر هلائڻ ۽ پوک ڪرائڻ، تڏا ۽ توريون ڪان وٺي واڍڪي هنر تائين، مطلب تہ هر قسم جو هنر پڻ سيکاريو ويندو هو. ايستائين جو شاگردن کي ڪاغذ ٺاهڻ جو طريقو ۽ اڻ مِٽ مس ٺاهڻ جو طريقو پڻ سيکاريو ويندو هو. انهيءَ ڪان سواءِ هر شاگرد جيڪو چڱيءَ طرح لکي پڙهي سگهندو هو، ان کي پنهنجي جماعت جي درسي ڪتابن مان ملنڊڙ هر روز واري سبق جون 3 عدد ڪاپيون لکي اچڻ جو استاد پاران حڪم هوندو هو. اهڙي طرح جڏهن شاگرد اها جماعت پوري ڪند هو تہ انهيءَ جا 3، 3 عدد ڪتاب لکجي تيار ٿي ويندا هئا. انهن ٽن، ٽن ڪتابن مان هڪ ڪتاب شاگرد کي ڏنو ويندو هو ۽ هڪ ڪتاب مدرسي جي ڪتب خاني لاءِ هوندو هو ۽ هڪ ڪتاب وڪرو ڪري مدرسي جو خرچ پکو پورو ڪيو ويندو هو. (10)

انهن مٿين حالتن کي سامهون رکندي مشهور انگريز مؤرخ اليگزينڊر هئملٽن 1499ع ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ: ’ٺٽو‘ هڪ عظيم شهر آهي، جيڪو ساڍا ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو آهي. ان ۾ (400) چار سئو مدرسا هئا، ۽ پوري ٺٽي پرڳڻي جي آسپاس جي ننڍن، وڏن، شهرن توڙي ٻهراڙي ۾ پڻ وڏا وڏا تعليم گهر موجود هئا، جتي عربي، فارسيءَ سميت سنڌيءَ ۾ پڻ تعليم ڏني ويندي هئي(11). ان بهترين تعليمي تربيت جي ڪري ئي هي خطو بهترين عالمن، اڪابرن کان علاوه بهترين ڪاتبن جي ڪري شهرت رکندو هو. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ٺٽي جي هڪ عالم ابوالعلماء مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جو هڪ وڏو احسان هيءُ آهي، جو مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ جي سنڌيءَ کان پوءِ مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ پنهنجي سنڌي (جنهن کي عام طرح (مقدمہ الصلواة يا ابوالحسن جي سنڌي) چيو وڃي ٿو. جوڙي، جيڪا ان زماني کان وٺي ماضي قريب تائين بہ سنڌ جي مدرسن ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ نصاب طور جاري رهي ۽ اهوئي مخدوم ابوالحسن هو، جنهن صاحب پنهنجي سنڌيءَ ۾ الف- بي جي سنڌيءَ واري الفابيٽ جي پٽي جوڙي ۽ مخدوم صاحب جو سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ وڏو ڪارنامو ۽ هڪ وڏو احسان مڃيو وڃي ٿو. انهيءَ الف- ب واري فارمولي کي اڳتي هلي مقبوليت جو درجو پڻ مليو. هن وقت بہ سندس اهو ڪارنامو پوري سنڌ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي رهيو آهي.

انگريزن جڏهن سنڌ تي 1843ع ۾ پنهنجو قبضو ڄمايو ته انهن سنڌي زبان جي ترويج ۽ ترقيءَ لاءِ به هڪ پاليسي ٺاهي، جنهن تحت تعليم لاءِ مادري زبان کي اهميت ڏني ويئي. سنڌيءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن 1853ع ۾ هڪ رسم الخط منظور ڪيو، جيڪو اڄ به رائج آهي ۽ حقيقت ۾ اهو ڪارنامو به ٽن جي ماهر تعليم عالمن جو آهي.

سنه 1853ع کان جيئن سنڌي ٻوليءَ جي ترويج ۽ ترقيءَ لاءِ اُپاءَ ورتا ويا، تيئن ماڻهن ۾ سنڌي تعليم عام ڪرڻ لاءِ به اهڙا نصابي ڪتاب به پهرين درجي کان پنجين درجي تائين پرائمري سطح تي مرتب ڪيا. انهيءَ مٿين پاليسي منظور ٿيڻ کان جلد پوءِ تقريباً چار سالن اندر، سنه 1857ع ۾ انگريز حڪمرانن پنهنجي صحي سان هڪ پٽرنامو جاري ڪيو ته ”هاڻي سنڌي ماڻهو پنهنجون درخواستون وغيره فارسيءَ جي بجاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکن ۽ دفتري ڪم ڪار ۾ فارسي زبان ۾ لکيل درخواست يا ڪنهن به لکپڙهه جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ضرور لکي موڪلين“(12). ان کان علاوه سال 1866ع ڌاري بمبئي سرڪار پاران قاعدن جو هڪ ڪتاب تعليم کاتي جي آفيسر ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جي دفتر ۾ هڪ سرڪيولر سان گڏ موڪليو ويو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته 8 جولاءِ 1858ع ۽ 26 تاريخ نومبر 1863ع وارا تعليمي قاعدا رد ڪيا ويا آهن ۽ اهڙو ليٽر هنن ٽني سرڪار کي پڻ نمبر: 249 سان ۽ ڪليڪٽر ڪراچي کي ساڳئي سال 1866ع ليٽر نمبر 385، مطابق حڪم ڪيو ته هاڻي سنڌي تعليم کاتي ۾ تعليم جي ڪورس کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(ا) پهرئين، ٻئي، ٽئين، ۽ چوٿين درجي تائين حد مقرر ڪئي ويئي آهي، جيڪا هيٺين طور بيان ڪئي وڃي ٿي، ڏيهي مڪتبن لاءِ پهرئين درجي جي حد هن طرح بيان ڪئي وئي آهي:

**پهرين درجي جي حَدَ**

1- قلم- انگي حساب، 2. قلم هِجي لکڻ، 3. قلم. پهريون ۽ ٻيو ڪتاب پڙهڻ، 4 ڪوڙا ۽ جوڙ.

**ٻئي درجي جي حَدَ**

1. قلم- انگي حساب- پهريان چار قاعدا- 2 قلم- (الف) سَهنجا لفظ لکڻ، (ب) ٽيون ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ.

**ٽئين درجي جي حَدَ**

1. قلم- انگي حساب- ته رقميءَ تائين. 2 قلم- وڏي درجي جي ڪنهن مڪتبي ڪتاب مان مُسودو لکڻ، 3. قلم- چوٿون ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ.

**چوٿين درجي جي حَدَ**

1. قلم- انگي حساب سڄو، 2. قلم ڏيهي ٻولي مان مسودو. 3. قلم- (الف) ڏيهي ٻوليءَ جو ڪو به رواجي ڪتاب يا اخبار پڙهڻ. (ب) مڪتبي (اسڪولي) عام ڪتاب مان ڏيهي ٻولي جي نظم جو نثر لکڻ. 4. قلم- (الف) ڏيهي ٻولي جو صرف نحو وغيره.

(ب) اينگلو ورنيڪيولر يعني انگريزي ڏيهي- مڪتبن (اسڪولن) لاءِ جيڪا تعليمي نصاف جي حد مقرر ڪئي ويئي آهي. اها هن ريت آهي.

**پهرئين درجي جي حَدَ**

1. قلم- انگي حساب جا پهريان چار قاعدا. 2. قلم- انگريزي. (الف) پهريون ۽ ٻيو ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ- (ب) سهنجن (سَوَلن) لفظن جي هِجي ڪرڻ. (ٿ) ٿلهي خط جي مشق لکڻ، 3. قلم- ڏيهي زبان، (الف) ٽيون ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ (ب) سهنجا لفظ لکڻ.

**ٻئي درجي جي حد**

1. قلم- انگي حساب- مٿي ۽ چار گڏيل قاعدا- 2. قلم. انگريزي (الف) ٽيون ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ

(ب) پورو پنو لکڻ (ٿ) صرف نحو مان ڳالهائڻ جي لفظن جون پُريون سمجهائڻ (ج) ڇوٿون ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ، (ب) لکڻ (ٿ) صرف نحو مان صرف ۽ نحو مان نحو.

### ٽئين درجي جي حَدَ

1. قلم- انگي حساب. ٽ رقمي ۽ وياج سوڏو،
2. قلم- انگريزي.
(الف) ڇوٿون ڪتاب پڙهي- انگريزي- خواهه ڪنهن ڏيهي ٻوليءَ ۾ زباني مطلب ٻڌائڻ.
(ب) سهنجن جملن جي ترڪيب ڪرڻ (ٿ) سنهو اکر موچارو لکڻ.
3. قلم- ڏيهي ٻولي- (الف) وڏي درجي جا ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ.
(ب) سهنجو سودو لکڻ (ٿ) سهنجي ترڪيب ڪرڻ (ج) ڪنهن بہ عام مکتبي ڪتاب مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري لکڻ.

### چوٿين درجي جي حَدَ

1. قلم رياضي. (الف) انگي حساب پنج رقمي ۽ اٿپور ڏهائي تائين.
(ب) تحرير اقليدس جي پهرئين ڪتاب مان ڏهہ سڏيان (ٿ) الجبراء ضربَ ۽ ڪَٽَ تائين.
2. قلم- انگريزي، (الف) وڏي درجي جا ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌائڻ (ب) مسودو ۽ چڱا اکر لکڻ (ٿ) صرفَ نحو مان نحو جا عام قاعدا.
3. قلم- ڏيهي ٻولي، (الف) ڪنهن بہ مکتبي (اسڪولي) وڏي درجي جي ڪتاب مان انگريزي مان ڏيهي ٻوليءَ ۾ يا ڏيهي ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو.
(ب) مٿئين ڪتاب مان مسودو لکڻ، (ٿ) جملي جو صرف و نحو.

### پنجين درجي جي حَدَ

1. قلم- رياضي: (الف) انگي حساب سڄو، (ب) تحرير اقليدس جو پهرين ڪتاب ۽ ان تان ٻيا سهنجا سڏيان ڪرڻ. (ٿ) آلجبرا هڪ سگهہ جي مساوات تائين.
1. قلم- ابگريزي: (الف) چڱن مصنفن جا سهنجا ڪتاب پڙهي مطلب ٻڌاءِ. (ب) نظم يا نثر سمجهائڻ، (ٿ) صرف نحو ۽ جملن جي تفريق ڪرڻ. 2. قلم- ڏيهي ٻولي:
(الف) ترجمو انگريزيءَ مان ڏيهي ٻوليءَ ۾ ۽ ڏيهي ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ. (ب) مکتبي عام ڪتابن مان ڏيهي ٻوليءَ جي نظم جو نثر ۾ ترجمو ڪرڻ.
(ٿ) ڏيهي ٻوليءَ جو صرف نحو ۽ اصطلاح.

### ڇهين درجي جي حَدَ

67 -1866ع ڌاري ڇهين درجي جي حد ۾ طالب علم (شاگرد) کي مئٽريڪيوليشن جو امتحان ڏياريو ويندو هو، ۽ ان لاءِ هڪ وضاحت اها بہ ڪئي ويئي آهي تہ چوٿين ۽ پنجين درجي جي حَدن جو امتحان انگريزيءَ ۾ هلائبو(13).

مٿئين صورتحال مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽئي ضلعي اندر تعليمي طريقي ڪار ڪيئن هلايو ويندو هو؟ ۽ شاگرد کي چوٿين ۽ پنجين درجي تائين بہ انگريزيءَ جي تعليم جو رواج قانوني طور هو. انهيءَ ڪتابچي اندر اهو بہ لکيل آهي تہ ڇهين درجي جي امتحان کان پوءِ مئٽريڪيوليشن جي امتحان ڏيارڻ بعد جلد ئي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن کي درخواست سان گڏ و گڏ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار جي سرٽيفڪيٽ

جو نقل بہ چوڪرن کي ڏنو ويندو هو. جيئن هو اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهي(14). اوهان مٿي معلوم ڪري آيا آهيو تہ 1853ع کان وٺي 67- 1966ع تائين ٿٽي ضلعي اندر پهرئين کان پنجين درجي ۽ ڇهين درجي تائين، پرائمري سطح کان مٿي نيم سيڪنڊري تعليم تائين تعليم جو معيار سنڌي فائينل (سَتَ 7 درجن) مقرر ٿيڻ کان اڳ جيڪو تعليمي نظام 67- 1966ع تائين ڪم ۽ بيش هڪ سؤ سالن تائين جاري ڪيو ويو، وري سنڌي فائينل واري سلسلي کي ختم ڪري ان کي سيڪنڊري مڊل ڪلاس جو درجو ڏنو ويو ۽ پرائمري کي صرف پنجين درجي جي حد تائين برقرار رکيو ويو. ٺٽي ضلعي ۾ سيڪنڊري تعليم جو دور دوران وري 1935ع کان اي.وي اسڪولن ذريعي شروع ڪيو ويو، جنهن تحت سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ جي تعليم پڻ ڏني ويندي هئي ۽ اهو سلسلو 53- 1952ع تائين جاري رهيو. ان بعد علائقي اندر جتي شاگردن جي گهڻائي هئي، اتي مڊل اسڪول کيا ويا. هتي جيستائين پرائمري اسڪولن جو تعلق آهي، ان لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هن ضلعي اندر پهريائين مڪتب اسڪول هوندا هئا، جتي ديني تعليم جو بہ بندوبست رکيو ويندو هو ۽ پوءِ تقريباً 1871ع- 1873ع کان پرائمري اسڪول شروع ٿيا ۽ انهن ئي اسڪولن ۾ بعد ۾ 1935ع کان اي- وي اسڪول کوليا ويا. ٺٽي ضلعي جي پنجن شهرن: سجاول، ميرپور بٺوري، جاتي، چوهڙ جمالي ۽ ميرپور ساڪري ۾ ورنيڪل اسڪول کوليا ويا. جڏهن تہ ٺٽي شهر ۾ باقاعده مڊل اسڪول قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻين شهرن جا شاگرد، پنهنجي شهر جي اسڪولن مان تعليم پرائي ٺٽي ۾ مڊل اسڪول جو امتحان ڏيڻ بعد مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ڏيڻ ويندا هئا.

جيستائين تعليمي سهولتن جو ضلعي ۾ تعلق آهي تہ هڪ سروي موجب هڪ 1986ع تائين ملندڙ انگن اکرن مطابق 766 پرائمري اسڪول، 34 مڊل اسڪول، 15 هاءِ اسڪول، 2 گرلس اسڪول، 2 ڪاليج، 1 ڪمرشل انسٽيٽيوٽ، 2 ووڪيشنل اسڪول ۽ هڪ نارمل ٽيچرس ٽريننگ اسڪول ڪم ڪري رهيا هئا. ان کان سواءِ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جا ٺٽي، سجاول ۽ ٽنڊو خواجہ ۽ چوهڙ جماليءَ ۾ سينٽر قائم ٿيل آهن(15).

**(1) پرائمري ايجوڪيشن:**

1- اي- وي اسڪولن جو تفصيل: ٺٽي ضلعي اندر جو قيقم 1853ع کان شروع ٿيو. ان ۾ هيٺئين شهرن ۾ اهي اسڪول قائم هئا.

پهريون اسڪول: ميرپور بٺوري ۾ اهو اسڪول سال 59/ 1958ع، 63/ 1962ع تائين جاري رهيو. بٺوري ۾ هاٽوڪي گرلس اسڪول جي ڪنڊ ۾ ٻن ڪمرن تي مشتمل هو، جتي شاگردن کي انگريزي تعليم ڏني ويندي هئي. انهيءَ اسڪول کي اينگلو اسڪول (اي- وي) چوندا هئا. (سائين غلام محمد جوهر کان مليل معلومات 4 فيبروري 2018ع).

ٻيو اسڪول: چوهڙ جمالي شهر ۾ لوڪل بورڊ جي پراڻي مسافرخاني جي ئي وچئين هال ۾ هلندو هو، جيڪو 1961ع تائين جاري رهيو. (راقم جي ذاتي ڊائري ۽ برادرم حزب الله صاحب جي معلومات موجب تاريخ 15 مئي 2018ع.

ٽيون اسڪول: ميرپور ساڪري ۾ قائم هو، جيڪو بہ 62/ 1961ع تائين قائم رهيو.

چوٿون اسڪول: جاتي شهر جي پراڻي پرائمري اسڪول جي هڪ ڪمري ۾ 62/ 1961ع تائين قائم رهيو. (محترم رسول بخش تميمي صاحب وٽان مليل معلومات تاريخ: 2018 .05 .15ع.)

ضلعي اندر ٽوٽل 1945 پرائمري اسڪول قائم آهن، جڏهن تہ اسان سيني پرائمري اسڪولن جو تفصيل وار ذڪر هيٺئين طور چارٽ جي صورت ۾ ڪريون ٿا:

| نمبر جريان | سب ڊويزن | اسڪولن جو تعداد | استاد | سپروائيز | ايل.ايس.او | آر.پي | حاضري/ داخلا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ٺٽو | 429 | 1006 | 9 | 8 | 7 | ڇوڪرا/ ڇوڪريون |
| 2 | ميرپور ساڪرو | 453 | 1037 | 11 | 8 | 10 | 9478 /52724 |
| 3 | سڄاول | 553 | 1278 | 14 | 11 | 11 | |
| 4 | جاتي | 465 | 968 | 9 | 8 | 9 | |
| | ٽوٽل | 1945 | 3289 | 438 | 35 | 39 | |

انهيءَ کان علاوه پرائمري ايجوڪيشن آف انتظاميا طور هيٺيون عملو ڪم ڪري ٿو، جنهن ۾ ضلعي آفيس ۾ هڪ ڊي.اي.او. ان جي انڊر ۾ هر سب ڊويزن تي 4 ايس.ڊي.اي.اوز ڪم ڪن ٿا، جڏهن ته گرلس پرائمري ايجوڪيشن آفيس ۾ به ساڳيو عملو ڪم ڪري رهيو آهي(16).

## (2) سيڪنڊري ايجوڪيشن:

ٺٽي ضلعي ۾ پرائمري ايجوڪيشن جيان سيڪنڊري ايجوڪيشن به هاڻي فعال بڻجي رهي آهي. ضلعي اندر هاءِ اسڪول 35- برانچ هاءِ اسڪول 8 ۽ خانگي هاءِ اسڪولن جو تعداد 5 آهي، جڏهن ته هتي، مڊل اسڪول 44 ۽ برانچ مڊل اسڪول 31 ۽ خانگي مڊل اسڪولن جو تعداد 6 آهي. باقي ضلعي اندر 5 هائير سيڪنڊري بوائز اسڪول ۽ 2 گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول آهن.

انهيءَ کان علاوه هڪ هائير سيڪنڊري اسڪول (بوائز) 15 هاءِ اسڪول 13 مڊل اسڪول پيا به موجود آهن، انهن اسڪولن جون عمارتون ته تيار آهن پر انهن جي SNE نه ملي سگهي آهي. جڏهن ته 2 هائير سيڪنڊري، 3 مڊل اسڪول زير تعمير آهن. ۽ 2 هائير سيڪنڊري اسڪول ۽ 5 هاءِ اسڪول ۽ 7 مڊل اسڪول بغير عمارتن جي هلي رهيا آهن.

ٺٽي ضلعي اندر ٽوٽل منظور هاءِ اسڪولن جي استادن جو تعداد 668 ۽ مڊل اسڪولن جي استادن جو انگ 275 آهي. اسان انهن جو مڪمل ۽ مفصل احوال، ڪم ڪندڙ استادن، خالي جاين ۽ داخلا طور حاضر شاگردن جو تعداد، مڊل توڙي هاءِ اسڪولن جا انگ اکر مختصر جدول ۾ هيٺ ڏيون ٿا.

| جريان نمبر | منظور هاءِ اسڪولن جا استاد | ڪم ڪندڙ استاد | خالي جايون | داخلا |
|---|---|---|---|---|
| .1 | 668 | 524 | 144 | 9962 |
| | منظور مڊل اسڪولن جا استاد | | | حاضري |
| .2 | 275 | 174 | 100 | 4549 |

ٺٽي ضلعي جي مشهور و معروف ۽ وڏن هاءِ اسڪولن ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽو، ضلعي جو سڀ کان وڏو هاءِ اسڪول آهي ۽ ضلعي ۾ ٻيو نمبر هاءِ اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول سجاول آهي. انهيءَ کان سواءِ هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ احمد خان بلوچ، جهرڪ، ميرپور بٺوري، دڙي ۽ چوهڙ جمالي جا نالا قابلِ ذڪر آهن. جڏهن ته ميرپور ساڪرو هائير سيڪنڊري اسڪول به خاص طور تي قابل ذڪر آهي، باقي ٻين هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ SNE وغيره نه اچي سگهي آهي. جڏهن ته گرلس هاءِ اسڪولن مان صرف ميرپور بٺورو ۽ دڙو اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن(17).

## ڪاليج:

ٺٽي ضلعي اندر ٽوٽل 4 ڪاليج موجود آهن، جيڪي شاگردن کي اعليٰ تعليم جون سهولتون مهيا ڪن ٿا. انهن مان ٻه بوائز ڪاليج ۽ ٻه گرلس ڪاليج آهن، هڪ بوائز ڪاليج ٺٽو جيڪو مڪليءَ تي قائم آهي، ۽ هڪ بوائز ڪاليج سجاول ۾ قائم آهي. ٻن گرلس ڪاليجن مان هڪ ڪاليج ٺٽي شهر ۾، ۽ هڪ سجاول شهر ۾ اولڊ چانڊيا هاءِ اسڪول سجاول وٽ ٺهيل آهي، انهن مذڪوره ڪاليجن ۾ هزارين نياڻيون توڙي ڇوڪرا تعليم جي زيور سان مالا مال ٿين ٿا.

ٺٽي ضلعي اندر پرائمري استادن جي ٽريننگ ۽ سکيا لاءِ ميرپور بٺوري ۾ نان فارمل ٽيچرس ٽريننگ اسڪول قائم آهي، جيڪو گهڻي وقت کان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

ٺٽي ضلعي جي مشهور تعليمي ماهرن ۽ استادن جو هتي ذڪر نه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، انڪري هتان جي انيڪ تعليمي ماهرن ۽ تعليمي محسنن جو ڪجهه نموني طور ذڪر ڪجي ٿو(18).

هتان جي بيشمار اعليٰ تعليم يافته ۽ اعليٰ تعليمي استادن ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جيڪو ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ٿي رهيو ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جو وائيس چانسيلر به ٿي رهيو ۽ وفاقي وزير تعليم (پي.پي.پي گورنمينٽ ۾ رهيو) طور به گهڻو عرصو ڪم ڪري چڪو. پاڻ اعليٰ ايجوڪيشن کي اڳتي وڌائڻ خاطر سنڌي پرائمري تعليم ۾ انگريزي (ڪي- جي=KG) جو رواج عام ڪرڻ لاءِ اهڙي پاليسي پڻ جوڙيائين، ليڪن ان تي عمل نه ٿي سگهيو. سندس تعلق سجاول (ضلعي ٺٽي) سان هو. پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿو، جيتوڻيڪ سائين حيدرآباد ضلعي جو رهائش پذير هو. (سندس اولاد اڃ به ڏيٿا ۾ رهي ٿو.) پر سندس اصل تعلق ٻيلي، تعلقي سجاول سان آهي. پاڻ نه صرف هڪ خدا ترس انسان هو، پر ان سان گڏوگڏ هڪ بهترين ماهرِ تعليم پڻ هو. نور محمد هاءِ اسڪول، ٽريننگ اسڪول ۽ ٺٽي ڪاليج ۾ استاد ٿي رهيو، 1979ع ۾ سٽي ڪاليج جي پرنسيپال جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا، سندس اصل تعلق شاهبندر (ديرو) پوهه جاتي (ضلعي ٺٽي) سان آهي. پاڻ سنڌ جو هڪ مڃيل ماهرِ تعليم آهي. تعليمي ميدان ۾ سندس خدمتون بيشمار ۽ اڻوسرندڙ آهن. پاڻ نه صرف ماهرِ تعليم طور پوري دنيا ۾ ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو، بلڪ برک تاريخدان پڻ آهي. پاڻ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر ٿي رهيو ۽ فاصلاتي تعليم کي فروغ ڏنائون. انهيءَ کان سواءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جو به ڪجهه عرصو وائيس چانسيلر ٿي رهيو ۽ هتي به صاحب موصوف سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ فاصلاتي تعليم وانگر بي.ايڊ لاءِ آف ڪئمپس جو پرائيويٽ شعبو قائم ڪيائين، جيئن سنڌ جا نوجوان گهر ويٺي يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن. الانا صاحب سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو چيئرمين پڻ رهيو آهي. انهيءَ کان سواءِ پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر لاءِ تمام

گھٽو ڪم ڪيو اٿس. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. سندس تصنيف ڪيل ڪتابن جو گھٽو تعداد تاريخ، تعليم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي مشتمل آهي.

آپا عزيزالنساء آخوند، جو نالو بہ ٺٽي ضلعي جي ماهر تعليم شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس اصل تعلق تعلقي شاهبندر جي عملي، علمي ۽ ادبي آخوند خاندان سان آهي. پاڻ گرلس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي پرنسيپال رهي، ۽ گرلس زبيده ڪاليج حيدرآباد جي پڻ گھڻو وقت پرنسيپال رهي. پاڻ سنڌ جي مشهور وڪيل آفتاب آخوند جي ڀيڻ آهي. ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ صاحب جو تعلق بہ ٺٽي ضلعي جي مشهور شهر دڙي سان آهي. پاڻ ٺٽي ضلعي جي انهن اعليٰ تعليم يافتہ شخصيتن مان هڪ آهي، جن پنهنجي علم ذريعي نالو ڪمايو ۽ نہ صرف پاڻ موکيو آهي، بلڪ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو نالوءُ بہ مٿانهون ڪيو آهي، پاڻ سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جو وائيس چانسيلر بہ رهيو آهي.

ڊاڪٽر سيد رشيد احمد شاهہ، سندس تعلق بہ ٺٽي ضلعي جي تاريخي شهر، ٺٽي سان آهي. پاڻ علمي ۽ ادبي خاندان سان تعلق رکي ٿو. سائين جو نالو بہ سنڌ جي ناميارن ماهر تعليم ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ ڪيترو ئي عرصو مادر علمي سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ علمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائون ۽ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر بہ رهيو ۽ ڪجهہ وقت سنڌ جي تعليم کاتي جو سيڪريٽري بہ رهيو آهي. سندن علمي خدمتون هميشہ لاءِ تاريخ جو حصو بڻجي وينديون.

قلندر شاهہ لڪياريءَ جو تعلق پڻ ٺٽي ضلعي جي ميرپور بٺوري سان آهي. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگلش ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين پڻ رهيو آهي، ۽ سنڌ جي ماهر تعليم استادن ۾ سندس نالو شمار ٿئي ٿو. پاڻ تهران يونيورسٽي (ايران) مان فارسي ٻوليءَ جي ٽريننگ پڻ ورتي آهي، ۽ تهران يونيورسٽيءَ کيس اعزازي علمي ڊگري بہ عطا ڪئي.

انهيءَ کان علاوه ٺٽي ضلعي جي ٻين ماهر تعليم استادن ۾ ڊاڪٽر سيد ديدار شاهہ، ڊاڪٽر (پي ايچ.ڊي) محمد ميمڻ دڙو، ڊاڪٽر محمد اشرف سمون (راڄو نظاماڻي نزد جهرڪ ضلعو ٺٽو)، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ (اصل ٺڙ خواجہ، جاتي)، محمد جمن جعفراڻي، عزيز جعفراڻي، محمد حسن بلوچ (ساڪرو) محمد جمن ڪٽي، (ڊپٽي.ڊي.اي.او.ٺٽي)، غلام حسين رنگريز (اڳوڻو پرنسيپال ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ميرپور بٺورو)، عبدالڪريم ڪٽي، عبدالرحمٰن سومرو (لوهار)، پروفيسر محمد الرحيم ڪاڪيپوٽو، (پرنسيپال ڊگري ڪاليج ٺٽو) حاجي نوراحمد لوهار (سومرو) پاڻ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ گرامر تي ڪتاب بہ لکيا آهن. سائين هارون شاهہ، نارائڻداس ڪيولرام لوهاڻہ، حزب الله ڪٽي (موجوده پرنسپال نور.ڪي. جي اسڪول چوهڙ جمالي) احسان علي جوکيو، عنايت الله شاهہ، محمد صالح ڪڇي، جهمٽ مل لوهاڻہ، محمد موسيٰ عباسي سميت عورتن جي شعبي ۾ محترمہ مريم مجيدي، (ڊي- اي- او فيميل) اين.ايچ.گوراية، آپا ڪنبانو درس ۽ هما غزال، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ (اڳوڻو چيئرمين سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، (موجوده پرنسيپال گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٺٽو مڪلي)، ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ جنهن تازو (پي ايچ.ڊي) مڪمل ڪئي آهي، ۽ سيد انور علي شاهہ (سونڊن واري) جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

سيڪنڊري وانگر پرائمري تعليم ۾ پڻ هن ضلعي پاڻ موکيو ۽ چڱو نالو ڪڍايو آهي. ٺٽي ضلعي جي پرائمري ايجوڪيشن کاتي ۾ جن استادن جا نالا قابلِ ذڪر آهن، انهن ۾ سائين محمد خان مجيدي، (جتوئي)

جيڪو ٺٽي جو ناميارو شاعر پڻ آهي ۽ ٺٽي ضلعي جي ڊي.اي.او فيميل ۽ ناميارو شاعره مريم مجيديءَ جو والد آهي ۽ سندس شمار به ٺٽي ضلعي جي ڏاهن استادن ۾ ٿئي ٿو. ازان سواءِ سائين مولوڏنو هالو (شاهبندر)، سيد محمد جمن شاهه ڪاتي وارو، سيد عبدالقادر شاهه (ٻڍا ميان) قادري ۽ سائين پير بخش مگسي، سيد حسين شاهه مرحوم سندس تعلق ٺٽي ضلعي جي تاريخي آثارن ابن شاهه جي ٽڪرن سان آهي، پاڻ پنهنجي وقت جو محنتي ۽ ڄاڻو استاد هو. پهريائين مين پرائمري اسڪول چوهڙ جماليءَ جو ڪافي عرصو هيڊماسٽر رهيو. پاڻ ڪجهه عرصو تعلقه ماستر پڻ رهيو. سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. سائين محمد بچل ڪنڀار جو تعلق چوهڙ جمالي سان آهي، تازو وفات ڪري ويو آهي. پاڻ پنهنجي دور جو بهترين استاد هو، رٽائرڊ واري زندگي گذارڻ جي باوجود پاڻ ننڍڙن ٻارڙن کي تعليم جي زيور سان مالا مال ڪندو هو. انهيءَ سَٽ ۾ سائين علي محمد انگي به شامل ذڪر آهي. پاڻ انگي انڪري مشهور هو جو، انگي حسابن ۾ سندس ٻيو ثاني وري نه ٿي سگهيو. اهڙيءَ طرح سائين محمد موسيٰ جوڻيجو (ٺٽو)، سائين محمد عثمان ڪٽي (ٺٽو)، سائين نور محمد نگار (ميرپور ساڪرو)، سائين غلام محمد ميمڻ مرحوم (ڪيٽي بندر)، سائين عبدالله هالو (شاهبندر)، سائين ننگر خان رند (چوهڙ جمالي)، سائين محمد يوسف جعفراڻي، سائين شمشاد ساڪرائي، سائين حاجي عبدالله گندرو سوندن وارو، لعل بخش لاڙ جهرڪائي، پيرسيد ربڏنو شاهه (فدائي) سوندن وارو، سائين محمد هاشم لوهار ڪيٽوي، عبدالله ڪٽي، حاجي محمد اڪبر جمالي، رسول بخش تميمي، (جاتي) سائين رسول بخش درس (جهمپير)، سائين محمد صادق پالاري، حاجي محمد عثمان ميمڻ (چوهڙ جمالي)، سائين محمد صالح سمون (ميرپور بٺورو) سائين نثار علي بلڙائي (دڙو)، سائين جيتانند لوهاڻه (سجاول) ۽ غلام حسين موسوي (سجاول)، حاجي محمد الياس 'هر غر' جوڪيو، سائين محسن عباسي، علي محمد پارچ، محمد خان خيدري ميمڻ، مرحوم ميووخان جمالي، سائين محمد هارون ميمڻ (سابقه ڊي- اي- او سيڪنڊري ٺٽو)، سائين محمد صديق 'ساقي' (رازو) ڊي- اي- او سجاول جي پوسٽ تان رٽائرڊ ٿيو وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن، مؤخر الذڪر ٻئي استاد پروموشن بعد سيڪنڊري ايجوڪيشن ڏي ويا، ۽ اُتان ئي رٽائرڊ ڪيائون (19).

سائين محمد قاسم ٻيلائي به ٺٽي ضلعي جي مڃيل استادن مان هڪ بهترين جاگرافيدان پڻ آهي، پاڻ جاگرافي تعلقي سجاول ۽ جاگرافي ضلعه ٺٽي جو مصنف آهي، انهن ڪتابن لکڻ جي ڪري ڪين سنڌ گورنمينٽ پاران ٽي سئو 300 روپيا انعام پڻ مليو هو (20).

## حوالا:

1. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 41.
2. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 41
3. حافظ حبيب سنڌي/ ٺٽيءَ واري قديم تحرير جو تحقيقي جائزو: ماهوار سنڌي ٻولي- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سال.
4. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 37- 38 .

5. Lambrick- H.T, sind General Introduction s.a.b Hyderabad, 1964 p-43.

6. Ibid p- 118.

ايضاً: عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 41.

7. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 41.
8. فقهاءِ هندو پاڪ جلد اول، از: مولانا محمد اصحاق ڀٽي بحوالہ چچنامہ، از: علي ڪوفي، سنڌي ۽ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال، ص: 114.
9. ڊاڪٽر غلام علي الانا خواجہ، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي- سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1971ع، (ٿيسز براءِ ڊي- فِل)، ص: 305، 304.
10. مولانا محمد عمر مخمور مخمور ڪٽي (مرحوم)، بياض مخمور (قلمي)
11.siddiqui, idris: Thatta Department of Archeology and Museums. Karachi, 1970, p. 2.
12. ڏسو پٽرنامو (حڪم نامو)، ڪمشنر سنڌ سر بارٽل فريئر، مڪلي نمبر 100، سال 1875ع
13. پٽرنامو (حڪم نامو)، ڪمشنر سنڌ سر بارٽل فريئر، مڪلي نمبر 100، سال 1875ع
14. بمبئي سرڪار پاران تعليمي پاليسي جيڪا 1886ع ۾ جاري ڪئي وئي، جنهن موجب تعليمي نصاب رکيو ويو- ڏسو ڪتابچو، ص: 10 کان 18 تائين.
15. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 49.
16. آفيس رڪارڊ، ڊسٽرڪٽ پرائمري ايجوڪيشن ٺٽي جو آفيس رڪارڊ.
17. ڊسٽرڪٽ سيڪنڊري ايجوڪيشن ٺٽي آفيس جو رڪارڊ.
18. حافظ حبيب سنڌي- ذاتي ڊائريءَ جا ورق.
19. ضلعي ٺٽي جي بوائز ۽ گرلس ڪاليجن جو آفيس رڪارڊ.
20. عزيز جعفراڻي/ تاريخ سجاول/ محمد بن قاسم لائبرري سجاول، سال 1986ع، ص: 288.
21. ميرعلي شير قانع ٺٽوي/ تحفة الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ سال 1967ع.
22. مولانا غلام رسول مهر/ تاريخ ڪلهوڙا دور- حصو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ سال 1963ع.
23. ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر/ سنڌ جا اسلامي درسگاهہ، محڪمہ ثقافت حڪومت سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ سال 1982ع.
24. اعجاز الحق قدوسي/ تاريخ سنڌ، جلد 2، اردو/ مرڪزي اردو بورڊ- لاهور.
25. عبدالڪريم ڪٽي/ غير مطبوعہ ٽرم پيپر براءِ ايم.ايل.سي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1983ع.



مختيار احمد ملاح



# اِنڊين سول سروس جو امتحان پاس ڪندڙ سنڌي ڪامورا

اِنڊين سول سروس (Indian Civil Service) جو سرڪاري نالو امپيريل سول سروس هو، پر مختصر صورت ۾ ان کي آءِ. سي.ايس (I.C.S) چيو ويندو هو. هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حڪومت ۽ پوءِ برٽش انڊيا حڪومت ۾ آفيسرن جي ڀرتي ڪرڻ لاءِ هڪ سڀ کان وڏو ادارو هو، جيڪو 1858 ۾ برٽش پارليامينٽ جي پاس ٿيل قانون گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ، 1858ع تحت قائم ڪيو هو ۽ 1947 ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي قيام وقت ختم ٿي ويو. انگريزن اهو مخصوص بيوروڪريسي جو نظام اڳتي هلي پنهنجي ملڪ انگلينڊ ۾ ته رائج نه ڪيو، پر خصوصي طرح سنڌي ڪنڌ ۾ هنن 1858ع جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ سڄي هندستان ۾ لاڳو ڪيو . انگريزن سنڌي ڪنڌ تي انهيءَ سول سروس جي ذريعي 200 ورهين تائين وڏي دٻدٻي سان ويهي پنهنجي حڪومت کي هلايو.

حقيقت اها آهي ته انگريزن ڪامورا شاهيءَ وارو نظام چين کان حاصل ڪيو هو. چين ئي دنيا جو اهو ملڪ آهي، جتي پهريون پهريون نوڪرشاهي جو نظام رائج ٿيو، جتي اٽڪل 2 هزار سالن تائين نوڪرشاهي جو سسٽم هلندو رهيو، جنهن ۾ ڪيترن ئي بادشاهن جون حڪومتون آيون ۽ ختم ٿي ويون. انهن بادشاهن وٽ نوڪرشاهي ايڏي ته زور ٿي، جو نوڪرشاهي بادشاهن کي عوام کان پري رکڻ لاءِ ٻه مورڳو چين جي گادي واري شهر بيجنگ ۾ حڪمرانن جي رهڻ لاءِ هڪ جدا شهر قائم ڪيو هو، جنهن کي هاڻي 'منع ٿيل شهر' چيو ويندو آهي.

سنڌي ڪنڌ ۾، ڪاموراشاهيءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾ پاڪستان جو مشهور آءِ.سي.ايس ڪامورو، قدرت الله شهاب پنهنجي آتم ڪٿا 'شُهاب نامہ' ۾ لکيو آهي ته "جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني هندستان ۾ تجارت جي آڙ ۾ سياسي ڄار وڇايو ته انگلينڊ مان ملازمن جو وڏو تعداد هتي آيو، جن جي ماهوار پگهار پنج پائونڊ هوندي هئي ۽ اهي ڪامورا گهڻي ڀاڱي ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جا رشتيدار ۽ دوست هوندا هئا جن کي ڪمپنيءَ لاءِ واپار ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ذاتي واپار ڪرڻ جي ٻه اجازت هئي. انهن جو اهڙي طرح مقامي هندو واڻين سان تعلق جڙي ويو. اهي مقامي راجائن، واپارين، زميندارن کان زوريءَ نذرانا وصول ڪندا هئا. چند سالن ۾ هتان لکين روپيا ميڙي انگلينڊ وڃي ملڪيتون خريد ڪري اتان جا نواب ٿي ويندا هئا.

انهن جي ترقي ڏسي انگلينڊ جي ماڻهن جو ڪمپنيءَ جي ملازمت حاصل ڪرڻ ڏانهن رجحان وڌيو، جنهن جو فائدو وٺندي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن نوڪريون وڪڻڻ شروع ڪيون ۽ هڪ نوڪري هڪ هزار کان ٽي هزار پائونڊن ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي. نوڪري پئسن تي ملي هجي يا سفارش تي ٻنهي صورتن ۾ ڪمپني جي ملازم جي ڪوشش اها هوندي هئي ته ٿوري عرصي ۾ گهڻي کان گهڻو ڪمائي واپس وڃي عيش جي زندگي گذارين(1)." اهڙين حالتن ۾ آءِ. سي ايس جو بنياد پيو. برطانيه، سنڌي ڪنڌ تي امپيريل سول سروس جي آفيسرن ذريعي اٽڪل ٽيهه ڪروڙ ماڻهن تي حڪمراني ڪئي. هندستان جي آفيسرن جي ڀرتيءَ لاءِ هن اداري جو سربراهہ برطانوي حڪومت جو رياست جو سيڪريٽري هوندو هو جيڪو برٽش ڪئبينا جو پڻ ميمبر هو. هن اداري جي چونڊيل لاڳيتو پهرين هڪ هزار آفيسرن جو تعلق يونائيٽيڊ ڪنگڊم سان هو. اُهي برطانوي شهري هئا ۽ اتان جي تعليمي ادارن مان پڙهيل هئا. ۱ ۽ ۾ پنج سيڪڙو بينگال کي

نمائندگي ملي. 1947ع ۾ هن اداري جي چونڊيل آفيسرن ۾ 322 هندستاني ۽ 688 انگريز شامل هئا. سن 1930ع تائين ، هندستان جي ماڻهن جو تعداد تمام گهڻ هو ۽ انهن مان اڪثر ننين عهدن تي فائز هئا. 1947ع ۾ هي ادارو ختم ٿي ويو ۽ ان جاءِ تي ٻه ادارا ٺهيا جن مان هڪ هندستان ۾ 'انڊين سول سروس' ۽ ٻيو پاڪستان ۾ 'سينٽرل سپيرير سروس آف پاڪستان' (Central Superior Services of Pakistan) جڙيو. آزاديءَ کان اڳ ٿي سنڌ جا نوجوان به محنت ڪري قسمت آزمائي ڪري آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪندا هئا، پر ان سلسلي ۾ اڃ سوڌو نہ ڪا تحقيق ٿي آهي نہ وري اهڙن ڪامورن جي ڪا لسٽ موجود آهي.

سنڌ ۾ ڪلهورا شاهيءَ ڪابہ تاريخ لکيل نہ آهي، پر مغليہ دور ۾ 'فارسي گهوڙي چاڙهسي' وارو محاورو ثابت ڪري ٿو تہ سنڌ جي سرڪاري معاملن هلائڻ لاءِ فارسي جو ڪيترو اثر هو. ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ سرڪاري معاملن هلائڻ لاءِ ضرور ڪو نصاب ۽ امتحان جو بہ بندوبست هوندو. ٽالپرن جي دور ۾ يا ان کان اڳ سنڌ ۾ طرز حڪومت قديم بنيادن تي قائم هو. ڊاڪٽر جيمس برنس ٽالپرن جي درٻار جي حڪومتي معاملن لاءِ لکيو آهي تہ "سڄ ابرندي ٿي اهي ماڻهو پنهنجا حقا تيار ڪري درٻار ۾ اچي ويهندا آهن. هتي سڄو خاندان گڏ ٿي، سيني رياستي معاملن تي بحث ڪندو آهي. گنريل ڏينهن جا سرڪاري خط (Official letters) انهن جي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن ۽ اهي انهن جي باري ۾ سرڪاري حڪم جاري ڪندا آهن. هُو انهن تي بحث مباحثو بہ ڪندا آهن. ڏهين يارهين بجي واپس پنهنجي ڪمرن ۾ هليا ويندا آهن. تقريباً ٻي وڳي وري اچي ويندا آهن ۽ رات تائين گڏ هوندا آهن. بعد ۾ سمهڻ لاءِ الڳ الڳ ٿي اٿي ويندا آهن.

مان هميشہ ڪليل درٻار جو دورو ڪيو پر وڏن سردارن مان ڪنهن سان بہ اڪيلائيءَ ۾ گفتگو ٿي نہ سگهي. پنهنجي گهر وڃڻ بعد هر سردار الڳ درٻار لڳائيندو آهي، هتي هر سردار جو رياستي معاملن بابت، هر عمل مختلف ۽ متضاد هوندو آهي(2)." مغل توڙي ٽالپرن جي درٻار ۾ هندو اعليٰ عملدار هئا جو هو فارسيءَ جا ڄاڻو هئا ۽ هندو 'عامل'، فارسيءَ جي ڄاڻ سبب سرڪاري عملدار هوندا هئا. عامل جو مطلب ٿي انتظام هلائيندڙ آهي. عاملن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي لوهاڻا هندو ڪٽنب مان هئا، جيڪي خاص امتحان پاس ڪري 'عامل' بڻجندا هئا. عالمن جو اٿڻ ويهڻ الڳ هوندو هو ۽ پنهنجون الڳ ڪالونيون جوڙي رهندا هئا. اهڙي طرح وڏن آفيسرن کي 'ديوان' چيو ويندو هو. مسلمان بہ ڪجهہ قدر منشي ۽ سرڪاري نوڪري ڪندا هئا.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ کي ايسٽ انڊيا جي حڪومت ۾ شامل ڪيو. سنڌ ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ آفيسون ٺي ڪونہ هيون. رستا، روڊ ۽ سواري ڪرڻ لاءِ ذريعا ٺي ڪونہ هئا. 1850ع ۾ بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو. هُو صاحب بمبئيءَ کان هڪ ننڍي جهاز ۾ چڙهي آيو، ڪيس سنڌ ۾ پهچڻ وقت ڪافي تڪليف ٿي هئي. سنڌ جو اهي حالتون ڏسي چيو هئائين تہ "آئسٽريل هنڌ آهي، جتي اچڻ بہ مشڪل ۽ جتان ٻاهر نڪرڻ بہ مشڪل(3)." انگريز سرڪار جي عملدار دفتري معاملن کي سڌارڻ ۾ ڪافي دلچسپي ورتي. سنڌ جي ضلعي ۽ تعلقن ۾ اسڪولن جي عمارتن سان گڏ سرڪاري آفيسون پڻ کوليون ويون. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ميونسپالٽيون قائم ڪيون ويون. انگريزن سنڌ ۾ جديد سرڪاري نظام شروع ڪيو، جنهن ۾ باقاعده هر موضوع ۽ مسئلي تي فائيل ٺاهيا ويندا هئا. اڻويهين صديءَ ۾ پوليس، ڪورٽ ڪچهري، جاگير کاتو، جنرل کاتو، آبپاشي، ٻيلوکاتو، تعليم کاتو ، روينيو کاتو، ڪسٽم کاتو، ۽ ٻيا ڪيترائي کاتا هئا، جيڪي اوائل ۾ کلي چڪا هئا.

انگريز سرڪار 1853ع ۾ سنڌ ۾، سنڌي الف- بي متعارف ڪرائي ۽ اسڪول قائم ڪري سرڪاري نوڪريءَ لاءِ ماڻهو تيار ڪرڻ شروع ڪيا. سرچارلس ووڊ (1800-1885ع)، پنهنجي تعليمي مراسلي جي ڪري گهڻو مشهور هو. هو 1846ع کان 1866ع تائين برطانيہ جي وهگ ڌڙي جو ميمبر ۽ سياستدان ۽ پارليامينٽ جو ميمبر هو. هن هندستان جي تعليم لاءِ اهم قدم کنيا. 1854ع جي وڊس ڊسپئچ (مراسلي) هيٺ

جيڪو نظام تعليم قائم ٿيو، اهوئي موجوده نظامِ تعليم جو بنياد بڻيو، پر انهيءَ وچ ۾ هڪ ته ڏيهي ٻولين ۾ تعليم ڏيندڙ اسڪول بند ڪونه ڪيا ويا ۽ ٻيو ته ڏيهي ٻولين ۾ تعليم ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ 1854ع تائين ڪجهه مڪتبن ۽ مدرسن کي امداد ڏني وئي، پر ان وقت تائين انگريزن ڪو واضح نظامِ تعليم اختيار نه ڪيو هو. هنن جي خيال ۾ فلٽريشن (ڇاڻي) ذريعي تعليم جا اثرات خاص ماڻهن مان عوام الناس تائين پهچندا، پر اهو خيال خام نڪتو. ووڊ جي ان مراسلي جي روشنيءَ ۾ صوبن اندر تعليم جا کاتا قائم ڪيا ويا ۽ ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس ۾ 1857ع ۾ يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون. چارلس ووڊ جي اصلاحن جو وڏو مقصد اهو هو ته هندستاني ماڻهن کي سندن مقامي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏئي ڪين سرڪاري نوڪر بڻايو وڃي.

انگريزن جي به شروعاتي دور ۾ سرڪاري ملازمتن ۾ عامل طبقي جا ماڻهو هئا، ڇاڪاڻ ته هي طبقو فارسي سٺي ڄاڻندو هو. اعليٰ طبقي جا مسلمان ملازمت ۾ نه ايندا هئا ۽ باقي مسلمان هاري ۽ مزدوري ڪندا هئا. سنڌ جا عام هندو واپار کي ترجيح ڏيندا هئا. سرڪاري آفيسن جي ڪم ڪار جي سلسلي ۾ منشي، جيڪي عامل هئا اهي انگريز ڪامورن کي ناقص هندي يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيندا هئا. سڄي هندستان سميت، بيوروڪريسيءَ ۾ هڪڙا آفيسر سڌي ريت آءِ.سي.ايس ڪري ايندا هئا ۽ ٻيا منشي ٿي پرتي ٿيندا هئا ۽ پروموشن وٺي مختيارڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽرن جي عهدن تي پهچندا هئا. آءِ.سي.ايس ڪامورا سڄي ملڪ ۾ بدلي ٿي ڪم ڪرڻ جا مجاز هوندا هئا ۽ مقامي ماڻهو صرف پنهنجي رياست اندر ڪم ڪري رٽائر ٿي ويندا هئا. هنن سنڌ ۾ هڪ نئين سرڪاري نظام جو بنياد وڌو ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلايو. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري آفيسرن لاءِ ضروري هوندو هو ته سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي هوندو هو.24 اپريل 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ (George Clerk)، مسٽر پرنگل جي سفارشن تي نوٽ لکندي اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي، هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. هن جي فيصلي ۽ حڪمنامي ۾ واضح هو ته:

”اسان کي گهرجي ته اسان سرڪاري ڪاروبار لاءِ ملڪي ٻولي (سنڌي) کي متعارف ڪرايون. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسان جا روينيو ۽ انصاف کاتي جا آفيسر (چاهي سندن کاتن ۽ ڪچهرين جو ڪم ڪهڙي به نموني ڇونه مقرر ڪيو وڃي) فارسي يا انگريزيءَ جهڙي هڪ ڌاري ٻوليءَ ذريعي ڪيئن اثرائتي نموني ڪم هلائي سگهندا. آفيسرن کي ارڙهن مهينن جو وقت ڏجي ٿو ته سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري وٺن(4).“

”ان قانون کان پوءِ نه صرف انگريزن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو هو، پر سنڌ جي ڪامورن کي به سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو هو. مسٽر بارٽل فريئر، 1851ع ۾ هڪ سرڪيولر جاري ڪري سول سروس آفيسرن کي روزمره واري سنڌيءَ ۾ هڪ امتحان پاس ڪرڻ جو پابند ڪيو، پر اها زبان تيستائين خط و ڪتابت لاءِ ڪتب نٿي اچي سگهي، جيستائين ان کي الف. ب نه هجي. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جڏهن 1853ع ۾ عربيءَ کي آزمائشي موقعو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ساڳئي وقت تعليمي مقصدن لاءِ ڏهه هزار رپيا ساليانو خرچ جي منظوري ڏني ته مسٽر بارٽل فريئر فوراً ڪم کي لڳي ويو. سنڌس عمل جي ذريعي ٻوليءَ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪارنامو سرانجام ڏجي ويو. مسٽر بيرو.ايلس ڪجهه مقامي عالمن جي مدد سان هڪ الف.ب.ه ترتيب ڏني ٺاهي، جيڪا عربيءَ جي 29 اکرن مان وڌي 52 اکرن تائين وڃي پهتي. اها الف. ب ڇپائي جولاءِ 1853ع ۾ جاري ڪئي وئي. سرڪاري سطح تي سنڌي زبان کي پهريون دفعو موقعو مليو. سرڪاري زبان طور ڪورٽن، روينيو کاتي، پوليس، آبپاشي، تعليم کاتي، ڪسٽم، ضلعي آفيسن، جاگير کاتي ۽ ٻين عام واسطي وارن ڪمن ۾ سنڌيءَ ۾ لکت پڙهت کي لازمي قرار ڏنو ويو. نه صرف ايترو پر، پرڏيهي

آفيسرن لاءِ سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ واسطي سنڌي زبان ۾ امتحان پاس ڪرڻ بہ لازمي ڪيو ويو. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪليڪٽرن کي خط لکي تنبيهہ ڪئي ويئي تہ هُو پنهنجي پنهنجي حدن ۾ سنڌيءَ جي استعمال کي يقيني بنائين ۽ رپورٽ ڪمشنر آفيس ڏانهن موڪلين (5).“ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ دفتري زبان بڻائڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنر 25 مارچ 1857ع تي سنڌ جي ڪليڪٽرن ڏانهن حڪم نامو موڪليو تہ سنڌي ٻولي روينيو ۽ عدالتن ۾ عام استعمال ڪئي وڃي. 16 اپريل 1857ع تي اهو لازمي قرار ڏنو ويو تہ سنڌ ۾ سرڪاري ملازمت لاءِ درخواست ڏيڻ وقت تعليم کاتي طرفان جاري ڪيل ’سنڌي پاس‘ سرٽيفڪيٽ ضرور پيش ڪن. امتحان ملازمن کي ساليانو انڪريمينٽ ڏيڻ يا پگهار ۾ اضافي جو ذريعو هوندو هو. نتيجي طور سنڌ جي ڪليڪٽرن (ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور) ۽ سياسي ناظر اپر سنڌ، ڪمشنر سنڌ کي 12 ڊسمبر 1857ع تائين اطلاع ڪيو تہ سنڌي مڪمل طور عدالتي ۽ روينيو دفتر جي ٻولي ٿي چڪي آهي ۽ ڪمشنر 28 ڊسمبر 1858ع تي بمبئي سرڪار کي اطلاع موڪليو تہ سنڌ صوبي ۾ سنڌيءَ کي دفتري ۽ حساب ڪتاب جي ٻولي بڻايو ويو آهي.

اڻويهين صديءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي هوندي هئي. ان سلسلي ۾ ڪاڪي ڀيرومل مهرچند لکيو آهي تہ ”اوائل ۾ ميٽرڪيوليشن امتحان بمبئي ۾ ٿيندو هو. بمبئي وڃڻ لاءِ سمنڊ توڙي خشڪيءَ جي رستي سهولتون ڪو نہ هيون. سرڪاري ڪاروبار لاءِ ، جدا جدا کاتن جي ڪمن لاءِ انگريزي ڄاڻو سنڌين جي گهرج هوندي هئي، تنهنڪري سنڌي شاگرد پنجون ، ڇهون يا ستون پاس درجو (موجوده دور جي نائين يا ڏهين جي برابر) پاس ڪري وڃي نوڪرين ۾ لڳندا هئا. سرڪاري نوڪري لاءِ ڪميٽيءَ جو امتحان مقرر ڪيو ويو، جو بعد ۾ پبلڪ سروس امتحان سڏجڻ ۾ آيو. ’ڪميٽي‘ جي امتحان پاس ڪندڙ کي ننڍي درجي واري نوڪريءَ لاءِ ٻئي درجي جو سرٽيفڪيٽ ملندو هو. ايگريڪلچر کاتي جا بہ امتحان، هيٺيون درجو ۽ مٿيون درجو، پڻ مقرر ٿيا. پاس ڪندڙ کي، سرڪاري نوڪري ملي سگهندي هئي (6).“ ”جيڪو بہ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙندو هو، تنهن کي پهرئين شرط 25 روپيا پگهار ملندو هو. تن ڏينهن ۾ سهانگائي ايتريقدر هئي، جو ماڻهو آسانيءَ سان چاليهن پنجيتاليهن روپين مان سڄي ڪٽنب پالي سگهندا هئا(7).“ اهڙي طرح سنڌ جي سول انتظامي ڍانچو قائم ٿيو ۽ سنڌ ۾ ڪامورا شاهيءَ جنم ورتو. سنڌ جي ان انتظامي نظام ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن جا ڪوڙ سارا بدعنوانيءَ جا قصا بہ مشهور ٿيا، انهن آفيسرن کي سرڪاري نوڪرين تان معطل بہ ڪيو ويو، قانون سخت هو ۽ انتظامي نظام گهڻي قدر صاف سٿرو هو.

شروع شروع ۾ مقامي ماڻهن کي ننڍيون نوڪريون ڏنيون وينديون هيون. مثال طور جاگير ۽ فوجداري کاتن ۾ منشي مقرر ٿيندا هئا، جيڪي ترقي ڪري مختيار ڪاري تي رٽائرڊ ٿيندا هئا. تعليم کاتي ۾ استاد ڀرتي ڪيا ويندا هئا، جيڪي هيڊ ماستر يا وري اسسٽنٽ اسڪول انسپيڪٽر جي عهدي تي نوڪري پوري ڪندا هئا. وڏيون نوڪريون فقط انگريزن کي هندستان جي ٻين رياستن مان گهرايل عملدارن کي ڏنيون وينديون هيون. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر وغيره سڀ انگريز هئا، جن مان اڪثر آءِ.سي.ايس جو امتحان ڪيل هئا، مثال طور سنڌ جو پهريون ڪمشنر پرنگل، سربارٽل فريئر، بي.ايچ.ايلس، ايچ.ٽي.لئمبرڪ، ايچ.ٽي. سورلي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ انگريز آءِ.سي.ايس نہ صرف سخت مزاج ۽ ايماندار آفيسر، پر انهن مان ڪيترن ئي سنڌي ادب، تاريخ، جاگرافي ۽ پنهنجن لاڳاپيل کاتن ۾ تحقيق ڪئي. سنڌ ۾ جن انگريز ڪامورن ڪم ڪيو، اهي پنهنجا يادگار ڇڏي ويا، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اڄ بہ ڪمشنرن، ڪليڪٽرن، ڊپٽي ڪمشنرن جي پويان کي ئي يادگار، باغ، باغيچا، روڊ، رستا، محل، ماڙيون، واهڻ وستيون، لائبريريون وغيره قائم آهن. افسوس تہ انهن مان اڪثر جا نالا هاڻي بدلايا ويا آهن. اهڙن اهم يادگارن مان سنڌ جي ڪمشنر جي نالي پويان ڪراچي شهر ۾ ’فريئر هال‘، جان جيڪب جي پويان جيڪب آباد شهر، سنڌ جي ڪمشنر اي.اي.ايچ جيمس جي پويان

جيمس آباد شهر (جنهن کي هاڻي ڪوٽ غلام محمد سڏجي ٿو)، ڪراچي جي ڪليڪٽر جي پويان 'پريڊي اسٽريٽ'، چارلس نيپئر جي نالي پويان 'نيپيئر روڊ'، ڪليڪٽر بولٽن جي پويان 'بولٽن مارڪيٽ'، ڪمشنر ميري ويدر جي پويان 'ميري ويدر ٽاور'، حيدرآباد ۾ ڪليڪٽر ٽروٽ جي پويان 'ٽروٽ جو باغ'، سکر ۾ ڪمشنر ليوڪس جي پويان 'ليوڪس پارڪ' ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي مثال موجود آهن.

سنڌ جي اوائلي ڪامورن ۾ راءِ بهادر واڌو مل چنديرام (1838- 1909ع) ولد ديوان چنديرام اصل ڳوٺ ٽلٽي (موجوده ضلعو ڄامشورو) جو رهاڪو هو. سندس والد ديوان چنديرام مختيارڪار جي عهدي تي فائز هو. واڌو مل مقابلي وارو امتحان پاس ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. "ڪيترائي سال ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين(8)." هن هڪ ڪتاب "بمبئي پريڊنسي جي جاگرافي" لکيو هو. مرزا قليچ بيگ (1853-1929ع) ولد مرزا فريدون بيگ جو جنم ٽنڊي ٺوڙهي، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. مرزا قليچ بيگ بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رٽائر ڪيائين. شايد ئي ڪا ادب جي صنف هجي، جنهن ۾ مرزا صاحب نه لکيو هجي. سندس ادبي خدمتن جو قدر ڪندي، انگريز سرڪار کيس 'قيصر هند' جو تمغو ۽ 1905ع ۾ شمس العلماء جي لقب سان نوازيو ويو. ڏيارام گدومل شهاڻي (1857-1927ع)، بي.اي، ايل.ايل.بي پاس ڪري، ڪراچيءَ جي جڊيشل ڪمشنر جو رجسٽرار مقرر ٿيو. ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي قابليت ۽ علميت سبب ڊسٽرڪٽ جج مقرر ٿيو. هن خير جي ڪمن لاءِ ڪيترين ئي منڊلين برپا ڪيون. بکئي جي بک ميٽڻ ۽ محتاج کي مدد ڪرڻ سندس سڀاءُ هو. سنڌ جي تعليم جي واڌاري لاءِ هن صاحب گهڻيون ڪوششون ڪيون. ساڌوهيرانند کي اڪيڊمي اسڪول (حيدرآباد) برپا ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪيائين. سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ به سندس تمام وڏو ڪردار آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر، اديب ۽ محقق ديوان سوڀراج نرملداس (1883-1956ع)، بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پهرين پوزيشن ۾ حاصل ڪئي. ان کانپوءِ سرڪاري نوڪري اختيار ڪيائين. 1937ع ڌاري ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. خانبهادر ولي محمد، ناليواري تعليمدان حسن علي آفنديءَ جو پٽ هو. تعليم کاتي حيدرآباد ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيو. 1899ع ۾ ايل.ايل.بي پاس ڪري سنڌي مسلمانن ۾ پهريون وڪيل بڻيو. ان بعد ولي محمد روينيو کاتي ۾ ملازمت دوران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو ۽ 1915ع ۾ رٽائر ڪيائين. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي سنڌي ڪامورا هئا، جيڪي پروموشن وٺي ڪليڪٽر جي عهدي تي پهتا. ان سلسلي ۾ ڪي انگ ۽ اکر موجود نه آهن. ان کان علاوه، ڪي اهڙا به ڪامورا ٿيا، جن کي سڌي ريت ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر جو اعزازي عهدو به ڏنو ويندو هو، ان سلسلي ۾ ڪي اهڙا فرد هئا، جيڪي سياسي اثر ۽ رسوخ رکندا هئا يا تمام گهڻي تعليم رکندڙ شخص، جيڪي انگريز سرڪار کي تمام ويجهو هوندا هئا، ۽ سندن خدمتون وسيع هونديون هيون. انهن کي پڻ انگريز سرڪار ڪامورا شاهيءَ جا عهدا اعزازي طور ڏيندا هئا. ان حوالي سان سيٺ نائونمل کي اعزازي عهدو عطا ڪيو هو، پوءِ ڪانئس اهو عهدو واپس ورتو ويو. اهڙي طرح نامياري قانوندان ۽ سياستدان عبدالستار پيرزادي کي به پهريون اعزازي طور آءِ. سي. ايس جو عهدو ڏنو ويو هو، جيڪو هن قبول نه ڪيو هو.

مٿي اسان ذڪر ڪري چڪا آهيون ته، انڊين سول سروس جي شروعات 1858ع کان ٿي. اهو دور سنڌ ۾ جديد تعليم لاءِ انتهائي شروعاتي هو ۽ ميٽرڪ جو امتحان بمبئيءَ مان پاس ڪرڻو پوندو، جيڪو انتهائي اوکو ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ مشڪل هو. پر تنهن جي باوجود سنڌي نوجوان بمبئي پهتا ۽ ميٽرڪ ۽ بي.اي جا امتحان پاس ڪري آيا. تعليم جي چاهه ۾ سنڌي سياڄهڙا اهنج ۽ تڪليفون سهي به ساموندي ۽ خشڪيءَ جي دشوار رستن کي پار ڪري امتيازي نمبرن ۾ ڊگريون حاصل ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ آرٽس، سائنس، قانون، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جون

سنڌون شامل هونديون هيون. مسلمانن جي پيٽ ۾ هنلو سنڌين جديد تعليم جو تمام گهڻو فائدو ورتو. فقط اهي مسلمان ڪٽنب، جيڪي سرنديءَ وارا هئا ۽ تعليم جي فائدن جي اهميت کي سمجهندا هئا. اهي پنهنجن ٻارن کي انگريزيءَ جي اعليٰ تعليم ڏياريندا هئا. خاص طور تي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي عامل گهراڻي جديد تعليم مان گهڻو فائدو ورتو. عامل جو مطلب وڏي گهراڻي جو فرد. اهوئي سبب آهي، جو سرڪاري نوڪرين ۾ به گهڻي ۾ گهڻو تناسب انهن جو ئي هوندو هو. هو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني کان ئي نوڪرين ۾ هريل هوندا هئا. ڪراچيءَ ۾ جيتوڻيڪ آبادي جي گهڻائي سنڌين جي هئي پر پر پاسي وارين رياستن جا ماڻهو خاص طور نوڪرين ۽ واپار جي موقعن جي ڪري هتي اچي آباد ٿيا. جيڪا ڳالهه حيدرآباد ۾ نه هئي، جتي گهڻي ڀاڱي سنڌين جي ئي آبادي هئي. جيئن ته حڪومت جو سڄو ڍانچو ڪراچي ۾ هو ان ڪري اها فطري ڳالهه هئي ته عامل جيڪي حيدرآباد ۾ هئا، انهن ڪراچي کي پنهنجو مرڪز ناهيو. عامل وقت سان گڏو گڏ پاڻ کي تبديل ڪندا رهيا آهن. اهي سرڪاري ڪامورن سان گڏوگڏ سنا دڪاندار پڻ رهيا آهن. عامل طبقي ئي سنڌ جي ڪاموراشاهي ۾ گهر ناهي ورتو ۽ هنن ئي آءِ. سي.ايس جي امتحانن ۾ اڳڀرائي ڪئي. آءِ.سي.ايس جي سلسلي ۾ اها ڳالهه به ڏاڍي اهم آهي ته سڀ آءِ. سي.ايس آفيسر، ڊي جي ڪاليج ۾ تعليم يافته هئا، جنهن مان ڊي. جي ڪاليج جي معيار ۽ استادن جي محنت جي خبر پوي ٿي.

سنڌ سميت، سڄي ملڪ جو سرڪاري ڪاروبار، آءِ.سي.ايس آفيسر هلائيندا هئا. سپ ڪليڪٽر I.C.S يعني انڊين سول سروس جا عملدار هوندا هئا. ڪي انگريز هوندا هئا، پر ڪي ڏيهي ماڻهو به هوندا هئا. البت، انهيءَ عهدي لاءِ جيڪو به ڏيهي ماڻهو رکندا هئا، تنهن جي رڳو ڊگري ڪونه ڏسندا هئا. سندس خانداني درجي ۽ حيثيت جو به خيال رکندا هئا. اڪثر ڪري، وڏن خاندانن جا ماڻهو انهيءَ عهدي لاءِ چونڊيندا هئا. انگريزُ ذاتي لياقت سان گڏ، ماڻهوءَ جو بڻ بنياد به ڏسندو هو. آءِ.سي.ايس جي سلسلي ۾ اها به ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي نه آهي ته امتحان پاس ڪندڙن کي تمام مشڪل ٽريننگ مان گذاريو ويندو هو ۽ ان سلسلي ۾ مقامي ٻولين جي تعليم به ڏني ويندي هئي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي به لازمي طور شامل هوندي هئي. مطالعي مان اها به ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سنڌ مان پاس ڪيل آفيسرن کي ٻين صوبن ۾ مقرري ملندي هئي، هڪ اڌ مثال کان سواءِ. ٻين سينئي آفيسرن جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن هندستان جي مختلف رياستن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ سنڌ ۾ واري، هندستان جي مختلف رياستن جا آفيسر ۽ انگريز مقرر هوندا هئا. جيتوڻيڪ، سنڌ جي آءِ.سي.ايس آفيسرن جي ڪا به لسٽ موجود نه آهي، پر هتي هڪ معمولي ڪوشش ڪئي وئي آهي:

**تاراچند تلسيداس سودا:**

سنڌ جي تاريخ جو پهريون آءِ.سي.ايس تاراچند تلسيداس سودا هو. هُو ڊي.جي ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. هن آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪيو پر، نوڪري وٺي نه سگهيو. ان سلسلي ۾ موتيرام. ايس.راموائيءَ لکيو آهي ته ”تاراچند تلسيداس سودا 1894ع ۾ بي.ايس.سي جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. هي روشن دماغ هو.



بمبئيءَ يونيورسٽيءَ مان گلڪراسيٽ اسڪالر کٽيائين. ڪراچي ڪاليج مان وائسراءِ ميڊل ۽ ايڊلجي ڊنشا پرائيز حاصل ڪيائين. تاراچند تلسيداس سودا، ڪراچي ڪاليج جو پهريون وديارٿي هو، جو انگلينڊ ۾ آءِ.سي.ايس امتحان لاءِ ويو. امتحان ۾ پاس ٿيو، پر ڪيس آءِ.سي.ايس ۾ کنيو نه ويو. انهيءَ سبب، سخت نااُميد ۽ نراس ٿي پيو. ڪيس ”ڪالونيل سروس“ ۾ ٿي ڪنيائون، جا هن قبول نه ڪئي ۽ استعيفا ڏيئي ڇڏيائين(9).“ تلسيداس سودا کي سرڪار ان ڪري سول سروس ۾ نوڪري نه ڏني، ڇو ته ان وقت تائين اها صرف انگريزن لاءِ مخصوص هوندي هئي. قدرت الله شهاب مطابق آءِ.سي.ايس جو پهريون امتحان 1855ع ۾ لنڊن ۾ ورتو ويو. 1864ع ۾ پهريون

هندستاني آفيسر آءِ.سي.ايس ۾ پاس ٿيو. 1871ع ۾ هندستاني ماڻهن جو تعداد چار ٿي ويو جيڪي سڀ هندو هئا. اينڊڙ 50 سالن ۾ 1821ع تائين جيڪي هندوستاني آءِ.سي.ايس پاس ڪري نڪتا، انهن ۾ تقريباً سڀ هندو هئا. جنهن جو مکيہ سبب اهو هو تہ 1880ع ۽ 1881ع ۾ هاءِ اسڪولن ۾ هندو شاگردن جو تعداد 36686 هو، جڏهن تہ مسلمان شاگرد صرف 363 هو. ساڳئي سال هندوستان ۾ 3155 هندو گريجوئيٽ هئا ۽ مسلمان صرف 75 هئا. 1821 کان پوءِ مسلمانن جو تعداد وڌڻ شروع ٿيو جيڪو سر سيد جي تحريڪ جو نتيجو هو(10).“

## علي احمد حسن علي آفندي:

سڀ کان پهرين آءِ.سي.ايس آفيسر جو اعزاز حاصل ڪندڙ سنڌي نوجوان علي احمد حسن علي، سنڌ جي تعليمدان ۽ مشهور وڪيل حسن علي آفنديءَ جو ٻيو نمبر فرزند هو. ان سلسلي ۾ ايريو عباسي پڻ لکيو آهي تہ ”سنڌ ۾ آءِ.سي.ايس جو اعزاز حاصل ڪندڙ علي احمد حسن علي هو، جنهن 1896ع ۾ حاصل ڪيو(11).“ 1895ع ۾ آءِ.سي.ايس جي امتحان ۾ 65 اميدوار مقابلي لاءِ شريڪ ٿيا، جن مان ٽي هندو ۽ ٻہ مسلمان: يوسف علي ۽ علي احمد حسن علي، جيڪي بمبئي يونيورسٽيءَ جا شاگرد هئا، اهي آڪسفورڊ ڏانهن سنڌ گورنمينٽ جي اسڪالرشپ تي شريڪ ٿيا هئا(12).“ آخوند علي محمد حسن علي پهريون مسلمان سنڌي ۽ ڏيارام گدومل شهاڻيءَ کان پوءِ سنڌي جوان هو، جيڪو ايل.ايل.بي (LLB) بڻيو. علي احمد، سنڌ جي نالي واري تعليمدان حسن علي آفنديءَ ٻيو نمبر فرزند هو. اين.جي.وي هاءِ اسڪول، ڪراچي مان ميٽرڪ ڪئي، پوءِ ڊي.جي ڪاليج ۾ پڙهيو. وڌيڪ تعليم عليگڑھ ۽ ڪوئن ڪاليج آڪسفورڊ مان ورتي. 1896ع ۾ اوڌ رياست ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ٿيو. اڳتي هلي عليگڑھ جو ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ پڻ مقرر ٿيو، جتي سر سيد احمد خان سان سندس ويجهڙائپ هئي. جڏهن سندس والد، ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسو قائم ڪيو تہ هن والد کي سرسيد جي ويجهو آندو ۽ پنهنجي عليگڑھ جي تجربي تي سنڌي مدرسي ۾ سرگرمين جو آغاز ڪيو.

## هيرانند کوشيرام ڪرپالاڻي (1889_آڪٽوبر 1953ع):

سنڌ جو ٻيو نوجوان، هيرانند خوشيرام ڪرپالاڻي، ايم.اي هو، جنهن آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪري آءِ.سي.ايس آفيسر بڻيو. هيرانند ولد خوشيرام ڪرپالاڻي جو جنم حيدرآباد جي خوشحال گهراڻي ۾ ٿيو. ڊي.جي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. مسٽر ڪرپالاڻيءَ، 1907ع ۾ بي.اي جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ ايم.اي 1908ع ۽ 1910ع ۾ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪري بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ ۾ ڪليڪٽر مقرر ٿيو. احمدآباد ۾ سيٽلمينٽ آفيسر، بمبئيءَ ۾ ميونسپل آفيسر طور ڪم ڪيائين. 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪيو ويو تہ ڪيس سنڌ جو پهريون چيف سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، انگريز سرڪار، سنڌ جائي ڪاموري کي سنڌ جي صوبائي انتظام جون ذميواريون سونپيون. هتي هن ٻن سالن تائين خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 1938ع ۾ هندستان بدلي ٿي ويو. 1947ع ۾ سنڌ ڇڏي هندستان لڏي ويو ۽ اتي خدمتون سرانجام ڏنائين.هن خاندان جون سنڌ جي ترقيءَ ۾ وڏيون خدمتون آهن.



## نيڻومل پوهومل ٽڏاڻي:

هڪ ٻئي نوجوان نيڻومل پوهومل ٽڏاڻيءَ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪري ورتو ۽ آءِ.سي.ايس آفيسر مقرر ٿيو. نيڻومل پوهومل ٽڏاڻيءَ جو جنم 10 سيپٽمبر 1891ع ۾ ٿيو. ٽڏاڻيءَ 1911ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان بي.اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڪاليج ۾ تعليمي سرگرمين کان علاوه غير نصابي سرگرمين ۽ لکڻ پڙهڻ جي ڪمن ۾ بہ اڳيرو هوندو هو. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، ڪوئن ڪاليج ڪئمبرج، لنڊن ۾ داخل ٿيو. هن 4 جنوري 1917ع تي آءِ.سي.ايس پاس ڪري سول سروس ۾ شامل ٿيو.



سنڌس پهرين مقرري اڙيسا ۽ بهار ۾ بحيثيت اسسٽنٽ ڪمشنر طور ٿي. اڳتي هلي ترقي ڪندي مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين.سنڌ ۾ ڪيترن ئي فلاحي ڪمن کي به وقت ڏيندو هو، پر سنڌس نوڪريءَ جو دورانيو هندستان ۾ رهيو. آزاديءَ کان پوءِ، سنڌس ڪٽنب هندستان هليو ويو، جتي مسٽر ٽداڻي مختلف ڪاتن ۾ وڏن عهدن ڪم ڪيو.

## ايڇ. بي. شوداساڻي:

هاسومل ڀهرمل شوداساڻي، انهن قابل ۽ هوشيار وديارتين مان هڪ هو، جيڪو ميٽرڪ جي امتحان ۾ پهريون نمبر آيل هئا. شوداساڻي، 1906ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان ۾ پهريون نمبر ۽ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ستون نمبر آيو. 1911ع ۾ بي.اي جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ نمبر آيو. شوداساڻيءَ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ مان ايم.اي جو امتحان پاس ڪيو هو. هو صاحب بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن جو آفيسر پڻ ٿي رهيو. 1935 کان 1936ع تائين بمبئي ڪارپوريشن ۾ ڊپيوٽي ميونسپل ڪمشنر (امپروميڻٽ) ٿي رهيو(13).“

هاسومل ڀهرمل شوداساڻيءَ، 1914ع ۾ آءِ.سي.ايس آفيسر بڻيو. 1915ع ۾ بمبئيءَ جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مئجسٽريٽ بڻيو. 1920ع ۾ ”عدم تعاون واري تحريڪ“ ۽ ”خلافت تحريڪ“ ۾ جڏهن گانڌيءَ اعلان ڪيو ته سرڪاري عهدن تان استعفائون ڏيو ته شوداساڻي، سورت ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽري جي عهدي تان استعفا ڏئي آيو(14).“ هن ڪامورا شاهيءَ کي الوداع ڪري، ملڪي سياست ۾ حصو ورتو. سنڌس آءِ .سي .ايس واري ڪاموڪيءَ نوڪري ڇڏڻ وارو عمل ان دور ۾ هڪ انوکو مثال هو.

## سنتداس خوشيرام ڪرپلاڻي(1906_1983ع):

سنتداس ولد خوشيرام ڪرپلاڻي، سنڌ جي پهرين آءِ.سي.ايس پاس آفيسر هيرانند خوشيرام ڪرپلاڻيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو. سنڌس تعلق حيدرآباد جي عامل گهراڻي سان هو. سنڌس جنم 20 مارچ 1906ع ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم حيدرآباد مان ۽ 1919ع ۾ هن ڊي.جي ڪاليج مان بي.اي جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري آءِ.سي.ايس جي امتحان ۾ ويٺو ۽ آءِ.سي.ايس بڻيو. نوڪريءَ کان پوءِ هن جي پهرين مقرري لئلپور (فيصل آباد) ۾ سيٽلمينٽ آفيسر طور ٿي هئي. آزاديءَ کان پوءِ هند هليو ويو جتي مختلف ملڪن جو سفير ٿيو. هن پنهنجي ۽ وڏي ڀاءُ جي بيوروڪريسي جي حوالي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي حوالي سان آتم ڪهاڻي Fifty years with the British 1993ع ۾ لکيائين، جنهن ۾ هن برطانوي حڪومت ۾ بحيثيت بيوروڪريٽ آفيسر جي پنهنجي تجربن ۽ ملڪي حڪمت عملين جا تجربا ونديا آهن.

## حشمراءِ خوبچند چئناڻي(1904_1965ع):

حشمراءِ خوبچند چئناڻي جو جنم 29 فيبروري 1904ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد مان ۽ پوءِ ڊي. جي ڪاليج مان حاصل ڪئي. 1925ع ۾ هن ڪئمبرج جي مئگڊلئين ڪاليج، لنڊن مان نيچرل سائنس ۾ ڊگري حاصل ڪئي. 1927ع ۾ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪري هو ڏيهه واپس آيو ۽ سنڌس شروعات ۾ مقرريون شوئاپور، ناسڪ، ڌوليا، پونا ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر طور ٿيون. 1931ع ۾، پوني ۾ اسسٽنٽ جج مقرر ٿيو ، پوءِ 1933ع ۾ پوني ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج ٿيو. 1935ع ۾ هو، بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1944ع ۾ ڪيس گورنمينٽ آف بمبئي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. پوني ۾ هن روينيو ڪمشنر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. 1962ع ۾ 1931ع ۾، پوني ۾ اسسٽنٽ جج مقرر ٿيو ، پوءِ پوني ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج ٿيو. 1962ع ۾ چئناڻي کي مهاراشٽرا اسٽيٽ جو قائم مقام گورنر به مقرر ڪيو ويو هو. رٽائرمينٽ کان اڳ، هو بمبئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس رهيو. هن 28 نومبر 1965ع ۾ ديهانت ڪيو(15).“



## کيولرام لالچند پنجابي:

'کيولرام لالچند پنجابيءَ جو تعلق شڪارپور ضلعي سان هو ۽ سندس جنم 29 ڊسمبر 1898ع ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. "1916ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان بي.اي جو امتحان پاس ڪيائين(16)." 1929ع ۾ آءِ.سي.ايس آفيسر ٿيڻ کان پوءِ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽين جو رجسٽرار ٿيو. آزاديءَ کان پوءِ، سندس خاندان هندستان لڏي ويو ۽ سرڪاري خدمتون جاري رکيائين. هو آفيسر هئڻ سان گڏو گڏ ليکڪ بہ هو ، سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ هينيان شامل آهن:

Bombay Land Revenue System, etc1939 ,

Rajendra Prasad, first President of India, 1960

The Civil servant in India, 1965

## هيرانند روپچند ساڌواڻي (1904_1949ع):

هيرانند ولد روپچند شيوداساڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ 9 آگسٽ 1904ع ۾ ٿيو. ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان 1925ع ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ 1928ع ۾ آءِ.سي.ايس آفيسر بڻيو. سندس پهرين مقرري اسسٽنٽ رميمبرنس آف ليگل افيئرس ٿي. 1944ع ۾ اجمير ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ ورهاڱي وقت هو، رليف ۽ ريهيبليٽيشن کاتي جو چيف ڪمشنر هو.

## يو. ايم. ميرچنداڻي:



اڏارام مٽيرام ميرچنداڻي آءِ.سي.ايس جو جنم 26 سيپٽمبر 1896ع ۾ حيدرآباد ۾ عامل گهراڻي ۾ ٿيو. ديوان مٽيرام روينيو کاتي جو رٽائر آفيسر هو. اڏارام مٽيرام تعليم سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول، ڪراچي، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي، لنڊن ڪاليج آف اڪنامڪس ۽ ٽريننگ ڪاليج، آڪسفورڊ، انگلينڊ مان حاصل ڪئي. 14 ڊسمبر 1921ع ۾ آءِ.سي.ايس آفيسر مقرر ٿيو ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين، 1936ع ۾ سندس بدلي سنڌ ۾ ٿي. 1937ع ۾ سکر جو ۽ 1938ع ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر بڻيو(17)." ديوان اڏارام 1946ع ۾ بمبئيءَ جو ميونسپل ڪمشنر لڳل هو. آءِ.سي.ايس آفيسرن ۾ اڏارام مٽيرام ميرچنداڻي، انهن تمام ٿورن سنڌين مان هو، جن سنڌ ۾ ئي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڪيترن ئي سماجي سرگرمين ۾ حصو ورتو، جهڙوڪ سکر ۾ گراهم دائي ٽريننگ اسڪول، ليڊيز پارڪ جي تعمير ۾ ۽ ناري شالا جي تعمير حيدرآباد ۾ شامل آهي. سکر شهر ۾، ديوان اڏارام جو يادگار طور لڳايل 'گهنٽا گهر' اڄ بہ موجود آهي، جنهن جو افتتاح، هن 1937ع ۾ ڪيو هو.

## ايس. ايس شهاڻي:

ايس.ايس شهاڻيءَ جوتعلق حيدرآباد جي مشهور شهاڻي ڪٽنب سان هو. ڊي. جي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. سندس باري ۾ وڌيڪ معلومات نہ ملي سگهي.

## رامچند ٽيڪچند شيوداساڻي:

رامچند ٽيڪچند شيوداساڻي جو تعلق حيدرآباد سان هو. هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ۽ لنڊن يونيورسٽي جي اسڪول آف اڪنامڪس مان تعليم حاصل ڪئي. 25 آڪٽوبر 1923ع تي آءِ.سي.ايس آفيسر طور هندستان واپس آيو ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين.

## وشنو لکيمل گدواڻي:

وشنو لکيمل گدواڻيءَ جو جنم 4 فيبروري 1914ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. ۽ اين.جي.وي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين. 1931ع ۾ ڪاليج جي فرسٽ ييئر سرٽيفڪيٽ امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس آيو. 1932ع ۾ انٽر آرٽس فرسٽ ڪلاس ۾ آيو. 1934ع گريجوئيشن ۽ 1936ع ۾ ماسٽر ڊگري ورتائين. 1937ع ۾ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪيائين ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. علم ۽ ادب سان بہ لڳاءُ هيس ۽ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري بہ ڪيائين.

## بي. بي ميرچنداڻي (1906ع_1980ع):



"ڀڳوانداس ميرچنداڻيءَ جو جنم 25 فيبروري 1906ع تي سنڌ جو مشهور تعليمدان ۽ اديب ديوان ڏيارام وسڻمل جي گهر ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. ڀڳوان ميرچنداڻي اقتصاديات ۽ تاريخ ۾ ايلفنسٽن ڪاليج، بمبئيءَ مان بي.اي آنرس جي ڊگري ورتي. بعد ۾ لنڊن جي اسڪول آف ايڪانامڪس جهڙي جڳ مشهور ڪاليج مان اقتصاديات ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين. اُتي ئي هن انڊين سول سروس جو امتحان ڏنو ۽ 1929ع ۾ واپس اچي پنهنجون خدمتون سرڪار جي حوالي ڪيو. ٿوري وقت بعد ڪيس عدالتي ڪاتي ڏانهن بدلي ڪيو ويو. 1948ع ۾ بمبئيءَ جو ڪمشنر ۽ ٻين اهم ڪاتن جو سيڪريٽري به رهيو(18)." هن 1946ع ۾ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪيو هو. ڀڳوان ميرچنداڻي، سنڌ توڙي هند جي مختلف علائقن ۾ نوڪريءَ دوران سنڌ جي تاريخ تي تمام اهم مقالا لکيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ هن انگريزيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ، سماجيات ۽ اقتصاديات جي موضوعن تي بي بها تحقيقي مقالا لکيا، جيڪي 'جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي'، 'جرنل آف انڊين هسٽري'، 'جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي' ۽ 'اينلس پونا' ۾ ڇپيل آهن. سندس 11 اهم مقالا سندس ڀيڻ مسز سرسوتي گلراجاڻي سهيڙي ڇپرايا آهن، ڪتاب جو نالو آهي :

Glimpses of Ancient Sind: A Collection of Historical Papers

## اي. جي. اين قاضي (2016_1919ع):

آفتاب غلام نبي قاضي، ٻيو مسلمان سنڌي هو، جنهن آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪيو . سنڌ جو اعليٰ سول سروس جو ڪامورو پاٽ شريف ۾ ڄائو. "شروعاتي تعليم مدرسا اسڪول نوشهروفيروز مان حاصل ڪئي، ان کان پوءِ اين.جي.وي اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين ۽ سيني مسلمان شاگردن ۾ سندس پهرين پوزيشن هئي. ان کان پوءِ، ڊي. جي ڪاليج ڪراچيءَ مان امتيازي حيثيت سان سي.ايس.سي جي ڊگري حاصل ڪئي.1942ع ۾ آرٽ اينڊ الائيڊ جو امتحان پاس ڪيائين. جنوري 1943ع ۾ انڊين سول سروس (آءِ. سي. ايس) جي مقابلي ۾ شريڪ ٿيو ۽ اعزاز سان ڪامياب ٿيو. ڪيس بهار اڙيسا سول سروس ۾ چونڊيو ويو(19)."



"پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قاضي صاحب پنهنجون خدمتون پاڪستان لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. انهيءَ وقت کان وٺي پاڻ مختلف عهدن تي رهندو آيو. اسسٽنٽ ڪليڪٽر هالا، ڪليڪٽر ٺٽو ۽ اولهه پاڪستان جو سيڪريٽري ماليات رهيو. 1962ع کان 1965ع تائين واشنگٽن ۾ پاڪستان جي اقتصادي ڪاتي جي نمائندي طور خدمتون سرانجام ڏنائين. ان کان پوءِ اولهه پاڪستان ۾ ترقيءَ ۽ منصوبي بنديءَ واري ڪاتي جو چيف سيڪريٽري ٿيو. 1966ع ۾ ڪيس واپڊا جو چيئرمين بنايو ويو. 1969ع ۾ سيڪريٽري خزانه مقرر ٿيو ۽ 1979ع ۾ ڪيس بينڪ آف پاڪستان اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جو گورنر مقرر ڪيو ويو(20)."

1947ع ۾ آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان جي نئين نظام تحت آءِ.سي.ايس ڪالعدم ٿي ويو ۽ وفاقي سطح تي سينٽرل سپيرئر سروس (CSS) ۽ صوبائي سطح تي پراونشنل سول سروس (PCS) متعارف ڪيون ويون. ملڪ ۾ ڪاموراشاهيءَ جو وڏو راڄ رهيو آهي ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ سندن تمام وڏو ڪردار آهي، پر هي طبقو ملڪ جي استحصالي ۾ اڳتي رهيو آهي. اڄڪلهه پاڪستان ۾ 'بدعنواني' جون وڏيون خبرون گردش ۾ رهن ٿيون. پاڪستان ٺهڻ شرط بيوروڪريسي ملڪ تي ڇانئجي وئي. اهو سلسلو اڃان به هلندڙ آهي. جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي

تہ انگريزن دنيا ۾ پنهنجي فتح ڪيل ملڪن ۾ نوآبادين تي راڄ ڪرڻ لاءِ اهو سرشتو رائج ڪيو. پاڪستان جو سال 1951ع ۾ خزاني وارو وفاقي وزير چوڌري محمد علي پڻ انڊين سول سروس يعني آءِ.سي.ايس آفيسر هو. 1955ع کان سال 1956ع تائين ڪل 13 مهينا ملڪ جو چوٿون وزيراعظم بہ ٿيو. ملڪ غلام محمد، بہ انڊين سول سروس جو عملدار هو، پاڪستان ٺهڻ شرط ملڪ جو پهريون خزاني وارو مرڪزي وزير ٿيو. غلام اسحاق خان، جيڪو پاڪستان جو طاقتور صدر پڻ رهيو، اهو بہ انڊين سول سروس جي پيداوار هو، پر اڄ خاص طور تي سنڌ صوبي ۾ بيوروڪريسي ، پنهنجو اوج وجائي چڪي آهي، جيڪو هڪ اڳ بحث آهي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن انگريز آفيسرن ۽ ٻين سنڌ ۾ ڪيل نوڪريءَ جي حوالي سان پنهنجيون يادگيريون بہ لکيون آهن، جن ۾ انهن جي دور جي سنڌ جڻ هڪ تاريخ ملي ٿي. انگريزي آفيسر ڪيترن روايتن سان گڏ گزيٽيئر لکڻ جي روايت بہ جڻ تہ پاڻ سان گڏ کڻي ويا ۽ اسان جي سول سروس ۾ اينڊڙ آفيسرن ۾ لکڻ پڙهڻ جو رجحان گهٽ ٿي ويو.

**حوالا:**


1. قدرت الله شهاب: 'شهاب نامو'، 2012ع، ص 90
2. Barnes James: "A visit to the Court of Sindh, Repr Karachi 1974. P105
3. A.W. Hughes: Gazetteer of Sindh, Indus Publication, Karachi, 1986, P-146
4. Reports of Sir George Clerk, on the Administration of Scinde; with the appendix there to and all Reports of Mr. Pringle and of Mr. Frere, on the same Subject, not already before Parliament", Edited by James C. Mechvill on 10th August 1854, p.331
5. مختيار احمد ملاح: 'سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2013ع، ص 259
6. پيرومل مهرچند آڏواڻي: 'سنڌ جي هندن جي تاريخ'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع، ص 123،124
7. موتيرام.ايس.راموائي: 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو' (جلد 2)، شاردا پرڪاش، بمبئي، 1994ع، ص 50
8. Internet website http://www .dalsabzi. com/ index.htm
9. موتيرام.ايس.راموائي: 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو' (جلد 2)، شاردا پرڪاش، بمبئي، 1994ع، ص 99
10. قدرت الله شهاب: 'شهاب نامو'، 2012ع، ص 94
11. M.U .Abbassi: "The Colorful Personalities of Sind", the Abbassi publications, Karachi. 1944
12. M.A. Shrief: "Searching for Solace: A Biography of Abdullah Yusuf Ali, Interpreter of the Quran", Islamic Book Trust, Kalua Lumpur, 1994, p. 16
13. موتيرام ايس راموائي: 'تارا نکٽ ڪتيون'، شاردا پرڪاش، بمبئي، 2199ع، ص 70 ، 71
14. موتيرام ايس راموائي: 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو' (جلد 2)، شاردا پرڪاش، بمبئي، 1994ع، ص 186
15. Online Encyclopedia Wikipedia
16. Ajwani L.H, The Golden Jubilee Book of D.J Sind college Karachi, The Educational Printing Press Karachi, 1939. P 127
17. K.D. Shahani: "Who is Who in Sind", the Shahani Publication House, Karachi, 1944, p. 63
18. پروفيسر اعجاز قريشي: 'ڏاها هن ڏيهہ جا' پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي، 2014ع، ص 52
19. M.U .Abbasi: "The Colorful Personalities of Sind", the Abbassi publications , Karachi. 1944
20. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون)، چيف ايڊيٽر پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2009ع، ص 74



رسول بخش تميمي

# ٺٽي جا بحري بندر ۽ پتڻ

سنڌ ملڪ، ڌرتيءَ جي گولي تي اهڙي جاءِ تي آهي، جتي ڪيس قدرت جي سڀني شاهڪارن مان فائدو وٺڻ جي سهوليت ملي آهي. هن ۾ جبل آهن، وارياسا پَٽَ آهن، ڇيڪي ۽ مِٽي مِٽيءَ وارا پَٽَ آهن، هموار پَٽَ آهن. درياءَ، ڍنڍون ۽ واهَ بہ آهن. هن کي دنيا جي مثالي ندي، سنڌوندي جي سر زمين سڏجي ٿو، تہ هڪ پَران عربي سمنڊ بہ آهيس. سنڌ جي تهذيب بہ دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي، ۽ اهم محل وقوع تي واقع هئڻ سبب سنڌ جا لاڳاپا پروارن ملڪن سان بہ رهيا آهن. انهيءَ سبب هڪٻئي سان ڏيتي ليتي پڻ رهندي آئي آهي. ظاهر آهي انهي لاءِ اچ وڃ جا ذريعا بہ جوڙيا، انهن ذريعن ۾ پاڻيءَ جا رستا بہ استعمال ڪيا ويا. تنهن لاءِ بحري بندر ۽ پتڻ بنايا ويا.

سنڌ کي باب الاسلام چئجي ٿو. ٺٽو سنڌ جو دروازو آهي ۽ بندرن جو ديس چئجيس تہ ذري برابر وڌاءُ ناهي. لطيف سائين سر سامونڊي ٺٽي جي بحري بندرن جو مشاهدو ڪرڻ بعد ئي جوڙيو، ۽ چيو تہ: بندر ديسان ديس. چيو ئي ٺٽي لاءِ آهي، جو ٺٽو سڄو بندر ۽ بازارون هو. ٺٽي ۾ ڪيترائي بحري بندر ٺهيا ۽ ڊهيا، وُٺا ۽ ڦِٽا، آباد ٿيا ۽ برباد ٿيا. اهي نہ فقط بندر هئا ليڪن ساڳئي وقت سهڻا وسندڙ ۽ بارونق شهر بہ هئا، جن کي دنيا جي سياحن ۽ عالمن گهڻو ئي واکاڻيو آهي. انهن بندرن ۽ بازارن جو ناماچار سڄيءَ دنيا ۾ هو جو دنيا جا برک سياح، عالم ۽ واپاري انهن جي طرف ڇڪجي ٿي آيا. هتي آءٌ اول انهن بندرن جو ذڪر ڪندس جن جو ذڪر تاريخن جي ورقن ۾ آيو آهي ۽ ڪي بندر هئا، جن جو ذڪر هن وقت تائين بہ ڪنهن تاريخ ۾ ناهي آيو، ۽ انهن مُکيہ دريائي پتڻن جو ذڪر ڪندس جيڪي سنڌوءَ جي پار ڪرڻ لاءِ جوڙيا، اِهي پتڻن جي حيثيت ۾ استعمال ٿيڻ کان سواءِ ڊوڪ طور پڻ ڪم ايندا هئا، جتي مڇي گڏ ٿيندي هئي ۽ واپاري اچي خريد ڪندا هئا. اهڙا پتڻ سنڌوءَ جي ڇاڙن تي پڻ هئا ۽ آهن.

**سامونڊي بندر:**

**1_ديبل بندر:**

هي بندر، ٺٽي ضلعي جو تمام قديم سامونڊي بندر آهي، جيڪو گهاري واري ڪاريءَ تي واقع هو، جيڪا ڪلري درياءَ جو حصو آهي. هي بندر ديسان ديس مشهور هو. اگرچہ محل وقوع جي لحاظ کان تاريخدانن جي راءِ قائم ٿي آهي، تہ موجوده ڀنڀور جو ڀڙو ئي ديبل بندر جو مقام آهي. ڀنڀور، جنهن کي سڪندر يوناني جو شهر باربريڪان بہ چون ٿا. مائي سسئي بہ انهيءَ ڀنڀوران ٻاهر نڪري پنهونءَ جي پُٺ پيئي هئي. اسلام جو پهريون پير بہ انهيءَ ئي ديبل ۾ داخل ٿيو هو. هي بندر پنهنجي وقت جو هڪ مصروف ترين بندر ۽ واپاري مرڪز هو. علاوه ان جي هتي عالمن ۽ فاضلن جو ديرو پڻ هو. هن وسندڙ وستيءَ جي ويرانيءَ بابت اِهو گمان غالب آهي تہ ڪنهن سامونڊي زلزلي سبب ڦِٽو يا پاڻي هٽي وڃڻ سبب ويران ٿيو يا وري سسئي ڏني ٻاهہ ڀنڀور کي ۽ وسندڙ ويڙهو ويران ٿي ويو.

### 2_ ٺٽوبندر:

ٺٽو ڪنهن جوڙايو، ڪڏهن جُڙيو ۽ ڪيئن جُڙيو سو هڪ جدا موضوع آهي. هتي مان ٺٽي جي بندر واري حيثيت بابت ڄاڻ ڏيڻ چاهيندس. ٺٽو هڪ وسندڙ شهر سان گڏ هڪ معروف بندر جي حيثيت پڻ رکندو هو. هونئن به اسان وٽ لاڙ ۾ ٺٽِي، ٺٽِ ان هنڌ کي سڏبو آهي جتي ترُ هجي ۽ ماڻهن جي گهٽائي هجي. جڏهن ترَ جي حيثيت وڏي وڃي ته بندر جي صورت جُڙندي آهي، ۽ ٺٽي ترَ مان بندر جي صورت ورتي. هڪ پورچوگيز ليکڪ ۽ سياح نڪولس وٿنگٽن لکي ٿو ته، ٺٽو هڪ وڏو واپاري مرڪز ۽ خاص بندر آهي، جتي سدائين جهازن جون قطارون بيٺل هونديون آهن. اِهو ٺٽو ئي هو، جنهن کي ٻاهرين سياحن، عالمن، تاريخدانن، جاگرافيدانن دنيا ۾ ڌرتيءَ جي جنت سڏيو آهي. انهيءَ مان ٺٽي جي عروج جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو.

### 3_ لاڙي بندر:

هن بندر کي الڳ الڳ نالن سان سڏيو ويو آهي. سنتونديءَ جي هڪ شاخ بگهياڙ تي سمنڊ کان ويهه ڪلوميٽر پري هو. هن کي لاڙي بندر، لاڙائي بندر، لاهري بندر، لاهوري بندر يا لوهارائي جي نالن سان سڏيو ويو آهي. هي بندر پنهنجي وقت ۾ انتهائي معروف ۽ مصروف ترين بندر هو، جتي ٻاهرين ملڪن جا واپاري به واپار سانگي اچي سهڙندا هئا. پورچوگيز، ڊچ، انگريز به هتي اچي پهتا. هي بندر اٺيهين صديءَ جي پهرين چوٿائي ۾ ڦٽي ويو، ليڪن تاريخ ۾ هميشه جٽيو ويندو.

### 4_ اورنگا بندر:

جاتي تعلقي جي حدن ۾ هن عاليشان بندر جا آثار موجود آهن. هي بندر سمنڊ مان نڪرندڙ سيرڪار جي ڪپ تي واقع آهي. هن بندر کي جدا جدا نالن سان سڏجي ٿو. اِهو بندر شهزادي اورنگزيب سنه 1650ع ۾ جوڙايو. انکري، اورنگزيب بندر، اورنگ بندر اورنگ آباد بندر، اورنگابندر سڏجي ٿو. هن بندر تان قلمي شورو، ڪپڙو ۽ ٻيو سامان ٻاهر اماڻيو ويندو هو. هتان ايراني نار، بصري، مسقط، ڪانگو، بحرين ۽ سورت بندر طرف ڏيتي ليتي ٿيندي هئي. هيءُ ناميارو بندر ساموندي زلزلي سببان اُجڙي ويو.

### 5_ الهيه بندر:

هن بندر جا نشان جاتي تعلقي ۾ ڪلڪان جاٽي کان ارڙنهن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ تقريباً ويهن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهن. هي بندر الهيه خواجي جي نالي سان سڏبو هو، جيڪو ديرائي خواجن مان هو. هُو وڏو واپاري هو، سندس واپار بحرين، مسقط ۽ بمبئي پاسي هلندو هو. اِهو بندر، اورنگابندر کان اٽڪل پنجاهه سال اڳ قائم هو، جتان مقامي شيون ٻاهر موڪليون ويندون هيون.

### 6_ ڪڏوبندر:

هن بندر جا آثار جاتي تعلقي ۾ عربي سمنڊ مان نڪتل سير ڪاريءَ جي منهن وٽ موجود آهن. اِها سير لاڪارڻ وٽان نڪري مغلبين جي ڏکڻ ۾ شهر کان 3 ڪلوميٽرن تي ختم ٿئي ٿي. هن پراڻي بندر جي آثارن ۾ مٽيءَ جا دڙا ۽ پڪين سرن جا نشان پٽرا آهن. هن بندر تان گهڻو ڪري اناج ٻاهر اماڻيو ويندو هو. اِهو بندر غالباً سنڌي بندر کان اڳ جو آهي. جڏهن سنڌو بندر وسندڙ هو ته ان وقت ڪڏو وسندڙ نه هو. هن بندر متعلق ڪا دستاويزي ڄاڻ نه ملي سگهي آهي. البت محل وقوع تي موجود نشانن مان پروڙ پوي ٿي ته هي بندر به پنهنجي وقت ۾ مشغول محل هو. موجوده سرڪار هن بندر کي نئين سر اڏائڻ لاءِ سروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. شايد ويرانو وسي پوي.

### 7_ ڪيٽي بندر:

ڪيٽي بندر سنڌوءَ جي، اوچتو ڦاٽ تي گاڙهي شهر کان 35 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي

واقع آهي. وکر ۽ گهوڙا ٻاري جي ڦٽڻ بعد هن بندر کي وارو مليو. 1840ع ڌاري هن کي بندر جي حيثيت حاصل ٿي. هتان اناج ۽ ڪاٺ ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو هو. 1936ع تائين هن جي بندر واري حيثيت قائم رهي. موجوده حڪومت اتي هڪ مِني پورٽ قائم ڪرڻ ۽ ڪوسٽل ڊيولپمينٽ اٿارٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. وري وڻجارا وکر وهائيندا.

**8_ گهوڙا ٻاري:**

گهوڙا ٻاري يا ٻاري گورهه نالي هڪ بندر درياهه جي 'اوچتو' شاخ تي واقع هو. 1813ع ۾ انگريزن جو هڪ بحري دستو انهيءَ بندر ذريعي سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. انهيءَ بندر جا آثار ڪيٽي بندر تعلقي ۾ ٽِڪي جي ڳوٺ پرسان واقع آهن. موجوده وقت ٺٽي ضلعي ۾ گهوڙا ٻاري نالي هڪ تعلقو قائم آهي.

**9_ جاڪي بندر:**

هن بندر جا آثار، لاڙي بندر جي آثارن کان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي اوڀر ۾ واقع آهن. اِهو بندر، مني بندر جي حيثيت رکندو هو، جتي ٻيڙين ذريعي سامان آندو ۽ نيو ويندو هو. موجود وقت هتي هڪڙي ڊٺل قلعي جا اهڃاڻ ڏسجن ٿا.

**10_ سنڌو بندر:**

مغليين شهر کان ڏکڻ- اولهه طرف پنجن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ديهه ڏجو، تپو ڏجو ۾ هڪ بحري بندر جا آثار واقع آهن، جن کي سنڌو بندر سڏجي ٿو. هيءُ پراڻو شهر ۽ بندر اڄ کان پنجاهه سال اڳ آباد هو. ڪٺي جو پهريون اوج نه هئس، پر هي بندر سمنڊ مان نڪتل سير ڪاريءَ جي اولهه پر هو. ٽالپر حاڪمن جي دور ۾ جڏهن پيچاري واهه جي پوڇڙ ۾ سير ڪاريءَ جي پاڻي کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ بند ٻڌو ويو ته تعلقي جاتيءَ جي هن بندر اناج جي واپار ۾ خاص اهميت حاصل ڪئي. هر سال اٽ، نَوَ لک روپين جي ماليت تائين آمدني ۽ روانگي واپار ٿيندو هو. هتي ڪسٽم آفيس به قائم هئي. سير ڪاري سڪڻ ڪري هي بندر اُجڙي ويو.

**11_ وکر بندر:**

سنتونديءَ جي ڊيلٽا وٽ وکر بندر جا آثار ملن ٿا. 1840ع ڌاري هي هڪ اهم بندر ليکبو هو، هتي هڪ قلعو به قائم هو، جنهن وٽ جهاز بيهندا هئا. هن بندر جا آثار تعلقي گهوڙا ٻاري جي حدن ۾ واقع آهن. ڪهڙن سببن ڪري ويران ٿيو، تنهن لاءِ ڪا به خبر نٿي پوي.

**12_ شاهبندر:**

هن ناميارى بندر جا آثار سمنڊ مان نڪتل ڦنگ مَل ٻوري تي واقع آهن. هي بندر ميان غلام شاهه ڪلهوڙي 1759ع ۾ اڏايو هو ۽ اورنگابندر مان اڏاوتي سامان ۽ ماڻهو لڏائي آڻي هن بندر کي آباد ڪيو. انگريزي فيڪٽري به اُتان منتقل ٿي شاهبندر پهتي. هن بندر تي ڪلهوڙي حاڪم پنهنجا پندرنهن جهاز بيهاريا هئا. هن بندر پنهنجي وقت ۾ سٺي واپاري حيثيت حاصل ڪئي. هتان ڏيساور سان وڏي پئماني تي واپار هلندو هو. انهيءَ ئي ڪشش سبب وڏا واپاري شاهبندر طرف ڇڪجي آيا پر ڪمال کي زوال به آهي، سو 1819ع واري زلزلي هٿي پڇي وڌس ۽ اوج ختم ٿي ويس. شهر پوءِ به ڪجهه عرصو قائم رهيو. هتي علم وادب جا چرچا به رهيا. حافظ حبيب سنڌي. 'تاريخ شاهبندر' ۾ شاهبندر جي پندرنهن فارسي شاعرن جا نالا ڏنا آهن. هتي رسالتمآب حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جو 'وار' مبارڪ رکيل آهي، جنهن جي ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ تي زيارت ڪرائي ويندي آهي.

انهيءَ کان سواءِ ٻيا به ننڍا بندر ٺهندا ۽ ڊهندا رهيا، جن ۾ سوکي بندر، ڏجو بندر وغيره

شامل آهن، پر زماني جي ڦيرن گهيرن سببان وسندڙ وستيون ويران ٿي ويون.

**دريائي پتڻ:**

آمدورفت جي ذريعن ۾ دريائي پتڻن جي بہ خاص اهميت رهي آهي. انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ مختلف حيلن بهانن سان جيڪي سروي ٽيمون موڪليون، اُهي بہ گهڻو ڪري انهن پتڻن رستي پار پهتيون. علاوه مقامي ماڻهن جي، اچ وڃ جو وڏو وسيلو اِهي پتڻ رهيا آهن. ٺٽي ضلعي جي حدن ۾ گهڻائي دريائي پتڻ رهيا آهن. عزيز جعفراڻي اهڙن پتڻن جو انگ پنجنيهہ ٻڌايو آهي ۽ پنجن پتڻن جا نالا ڏنا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا نوَ (9) پتڻن جا نالا ڏنا آهن. هتي مان ڪُل پتڻن جا نالا ڄاڻائيندس جيڪي درياءَ سنڌ ۽ ان جي ڇاڙن تي قائم هئا. هن وقت بہ ضلع ڪائونسل ٺٽي وٽ ڪجهہ پتڻ رجسٽرڊ ٿيل آهن، جن جو ٺيڪو هر سال نيلام ۾ ايندو آهي.

1- سنهڙي پتڻ ٻئي پر ونگائي پتڻ.
2- سوڪي پتڻ ٻئي پر ڪاڪ فريد خان پتڻ.
3- کڇر پتڻ - ٻئي پر ٻچو ڪيهر پتڻ.
4- جادي واري پتڻ ٻئي پر ڪاروچاڻ پتڻ.
5- جوڳيڻڙا پتڻ- ٻئي پر دارسي پتڻ (ڳوٺ حاجي مانجهي اوٺو)
6- جوڳيڻڙ پتڻ - ٻئي پر سڄڻ واري پتڻ.
7- آٽرڪي پتڻ - ٻئي پر ڏرمومل پتڻ.
8- پالڪي پتڻ - ٻئي پر ٻاٻيهو پتڻ.
9- موسيٰ وارو پتڻ - ٻئي پر جنگيسر پتڻ.
10- ٻاڳاڻا پتڻ - ٻئي پر ڏانڌاري پتڻ.
11- احمدخان جلباڻي پتڻ - پنيو شورو پتڻ.
12- ٻداڻي پتڻ - ٻئي پر اڏيرو لال پتڻ.
13- قادر ڏنو شاهہ پتڻ - ٻئي پر گهوڙا ٻاري پتڻ.
14- پارهيڙي پتڻ - ٻئي پر سانول پورپتڻ
15- ڳاهي وارو پتڻ - ٻئي پر ٻچل پاٽي پتڻ.
16- اُپلاڻا پتڻ - ٻئي پر گليل پتڻ.
17- منارا پتڻ - ٻئي پر درويش پتڻ.
18- سيد پورپتڻ - ٻئي پر ٺٽو پتڻ.
19- ٻيلو پتڻ - ٻئي پر ڇتو چنڊ پتڻ.
20- سور جا پتڻ - ٻئي پر سونڊا پتڻ.
21- ڏاڏون پتڻ — ٻئي پر جهرڪ پتڻ
22- مولچند پتڻ - ؟

طوالت کان بچڻ لاءِ انهن پتڻن جو مفصل احوال ڪنهن ٻي نشست ۾ پيش ڪبو، هن وقت انهن پتڻن مان ڪي چار يا پنج پتڻ قائم آهن.

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

**ماخذات:**


1- تحفة الڪرام- ميرعلي شير قانع ٺٽوي.
2- سنڌ جي اقتصادي تاريخ- ايس.ڇبلاڻي.
3- تاريخ ڪلهوڙا - غلام رسول مهر.
4- لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ - ڊاڪٽر غلام علي الانا.
5- تاريخ سجاول- عزيز جعفراڻي.
6- شاهبندر جي تاريخ. حافظ حبيب سنڌي.
7- تاريخ جاتي- رسول بخش تميمي.
8- ڪيٽي بندر (مضمون) - عزيز جعفراڻي
9- جاتي جُڳن کان (مضمون)، رسول بخش تميمي.
10- روايت: مولانا محمد عثمان ڪٽي- چُوهڙ جمالي.
11- سيد پير محمد شاهہ، چوهڙ جمالي.
12- محمد ٻُهريو- ديهہ تل تعلقو جاتي.
13- حافظ حبيب سنڌي.






سيد انور شاهه

# مولانا محمد عثمان نورنگزاده جون علمي ادبي خدمتون

مخدوم مولانا محمد عثمان رحمة الله عليہ ولد حافظ محمد نورنگزاده سنہ 1271 ھ مطابق 1854ع ۾ ڳوٺ ڪورواهہ تعلقي ڳوني ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.

مولانا صاحب، مخدوم نورالله عرف مخدوم نورنگ جي اولاد مان هو. نورنگزاده اصل ذات جا سومرا هئا، سندن علائقو ڪڇ راجستان، هندستان آهي. پوءِ اتان سنڌ ۾ گذر سفر سانگي اچي رهيا. نورنگزادن جو خاندان، علمي ۽ ديني خاندان رهيو آهي، هن خاندان تقريباً 500 سالن کان اهم ديني خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ علم جي روشنيءَ سان لاڙ جي علائقي کي منور ڪيو آهي. هن خاندان جو باني الله جو هڪ ولي قطب رباني 'مخدوم نورالله رحمة الله عليہ' آهي ۽ انهن جو مسڪن ڳوٺ روپاه، تعلقو بدين ۽ ٽنڊو غلام حيدر رهيو آهي. جنهن کي هنن پنهنجي تصنيفن ۾ 'الوهار' ڪري لکيو آهي. هن خاندان جي علمي ڏاڪ سڄي سنڌ ۾ مڃيل آهي. ٺٽي جي عالمن، ڪوٽ عالم، مٽياري جي عالمن هن خاندان جي تصنيفن کي پنهنجي لکڻين ۾ سند طور پيش ڪيو آهي.

سومرن جي صاحبيءَ ۾ مخدوم نورالله عرف مخدوم نورنگ وڏو عالم، درويش ۽ متقي بزرگ ٿي گذريو آهي. ملتان وارن بزرگن جي پاران لاڙ لاءِ خليفو مقرر ٿيل هو. هي بزرگ تاريخ 11 رمضان المبارڪ سنہ 905 هجريءَ ۾ پيدا ٿيو. اگهم ڪوٽ ۾ سندس مدرسو هو، جنهن ۾ حديث تفسير ۽ فقہ جو درس ڏيندو هو، جنهن مان هزارين طالب علمن فيض پرايو. اگهم ڪوٽ کي ڇڏڻ کان پوءِ هن بزرگ ٽنڊي حيدر کي اچي وسايو ۽ پچاڙيءَ تائين ديني خدمت ڪندو رهيو. سندن ذات سومرن مان نورنگزاده ٿيڻ بابت مولانا سلام الله نورنگزاده پنهنجي تصنيفات ۾ لکي ٿو تہ، "خليفو ڪڙيوگهنور وارو ۽ محمد حسن جوٽن وارو ۽ اشرف ڪماري وارو ۽ مخدوم محمد عابد نورنگزاده چارئي دوست هوندا هئا، جڏهن مخدوم عابد رحلت فرمائي ويو، تڏهن خليفہ ڪڙيہ واري 80 ختما پڙهائي ڪيس ثواب بخشايو. اها ڳالهہ مون ماما عبدالله کان ٻڌي هئي. هن ڳالهہ کي گهڻا سال ٿيا آهن. جو هڪڙي سال ڪورواهہ جي شهر ۾ بيماري وبا جي اچي پيئي هئي، جنهن ڪري گهڻا ماڻهو مُئا هئا، هڪڙي رات هڪڙو ڌوٻي ڪورواهہ پرسان ڪوه تي ڪپڙا ڪٽي ڌوئڻ ٿي ويو، جڏهن ڪوهہ وٽ آيو تہ ڏٺائين تہ هڪڙو مرد نوراني سفيد ريش ڪُنڊري سندس هٿ ۾ آهي، تڏهن ان ڌوٻيءَ ڪيس پڇيو تہ، "توهان ڪير آهيو؟" ان ڌوٻيءَ کي چيو تہ آءٌ مخدوم نورنگ آهيان. هتي منهنجو هڪ گهر آهي."

مخدوم نورنگ جي خاندان وارا ٻڌائين ٿا تہ: مخدوم نورالله کي ان ڌوٻيءَ طنز ڪندي چيو تہ پيري مريدي ۽ ڪاني ڪرامت لاءِ شرط آهي، سيد زاده هجي، تون ڪير آهين؟ (مطلب تہ تون سيد تہ ڪونہ آهين، تنهنڪري تون بزرگ نٿو ٿي سگهين.) مخدوم صاحب جواب ڏيڻ بدران ڪيسي ۾ پيل ڏنڊڻ ڪيندي فرمايو تہ: 'هيءَ منهنجي ذات آهي' ۽ ايئن چئي ڏنڊڻ ڪٽي تلاءَ ۾ اڇلايائين، تہ ان ۾ نوَ (9) رنگ ڏسڻ ۾ آيا. ان ڪرامت کان پوءِ مخدوم صاحب کي نورنگ چوڻ لڳا.

هيءُ بزرگ عالم 6 شعبان 994 هجريءَ ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس مزار ٽنڊي غلام حيدر تعلقي ڳونيءَ ۾ آهي. هن جو اولاد پاڻ کي 'نورنگزاده' سڏائيندو آهي.

مولانا محمد عثمان نورنگزاده ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورتي ۽ پوءِ مولانا صاحب، علامہ محمد عثمان 'قرانيءَ' وٽ مدرسہ مجدديہ ڳوٺ عمر پنيري لڳ اسٽيشن شادي پليءَ ۾ مدرسہ جي چوڏهين جماعت ۾ تعليم ورتي هئي. ساڻن ٻيا طالب العلم هئا. مولوي عبدالحئي فرزند علامہ قراني، مولوي غلام علي شاهہ سونڊا، مولوي ولي محمد لاڙ، مولوي محمد ادريس درس، مولوي محمد اسماعيل لغاري قريہ مسڻ، مولوي محمد يعقوب خاصخيلي بدين ۽ ٻيا.

مولانا صاحب وقت جي برک عالمن کان فقہ، حديث، تفسير، منطق، فلسفي ۽ تاريخ کان علاوه عربي، فارسي ۽ سنڌي ادب جي تعليم حاصل ڪري دستار بندي ڪيائين. جڏهن حسن علي آفندي، مسلمانن لاءِ تاريخي درسگاهہ سنڌ مدرسة الاسلام جو بنياد رکيو تہ مولانا محمد عثمان نورنگزاده صاحب سنڌس ٻانهن ٻيلي ٿيو. سنڌ مدرسہ ۾ سنہ 1850ع ۾ (فقہ جواستاد) مقرر ٿيو.“ پاڻ سنڌ مدرسةالاسلام جي اوائلي استادن مان هو. هن اداري جي معلمن، سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي، سا وسارڻ جهڙي نہ آهي. انهن سڀني جو رهبر ۽ اڳواڻ مولانا محمد عثمان نورنگزاده صاحب هو. مولانا صاحب پنهنجي وقت جو جيد عالم حڪيم، مفسرِ قرآن، منطق، فلسفي ۽ تاريخ کان علاوه عربي، فارسي ۽ سنڌي ادب جي تعليم جو ماهر، مصنف ۽ شاعر، علم طب، علم نجوم، علم رمل ۽ علم جفر جو پڻ تمام وڏو ڄاڻو هو. پاڻ پنهنجي سموري زندگي اسلام جي اشاعت ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪندي گذاري.

مولانا صاحب 1850ع کان 1912ع تائين، پنهنجي زندگيءَ جي ڊگهي مدت سنڌ مدرسة الاسلام جي، بي لوث خدمت ڪندي گذاري. مولانا صاحب سنڌ مدرسہ جي ڪرانيڪل سنڌي ايڊيشن (ماهوار سنڌ مدرسہ مئگزين جو پهريون ايڊيٽر هو، جنهن ۾ مولانا صاحب ديني، سياسي ۽ سماجي موضوعن تي مضمون، مقالا ۽ صوفيائي شاعري لکي، شايع ڪرائي ،سنڌ جي مسلمانن کي وقت بوقت سجاڳ پئي ڪيو. مولانا صاحب فارسي ۽ سنڌي ۾ بي تکلف شعر گوئي ڪئي ۽ سنڌن محققانہ صوفيانہ سنڌي غزل ۽ ڪافيون مدرسہ جي ڪرانيڪل ۾ وڏي آب ۽ تاب سان شايع ٿيندا هئا. مولانا صاحب سنڌيءَ ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي، جنهن مان ڪجهہ ان وقت جي رسالي ۾ شايع ٿي هئي، باقي اڏوهيءَ جو کاڄ بنجي وئي. سنڌن (منظوم) سنڌي خطبا، سنڌ جي ننڍي ۽ وڏي ڳوٺ ۾ اڄ تائين پڙهيا وڃن ٿا. مولانا صاحب سنڌي خطبا ان وقت تصنيف ڪري شايع ڪرايا هئا، جنهن وقت هي مشهور ٿي ويو هو تہ عربي زبان کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻولي ۾ خطبو پڙهڻ جائز نہ آهي، ان وقت مرحوم حافظ حامد علي ۽ ٻچل مرحوم جا سنڌي خطبا موجود هئا، پر ڪنهن کي جرئت نہ ٿي، جو سنڌي خطبا شايع ڪرائي، مولانا ئي واحد شخص هو، جنهن پهريون سنڌي خطبا شايع ڪرايا. انهن جي تائيد ۾ مولانا صاحب ڪتابہ 'هدية الندية في جواز الخطبة بلسان الهندية' سنڌيءَ ۾ خطبن پڙهڻ بابت لکيو، جيڪو مولوي عبدالحئي لکنوي جي لکيل ڪتاب جي جواب ۾ هو، ان ۾ هڪ زبردست فتويٰ لکي شايع ڪئي تہ عربي زبان کان سواءِ سنڌي خواه ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ خطبو پڙهي سگهجي ٿو .هيٺ سندس فتويٰ پڙهي سگهجي ٿي.

### فتويٰ

> معلوم هجي تہ ڪجهہ نيم خوانده ماڻهو چوندا آهن، سنڌي بيت خطبن ۾ پڙهڻ جائز نہ آهن، انهن جي لاءِ هيءَ فتويٰ لکجي ٿي تہ ، ”حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليہ جي مذهب ۾ سڄو خطبو بہ عربي کان سواءِ ٻي زبان ۾ پڙهڻ جائز آهي. سڀني فقہ جي ڪتابن ۾ وڃي ڏسو تہ برابر ائين ئي لکيل آهي يا نہ؟ ڪنهن بہ فقه جي ڪتاب ناجائز تہ بجاءِ خود پر ڪراهت بہ ڪونہ لکيو آهي. بلڪ هن وقت ۾ تہ تمام چڱو آهي جو، سنڌ ۾ عربي خطبن جا ترجما پڙهائجن. مولوي عبدالحئي لکنوي جو ڪراهت لکيو آهي، تنهن جي جواب ۾ سڀون علمائن لکيو آهي تہ اهو غلط آهي تہ انهيءَ

بابت اسان به هڪ ڪتاب جوڙيو آهي، عربي ۽ فارسي زبان ۾ جنهن جونالو آهي 'هدية الندية في جواز الخطبة بلسان الهندية'، انهيءَ ڪتاب ۾ اسان ڪتابن جي حوالي سان ڄاڻايو آهي، ته عربي خطبي کان پوءِ سنڌي يا هندي ٻوليءَ ۾ بيت نصيحت پڙهڻ جائز آهن، نه ڪراهت آهي نڪو گناهه، نيڪ ثواب آهي. ان ڪتاب تي گهڻن علمائن مُهرون هنيون آهن ۽ صحيحون ڪيون آهن، نه رڳو اسان جو ڪتاب ان باب ۾ جوڙيو آهي، پر مرحوم مولوي عبدالحئي بنگلوري ۽ مولوي قاضي عبدالقدوس بنگلوري ۽ ٻين ڪيترن علمائن سڀڙرن به فتوائون لکيون آهن،۽ ان بابت ڪتاب جوڙيا اٿن، جنهن ماڻهوءَ کي اجا به ڪو شڪ هجي، ان ڳالهه ۾ ته ڪتاب اسان کان لکي گهرائي ڏسي ته شڪ لهي ويندس. (والله اعلم بالصواب)

**فقير محمد عثمان معلم الفقه مدرسة الاسلام ڪراچي.**

[سنڌيءَ ۾ خطبن بابت ڪتاب: "هدية الندية في جوازالخطبة بلسان الهندية" مان ورتل مولانا محمد عثمان نورنگزاده جي فتويٰ]

مولانا صاحب گهڻي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي باوجود تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ گهڻي دلچسپي رکندو هو، جنهن پنهنجي قلمي سخا سان سنڌ جي مسلمانن جي بهترين خدمت بجا آندي. مولانا صاحب جي تصنيف عوام ۾ ايتري ته مقبول هئي جو، جهڙو به ڪتاب شايع ٿيندو هو، اهو هر وقت هٿوهٿ وڪامجي ويندو هو. سندن تصنيفات مان مشهور ڪتاب هي آهن:

1. تحفةالاسلام، (سنڌي ڇهه حصا)
2. تحفة المسلمين، مع عجائبات محمدي صلي الله عليه وآله وسلم
3. بياضِ عثماني (شاعري وغيره)
4. خطبات عثماني، (جمعه ۽ عيدن جا خطبا)
5. حالاتِ غوث اعظم، ترجمه بهجتہ الاسرار
6. اڪسيرالاحمر في اسرار الجفر- ٽن جلدن ۾
7. فتوح الغيب جو سنڌي ترجمو
8. بينات القرآن لهدايت العميان (سنڌي)
9. عجب العجائب
10. راهه نجات
11. اشراق نماز جون فضيلتون
12. خلاصة الفقه فارسي/سنڌي( قلمي) 1904ع
13. رساله في الحديث المصطفيٰ من الڪلام النبوي عربي _سنڌي (مترجم- سنڌي) قلمي.
14. قرآن جون سورتون ترجمه نعتيہ تنويرالايمان
15. 'تفسيرتنويرالايمان في تفسير القرآن'

مولانا صاحب جي آخري تصنيف 'تفسير تنويرالايمان' آهي، جنهن کي مولانا صاحب سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ 1904ع ۾ شروع ڪيو هو ۽ 1918ع تائين سورة شوريٰ يعني پنجويهين پاري جو چوٿون حصو لکي پورو ڪيائون ته زندگي ساٿ نه ڏنو، جنهن سبب ان کي پورو ڪري نه سگهيا. باقي پوڻن ڇهن پارن جو تفسير سندن پوٽي مولانا محمد نورنگزاده جن ساڳيءَ طرز تي لکي مڪمل ڪيو. هي تفسير تمام بهترين تفسير آهي. مولانا صاحب، پير جهنڊي وارن مان سيد رشدالله عرف محمد راشد روضي ڌڻي رحه جو دست

بيعت مريد هو، جنهن جو ذڪر مولانا صاحب 'تفسير تنوير الايمان في تفسير القرآن' ۾ ڪيو آهي، اهو مشهور تفسير پنهنجي مرشد جي اجازت ۽ صلاح و مشوري سان لکيو اٿن.

محمد عثمان نورنگزاده جي تصنيفات جو تفصيلي ذڪر راقم جي تحقيقي مقالو براءِ (پي ايچ.ڊي) باب ٽئين ۾ ڪيو ويو آهي.

جڏهن مولانا صاحب پاڻ سنڌ مدرسة الاسلام کان 1912ع ۾ سبڪدوش ٿيڻ لاءِ استعيفا ڏيڻ جو خيال ڪيو ته ان وقت جي پرنسيپال ۽ ڪاليج جي ۽ ان وقت جي ڪمشنر وائيس پريزيڊنٽ لارڊينس ڪيس نه ڇڏيو، پر پاڻ 28 سال ملازمت جا پورا ڪري پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪورواهه (ضلع بدين) ۾ رهي پنهنجي خانگي ڪمن ڪارين ڏانهن توجهه ٿيو ۽ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيڻ جو شوق دامنگير رهيس. ان ڪري مولانا صاحب پنهنجي ڳوٺ ڪورواهه جي مدرسي کي اچي آباد ڪيائين ۽ 'تفسير تنويرالايمان' جو ڪم به جاري رکيائون. سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي طرفان سندن خدمتن جي سلي ۾ مولانا صاحب کي ڪجهه زمين انعام ۾ ملي جيڪا سندن پونئرن جي ملڪيت آهي، پاڻ ان کي آباد ڪيائون.

مولانا صاحب کي هڪ پٽ حافظ غلام محمد هو، جنهن مان هڪ پوٽو 'مولوي حافظ محمد نورنگزاده' پيدا ٿيو. ان جي تعليم ڏي خاص خيال رکيائون. پنهنجي پوٽي جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ لڳا، مولانا جي تعليم وتربيت جو اهو اثر ٿيو،جو مولانا حافظ محمد نورنگزاده به هڪ اعليٰ علمي شخصيت جو مالڪ بنجي ويو. هُو نه صرف حافظ قرآن بلڪ، عالم، اديب، شاعر، مفسر، مترجم ۽ تمام سنو حڪيم بنجي ويو، جنهن جو مظهر اهو آهي، جو مولانا محمد عثمان صاحب، جي علالت ۽ وفات بعد 'تفسير تنويرالايمان في تفسيرالقرآن' جا آخري پوٽا ڇهه سيپارا ساڳئي طرز ۽ تتبع تي مولانا حافظ محمد نورنگزاده لکي پورا ڪيا.

وڌيڪ مولانا حافظ محمد نورنگزاده جي شاعري ۽ ڪارڪردگيءَ جا تفصيل، سندن سوانح حيات ۾ پڙهي سگهجن ٿا. مولانا محمد عثمان نورنگزاده صاحب سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد واپس پنهنجي ڳوٺ ڪورواهه ۾ اچي دين ۽ عوام جي فلاح لاءِ به ڪم ڪرڻ لڳو. پنهنجي علائقي ۾ عام ماڻهن جي ديني مسئلن کي حل ڪندو هو، پيچيده فقهي مسئلا، مولانا علي محمد مهيري، مولانا حاجي حامدالله ٻيلوي، مولانا محمد هاشم ڪٽي غلام الله وارو، ۽ مولانا محمد عمر ڪٽي چوهڙ جمالي، مولوي حاجي احمد ملاح، سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي، مولوي فتح علي جتوئي وڏو ۽ ٻين عالمن سان باهمي مشاورت سان ماڻهن جا فيصلا ڪري مونجهارا حل ڪندو هو. ته جي چڱن عالمن جو حلقو هوندو هو، جنهن سان ميل جول ۽ ديني معاملن جي ڏي وٺ هلندي رهندي هئي. ڪيترن ئي فيصلن ۾ مولانا صاحب جو هجڻ ضروري سمجهيو ويندو هو، ۽ لکيل فتوائن تي مولانا جي مُهر ۽ دستخط موجود آهن. مولانا علي محمد مهيري جي ڪتاب 'بياض مهيري- جلد 1-2' ۾ به اهڙا فيصلا ۽ فتوائون موجود آهن، جنهن تي مولانا محمد عثمان صاحب، مولانا حامد الله ٻيلوي، مولانا سليمان ٻنوي، مولانا غلام علي گوپانگ، مولانا عبدالصمد نورنگزاده جا دستخط موجود آهن. مولانا نورنگزاده صاحب جن جي سندن علائقي ڪورواهه ۽ لاڙ پٽ جي عالمن سان فيصلن ۽ عام ماڻهن جي ڀلائي جي ڪمن ۽ معاملن جي سلسلي ۾ خط و ڪتابت ٿيندي رهندي هئي. مولانا علي محمد مهيري سان دوستي هئي. علامہ علي محمد مهيري به وڏو عالم ۽ داناء شخص هو، مولانا نورنگزاده کي عربيءَ ۾ خط لکيو هو، جو هتي ڏجي ٿو:

<u>خط جو عربي متن:</u>

"ونعرفكم إن موذ تنا ما هي بانشوطة واهية، بل كا لعقال المؤرب واما سائر الحباب
فما ادري اي الحظ لهم واني لا أكُل الا لحم بهَمَ شابع فإن سَحَتَ فارسلوا الينا شيئاً
وإلا فاللبن المَسحوط هو غذائنا وانتم تقسون المرطراط وَالسرطراط لكن انا ما
استطعت لضعفي وسنلقا كم انشاءالله."

پياري حبيب خدا ﷺ جي شان ۾ چيل ابيات

يا رسول الله درجو کيو تنهنجو خدا بلند
ڪين تنهنجي انتها کي فڪر جو پهچي سمند
اصل تون سڀني جو هيا سڀ فارغ ٿيا
نور تنهنجو سڀن کان پيشتر ڪيو پيدا خدا
نيٺ آخر جيئن ڪري ميوو شجر اند ر ظهور
تيئن پڇاڙي ۾ ٿيو اوهان جو ظهور پت سرور
اصل تون مقصود تون محبوب تون مطلوب تون
دين تون ايمان تون محمود تون مرغوب تون.

حضور ﷺ جن جي شفقت بابت مولانا جا پنهنجا سنڌي اشعار:

تنهنجي آشفقت تنهنجي تنهنجي رحمت يا رسول(ﷺ)
تنهنجي بخشش تنهنجي رافت يا رسول(ﷺ)
خُلق تنهنجو آهي اعليٰ ۽ عجيب
والا تنهنجي آهي برڪت يا رسول(ﷺ)
تو جهڙو ڪانه نبي آهي ٻيو
تنهنجي اعليٰ آهي عزت يا رسول(ﷺ)
معجزو تنهنجو سڀن کان ٿيو وڏو
سو سدائين تاقيامت يارسول(ﷺ)
تون سڀن سردار آهين سيدا
روز محشر ڪر شفاعت يارسول(ﷺ)
ڏس عنايت سان ڏٺي توکي ڏني
سڀ سعادت ۽ هدايت يارسول(ﷺ)
قلب ۾ منهنجي سدائين ڏي خدا
تنهنجي الفت تنهنجي محبت يارسول(ﷺ).

مولانا صاحب پيرن مرشدن جو معتقد بہ هو، پاڻ پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي جو هٿ بيعت مريد هو، ان جي توسط سان پيرن جي پير شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ سان بہ بي انتها عقيدت هئس، پاڻ ان جي حالات زندگيءَ تي ڪتاب بہ 'حالات غوث اعظم' لکيو اٿن. ان ۾ سندن جي شان ۾ جيڪي اشعار چيا اٿن، اهي ڏجن ٿا:

هڪ مدح غوث اعظم جي نان، تي مولانا جي لکيل آهي:

مدح مٺو محبوب سبحاني محي الدين جيلاني
سچو سادات صمداني محي الدين جيلاني
پيارو پاڪ پرور جو ڏاڍل دلبر پيغمبر جو
سچو سو نور نوراني محي الدين جيلاني
قدم تهجو ولين تي ڪرم تهجو مريدن تي
ڏيکاري راه رحماني محي الدين جيلاني
اٿو سردار سو اهڙو ولين ۾ نہ ان جهڙو
عجائب شيخ حقاني محي الدين جيلاني

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 5. جلد پنجون | پاره | 15-14-13-12 | ٽائين | مڪمل |
| 6. جلد ڇهون | پاره | 18-17-16 | ٽائين | مڪمل |
| 7. جلد ستون | پاره | 21-20-19 | ٽائين | مڪمل |
| 8. جلد اٺون | پاره | 24-23-22 | ٽائين | مڪمل |
| 9. جلد نائون | پاره | 27-26-25 | ٽائين | مڪمل |
| 10. جلد ڏهون | پاره | 30-29-28 | ٽائين | مڪمل |

مولانا صاحب رافضين شيعن ۽ بدعت کي ننديو آهي. جتي شيعن بدعت لاءِ قرآن جو استدلال ورتو آهي،اتي انهن جا تسلي بخش جواب ڏنا آهن. مولانا صاحب تفسير ۾ اڪثر ڪري فقه حنفي مطابق فقه جا مسئلا بيان ڪيا آهن. هيءَ تفسير هيٺين تفسيرن تان اخذ ڪيل آهي، جنهن بابت مولانا صاحب خود ان جي وضاحت تفسير 'تنويرالايمان في تفسير القرآن' جي ديباچي ۾ ڪئي آهي. جهڙوڪ: تفسير ڪبير: (عرف تفسير رازي): علامہ فخرالدين رازي رحمةالله عليه

تفسير خازن المسمٰي لُبابُ التأويل في معاني التَّنزيل: علامہ محمد الدين علي بن محمد بن ابراهيم البغدادي المشهير بالخازن المتوفي سنة 745هہ، دارالڪتب بيروت لبنان

تفسير ابن ڪثير: عماد الدين حافظ ابن ڪثير رحہ

تفسير جلالين: علامہ جلال الدين سيطي رحہ

تفسير عزيزي، تفسير روح المعاني: علامہ ابوالفضل شهاب الدين سيد محمود آلوسي رحہ

تفسير روح البيان: اسماعيل حقي بن مصطفيٰ الاستنبولي الحنفي الخلوتي البروسوي، المتوفي سنہ 1132هہ، شراڪت الڪتب العربيہ، ڪتب بيروت، سال 1306هہ

تفسير حسيني: مولانا سيد حسين الواعظ الڪاشفي هروي رحہ

تفسير بيضاوي: البيضاوي ابي الخير عبدالله بن عمرو /تفسير بيضاوي، جلد اول، مطبع شرڪة مڪتبة مصطفيٰ، مصر سال 1939 ع .

تفسير مدارڪ جلد اول: عبدالله بن احمد محمود نسفي مطبع اصح المطابع، بمبئي سال نامعلوم

تفسير مفتاح رشد الله: سيد محمدراشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه

مولانا صاحب قرآن پاڪ جي تفسير ۾ مختلف واقعن، فقهي مسئلن جي تشريح ۽ آيتن جي شانِ نزول ۾ حديثن جو بہ ذڪر ڪيو آهي واقعا، حديثن جي عربي متن مع راوي ۽ حديثن جي ڪتابن جا حوالا بخوبي لکيا آهن. عام پڙهندڙ بہ سمجهہ سان گڏ محظوظ ٿيندو.

مولانا صاحب جو مدرسو ڪورواهہ، تابنده جاري وساري آهي. مدرسي ۾ هر سال شاگرد بدستور ناظره وحفظ ڪري عالم ٿي دستاربند ٿي نڪرن ٿا. هن مدرسي جي سرپرستي مولانا صاحب جو پڙڏهٽو مولوي عبدالرؤف نورنگزاده ڪري ٿو ۽ ٻيا بہ استاد مولوي عالم ۽ قاري خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. اهو مدرسو ۽ مسجد خليفي محمود واري پراڻي درگاهہ ۾ قائم ۽ دائم آهي. مولاناصاحب جي خاندان جا ٻيا فرد بہ عالم ۽ ديني خدمتن سان وابستہ آهن. هن مدرسي ۾ اهو پراڻو ڪتب خانو (لائبريري) بہ موجود آهي ڪافي ڪتاب زماني گردش ۾ زبون ٿي چڪا آهن، باقي جيڪي بچيا آهن، انهن کي مولانا عبدالرؤف نورنگزاده محفوظ ڪيو آهي.

لائبريريءَ ۾ موجود قلمي ۽ ڇپيل ڪتابن جي فهرست مولانا محمد ادريس سنڌي سومري صاحب ترتيب ڏني آهي ۽ مولانا صاحب سنڌ جي مدرسن ۾ موجود قلمي مخطوطات کي گڏ ڪري هڪ ڪتاب جي شڪل ڏئي 'خزينة المخطوطات' نالي سان ڇپرايو آهي. ان ۾ هن مدرسي جي ڪتابن جي فهرست بہ ڏني آهي.

## حوالا:


1. سيد محمد اعظم الدين ٺٽوي، تحفة الطاهرين، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1956ع سيد محمد طاهر نسياني ٺٽوي، تاريخ طاهري، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1988ع.
2. مولانا حافظ محمد رمضان مهيري/ مختصر تاريخ گولاڙچي/ انجمن اشاعت الاسلام بجاري شريف تعلقہ گولاڙچي ضلع بدين، سال 2004ع.
3. مهيري محمد رمضان حافظ، تن پنوهارن پچار، جلد 3، انجمن اشاعت الاسلام بجاري شريف، سال 1990ع.
نورنگزاده محمد عثمان مولانا / تفسير تنويرالايمان في تفسيرالقرآن، مقدمہ /جلد پهريون، پارہ(؟)
4. الـمّ 1، سورة البقرة 2، پروپرائٽر: توفيق احمد ولد نور احمد، ناشر: مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب شاهي بازار شڪار پور، مؤرخ: دوازه دو ماه ذوالقعد سنہ 1354ھ
5. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ فتوح الغيب، ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد، مولوي محمد تاجران ڪُتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع.
6. نورنگزاده محمد عثمان مولانا مترجم/ حالاتِ غوثِ اعظم "حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح، ترجمہ بهجتہ الاسرار، سال نامعلوم.
7. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/اڪسيرالاحمرفي اسرارِ الجفر، 3 حصا، ڪاتب: شيخ عبدالواحد ٽريچالوي، ناشر: توفيق احمد/مولوي محمد عظِيم ڪتب خانو شاهي بازار شڪارپور سنڌ، ڇاپو ٽيون، 15 شعبان 1401ھ
8. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ تحفة الاسلام سنڌي ڇهہ حصا،ڪاتب: عبدالجبارپيچوهو سکر، ناشر: توفيق احمد ولد نور احمد ميمڻ، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، سال 1976ع.
9. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ تحفة المسلمين مع عجائبات محمدي صلي الله عليه وآله وسلم/ ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد
10. مولوي محمد عظيم تاجران ڪُتب شاهي، بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع.
نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ بينات القرآن لهداية العميان (سنڌي) ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد، مولوي محمد عظيم تاجران ڪُتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع.
11. نورنگزاده محمد عثمان مولانا، خطبات عثماني (سنڌي)، ناشر: توفيق احمد/مولوي محمد عظِيم ڪتب خانو شاهي بازار شڪارپور، سنڌ
12. نورنگزاده محمد عثمان مولانا، بياض عثماني (سنڌي) قلمي.
13. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ اشراق نماز جون فضيلتون، ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد، مولوي محمد عظيم تاجران ڪُتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع .
14. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ راه نجات، ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد، مولوي محمد عظيم تاجران ڪُتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع
15. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ عجائب العجائب، ناشر: توفيق احمد ولد نور محمد، مولوي محمد عظيم تاجران ڪُتب شاهي بازار شڪارپور سنڌ، 1984ع .
16. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/ خلاصة الفقه فارسي/سنڌي ( قلمي) 1904ع
17. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/رساله في الحديث المصطفيٰ من الڪلام النبوي عربي- سنڌي (مترجم سنڌي) قلمي.
18. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/"هدية النية في جواز الخطبة بلسان الهندية" (سنڌيءَ ۾ خطبن پڙهڻ بابت ڪتاب) قلمي.
19. نورنگزاده محمد عثمان، قرآن جون سورتون، ترجمہ- نعتيہ تنويرالايمان، محمد عظيم اينڊ پبلشرز شڪارپور، 1913ع.
20. نورنگزاده محمد عثمان مولانا/تفسير تنويرالايمان في تفسير القرآن، مقدمہ /جلد پهريون، پاره الـمّ 1، سورة البقرة 2 ، پروپرائٽر: توفيق احمد ولد نورمحمد، ناشر: مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، مؤرخ :دوازه دو ماه ذوالقعد سنہ 1354ھ

21. نورنگزاده عبدالرؤف/ "بياض مولانا محمد نورنگزاده"، "سراجاً منيرا" مخدوم نورنگزاده اڪيڊمي ڪوروالھ سال 2016ع.
22. تميمي رسول بخش/ تاريخ "ٺٽوصدين ڪان"، روشني پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ سال 2003ع
23. جعفراڻي عزيز/تاريخ سجاول/محمد بن قاسم لائبريري سجاول، سال 1967ع
24. جعفراڻي عزيز/جاتيءَ جا نوان ورق/محمد بن قاسم لائبريري سجاول، سال 2003ع .
25. جعفراڻي عزيز/سجاول جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ (1800ع کان 2008ع) محمد بن قاسم لائبريري سجاول ضلع ٺٽو/ 2009ع
26. جويو تاج/محمد عثمان منگي، موحد شاعر مولوي احمد ملاح، مالڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2003ع
27. خزينة المخطوطات جلد-1، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر مولانا محمد ادريس السندي/مرتب: مخدوم سليم الله صديقي/ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ 2006ع.
28. روضي ڌڻي پير سيد محمد راشد رحه/تفسير مفتاح الرشد/ناشر: مدرسه صبغة الٰهي، شاهپور چاڪر ضلع سانگهڙ، جولاءِ 1996ع- صفر المظفر 1417ھ 24 .
29. روضي ڌڻي پيرسيد محمدراشد / مڪتوبات: (قلمي فارسي)
30. شيخ محمد سومار، ضلعي بدين جي ثقافتي تاريخ، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، 1980ع
31. شيخ محمد سومار، بدين ضلعي جو مطالعو، بدين لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، سال 1082ع.
32. حافظ حبيب سنڌي،علامه علي محمد مهيري جي مطبوعه ڪتابن جو سرسري جائزو، مقالو (قلمي) 1996ع 43.
33. حافظ حبيب سنڌي، ملير،ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي،سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1994ع.
34. شيخ اسماعيل حقي، مطبع عثمانيه، تفسير روح البيان، جلد اول، سال 1306ھ .
35. قانع مير علي شير/تحفة الڪرام/مترجم: مخدوم اميراحمد/ مرتب/ بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون، سنه 1409ھ/ 1989ع
36. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر/ رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ٽيون، سال 2004ع.
37. قانع ميرعلي شير، مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
38. ڪاشفي ملا حسين واعظ/تفسير حسيني- مطبع محمدي بمبئي، سال 1376ع.
39. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي/ تفسير هاشمي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ سال 1987ع
40. مولائي شيدائي رحيمداد خان/جنت السنڌ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون، سال 1993ع.
41. معمور يوسفاڻي: "لاڙ جو مطالعو" مقالو مرتب: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سال 1991ع.
42. ملاح احمد مولوي، نورالقرآن، قرآن شريف جوسنڌي (منظوم) ترجمو، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، سال 1919ع
43. ملاح مختيار احمد/اٺويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ/ بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاه، ڇاپو پهريون، سال 2017ع.
44. شيخ ايم آئي/خورشيد اعظم قاسمي، تاريخ پاڪ وهند ۽ تاريخ سنڌ عجائب اسٽور فوجداري روڊ حيدرآباد سنڌ 1976ع.
45. مهيسر محمد حسين رحه خليفو/ صحبت سپرين جي، (ترجمه صحبت نامه) ملفوظات شريف امام العارفين حضرت پيرسيد سائين روضي ڌڻي رحه/ مترجم:مفتي عبدالرحيم سڪندري.
46. ٽالپر محمد جمن ڊ اڪٽر/ سنڌ جا اسلامي درسگاه، (تحقيقي مقالو) براءِ (پي ايچ.ڊي)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ سال 2007ع
47. سيد انور علي شاه /علامه علي محمد مهيري بجاري رحه جون علمي، ادبي، ديني، سياسي ۽ سماجي خدمتون تحقيقي مقالو براءِ ايم.فل، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 2008ع .
48. خليل محمد ابراهيم مخدوم ٺٽوي، تڪملة مقالات شعراء فارسي، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، سال 1958ع.
49. قاسمي غلام مصطفيٰ مولانا، ٽيرهين صديءَ جا مشاهير سنڌ ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1982ع



مولانا محمد ادريس جوڻيجو*

# حضرت علامہ محمد عثماني قِراني رحہ

اسلامي دنيا ۾ ڪيئن اهڙيون نامور هستيون پيدا ٿيون آهن، جن جي ذهني ۽ عملي ڪاوشن ذريعي نہ صرف اسلامي تعليمات، فڪر ۽ فلسفي جو فروغ عمل ۾ آيو، بلڪ انهن جي طفيل پوري انسانذات کي بي انداز علوم ۽ فنون مهيا ٿيا.

هر دؤر ۾ انسان کي علم و فنون جي سکيا خاطر ڪنهن رهبر يا استاد جي ضرورت درپيش آئي آهي. جناب آقاءِ نامدار حضرت مُحمّد صلي الله عليه وآله وسلم انسانذات لاءِ عظيم رهبر ۽ استاد پڻ هئا، جن پنهنجي قول ۽ فعل سان زندگي گذارڻ ۽ الله تعاليٰ جي ٻڌايل احڪامن جي بجا آوري لاءِ صحيح ۽ لافاني طريقہ ڪار عملي طور پيش ڪيو. سندن اصحاب بہ انهي طريقي تي هلي مسلمانن توڙي عام انسانن لاءِ درس اخلاق ڏيندا رهيا. ان بعد مسلم دنيا ۾ ڪيترائي عالم، مفڪر ۽ مدرس پيدا ٿيا، جن پنهنجي زندگي علم جي طالبن لاءِ وقف ڪري ڪيترائي پنهنجا شاگرد عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا، جن پنهنجي علمي ۽ فڪري زندگيءَ سان ٻين ڪيترن ئي انسانن کي فيض بخشيو ۽ اهڙين افضل خدمتن جي عيوض ۾ پنهنجو دائمي نالو ڇڏي ويا.

هر دؤر ۾ اهڙين باڪمال شخصيتن پنهنجي باڪمال ۽ لازوال علمي شعاعن وسيلي جهل ۽ اونداهيءَ جا پردا چاڪ پئي ڪيا آهن. اسان جي سنڌ بہ اهڙين بزرگ هستين جي فيض سان هميشہ پُرنور ۽ مالامال رهي آهي. حضرت علامہ مولانا محمد عثمان قِراني رحہ جو اسم گرامي پڻ اهڙين لازوال ۽ نامور هستين ۾ داخل آهي، جن جي فڪري ۽ علمي شعاعن جا اثرات تا اَبد هن جهان کي روشني بخشيندا رهندا.

علامہ محمد عثمان قِراني رحہ سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڊينگاڻ پرڳڻي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ تاريخ 27 صفر سنہ 1294هہ خميس جي ڏينهن ڄائو، سندن ولادت کان ڏينهن اڳ، سندن والده ماجده کي عالم خواب ۾ هڪ نظارو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ سندن والده ماجده ڏٺو تہ "هڪ مسجد شريف درياءَ ۾ موجود آهي، جنهن ۾ طالب العلم پيا پڙهن."

سندن والده جڏهن مذڪوره خواب جو تذڪرو پنهنجي خاوند حافظ ڄام رحہ سان ڪيو تڏهن ڄام رحہ فرمايو تہ "انشاءالله تنهنجي پيٽان هڪ سپوت فرزند تولد ٿيندو، جيڪو وڏو عالم دين ٿيندو." علامہ محمد عثمان رحہ جن جو والد حافظ ڄام رحہ پڻ نيڪ عابد، پرهيزگار، پلارو شخص هو.

علامہ صاحب ذات جو پنهيرو هو ۽ سندن ڪُنيت ابوسعيد هئي ۽ تخلص 'قِراني' هو. قِراني جي معنيٰ آهي: ٻن شين جو گڏجڻ، جيئن حج ۽ عمرہ وغيرہ. اهلِ نجوم جي اصطلاح موجب ٻن سِتارن جو هڪ برج ۾ هڪ وقت ۾ گڏجڻ، جنهن کي 'قِران السعيدين' چوندا آهن. هي نيڪ بختيءَ جي نشاني يا علامت سمجهي ويندي آهي.

پاڻ اڃا ستن اٺن ورهين جو هو تہ ميان سيد حاجي احمد شاهہ مرحوم ڳوٺ اميد علي خان واري وٽ قرآن ناظرہ، پڙهڻ ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪيائون ۽ ڪجهہ عرصي بعد سندن استاد جي لڏي

---

* هي مضمون اسان کي ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب سندن والد مرحوم "معمور" يوسفاڻي رحہ جي لائبريريءَ مان بلوچ رنگ لاءِ خاص موڪلي ڏنو آهي. "معمور" يوسفاڻي صاحب پنهنجي دوست مولانا محمد ادريس جوڻيجي صاحب کان هيءُ مضمون خاص ٽماهي "مهراڻ" جي لاءِ ان وقت لکايو هو، جڏهن مولانا عبدالسميع ساند صاحب اڃان حيات هو. — ادارو)

وجڻ ڪري باقي 'قرآن شريف' پنهنجي والد ماجد وٽ پورو ڪيائون ۽ فارسيءَ جي تعليم لاءِ سندن والد مرحوم مولانا ميان محمد علي صاحب مرحوم پناڻ ڳوٺ سعيد لاکي شاهه وٽ ڪيس ڇڏيو. هيءُ صاحب فارسيءَ جو سٺو شاعر هو، پاڻ نهايت ٿورڙي عرصي ۾ نه صرف فارسي جي تعليم مڪمل ڪيائون، بلڪ شعر شاعريءَ سان ڪين گهڻو چاهه پيدا ٿيو. عربي تعليم 'صَرف' تمام ۽ 'نحو' ملا جامي تائين ۽ علم فقه ۾ 'هدايه' تائين تعليم، مولانا مولوي لعل محمد صاحب مرحوم متعلوي وٽ ٽنڊي مير غلام علي ۾ حاصل ڪيائون. علم منطق ۽ نحو جناب مولانا مولوي خير محمد صاحب وٽ پڙهيو. آخر ۾ دستاربندي ۽ تحصيل علم جناب مولانا مولوي لعل محمد متعلوي ڪان عطا ٿي. پاڻ علم تفسير ۽ حديث شريف جي وڌيڪ تعليم خاطر ڪجهه عرصو مدرسه قاسميه دارالعلوم ديوبند ۾ رهيو ۽ فضلاءِ ڪان فيض حاصل ڪيائون. علامه صاحب پنهنجي ويهن سالن جي نوجوانيءَ جي عمر ۾ سن 1315ھ ۾ پنهنجي ڳوٺ عمر پنيري، تعلقي ساماري ۾ مدرسه مجدديه 'پنيرا' قائم ڪري علم جي شمع روشن ڪيائون ۽ سندن مدرسه جو پري پري تائين نالو مشهور ٿيو.

**صورت ۽ سيرت:** علامه صاحب جو قد پورو پُٺو، چهرو نوراني، رعبدار ۽ حشمت وارو هو. سندن آواز بُلند ۽ دِلڪش هو. سندن طبعيت سادي ۽ سٻاجهڙي هئي، پاڻ نهايت ذهين ۽ جفاڪش هو. ساڻن جنهن هڪ دفعو ڪچهري ڪئي سو سڄي عمر سندن علميت ۽ پلاري طبع جو مداح ٿي رهيو.

**علميت ۽ ذهانت جا چند مثال:** مولانا مرحوم نهايت ذهين ۽ صحيح راءِ رکندڙ ۽ تيز حافظي وارو عالم هو، وٽن هميشه علمي گفتگو ٿيندي رهندي هئي. پاڻ تمام پيچيدا ۽ مشڪل مسئلا تمام آسان پيرائي ۾ بيان ڪندو هو. حضرت استادنا و مولانا عبدالخالق پلي مرحوم جن ٻڌايو ته هڪ دفعي حضرت قِراني رحه اسان جي استاد حضرت مولانا محمد علي رحه جوڻيجي وٽ مدرسه دارالفيوض حاجي محمد عالم پلي ۾ تشريف فرما ٿيو. هميشه جي معمول مطابق منتهي شاگردن کي ٻئي ڏينهن (حضرت قِراني رحه) کي درس ڏيڻو هو. آءٌ منتهي شاگردن ۾ سڀني ڪان ذهين هئس سو مولانا جي علميت ۽ ذهانت پروڙڻ خاطر رات جو مطالعو ڪري پندرهن ڪان نهايت ڏکيا ۽ پيچيده سوال مولانا مرحوم ڪان پڇڻ لاءِ لکيم. جڏهن صبح جو سبق شروع ٿيا ته حضرت مولانا قِراني رحه، سبق جو مطلب نهايت آسان ۽ مختصر بيان ڪيائون، ان بعد مون عرض ڪيو ته سائين هڪ سوال آهي، پاڻ هڪدم سمجهي ويو وري ٻيهر عبارت پڙهڻ جو چئي ۽ سمجهائي ڏنائون، جنهن ۾ منهنجي سوال جو حل ۽ جواب اچي ويو، تقرير ختم ڪري فرمايائون ته هاڻي پلي سوال ڪر. اُن تي مون عرض ڪيو ته سائين منهنجي سوال جو جواب ملي ويو. اُن بعد اهڙي ڍنگ سان پڙهايائون جو سندن سمجهائي ذريعي منهنجن پندرهن ئي سوالن جا جواب اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيائون ۽ ان طرح مون کي سوال پڇڻ ۽ جواب وٺڻ جو موقعو ئي نه ڏنائون.

پاڻ علم جو عميق بحر ۽ درس و تدريس جي فن ۾ ماهر ۽ يَڪتا هو. سندن باري ۾ سندن استاد فرمائيندو هو ته پاڻ شرافت ۽ علم ۾ گهڻو وڌيڪ آهي. حضرت قِراني عليه الرحمة مجاهد، فقيه عابد پرهيزگار ۽ قابلِ قدر عالم دين هو. سڀني عقلي، نقلي ۽ سياسي علمن جا اعليٰ پايه ۽ وسيع النظر عالم هو. سندن مدرسي ۾ تعليمي نصاب دارالعلوم ديوبند جهڙوئي هو، پاڻ کي ڪتاب وڌيڪ رکيا هئائون، فارسي ۽ عربي جي سڄي تعليم پاڻ اڪيلوئي ڏيندو هو، ٻين مدرسن جا منتهي شاگرد ۽ هوشيار مدرس به وٽن اچي درس ۾ شامل ٿيندا هئا.

مولانا مرحوم جن تفسير، حديث، فقه، صرف و نحو، منطق صغريٰ و ڪبريٰ، علم حڪمت، هيئت، فلسفو ۽ رياضي، ادب، سلوڪ، تصوف، طب، وغيره پڻ پڙهائيندو هو. پاڻ اُنهن سڀني علوم و فنون ۾ يڪتا هو. اهڙيون خوبيون هيون جي هڪ ئي وقت هڪ عالم ۾ ملڻ مشڪل آهن. وٽن هميشه

ڏيڍ سؤ کان ٻه سؤ تائين شاگرد تعليم وٺندا هئا. پاڻ غريب گهراڻي جو فرد هو، مگر انهي هوندي به سڄو خرچ محض متوڪل عليہ الله سرانجام ڏيندو هو. پاڻ ڪڏهن ڪنهن امير يا صاحب ثروت کي مدرسي جي امداد لاءِ ڪونہ چيائون. پاڻهي ڪي نيڪ شخص مدرسي جي امداد خاطر رقم، اناج ۽ ڪپڙو ڏيئي ويندا هئا. هونئن تہ سندن مدرسي مان هزارين طالب العلم فيضياب ٿيا، پر جن شاگردن ڪانئن دستاربندي حاصل ڪئي، تن جو تفصيل هن طرح آهي:

**جماعت اول**: مولوي نور محمد مرحوم، (حضرت ٿِراني جو پاڻ)، مولوي محمد صاحب ۽ مولوي عبدالحق حقاني سمہ مرحوم (گوئينداڻي).

**جماعت دوم**: مولوي دوست محمد صاحب لغاري مرحوم، مولوي احمد آريسر صاحب مرحوم ڳوٺ وڄهار (رياست جوڌپور)، مولوي عبدالواحد صاحب دل، مولوي حاجي عبدالحڪيم صاحب ميمڻ مرحوم چيلهہ وارو، مولوي محمد صالح صاحب مرحوم (حضرت ٿِراني عليہ الله جو پاڻ) ۽ مولوي حاجي محمد ابراهيم صاحب خاصخيلي.

**جماعت سوم**: مولوي محمد صاحب بروهي (قلات)، مولوي ميان عبدالله صاحب ولهاري مرحوم، مولوي محمد قاسم صاحب مرحوم، مولانا محمد علي صاحب جوڻيجو مرحوم صدر جمعيت العلماء ضلع ٿرپارڪر ۽ جان محمد صاحب مرحوم (رياست جوڌپور)، مولوي محمد حسن صاحب مرحوم (رياست جوڌپور)، مولوي لال محمد صاحب، مولوي محمد عمر صاحب مرحوم، مولوي محمد صاحب ريگستاني، مولوي محمد پرڳڙي صاحب مرحوم، مولوي احمد صاحب قريشي.

**جماعت پنجم**: مولوي عبدالرحمان صاحب مرحوم (ريگستاني)، مولوي محمد سليمان صاحب مرحوم (تخت آبادي)، مولوي محمد سليمان صاحب هاليپوٽو (ريگستاني)، مولوي محمد دائم مرحوم، مولوي محمد اسحاق صاحب مرحوم، مولوي عبدالعليم صاحب، مولوي عبدالرشيد صاحب فرزند مولانا مولوي حبيب الله صاحب (ريگستاني)، مولوي نورمحمد صاحب سمو.

**جماعت ششم**: مولوي محمد صديق صاحب مرحوم، مولوي عبدالوهاب صاحب، مولوي علي محمد صاحب پلي، (شادي پلي)، مولوي عبدالخالق صاحب هاليپوٽو شادي پلي، مولوي قاضي نورمحمد پلي مرحوم (زميندار ديپو).

**جماعت هفتم**: مولوي عبدالڪريم صاحب مرحوم مفتي ولهيٽ، مولوي عبدالرزاق صاحب زنگي مرحوم، مولوي عبدالرشيد ٽالهي، مولوي نبي بخش صاحب مرحوم لغاري، ڳوٺ دولت لغاري، (ميرپورخاص).

**جماعت نهم**: مولوي عبداللطيف صاحب مرحوم ساند ولهيٽ، مولوي عبدالاحد ساند مرحوم قريہ پٿهياريو، مدرسہ حاجي محمد عالم پلي ۾ ڪجهہ وقت مدرس رهيو، مولوي علي محمد صاحب نهڙي ۽ مولوي محمد عثمان چنڊ مرحوم هيمياري وارو.

**جماعت دهم**: مولوي عبداللطيف صاحب ٽالهي وارو، مولوي علي محمد صاحب لس ٻيلي وارو، جنهن لس ٻيلي ۾ مدرسو جاري ڪري تعليم ڏني، مولوي احسان علي صاحب لغاري، مولوي خدا بخش صاحب (رياست جوڌپور)، مولوي محمد حسن صاحب ميمڻ ٽالهي ۽ مولوي محمد عمر صاحب ٽالهي.

**جماعت يازدهم**: مولوي عبدالهادي صاحب پنهور جانهري وارو، مولوي حاجي محمد صاحب ڪوسو جيڪب آباد، مولوي دين محمد صاحب خاصخيلي ڊينگاڻ وارو، مولوي محمد صالح صاحب ريگستاني، مولوي عبدالله صاحب سال وارو.

**جماعت دوازدهم**: مولوي يارمحمد لغاري، مولوي هدايت الله صاحب ريگستاني.

**جماعت سيزدهم**: مولوي حافظ عبدالله صاحب، مخدوم مفتي مولانا حمادالله صاحب، مهاجر مدني ضلع ڪراچي، مولوي غلام رسول صاحب چانڊيو، مولوي عبدالرحمان درس ڪڇي، مولوي حافظ عبدالله معنور لغاري ڳاجي دائره وارو.

**جماعت چهاردهم**: مولوي عبدالحئي مرحوم فرزند حضرت ٿِراني عليہ السلام رحمة، مولوي غلام

علي شاهه صاحب سوندا، مولوي ولي محمد صاحب بنت زاده، مولانا حمادالله لاڙ واري جو، مولوي محمد ادريس ڳوٺ خانواهه، مولوي محمد عثمان ميمڻ لاڙ وارو، مولوي محمد اسماعيل لغاري شاديون (حال مسڻ وڏي) ضلع حيدرآباد، مولوي محمد يعقوب صاحب خاصخيلي بدين وارو.

انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد هئا، جن علوم الدينيہ عربيہ جي چڱي قدر تعليم ورتي هئائون، فقط آخر جا ڪي ڪتاب رهيل هئا، جن مان محمد صالح آريسر مرحوم، محمد سگهو پلي، مولوي محمد امين آريسر مرحوم، مولوي محمد علي آريسر مرحوم، شفيع محمد آريسر مرحوم ۽ طاهر محمد آريسر مرحوم جا نالا قابلِ ذڪر آهن ۽ ٻيا بہ ڪيترا اهڙا شاگرد هئا جن جو شغل طوالت طلب آهي.

ڪيترا اهڙا بہ شاگرد هئا، جن وٽس دستاربنديءَ جي قريب تعليم وٺي رهيا هئا تہ سندس صحت ڪِري پئي ۽ سندن عليل رهڻ ڪري، اُنهن شاگردن جي تعليم مڪمل نہ ٿي. اهڙن شاگردن مان سندن فرزند ارجمند مولانا الحاج محمد سعيد صاحب، مولوي عبداللطيف صاحب پٺاريہ وارو خاص قابلِ ذڪر آهن.

علامہ حضرت قِراني عليہ الرحمة جي مدرسہ مان فارغ ٿيل ڪيترن ئي شاگردن پنهنجن علائقن ۾ ديني مدرسا جاري ڪيا، اُنهن مان ڪن اهم شخصيتن ۽ سندن مدرسن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

(1) مولانا عبداللطيف ساند مرحوم، تعلقي عمرڪوٽ ۾ پنهنجي ڳوٺ ولهيٽ ۾ "مدرسہ مظهرالعلوم العربيہ ولهيٽ" جاري ڪيو ۽ حضرت قِراني رحہ جا شاگرد مولانا عبدالڪريم مرحوم ۽ مولانا عزيزالله مرحوم مدرس ٿي رهيا ۽ هن وقت مولانا عبدالسميع صاحب حضرت قراني رحہ جي شاگرد مولانا غلام رسول صاحب جي شاگردن مان مدرس اعليٰ آهي.

(2) مولانا محمد علي جوڻيجي مرحوم، تعلقي عمرڪوٽ جي ڳوٺ حاجي محمد عالم پلي ۾ مدرسہ دارالفيوض جاري ڪيو. هن وقت سندن وڏو فرزند مولانا محمد اسحاق صاحب صدر مدرس آهي ۽ الحمدالله هي مدرسو هن وقت ديني خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي.

(3) مولانا محمد نوح خاصخيلي مرحوم ۽ مولانا محمد ابراهيم پنهنجي ڳوٺ چوڻره تعلقي جيمس آباد ۾ مدرسہ عربيہ چوڻره جاري ڪيو.

(4) مولانا غلام احمد صاحب ڳوٺ ڪلواري تعلقي جيمس آباد ۾ مدرسہ هاشميہ ڪلواري جاري ڪيو.

(5) مشهور عالم دين حضرت مولانا غلام رسول صاحب چانڊيي ڳوٺ شير خان چانڊيي ۾ مدرسہ جاري ڪري علوم الدينيہ جي تعليم ڏيندو رهيو.

**معمولات ۽ مشغوليون**: علامہ صاحب مرحوم فجر نماز، بعد مسلسل ٻن پهرن تائين پڙهائيءَ جي ڪم ۾ مشغول رهندو هو. ڏينهن جي ماني کائي ظهر نماز، بعد وري تدريس جاري رهندي هئي. انهيءَ جي وچ ۾ نماز لاءِ وقفو ٿيندو هو. رات جو يارهين وڳي اخبارن جو مطالعو ڪري گهر وڃي ماني کائي آرامي ٿيندو هو.

**ڪارناما**: علامہ صاحب نہ صرف علمي ڪارناما سرانجام ڏنا، پر عمليٰ طور پاڻ ڪيترن ئي مباحثن ۽ مناظرن ذريعي ابوجهہ عوام کي دڳ لاتائون، ڪيترن ئي مخالفن سان مناظره ڪري ڪين شڪست ڏنائون. اهڙين واقعن مان ڪجهہ واقعا هتي لکجن ٿا:

(1) ڳوٺ صوفي فقير تعلقي عمرڪوٽ ۾ انهي دور جو فقير حاجي محمد سومرو نهايت جهانديده ۽ علم دوست بزرگ هو، جنهن عيسائين کي پاڻ وٽ رهايو ۽ سندن مذهب متعلق ڪائن سوال پڇيا. عيسائي پنهنجي وڏن پادرين کي پڻ وٺي آيا. انهي موقعي مان فائدو وٺندي صوفي صاحب علامہ صاحب کي دعوت

محمد يوسف جويو



# سيد غلام مرتضيٰ شاهه

(17- جنوري 1904ع — 25- اپريل 1995ع)

## (علمي ۽ ادبي خدمتون)

**پيدائش:**

سيد غلام مرتضيٰ شاهه، جنهن کي سنڌ جا عام ماڻهو 'سائين جي.ايم.سيد' جي نالي سان سڏيندا آهن. هي سيد زادو تاريخ 17- جنوري 1904ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ 'سن' تعلقي مانجهند ۾ ڄائو. هيءُ ٻالڪ اڃا ٽن سالن جو مس ٿيو هو ته انگريزن جي چرچ ۽ ڏيهي دلالن جي سازش تي سندس والد ماجد سيد محمد شاهه کي فجر جي نماز پڙهي واپس ورندي شهيد ڪرايو ويو، جنهن کي پوءِ وري خانداني دشمنيءَ جو رنگ ڏنو ويو . سندس شادي ننڍي هوندي پنهنجي عزيزن مان ٿي، ان مان کيس پنج ٻار پيدا ٿيا، جن ۾ ٻه فرزند ۽ ٽي نياڻيون جن ۾ پهريون فرزند امير حيدر شاهه ۽ ٻيو فرزند سيد امداد محمد شاهه، سنڌ اسيمبلي ۽ پاڪستان قومي اسيمبليءَ جا ميمبر ۽ مختلف وزارتن ۾ رهي چڪا آهن. ٽن نياڻين مان هڪ نياڻي سيد درشهوار 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ عورت جو ڪردار' جي عنوان تي پي ايڇ.ڊي ڪئي، باقي ٻه نياڻيون گهريلو خاتون ٿي رهيون.

**ابتدائي تعليم:**

سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ سن ۾ ماستر ڏرمداس، ريواچند ۽ ماستر وسٽمل کان حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي محمد هاشم سنائي، مولوي محمد صالح سيال ۽ مولوي ڊاڪٽر الله بخش دادوي کان ورتي، ان کان علاوه انگريزي ٻوليءَ جي تعليم مولوي ڊاڪٽر حامد هالائيءَ واري وٽان حاصل ڪئي.

**عملي زندگي ۽ سياسي، سماجي ڪم:**

سائين جي.ايم.سيد چوڏهن سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ سياست کي لوڪ جي خدمت سمجهندي، پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. 7،8 ۽ 9 فيبروري 1920ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيل ٽه روزه سنڌ خلافت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، ان کان پوءِ جلدي هن پنهنجي ڳوٺ سن ۾ هڪ ٻي سنڌ خلافت ڪانفرنس 17 مارچ 1920ع ۾، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت ۾ ڪرائي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جا ناليوارا ڏاها ۽ سياستڪار شريڪ ٿيا. هن سياست ۾ اچڻ سان ڏٺو ته سنڌ ۽ دنيا جي سامهون ٽي وڏا ۽ مکيه مسئلا- غربت، جهالت ۽ بدامني ڪر کنيو بيٺا آهن. هن وڏي غور ويچار سان انهن مسئلن جا ڪارڻ پڻ معلوم ڪيا ته هن کي خبر پئي:



ڌارين جي غلامي، وڏيرڪو نظام ۽ سرمائيداري نظام غربت جا مکيه ڪارڻ آهن. ان کان علاوه جهالت به خانه بدوش (روزگار خاطر لڏپلاڻ) زندگي، شهري زندگيءَ ۾ سهولتن جي عدم موجودگي، تعليم جي وسيلن جي کوٽ ۽ مهانگائي مکيه سبب آهن.

بدامني لاءِ عالمي سطح تي خونخوار ۽ وحشياڻي عالمي جنگيون ۽ مقامي سطح تي انتظامي زندگيءَ جي بي ترتيبي، وهم پرستي ۽ انڌي عقيدي پرستي، دهشتگردي ۽ ڌاڙين قوتن جي حملن جا خطرا مکيه ڪارڻ آهن.

سيد جي سياست جي باقاعدي شروعات آل انڊيا ڪانگريس پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ سان ٿي، پر هن جي سياست جو مرڪزي نُڪتو هميشه سنڌ ۽ سنڌ جي آزادي ئي رهيو، تنهنڪري هن برصغير جي مختلف سياسي پارٽين سان گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ نتيجي ۾ پنهنجي عمر جو اڌ کان وڌيڪ حصو جيل جي سختين ۽ نظربندين ۾ گذاريو.

سائين جي.ايم.سيد سپ کان پهرين 1925ع ۾ لوڪل بورڊ مانجهند جو ميمبر، پوءِ صدر ۽ اڳتي هلي 1929ع ۾ لوڪل بورڊ ضلع ڪراچيءَ جو صدر چونڊيو ويو. سائين جي.ايم.سيد سياست کي خدمت سمجهندي، سماجي ڪم پڻ ڪرڻ شروع ڪيا. 1925ع ڌاري هن پنهنجي ڳوٺ سن ۾ انگريزي اسڪول ۽ نائيٽ اسڪول ڪولائي بورڊنگ هائوس جو بنياد وڌو. غريب سيدن جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ هن 1921ع ۾ مٽياري سيدن جي ڪانفرنس سڏائي 'انجمن سادات، مٽياري' جو بنياد وڌو. 1929ع ۾ 'ڳوٺ سڌار تحريڪ' نالي هڪ سماج سڌارڪ تنظيم جو بنياد وڌائين. ان کان علاوه هن هارين جي حالت بهتر ڪرڻ ۽ سڌارڻ، کين تعليم ۽ صحت جي بهتر سهولت ڏيارڻ، امن امان ۽ تحفظ ڏيارڻ لاءِ پنهنجي ساٿين سان گڏجي 1930ع ۾ ميرپورخاص ۾ 'سنڌ هاري ڪاميٽي' جو بنياد وڌو، جنهن هارين جي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ تمام ڏگهي ۽ ڪامياب جدوجهد ڪئي.

1843ع ۾ انگريزن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هڪ خونخوار جنگ ٿيڻ کان پوءِ آزاد سنڌ ملڪ تي انگريزن جو قبضو ٿي ويو، ۽ سنڌ کي هڪ الڳ غلام ملڪ جي حيثيت ۾ چئن سالن تائين جدا گورنر سر چارلس نيپيئر جي انتظام هيٺ رکيو. ان کان پوءِ انگريزن 1847ع ۾ سنڌ جي اها الڳ حيثيت ختم ڪري ان کي بمبئي صوبي جو حصو بنائي ڇڏيو هو. سائين جي.ايم.سيد سنڌ کي آزاد ۽ اصل حيثيت ڏيارڻ خاطر وقت به وقت پنهنجي تقريرن، تحريرن، تجويزن ۽ تحريڪن جي وسيلي نيٺ سنڌ کي پهرين اپريل 1936ع ۾ بمبئي کان دائمي طرح جدا ۽ آزاد حيثيت ۾ خود مختيار اسيمبليءَ جو وجود قائم ڪرايو. جيئن ته انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ سنڌ جا ڪي بااثر ۽ انگريزن جا ايجنٽ وڏيرا ۽ خود غرض هندو، بمبئيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ جي حق ۾ نه هئا، ان وقت سنڌ اندر فرقيواريت جي باهه به ڪنهن سازش تحت دکائي وئي هئي. امن، محبت ۽ رواداريءَ واري سنڌ، فرقيوارانه ۽ مذهبي منافرت واري ماحول جو شڪار ٿي چڪي هئي. ان ماحول کي سمجهندي سائين جي.ايم.سيد 1936ع ۾ هڪ غير فرقيوار جماعت 'سنڌ اتحاد پارٽي' قائم ڪئي. ڪانگريس جي اٽوٽنڊڙ رويي کان بدظن ٿي سائين جي.ايم.سيد 1938ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ سنڌ جو صدر بنايو ويو. 1940ع ۾ پاڻ وزير تعليم بنيو ۽ پنهنجي وزارت دوران هن وڏا ڪم ڪيا، جن مان ڪجهه هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي جوڙي ڪوششون ورتائين.

- 'سينٽرل ايڊوائزري بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر' قائم ڪيائين، جيڪو اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ جي نالي سان مستقل ۽ آزاد حيثيت سان ادارو قائم ٿيو.
- سنڌي ثقافتي بورڊ لاءِ اڌ ڪروڙ رپيا منظور ڪرايائين جيڪو ادارو اڳتي هلي 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز' جي نالي سان قائم ٿيو.
- ڪانگريس جي سخت مخالفت جي باوجود 3 مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان کي قائم ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پيش ڪيو، جيڪو پوري اڻ ورهايل هندستان ۾ پهريون ٺهراءُ هو ۽ هي ٺهراءُ وڏي اڪثريت سان پاس ڪيو ويو.

❖ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو چونڊن ۾ هيءُ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو.
❖ ون يونٽ دوران صوبائي اسيمبلي ميمبر کان چونڊون ڪرايون ويون، انهن چونڊن ۾ هي اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ سٺن ميمبرن سان گڏ چونڊجي آيو ۽ ون يونٽ جي خلاف مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ جو ٺهراءُ 310 ميمبرن جي اڪثريت سان پاس ڪرايائين، ان ٺهراءَ جي مخالفت صرف چئن ميمبرن ڪئي.
❖ 1966ع ۾ هن 'بزمِ صوفياءِ سنڌ' تحريڪ جو بنياد وجهي عام ماڻهن جي اخلاقي، نفسياتي ۽ ذهني درستي جي تربيت لاءِ ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي ڪلچرل پيغام کي پکيڙڻ لاءِ خطبا ڏيڻ شروع ڪيا، جن ۾ مرڪزي نُڪتا هي هئا:
'سر زمين سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم لاءِ ئي خاص طور ڪم ڪرڻو آهي.'
هن وڌيڪ سمجهيو ٿي ته "هتي مختلف نسل، تهذيبون، منهبي فلسفا، سياسي ۽ سماجي طور طريقا ملي جلي يڪرنگي ۽ هم آهنگي اختيار ڪري ويا آهن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ اوڀر ۽ اولهه جا ويچا مَنجي، سڀ هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سر زمين سنڌ کي انهيءَ پنهنجي تاريخي تجربي جي روشنيءَ ۾ دنيا جي اڳيان هڪ خاص ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

**سائين جي. ايم. سيد جا علمي ۽ ادبي ڪم:**

سائين جي.ايم.سيد هڪ سياستدان، مفڪر ۽ اديب هو. پاڻ سڄي عمر سرگرم عمل رهيو ۽ پنهنجي مختلف سرگرمين جي دوران سوين مضمون، خط لکيا ۽ تقريرون ڪيون، متفرق تصنيفن کان سواءِ هن سنڌ جي تاريخ، ادب، ڪلچر، سياست ۽ فلسفي تي ڪوڙ سارا ڪتاب جن جو تعداد لڳ ڀڳ سٺ کن فڪرانگيز ۽ نظرياتي ڪتاب لکيا آهن، جن جا ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

**تاريخ تي ڪتاب:**

❖ سنڌ جا سورما
❖ سنڌي ڪلچر
❖ جيئڻ ڏنو آ مون ڏنو (زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن ۽ حقيقتن تي فڪر انگيز تحرير)
❖ سنڌ ڳالهائي ٿي (عدالتي بيان)
❖ جديد سياست جا نو رتن (تاريخ)
❖ مانجهند محال ڪوهستان (تاريخ ۽ جاگرافي)
❖ محال مانجهند جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام
❖ جي.ايم.سيد جون تقريرون: ٽي ڀاڱا (تاريخ)
❖ سنڌ جي بمبئي کان آزادي (تاريخ)
❖ سنڌ متحده محاذ ۽ ون يونٽ (تاريخ)

**ادب تي ڪتاب:**

❖ پيغامِ لطيف (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر تي ڪتاب)
❖ ديار دل، داستان محبت (يادگيريون)
❖ منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني: ٻه جلد (آتم ڪهاڻي)
❖ ڪجهه خط (مختلف شخصيتن جا خط)
❖ واجڻ ويراڳين جا: ٻه جلد (امين کوسي ۽ سائين جي.ايم.سيد جا خط)
❖ ساهڙ جا سينگار (علامه آءِ.آءِ.قاضي ۽ سائين جي.ايم.سيد جا خط)
❖ رهاڻ (ميران محمد شاهه ۽ سائين جي.ايم.سيد)
❖ خط ۽ مضمون (پير علي محمد راشدي جا خط)
❖ سڏ پڙاڏو (جي.ايم.سيد ۽ محمد ابراهيم جويو جا خط)
❖ آيو تڙ تماچي (رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جا خط)
❖ اڄ پڻ چڪيم چاڪ (مختلف شخصيتن جا پروفائيل)

- ❖ جنب گذاريم جن سين: ٻه جلد (مختلف شخصيتن جا پروفائيل)
- ❖ شاهه لطيف جون چونڊ ڪافيون (ادب)
- ❖ سنڌي ادب جو ٻه چالاءِ ( ادب )
- ❖ چونڊ ادبي مضمون (ادب)

**فڪري، نظرياتي ۽ فلسفي تي لکيل ڪتاب:**

- ❖ سنتوءَ جي ساڃهه، ٻه جلد (فلسفو)
- ❖ سنتوديش جو ۽ چالاءِ (فلسفو)
- ❖ پاڪستان هاڻ ٽٽڻ گهرجي (نظرياتي ڪتاب)
- ❖ نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (فلسفو)
- ❖ مسلم ليگ سان اختلاف جو ۽ چالاءِ (سياست ۽ تاريخ)
- ❖ فريادِ سنڌ (نظرياتي ڪتاب)
- ❖ پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل (نظرياتي تاريخ)
- ❖ خطباتِ سيد (نظرياتي ۽ فلسفي جو ڪتاب)
- ❖ بزمِ صوفياءِ سنڌ جو آئين ۽ خطبا (فلسفو)
- ❖ چونڊ سياسي مضمون (سياست)
- ❖ هندستان جا مسلمان ۽ پاڪستان (ترجمو، مئي 1941ع)
- ❖ سنڌ جي عدالت جي انتظاميه کان جدائي (1946ع): هڪ جائزو
- ❖ مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ (نظرياتي جائزو)
- ❖ نئين سنڌ لاءِ جدوجهد: ٻه ڀاڱا (نظرياتي بحث)
- ❖ پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو (نظرياتي بحث ۽ فلسفو)
- ❖ مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تجزيو (جائزو)
- ❖ هيڙا هاڃا ٿين (سياسي ۽ نظرياتي پمفليٽن جو مجموعو)

**سائين سيد غلام مرتضيٰ شاهه عرف جي.ايم.سيد جي شخصيت تي جن ماڻهن ڪتاب لکيا، تن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:**

- ❖ سيد اعظم/ امين کوسو
- ❖ جي.ايم.سيد/ عبدالواحد آريسر
- ❖ ڇا تہ شخص هو/ عبدالواحد آريسر
- ❖ تصوف، عشق ۽ سائين جي.ايم.سيد/ الطاف ملڪاڻي
- ❖ ڪالهه گڏيوسين ڪاڪڙي/ نواز خان زنئور
- ❖ لامون سي وڻ سنڌيون/ آزاد قاضي

ان کان علاوه سائين جي.ايم.سيد جا سترنهن کن ڪتاب فڪري، نظرياتي ۽ فلسفي حيات تي لکيل آهن. سائين جي.ايم.سيد جي تاريخي لائبرريءَ ۾ سندس اڻڇپيل ڪتاب ۽ آتم ڪٿا جو رهيل حصو، ڊائريون، مضمون خط ۽ ٻيو ڪيترو اڻ ڇپيل مواد اڃا موجود آهي.

17- جنوري 1904ع سندس جنم ڏينهن آهي. هيءُ سياستدان، اديب ۽ مفڪر پنهنجي زندگيءَ جا 32 سال قيد و بند ۾ گذاريا. سندس وفات به مسلسل ۽ ڊگهي نظربنديءَ جي حالت ۾ 25- اپريل 1995ع ۾ اگاري ڏينهن ڪراچيءَ جي جناح اسپتال ۾ ٿي.





ميرزا دبير

# ميرزا غلام حيدر بيگ ’قنبر‘ جي تاريخ گوئيءَ جو فني جائزو

حيدرآباد شهر جي علمي خاندانن ۾ ٽنبو آغا جي ميرزا خاندان جي حيثيت مجيل رهي آهي. هِن خاندان جيڪي علمي، ادبي ۽ مذهبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، سي ڪنهن کان ڳجهيون نہ آهن ۽ انهن کان سنڌ جو هر باشعور فرد چڱيءَ ريت واقف پڻ آهي. هِن خاندان ۾ جنم وٺندڙ مانائتين شخصيتن مان ميرزا غلام حيدر بيگ ’قنبر‘ بہ پنهنجي دؤر جي هڪ مجيل، بااخلاق ۽ باوقار شخصيت هو. جنهن نہ فقط پنهنجي اباڻي ورثي جي آبياري ڪئي، پر هُنَ پنهنجيءَ پَرِ ۾، سنڌي ٻوليءَ جو خاموش خدمتگذار بڻجي، ادب جي خدمت بہ پئي ڪئي.



ميرزا غلام حيدر بيگ ’قنبر‘ 12 رمضان المبارڪ 1249ھ/ 23 جنوري 1834ع خيرپور ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو ميرزا فتح علي بيگ ’فتح‘ هو، جيڪو پنهنجي دؤر جو مجيل مرثيہ گو شاعر ۽ مرثيہ خوان هو. سندن وڏا چغتائي مغل خاندان مان هئا ۽ سندن اصل وطن دهلي هو، جتان پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهيا. ميرزا غلام حيدر جو ڏاڏو ميرزا مراد علي بيگ ’سائل‘ سنڌ مرثيہ گو شاعر ۽ مرثيہ خوان هو، جنهن 1173ھ ڌاري سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيا چيا، سنڌي شاعريءَ ۾ مرثيي جي روايت قائم ڪئي. سندس مرثيہ خوانيءَ ۽ مذهبي خدمتن جي واڪاڻ ٻُڌندي، مير سهراب خان واليءِ خيرپور شيعت جي تبليغ ۽ مرثيہ خواني ڪرڻ لاءِ کيس خيرپور ۾ اچي رهڻ لاءِ آڇ ڪئي ۽ مير صاحب جي گهڻي اصرار تي پاڻ ٺٽي مان خيرپور ۾ اچي هاٽوڪي محلي سيد علي رضا شاھ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون.

ميرزا مراد علي بيگ جي مرثيہ خوانيءَ جي واڪاڻ جڏهن حيدرآباد جي ٽالپر حڪمرانن ٻُڌي، تڏهن فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر کين پنهنجي مجلسن ۾ مرثيہ خواني جي دعوت ڏني، جتي پاڻ پنهنجي پُٽن ۽ عزيزن سان مخصوص مجلس ۾ مرثيہ خواني ڪرڻ لڳو ۽ سندن وفات کانپوءِ بہ ميرزا صاحب جا فرزند حيدرآباد ۾ ٽالپر بادشاهن جي قلعي واري پڙ ۽ مير محمد خان واري پڙ ۾ مرثيہ خواني ڪندا رهيا. ٽالپر حڪمرانن وٽ مرثيہ خواني جو سلسلو ايترو تہ مقبول ٿيو، جو انهن ميرزا صاحب جي ننڍي پُٽ ميرزا فتح علي بيگ کي حيدرآباد ۾ اچي رهڻ جي آڇ ڪئي. غالبن اِهو پنجين شهداداڻي ٽالپر بادشاھ مير نور محمد خان ٽالپر جي حڪومت جو دؤر هو، جڏهن ميرزا فتح علي بيگ اچي حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

ميرزا خاندان خيرپور مان حيدرآباد ۾ ڪهڙي سن ۾ آيو، اُن متعلق ڪجھ مستند زباني روايتون ۽ ميرزا غلام رسول بيگ ’مقبل‘ ولد ميرزا فتح علي بيگ جو هڪ تحريري بيان مليو ٿو، جيڪو پاڻ سال 1932ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هالا جي ڪورٽ ۾ ڏنو هو. جنهن ۾ هُو ڄاڻائي ٿو:

”اسان هيٺ صحي ڪندڙن جا وڏا اصل خيرپورميرس جا وينل هوا، جتان 85 سالن کان حيدرآباد ۾ لڏي اچي چاوڙيءَ جي پرسان جايون خريد ڪري وينا. حيدرآباد شهر ۾ سواءِ ٽنبہ آغا جي ٻي ڪنهن بہ هنڌ شيعہ ڪونہ رهندڙ هوا، جو آغا جي ٽنبہ ۾ آغائي شيعہ مذهب رکندڙ هوا. جنهن ڪري اسان جا وڏا فوجداري جي

ميرزا غلام حيدر ابجد جي اکرن ۽ عددن جي باهمي ڳانڍاپي کي نظم ۾ هِن ريت بيان ڪري ٿو:

هڪ الف جو ٿيو، ب جا ٻہ عدد آهن ٿيا،
ج جا ٽي ٿيا عدد، دال جا چار آهن بجا.
ه جا پنج، و جا ڇهہ، ز جا ست بيشڪ،
ح جا اٺ، ط جا نوَ، ي جا ٿيا ڏهہ صاف صفا.
ڪ جا ويهہ عدد، ل جا ٿيا ٽيهہ عدد،
م جا چاليهہ ۽ ن جا پنجاهہ سدا.
سَٺ ٿيا س جا ۽ ع جا ستر ٿيا عدد،
اسي ف جا ٿيا ۽ ص جا نوي وهہ وا.
ق جا سؤ ٿيا ر جا ٻہ سؤ آهن تہ عدد،
ش جا ٽي سؤ، چار سؤ ت جا، بجا.
پنج سؤ ث جا ٿيا، خ جا ٿيا ڇهہ سؤ خوب،
ذ جا ست سؤ ۽ ض جا اٺ سؤ ٿيا ادا.
نوَ سؤ ظ جا ۽ غ جو ٿيو هڪڙو هزار،
ماهرن علم جي هي عدد مقرر ٿي ڪيا.
مثل ب، ٻ ۽ ڀ ۽ پ جا عدد آهن ٻہ،
ج ۽ ڄ، ڃ ۽ جهہ جا ٽي جيئن ٽين ج جا ٿا.
د جيئن ڏ ۽ ڌ، ڊ ۽ ڍ جا چار عدد،
ڪ ۽ گ، گهہ ۽ ڳ، ڱ جا عدد ويهہ سدا.
ن جيئن ڻ جا پنجاهہ، اسي ڦ جا جيئن ف،
ٻہ سؤ ڙ جا ۽ ڙ جا ٿيا آهن حقا.
مثل ت، ٽ جا ۽ ٺ، ٿ جا عدد چار سؤ،
ٿيا هِن ۾ نہ ڪنهين شڪ جا نہ ڪا شبهہ جي جا.
الف ممدوه جو ۽ همزه جو هڪ هڪ ٿيو عدد،
قاعدو ياد هي ’قنبر‘ جي رکن، تن لئي دعا.

(بياضِ قنبر)

قديم زماني ۾ فن جمل جي ماهرن تاريخ گوئي جي فن ۾ بنيادي ڳالهہ اِها قائم ڪئي، تہ لفظن جي سمورن اکرن مان سن نڪري ۽ اُن ئي اصول کي صحيح مڃيو ويو. پوءِ تاريخ سڌي ۽ عام لفظن ۾ يا سادي نموني سان چئي ويندي هئي. پر جيئن جيئن ڪو فن پنهنجا ارتقائي مرحلا طئي ڪندو ٿو وڃي، تيئن تيئن اُن فن ۾ بہ نواڻ ۽ خيالن جي اظهار ڪرڻ جا نادر نمونا تخليق ٿيندا وڃن ٿا.

شاعريءَ جي ٻين صنفن جيان هِن صنف ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي ۽ قطعہ تاريخ جي اهميت ۽ افاديت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ، هڪ عام ۽ سادي طريقيڪار ڪان وٺي مختلف صنعتن جي استعمال تائين، هر تاريخ گو شاعر پنهنجي پنهنجي فڪري صلاحيتن جي آڌار تي شاعريءَ جي هِن منفرد صنف ۾ مختلف قسمن کي متعارف ڪرائي، پنهنجي شاعراڻي بصارتن ۽ فڪري قوتن کي سميٽيندي، سوچ جي عميق ساگر مان اهڙا تہ انمول موتي ڳولي، هڪ ٻي بها مالها جڙي، جو چا تہ ڳالهہ ڪجي!

قطعہ تاريخ جا بنيادي طرح هيءُ ٽي قسم عام مروج آهن: (1) صوري، (2) معنوي ۽ (3) صوري معنوي. ”صوري تاريخ“ جو قاعده، جمل سان ڪو تعلق ناهي هوندو ۽ شاعر ظاهري لفظن ۾ ڪنهن واقعي جو سن، تاريخ يا مهينو بيان ڪري ڇڏي ٿو. پر ”معنوي تاريخ“ جو دارومدار قاعده جمل سان سَلهاڙيل آهي، جنهن ۾ جمل جي قاعدي موجب هر هڪ لفظ جي اکرن جا عدد جمع ڪري، تاريخ وضع ڪئي ويندي آهي. حقيقت ۾ اِهوئي تاريخ گوئيءَ جو فن آهي ۽ هيءُ طريقو ئي تاريخ گوئي جي فن ۾ سڀ کان گهڻو استعمال ٿئي ٿو. اهڙي ريت ”صوري و معنوي تاريخ“ ۾ وري ظاهري لفظن ۽ انهن ئي لفظن جي اکرن جي مجموعي مان يا وري ان ڪانسواءِ ٻين لفظن جي اکرن مان گهربل سن اخذ ڪيو ويندو آهي.

انهن عام قسمن ڪانسواءِ، فن تاريخ گوئيءَ جي ماهرن صنعتن ۾ بہ تاريخون چيون آهن، پر تاريخ چوڻ لاءِ فڪر جي بلنديءَ ۽ شاعراڻي صلاحيتن سان گڏوگڏ تاريخ گوئيءَ جي اصولن سان واقفيت هئڻ بہ ضروري آهي ۽ اهڙيون فني خوبيون ميرزا غلام حيدر بيگ جي چيل قطعہ تاريخن ۾ پَرکي سگهجن ٿيون، جن ۾ واقعا نگاري، ندرت بياني ۽ تاريخي حقيقتون اهڙي طرح نظم ڪيل آهن، جيئن سمونڊ سمايو بوند ۾.

ميرزا غلام حيدر جي مليل ڪلام مان جيڪي تاريخي قطعات مليا آهن، اُهي جملي 13 آهن. ان ڪانسواءِ پاڻ هڪ مثنوي ”فراق نامہ سيده فاطمہ صغرا عہ“ جي عنوان سان سال 1291ھ/1874ع ۾ تصنيف

پنترهين ماهِ صفر يارهن سؤ پنجهٺ سال هو    اُن جي فرقت ۾ سڄڻ روئي وسائِن خاڪ سر
سالِ رحلت لاءِ 'قنبر' آهي هاتف جي ندا    لِک غلامِ حيدر ان ۾ سال آهي معتبر
بيگمان و باليقين از فضل رب العالمين
آهي مطلوب علي عِندَ مَلِيڪ مُقتَدِر
1165ھ

هيءَ تاريخ جو اُهو قسم آهي، جنهن ۾ تاريخ گو ڪنهن واقعي جو سن قرآن مجيد جي آيت يا حديث شريف يا ڪنهن ٻئي شاعر جي وسيع فڪر واري مصرع مان وضع ڪري. توڙي جو اِن قسم جي تاريخ ۾ آيل مصرع وغيره تي مصنف کي ملڪيت جو ڪو حق حاصل ناهي، پر اهڙي قسم جي تاريخ کي هميشه ساراهيو ويو آهي، ته ٻئي جي ڪلام کي پنهنجي شعر ۾ تضمين ڪري، اُن مان گهربل سن حاصل ڪرڻ فني اِستعداد جو ڪمال آهي. عام طور تي اِهو دستور رهيو آهي، ته ان مصرع جو تعلق جنهن سان هجي، تنهن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي، ته فلاڻي جي ڪلام مان استفادو ڪري ماده تاريخ جوڙي وئي آهي. اصل ڪلام ۾ عددن جو پورائو ڪرڻ لاءِ معمولي ڦيرگهير ڪرڻ کي هِن جي ماهرن جائز قرار ڏنو آهي، پر شرط آهي ته، انهيءَ ڦيرگهير کان پوءِ به پڙهڻ مهل خيال يڪدم اصل ڪلام طرف مائل رهي (عزيز جنگ ولا .1998ع.ص:126).

حيدرآباد جي شهداداڻي ٽالپر خاندان جو چهون شاعر مير حسين علي خان ٽالپر 'حسين' ولد مير نورمحمد خان ٽالپر 26 ربيع الاول 1295ھ/30 مارچ 1878ع تي وفات ڪئي. سندن وفات تي ميرزا غلام حيدر قطعه تاريخ چئي، جنهن ۾ مير صاحب جي وفات جو هجري سن معنوي صورت ۾ قلمبند ڪيو:

صاحبِ ذهنِ رَسا بيشڪ حسين علي حسين    تعزيه دار حسين ۽ هو عزادارِ حسن
ناگهان رحلت ڪري سو دار دنيا مان ويو    اشڪ ريزان اُن جي غم نورمحمد[1] سين حسن[2]
دوست ۽ احباب غمگين ٿو ڏسان هِت چار سُو    نيڪ هن انسان جي غم خورد و ڪلان با صد محن
زينتِ باغ ارم ٿيو حڪم سين حسنين جي    گلشن نورمحمد[3] مثون وڃي رشڪ چمن
مومن ديندار جي هيئن سالِ رحلت لئي سروش    ڏني ندا قنبر چيو، اي مدح خوان پنجتن
حق ۾ فرمايو حسين علي جي هيئن حسنين پاڪ
ٿي رهي زيبِ رياضِ خُلد هي شيرين سخن
1295ھ

ميرزا غلام حيدر جي والد ۽ معروف مرثيه گو شاعر ۽ مرثيه خوان ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' 29 محرم الحرام 1301ھ/30 نومبر 1883ع تي جمعي جي ڏينهن وفات ڪئي، جنهن جي وفات جو عيسوي سن پاڻ قرآن مجيد جي سوره "يٰسين" جي پهرين اکر "ي" کي سوره زمر جي تيرهين آيت "طِبتُم فَادخُلُوهَا خٰلِدِينَ" جي عددن سان ڳنڍي، هِن ريت وضع ڪيو:

مرثيه خوان مدح خوانِ اهل بيتِ طاهرين    مومن ديندار جو فتح علي هو باليقين
ٻِن مراد علي ٻِن فاضل ثناخوانِ حسين    ها غم فرقت ۾ اُن جي مومنين زار و حزين

[1] مير نورمحمد خان ٽالپر ولد مير حسين علي خان ٽالپر ولد سرڪار عالي مدار مير نورمحمد خان ٽالپر
[2] مير محمد حسن علي خان ٽالپر 'حسن'
[3] سرڪار عالي مدار مير نورمحمد خان ٽالپر ولد مير مراد علي خان ٽالپر

مير محمد حسن علي خان ٽالپر کي پهرين ته سنڌن بنگلي ۾ امانت طور دفن ڪيو ويو. پوءِ تاريخ 19 ربيع الثاني 1330ھ/08 اپريل 1912ع ۾ مير صاحب جو لاش ڪربلا معليٰ ۾ دفنائڻ لاءِ نيو ويو ۽ سنڌن تدفين ڪربلا معليٰ ۾ حضرت امام حسينؑ جي روضہ مبارڪ جي احاطي ۾ 21 جمادي الاول 1330ھ مطابق 09 مئي 1912ع تي اُن حجري ۾ ٿي، جيڪو سنڌن ڀائيجي حاجي مير نور محمد خان ٽالپر خريد ڪيو هو (شاهد، 1995ع، ص: 41-46). اِن سفر ۾ مير صاحب جي ڀائيجي حاجي مير نور محمد خان ٽالپر سان سنڌن عزيزن ڪانسواءِ ميرزا غلام حيدر ۽ سندس ٻه ڀائر ميرزا غلام رسول بيگ ۽ ميرزا ٻڍل بيگ ساڻ هئا.

ميرزا غلام حيدر، مير صاحب جي وفات جي تاريخ ۽ ڪربلا ۾ تدفين جي تاريخ هِن ريت نظم ڇئي آهي:

| | |
|---|---|
| جنهن جي فرقت کان فضا ڏسجي پئي اڄ سوگوار | سو حسن هو دينِ پيغمبر جو سنڌ ۾ پاسدار |
| پنترهين ذي الحج سال تيرهن سئو چوويهه آيو شمار | جنهن ۾ رحلت ڪئي جهان مان مير صاحب نامدار |
| دفن بنگلي ۾ ٿيو هو عابدِ شب زنده دار | ڪربلا مدفن جي لئي هو روحُ ان جو بيقرار |
| نيٺ منزل تي رسياسين مير جي ميت ڪٺي | ساري منزل تي هئاسين ساڻ ميت اشڪبار |
| نورديده اُن جو گڏ نورِ محمد خان امير | قافلہ سالار ٿيو هي مردِ مومن دينار |
| ۽ معاون ٿيو ٻڍل اُن جو ته پهرين ڏينهن کان | ڀاءُ منهنجو شاعرِ آلِ محمد ذي وقار |
| مير صاحب پنهنجي پيسن سان ڪيو حجرو خريد | قبر پيراندي شهِ دين جي ڪرائي سون تيار |
| قبر ۾ ميت رکي مون ۽ غلام رسول ڀاءُ | اُن گهڙي ها مومن ديندار هر سُو اشڪبار |
| نائين مئي اوڻيهه سؤ ٻارهن ڏينهن جا ٻارهن ٿيا | شاعرِ آلِ محمد ٿيو جڏهن زيبِ مزار |

شعر هي 'قنبر' لکيم موليٰ جي روضي ۾ جڏهن
ڪئي ندا هاتف ته آهي شعر بيشڪ آبدار

تاريخ گوئيءَ جي هِن قسم کي صوري چئبجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن واقعي جو سن، تاريخ يا مهينو لفظن جي صورت ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو ۽ ظاهري لفظن ۾ ئي تاريخ جو مادو بيان ڪيل هوندو آهي. صوري قسم تمام رواجي آهي، جنهن ۾ جمل جي حساب جو ڪوبہ عمل دخل ناهي هوندو (عزيز جنگ ولا.1998ع.ص:113).

ميرزا غلام حيدر، مير صاحب تي "صنعتِ توشيح" ۾ هڪ شعر چئي، سنڌن ڪربلا معليٰ ۾ تدفين جو سن هِن ريت رقم ڪيو:

| | |
|---|---|
| م- متاعِ حسن زيست جنهن جي ز آغاز | ي- يقيناً هو شعرائي عالم ۾ ممتاز |
| ر- رهيو طاعتِ حق ۾ مشغول هر دم | ح- حمايت ڪيس پي جو شاهِ حجاز |
| س- سخن گو، سخنور، سخندان سخن سنج | ن- نِڪُو نام، آزاد از حرص و آز |
| ع- عطا جاءِ مرقد ڪيس جو حسينؑ | ل- لحد ۾ ٿيو ساڪن محب با نياز |
| ي- يگانہ هو مومن رسيو سنڌ مان | ح- حفاظت ۾ عباسؑ جي نينوا باز |
| س- سندس سال تدفين 'قنبر' لکيو | ن- نمايان ٿيو مرثيہ گو سرافراز |

1330ھ

توشيح جي لغوي معنيٰ سنوارڻ آهي. علم بيان جي اصطلاح ۾ اُهو شعر جنهن جي مڙني مصرعن مان پهريون اکر وٺڻ سان ڪنهن شخصيت يا شاعر جو نالو ظاهر ٿئي. مٿئين شعر جي هر مصرع جو پهريون اکر ڪٺي ڏار لکبو، ته اُن مان مير صاحب جو نالو "مير حسن علي حسن" وضع ٿيندو.

ميرزا غلام حيدر جي نوجوان پُٽ ميرزا حسين علي بيگ 'حسين' 23 شعبان المعظم 1333ھ/07 جولائي 1915ع تي پنجويهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، جنهن جي داغ ڪيس نهوڙي وڌو: هڪ ٻُڍڙسن ۽ ٻيو وري جوان پُٽ جو گهاءُ! پنهنجي ان درد ڀني داستان کي هن قطعہ تاريخ ۾ رقم ڪري، وفات جو سن "صنعت ازدواج" ۾ هِئين چيو:

فرزند جي رحلت کان ٿيو آهيان دل افگار — ٿو ياد ۾ اُن جي رهان با ديده خونبار
هو مرثيہ خوان، شاعر و نقاش هنرمند — دل ترڦي ٿي اُن جا هي اکين سان ڏسي آثار
دنيا مين پسر باپ کي زينت کا سبب هئي — هي خوب دبيرِ سخن آرا کيو اظهار
بازو کري خستہ ٿو غمِ قوتِ بازو — ٿو ياد کريان بس غمِ عباسِ علمدار
جا ازدواج آهي صنعت اُن ۾ لکان ٿو — رحلت جو سندس سال پڙهي سر ڏئي اُڃنگار

'قنبر' جي دُعا تنهنجو حبيب ايزد ٿي    709 +
مولئٰ علي ٿيئي سرور و سردار مددگار    1206 = 1915ع

صنعت ازدواج ۾ ڪنهن شعر جي پهرين مصرع مان حروف معجمہ (نقطن وارا اکر) جا عدد وٺي، پوءِ اُن عددن کي، ان شعر يا ٻي شعر جي پهرين يا ٻي مصرع مان حروف مهملہ (بنا نقطن وارا اکر) جي عددن سان جوڙجن، تہ ان مان گهربل سن حاصل ٿي (عزيز جنگ ولا.1998ع.ص:150). ميرزا حسين علي بيگ جي وفات جو سن آخري شعر جي پهرين مصرع "قنبر جي دُعا تنهنجو حبيب ايزد ٿي" جي نقطن وارن اکرن ق، ن، ب، ج، ي، ت، ن، ج، ب، ي، ب، ي، ز ۽ ي جي عددن کي ٻي مصرع "مولئٰ علي ٿيئي سرور و سردار مددگار" جي بي نقط لفظن "سرور و سردار مددگار" جي عددن سان، پاڻ ۾ جوڙ ڪرڻ سان حاصل ٿيندو.

جوان پُٽ جي مرڻي جو زخم اڃا تازو ئي هو، جو ورهي 12 ذيقعد 1334ھ/11 سيپٽمبر 1916ع تي سندس ننڍو ڀاءُ ميرزا بيدل بيگ بہ وفات ڪري ويو! جنهن جي وفات جو سن "صنعت مضاعف" ۾ رقم ڪيو:

جو خاتمِ مرثيہ سندو نقشِ نگين ٿيو — اڄ سوگ ۾ اُن جي تہ هر هڪ آهي غمين ٿيو
رحلت سندو لک سال مضاعف ۾ اي قنبر — افضال الٰهي سان بيدل خلد مڪين ٿيو

958 x 2 = 1916ع

سنڌ جي هِن شاعر جي وفات 25 ربيع الثاني 1339ھ/05 جنوري 1921ع تي حيدرآباد ۾ ٿي. سندن وفات تي سندس ڀاءُ ميرزا غلام رسول بيگ 'مقبل'، ميرزا قربان علي بيگ 'قربان' ۽ مولانا سيد علي اصغر 'ڪيف' تاريخي قطعات رقم ڪيا. جن مان مولانا سيد علي اصغر جي چيل قطعہ تاريخ هِتي ڏجي ٿي:

صد افسوس اي ڪيف ناگاه قنبر — ز دنيا ثناخوان آل عبا رفت
پئي سال رحلت ندا داد هاتف — بدرگاه مولیٰ بدارالبقا رفت

1339ھ

## حوالا:


1) بيگ، فياض علي، ميرزا. (مضمون). "بزم خليل". (ٽماهي مهراڻ 2012/3ع). ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ص: 48 ۽ 49.

2) جنگ وَلا، نواب عزيز، شمس العلماء. (1998ع). غرائب الجمل. نئين دهلي: قومي ڪونسل برائي فروغ ادب اردو زبان. ص: 113، 117، 126، 141، 143، 150.

3) سال 1932ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هالا جي ڪورٽ ۾ ڏنل بيان جو نقل.

4) شاهد، فتح علي بيگ، ميرزا. (1995ع). نهرالبڪا. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز. ص: 41، 42، 46.

5) طالب المولیٰ، مخدوم. (1992ع). دُر ناياب عرف ياد رفتگان. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ص:66-67

6) قنبر، ميرزا غلام حيدر بيگ. (قلمي). بياض قنبر. ملڪيت: ميرزا منظور علي بيگ.

7) هاشمي، عبدالقدوس: (1987ع). تقويم تاريخي (قاموس تاريخي)، اسلام آباد: اداره تحقيقات اسلامي.

8) هالائي، گل محمد، خليفو. (1275ھ). ديوان گل. بمبئي. ص:10.

## شبير 'هاتف'



❊

هن جي تيرِ نظر جي ڳالهه ڪجي،
پر نہ زخمِ جگر جي ڳالهه ڪجي.
عشق سچو تہ پوءِ مناسب ناهہ،
نالئہ بي اثر جي ڳالهه ڪجي.
زلفَ رخ تان هٽڻ جو ذڪر ڪريون،
يا طلوعِ سحر جي ڳالهه ڪجي.
عارض ۽ لب جو رنگ، رعنائي،
گُلِ تازه و تر جي ڳالهه ڪجي.
مينهن جون موسمون وري آيون،
هاڻ ڇو چشمِ تر جي ڳالهه ڪجي.
مصطفيٰ ﷺ جي نگر جي ڳالهه ڪجي،
هُن ڀلاري سفر جي ڳالهه ڪجي.
دل جي زخمن کي ڇا ڪندا حاذق،
هُن جي شافي نظر جي ڳالهه ڪجي.
حُسن جي در جا جي فقير هجن،
تن سان ڇا سيم و زر جي ڳالهه ڪجي.
قيس ليليٰ ۾ ڇا ڏٺو هوندو،
هُن جي حسنِ نظر جي ڳالهه ڪجي.
هت سڀئي اهلِ علم، اهلِ سخن،
ڪهڙي مون بي هنر جي ڳالهه ڪجي.
اڄ الائي ڇو آهہ ياد آيو،
هاتفِ دربدر جي ڳالهه ڪجي.

شاعري ڪائنات جو رنگ آهي، زندگيءَ جو سنگ آهي ۽ هڪ اُمنگ آهي، جيڪا اسان جي زندگيءَ ڪي هر موڙ تي نئون رخ ڏيندي رهي ٿي. انڪري ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ شاعريءَ ۾ زندگي جي جهلڪ آهي ۽ زندگي وري ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو نانءُ بہ آهي تہ زندگي سان پيار بہ. حقيقت ۾ زندگيءَ کي ڪارآمد اهي ئي انسان بڻائي سگهن ٿا، جن زندگيءَ جي هنهي پهلوئن ڏک ۽ سک کي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو هوندو. زندگي زندهہ دليءَ جو نالو بہ آهي، زندهہ دل انسان ئي زندگيءَ ۾ حقيقي رنگ ڀريندا آهن. اهوئي جذبو ڪين قوم لاءِ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ جو سبب بہ بڻجندو آهي.

ڏٺو وڃي تہ شاعر پنهنجي حساس طبيعت وانگر ڌرتيءَ واسين کي زندگي جو احساس ڏيارڻ ۾ ڪيترا ڪامياب ويندا آهن. ان جو اندازو هرهڪ شاعر جي پنهنجي اندروني ڪيفيت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هو شاعريءَ سان ڪيڏو چاهہ رکي ٿو. هي ماحول، سماجي حالتون ۽ حڪومتي پاليسيون اهڙي ڪيفيت کي پيدا ڪن ٿيون، جو شاعر اهڙن موضوعن کي جيڪڏهن شاعريءَ جو حصو بڻائي ٿو تہ اها شاعري ان دور جي چڻ تاريخ بڻجي ٿي، اڄ جا محقق تاريخ جي اٽپورن بابن کي ڳولڻ لاءِ ان دور جي شاعريءَ کي ڳولڻ ۾ مصروف آهن. ان سلسلي ۾ انهن کي ڪاميابيءَ جو منهن ڏسڻو پيو آهي.

**ارباب علي 'عادل' چوهاڻ**

ڪتاب 'پڙلاءُ' ص 5 تان ورتل

# امداد حُسيني



## غزل

قفس ۾ سهي پر چمن ۾ رهون ٿا،
غريب الوطن ٿي وطن ۾ رهون ٿا!

اکيون کن اکن لاءِ اڙيُون اکين سان،
اجا تائين اُن کن اکن ۾ رهون ٿا!

نہ کو لوهَ جو ڏوهہ آهي نہ ڳن جو،
هٿن جنءِ ڪُهاڙي جي ڳن ۾ رهون ٿا!

جڏهن کان پُنهونءَ کي کنيي وٺا ڪٺي،
تڏهن کان جَتن جي جَتن ۾ رهون ٿا!

نہ ڪا چانوَ تن ۾ نہ ڦل ڦُل انهن ۾،
لڳي ٿو تہ ماٺهن جي بَن ۾ رهون ٿا!

اسان خار بڻجي گُلن سان گذاريو،
سدائين سندن واس وَن ۾ رهون ٿا!

اُنوماڻُ ٿي آهہ ڪيڏو نہ سُندر،
تہ مَن موتيي جهڙي مَن ۾ رهون ٿا!

هوائن فضائن لقائن ڏِسائن،
اسين سنڌ جي ڪَکَ پَن ۾ رهون ٿا!

ڏسڻ ۾ اچون ڪونہ ٿا پاڻ ڪنهن کي،
مگر روح وانگي بَدن ۾ رهون ٿا!

بظاهر صحيفن گرنٿن ۾ ناهيون،
اسين ارٿ بڻجي مَتن ۾ رهون ٿا!

## گوادر

### (هڪ بلوچ دوست لاءِ)

پهاڙن جنءِ سدائين ڳاٽ اُوچي
سان جيئين جَڳ ۾
چون ٿا چنڊ ۾ آ داڳ، پر ناهي
سنڌءِ پَڳ ۾
رهين محفوظ شل هر ناظرءِ جي
بد نظر کان تون
دَٽيءِ جي در دعا آهي تہ گهر گهر
خوش رهي تنهنجو
رهين شل سرخرو ۽ يار ٿُنهنجا
شل رهن سَرها
اهو نيرو اهو گهرو سمندر خوش
رهي تنهنجو
فقيرائي صدا آهي گوادر خوش رهي تنهنجو!

## سيد مُرتضيٰ ڏاڏاهي



### ڪافي

دلدار ياد آهي، ديدار خواب وارو،
جلوو، جمال جاني، جنسار خواب وارو.

لالڻ لباس پايو، ميندي ۽ مشڪ لايو،
سج، چنڊ ڪان سوايو، سينگار خواب وارو.

هو نيڻ هئا حجابي، لب لال گُل گلابي،
مُنهن يار ماهتابي، منٺار خواب وارو.

دل ساڻ دل بحالي، سودو صفا خيالي،
محبوب ٺيو مثالي، واپار خواب وارو.

منهن 'مرتضيٰ' ڏيکارن، وعدا نہ شل وسارن،
عهد ۽ انجام پارن، اقرار خواب وارو.

## تاج جويو



### غزل

نيڻ تُنهنجا ٽِڙيا غزل تازا،
ڏنڊ نيري، نِگاهہ چهري جي.

چَپ ڪچنار جون ڪچيون مکڙيون،
گُلَ جڻ بارگاهہَ چهري جي.

مُرڪ تنهنجيءَ ۾ شبنمي نرمي،
تازگي ٿي ڏسي راهہَ چهري جي.

گفتگو جڻ تہ هيرَ جا جهوٽڪا،
لفظ چاهت اٿاهہَ چهري جي.

ڪوبہ رانوڻ نہ ڪوُنسندو توسان،
وارَ تنهنجا پناهہَ چهري جي.

### غزل

زندگي معصوم مُرڪَ،
زندگي پرپور ٽهڪَ.
زندگي رومانس آهہ،
زندگي موتئي جي مهڪَ.
دور اورنگزيبِ تي،
زندگي سرمد جا ٽهڪَ.
زندگي منصور- وائہ
چپُ، چهرو، چهڪ چهڪ.
زندگي رابيل رُتِہ
ٻن دلين جي ساهہَ- سهڪَ.



## ایاز گل

### غزل

لڳو جو ٻاڳَ وانگي هو،
صَفا ويراڳَ وانگي هو.

اکين ۾ اوپرو سَپنو،
جَلبو ڪنهن جاڳَ وانگي هو.

اَچي پَهراڳ وانگي هُوءِ،
۽ هُو جَڻُ داڳَ وانگي هو.

الاءِ ڇا هيو جيونُ؟
مِنا! ڪَنراڳَ وانگي هو.

ٽِڙيو هُو ٽاڪَ پنهنجي تان،
وِڄايَل ماڳَ وانگي هو.

وَٽيو ڪاٽي زماني کي،
پَڪي هُو راڳَ وانگي هو.

### غزل

تُنهنجي دَرَ تان جڏهن وران ٿو مان،
ڇو لڳي ٿو تہ ڄڻ مَران ٿو مان؟!

هونئن اُڄهاميل رهان ٿو هر پَل ئي،
ياد تُنهنجي اَچي ٻَران ٿو مان.

دِل مان توڙي ڪَڍي ڇَڏيو هُوندءِ،
ذهنَ تي پوءِ ٻي ٺران ٿو مان.

سِڄَ وانگي جَلان ٿو ڏينهُن سَڄو،
مُرڪ تُنهنجي ڏِسي ٺران ٿو مان.

پنهنجي موٽي اچڻ جي پَڪَ ناهي،
هاڻي نِڪران جڏهن گهران ٿو مان.

آئون هِنَ حال ۾ ڪريل ئي چڱو،
سَڄُ ڇٽي جي اگرَ ڪران ٿو مان.

تاءُ ڪيڏو وَڌي ويو ڇوڏس،
سردخاني اندر ڳران ٿو مان.

## روبينه ابڙو



### غزل

سَرحد سِٽن جي آخر اُکري ويو پني تان،
لفظن جو تيز لشڪر گذري ويو پني تان.

پنجيءَ جا پينسل سان جيئن پَرَ نهي ٿيا پُورا،
ٽاريءَ تان لُوهه پائي اُڏري ويو پني تان.

سارين جي پوک پوکي پاڻي ڏنو اُنهيءَ کي،
سائو سَلو سَويلي اُسري ويو پني تان.

پنهنجي اندر جو نَنڍڙو مون ٻارُ پاڻ چاپيو،
جو ٻانبڙا پائيندو اُتري ويو پني تان.

اخبار جي صفحي تي ڪاڻو کُٽي پيو هو،
پوڙهي جو هَٿُ اُمالڪ اُلري ويو پني تان.

هڪ نظر ۾ چُلهي تي مون ڪيرُ پي اُباريو،
تنهنجي اچڻ کان پهرين اُبري ويو پني تان.

هڪ رات، هڪڙو گهرُ ۽ تولاءِ دَرُ مون ناهيو،
تون ڪونه آئين سُورج اُڀري ويو پني تان.

◙

## اقبال شاهين

(جاتي)



### غزل

زندگي ۽ موت جا ڏس، مرحلا ڳوليون پيا،
ابتدا جي ڪَل نه ڪائي، انتها ڳوليون پيا!

هو عيان آهي نهان، هرهڪ مڪان ۽ لامڪان،
ڪول در احساس جا، جت ڪٿ اجان ڳوليون پيا!

زندگيءَ جا چار ڏينهڙا ئي نٿا سمجهي سگهون،
پوءِ فنا جي فلسفي ۾ چو بقا ڳوليون پيا!

نيڻ نائي من اندر ۾، ڪجهه ذرو وڙڪي ته ڏس،
خود خدا موجود آهي، چو ٻلا ڳوليون پيا!

توسان گڏ هردم رهي ٿو، ۽ نظر توتي اٿس،
لاهي ڇڏ سڀ شڪ شبها، چو آسرا ڳوليون پيا!

هر طرف جرڪي پئي، موجودگي دلدار جي،
دل جون اکيون بند آهن، دلربا ڳوليون پيا!

هو جڏهن موجود آهي، هر جڳهه هر دل اندر،
تنهن سبب سجدا ڪريو، پنهنجو خدا ڳوليون پيا!

چئه ته ڇا 'شاهين' ناداني اجان ڪا ٻي به آ،
جيڪو پَلڪن ڪان به ويجهو، سو مِٽا ڳوليون پيا!

## آمر کُهاوڙ



### غزل

راز توکان هُجن متان نکتا!
ڏسَ جو سڀ جا سڏا سنوان نکتا!

’ڳالهه نہ ڳالهه جي ٻلا‘ هُوندي،
دوست چو ٿا وڃن هٿان نکتا!

خيال آزاد ٿِي اُڏيا اهڙو،
ڄڻ پَکي ها کي ڄار مان نکتا!

مُون سَنا ڳالهه ڳالهه تي ها ڳهاوَ،
لفظ ٿِي تِيرَ تو وٽان نکتا!

ڄا خبر ڪيرُ ڪيرُ اڄ ڪَکبو!
نانگ ڪارا گهران گهران نکتا!

بُردباري، خلوص، پيار، وفا،
عيب ڪيڏا ’امر‘ منجهان نکتا!

## مير مختيار تالپر



### غزل

اڙي موت توکان، ڊنا ڪونہ آهيون،
ڪلهہ ٿي جنهن کي چاهيو، اڄ بہ ان جا آهيون.

اسان پنهنجي مقدر تي پاڙڻ چڏيو آ،
همت تون ڏي دوستي؛ جو هٿ ٿا وڌايون.

شڪستہ ڪريون دل تہ حيف اسان تي،
بردبار آهيون، تڏهن پيا پڏايون.

بهارن جا عادي، خزان کان ڊڄن ٿا،
اسان ٿا هر موسم، گلي سان ٿا لايون.

اسان پنهنجي لفظن جي مالها وسيلي،
سُتل شينهن آهن، جيڪي پيا ٿا جَڳايون.

زمانو اسانکي تہ، سنگدل سڏي ٿو،
ڪير چئي ٿو تولڻ، رنا يار ناهيون.

’مختيار مير‘ ڪهڙي بہ مشڪل اچي پر،
اسان پنهنجي ڪوشش ويتر ٿا وڌايون.



## اياز عالم ابڙو

# ’ڪاڇي جي قبرستان مان‘

### قديم تاريخي ٽالپر گورستان جي گمنام چترڪارن جي ياد ۾

• ڪاڇي جو اسٿان
گاج نئِن کان ڏسجي ٿو
جهونو قبرستان

• ڦُبا ڪئين چوڌار
اڏيل شهر عجيب
جڳ سڄي کان ڌار

• ڦبو ڪو اُجڙيل
اندر ڪلاڪار هٿان
ڏاتِ جو ڏِيهه جُڙيل

• عجب عجائب گهرُ
چوڏس ماٺ مزارن ۾
جاڳي ڏات نگر

• وه جي ڪرتِ ، ڪمال!
پٿيون رنگ رٽوليون
گذريا سوين سال

• فنڪارن جو فن
جڙ ڪا هٿ وِڃا وائي،
چٽيا تن مدِفن

• اندر انتوڪار
گهگ ۾ جهيڻو سوجهرو
گوليان چترڪار

• قبرن جي هُن پار
پُٿِين پٿين ۾ِ پاسي
ملان تِن هڪ وار

• منهنجا مورتِڪار
ڪيرُ ڪو ڪاٿئون جو!؟
ناهيان تِن کان ڌار

• ملي تن هِيڪار
پائِي ڳُل ڳرائِڙيون
هٿ چُمان سؤ وار

• چٽ ڏسي چوڌار
سوچُن کي سرطان لڳو
ڏني ڏات ميار

• ڦُبا ڳاڻ ڪنيل
منجهن وسڪاري ڪيا گهارا
قبرون ڪاڻ هنيل

• ڏات ڏکن جو ڏيهُه
نڌڪائي، ويئي ڪائي،
جنهن جو انت نہ ڇيهُه

• ڌڪن منجهه ڌريوُن
ڌڪي ڌراڙن ڏوڙ ڪيون
آرٽ گئلريون

• آهي پهر نہ ڪا
سرخيون بڻيا اخبارن جون
ٿلها ليک لکيا

• ڪوئي ڏي تہ جواب؟
دفن ٿيا سي لئبررين ۾
قبرون بڻيا ڪتاب

• ڪهي ڪِي تہ اچن
سالُ سوا ڪا واهر وندر
ميڙا ڪي تہ مچن

• هر منظر مُرڪي
ڪندو پليڪار پلن ۾
هر مورت مُرڪي

• اچن پير پري
مِير مزارن جي ڏِيئڙن ۾
شل ڪا جوت ٻري

• روح ٿين راضي
جرڪِي پئي هڪ وار وري
اونداهو ماضي.

# فرزانه شاهين



## غزل

سنڌ جي رڳ رڳ ڏُکاريءَ ڪان پڇو،
روڳ ڇاهي رات ڪاريءَ ڪان پڇو؟

جي نه ٿا مينهڙا وسن ڏاڍو ڏکر،
تاس ٿر جي پوءِ واريءَ ڪان پڇو.

ڇا ڪيو هو ڏوهہ ٿنهنجو ڳيرڙن؟
هي هلي بي رحم ماريءَ ڪان پڇو.

ڪنهن ڪهاڙيءَ سان وڍي اُجلي ڇڏي؟
سور وڻ جي ٽاري ٽاريءَ ڪان پڇو.

ڪيتري تڪليف ڏي ٿي زندگي؟
هت روايتن ماري ناريءَ ڪان پڇو.

ڇو نه 'شاهين' دل جو گهر ڇڏي؟
سانت ٿيندي بي قراريءَ ڪان پڇو.

# نورنبي ناچيز



(رديف معمور)

## غزل

من خيال يار سان مستان ٿي مَعمُور ٿيو،
برقِ سوز دل اُٿي باران ٿي مَعمُور ٿيو.

فُرقتن بي نوري ۽ يعقوب جيئن ديرو ڪيو،
چارسُو ظلمت سندو زندان ٿي مَعمُور ٿيو.

ديدَ تنهنجي دُنارَ جي آهي اندر ايڏي اُڪيَن
دردِ دِل جي دُنار تي دربان ٿي مَعمُور ٿيو.

ڪيئن ٿيو چاڪ گريبان عشق ۾ ڪُل ڪانہ پئي،
هِي جنون چڙهندو ڪڏهن پروان ٿي مَعمُور ٿيو.

ڇا ڇوان راهِ جُنونِ عشق قِصہءِ مختصِر،
سِر چڙهي نيزي چڙهيو فرقان ٿي مَعمُور ٿيو.

رُوبَرو گر ڪينَ ٿيو خوابن خيالن ۾ سَهِي،
صُورتِ جانان ڏِسي نادان ٿي مَعمُور ٿِيو.

پريت جي آتش فشان ڪيڏا ڪيا هاڃا مگر،
ڪشتہءِ تيغ وفا ڪوشان ٿي مَعمُور ٿيو.

ڪُوچہءِ دلدار جي درشن سندو روڳ آ لڳو،
ويج ٿي درشن اُهو درمان ٿي مَعمُور ٿيو.

ٿي قيامت وِيندي برپا بعد تجريدِ حِجر،
دِل ڪري 'ناچيز' گر قربان ٿي مَعمُور ٿيو.



'جمال' مراد گبول
(ميرپور ساڪرو)

# (اي وَطن)

## نظم

تو مٿان صدقي وڃان، منهنجا پيارا اي وَطن،
آهين 'ماڪي' کان مِٺو، دلبر دُلارا اي وَطن.

خاڪ تنهنجي آ 'ڪٿوريءَ'، 'مشڪ' 'عنبر' ڪان مَٿي،
تنهنجا وڻ ٽڻ ٽا وٽن، ٻنيُون ۽ ٻارا اي وَطن.

ڪونَ 'لوئيءَ' کي لڄايو، 'مارئيءَ' ماڙيون ڏِسي،
ٿي وَهيس مارن جي لئه، نيٽن مان نارا اي وَطن.

سِڪ 'سَسئيءَ' کي هُئي 'پنهل' جي، نينهن ۾ نرول ٿي،
هوتِ خاطر ٿي ڏٺائين، ڏينهن ڏُکارا اي وَطن.

سر ڏنو 'دودي' سندس، 'هُوشوءَ' جو هاريو رَت هِتي،
تو ۾ 'دريا خان' هو، ساجن سُونهارا اي وَطن.

سنڌ جا 'عالم' سڀُورا، 'صوفي' بزرگ ۽ 'شهيد'،
'مورڙي' کي جَس ڏين ٿا، سڀ سگهارا اي وَطن.

ٿي مَزا 'مُومل' ڪيا سپ، ويو رُسي 'راڻو' جڏهن،
لُڙڪ لارن جيئن وَنا ٿي، سال سارا اي وَطن.

'هنجَ' اُڏامي ويا هَليا، ٻوليون 'ٻَگهن' جون ٻُڌون،
توتي قابض ٿيا، تڏهن اڄ 'ڪانگ' ڪارا اي وَطن.

تُنهنجو ڪائي جي 'نمڪ' ٿا، دُشمني توسان رکن،
شال موذي سي مَرن، دُشمن دغارا اي وَطن.

'ڪيرَ' 'ڏُڌُ' ڪائي وِرهائي، ڪن خُوشيون مارو مِٺا،
خوش هجن سي سڀ سمُورا، مال وارا اي وَطن.

مينهَن وڏا تو ۾ وَسن، 'مهراڻ' جون موجون ٿين،
اَن لُٽي سارين جا ڪن، لاٿون لابارا اي وَطن.

تنهنجي ڪن تعريف ٿا سڀ، 'سنڌ' جا 'شاعر اديب'،
'ڀٽ ڌڻيءَ' آهن ڏنا، تنهنجا اِشارا اي وَطن.

'ٿر'، 'وچولو' ۽ 'اُتر' آ، 'لاڙ' ۾ تو ۾ سَڄو،
'ڄام شورو' ۽ 'سکر'، 'ڪينجهر' ڪنارا اي وَطن.

ڪُل 'ڪراچي'، 'ڪيٽي بندر'، 'ساڪرو' ۽ آ 'جمال'،
تو ۾ 'مڪليءَ' جا سُنا، نِرمل نظارا اي وَطن.



خادم حسين علوي
’همدم‘ سروري

## حمد

جهان مون ڏٺو آ نيارو خدايا،
ڏکن ۾ آ تنهنجو سهارو خدايا.

جيئڻ آ جهان ۾ ڏکيو پر ڪَرمَ سان،
ٿُنجو نانءُ جيءَ جو جيارو خدايا.

هتي هرڪو پنهنجي ٿو پَر ۾ گذاري،
ڏٺو مون جهان ۾ نظارو خدايا.

گناهن ۾ گذري حياتي ٿي هردم،
’وٺڻ نانءُ سان ٿيس اُجارو خدايا.‘

غمن جي تہ ڪُنَ ۾ آن قاتل مگر،
ڪَرَمَ سان مليو آ ڪنارو خدايا.

سدائين تہ ’همدم‘ ڪي رحمت ٿي گُهرجي،
ڪيو رحمتن ڪي اشارو خدايا.

## غزل

ڪي مُلاقاتون مٺا تون ياد ڪر،
تن جي صدقي دل سندم ڪي شاد ڪر.

هر گهڙي ظلم و ستم ٻيَ ڪِيمَ ڪر،
دلربا دل ڪي نہ تون ناشاد ڪر.

تون اهين دل جو ڏٺي سُهٽا سجڻ،
زندگي منهنجي نہ تون برباد ڪر.

گُلستان دل جو مٺا اُجڙي ويو،
گُلستان منهنجي ڪي تون آباد ڪر.

خيالي گفتگو ناهي حقيقت صاف ظاهر آ،
’اسان جو حال ٿيو بي حال جانب جي جدائي ۾.‘

چوان ٿو برمَلا يارو برائي ڪان ڪجي پاسو،
سُڪون دل ڪي ملي ٿو هر گهڙي بيشڪ چڱائي ۾.

دلي جذبات ڪي هردم رکڻ پاڪيزه بهتر آ،
ڀلا چاهي رکيو دلبر ڪرڻ هردم بُرائي ۾.

الاجي ڇو صنم سهٽا رنجائڻ ٿو رکين جاري،
يقين ڪر ٿو ملي دل ڪي سڪون بلڪل ڀلائي ۾.

ٻُڌو هڪ ڳالهہ ڪَنَ ڪولي چوي ٿو برمَلا ’همدم‘،
اُها بَدتر حياتي آ جا گُذري بي حيائي ۾.



## انجم قاضي

### وائي

منهنجي وهاڻي مٽان،
ڪير الائي ڳل،
رات رکي وئي ننڍ ۾.

خاموشي ٽوڙي هوا،
ڪيڏا سارا هُل،
رات رکي وئي ننڍ ۾.

اوندهه جا تالا ڀَڃي،
چانڊوڪيءَ جا پَل،
رات رکي وئي ننڍ ۾.

اکڙين تي ڏيئي چُميون،
پنهنجا پيارَ اَمُل،
رات رکي وئي ننڍ ۾.

## ٻاجهي لغاري

### غزل

ڏنُ ناهي تہ دوست ناهي ڪو،
ڪيئن حياتيءَ سان پو نباهي ڪو.

ائين احساس خوف ۾ ورتل،
جڻ ٿو منهنجو وجود ڍاهي ڪو.

اڄ اڪيلائيءَ ۾ اچي مون وٽہ
دل تان من بار سارو لاهي ڪو.

جو تہ ڪمري ۾ ٿا اچن ڪِرڻا،
گهر جي ڪڙڪي جي پويان آهي ڪو.

جيتري مون ڪئي وفا توسان،
ايترو شال توکي چاهي ڪو.

## جيئند علي مهر
(شڪارپور)



# وائي

مُنهنجي ياڳ جا سپنا،
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ سُتا هِن!

سالن کان سفر ۾ ٿڪجي،
شاعري، مهاڳُ، آرپنا،
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ سُتا هِن!

جاڳي جاڳي پرڀات تائين،
نيڻ مُنهنجا پنا پنا!
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ سُتا هِن!

اُميدُنِ جي راهُن تي هلي،
ڪتابَ، گُل، رچنا!
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ سُتا هِن!
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ سُتا هِن!

◙

## اياز ابڙو
(شڪارپور)



# غزل

راهه ۾ رولي ويون ٿُنهنجون اکيون،
راز کي کولي ويون، ٿُنهنجون اکيون.

پاڻ کي ڏاڍو لڪاير لوڪ کان،
ميڙ ۾ ڳولي ويون، ٿُنهنجون اکيون.

مان هيس ڪنهن خواب گهري ۾ ٻڏل،
روح ڏانتولي ويون، ٿُنهنجون اکيون.

عشق جا سڀ راز سمجهايئون پئي،
ٻول جي ٻولي ويون، ٿُنهنجون اکيون.

دل ۾ سانڍيل سڀ ڪهاڻيون ۽ قصا،
پل ۾ ڇاڇولي ويون، ٿُنهنجون اکيون.

# غزل

عشق جو احسان ٿيندو ٿو وڃي،
درد ئي درمان، ٿيندو ٿو وڃي.

محب جي ماڻن کي سهندي هر گهڙي،
حوصلو حيران، ٿيندو ٿو وڃي.

وارَ ٿو ويڙهيا، ويس مان واسجي،
من منهنجو مستان، ٿيندو ٿو وڃي.

پيار ٿو دل ۾ جنّهن ديرا ڪري،
آدمي انسان، ٿيندو ٿو وڃي.

◙



**سجاد ميراڻي**
(پريان لوءِ)

❋

سنڌڙيءَ جو هو شانُ وتايو،
سنڌين جو هو مانُ وتايو.

ڏاهپ جو جنهن ڏانءُ هو پيتو،
عقلمند انسانُ وتايو.

سونهن سرت ساڃاهه پيڪر،
سچ جو هو سامانُ وتايو.

دانائيءَ جا درس ڏنا جنهن،
ڪين هيو نادانُ وتايو.

پيار پريت جو پورهيو جنهن جو،
سِڪ سندو سلطانُ وتايو.

جنت پڻ هِت دوزخ پڻ هِت،
اهو ڪيو اعلانُ وتايو.

ڏاهپ جا جنهن موتي آڇيا،
ڏاهپ جا ڏنوانُ وتايو.

**ياسين بادل لغاري**

## غزل

### همدم ڪري ڇڏين ها.

آئون هُيس جي تنها، البم ڪري ڇڏين ها،
ساٿي بڻائي پنهنجو، همدم ڪري ڇڏين ها.

منهنجي تہ يار هرپل، تون ئي هُئين ڪا منزل،
چوڌس هئي اُماسي، ٽم ٽم ڪري ڇڏين ها.

تو جي ڪئي طوالت، مون پڻ ڪئي بغاوت،
شعلا هُيس تہ ڇا ٿيو؟ شبنم ڪري ڇڏين ها.

آئون ڀلا جي بادل، مجرم هيس تہ ڇا ٿيو!؟
نقطو وڃائي هيڪر محرم ڪري ڇڏين ها.

## ساقي ابڙو



### غزل

چڏ قلم تون ۽ قلمڪاري نہ ڪر،
يا وڏيرن جي هي ڪمداري نہ ڪر.

قلم آ حق سچ جو هٿ ۾ علمُ،
تنهنڪري تون ٺنهن ڪي بازاري نہ ڪر.

جي نہ ٿو چاهين تقدس قلم جو،
خواه مخواه پوءِ قلم جي خواري نہ ڪر.

حق جو حامي اگر ٿئين ڪو نہ ٿو،
پر هي باطل جي طرفداري نہ ڪر.

جيڪڏهن آهين صحافي يا اديب،
يار ايڏي پوءِ تہ رياڪاري نہ ڪر.

اٿ اٿي سر گھور 'ساقي' سنڌ تان،
سنڌڙيءَ ڪان جندڙي پياري نہ ڪر.

## الهبچايو 'مشتاق' آريسر

### غزل

اک سان ويئي اک اڙي، وعدا ٿيا ڏک سور جا،
چار چشمي بعد سودا، ٿي ويا اک پور جا!

ساهہ کي سوگهو ڪري، دلڙي هٿن ۾ جن ڪئي،
تن سڀ ساري پڇو، حال هِن مجبور جا!

پل ستمگر خوش ٿين، شوق ستم جاري رکن،
سور جي دلڙي سَٺا، ٻڌ سي بيان رنجورَ جا!

دلربا ناز و ادا سان دل ڦري پنهنجي ڪئي،
هاٿي سر تي وار سهبا، ناز و مغرور جا!

دل ڪٺيو، دل کي لياٺن، دل مٺيو تا دل ڏين،
داستان ڪهڙا چوي دل دوست جي دستور جا.

طرح مصرع هيءَ ملي، معمور جي ديوان مان،
محبتي ميلا سپئي. اچ ياد پيا معمور جا!

يار جو پرچڻ، رُسڻ، وعدا ڪري جَلدي ڦِرڻ،
جوڙ ڪٽ آسان پر، هي انگ ٿيا اٿپور جا!

اوڏڙا هيڪر ٿيو ۽ پوءِ وريو سِرڪيو وڃن،
رس رهاڻيون چس ڏئي، وانگِي ٿين وهلور جا!

اچ وري 'مشتاق' ڏي تون، دلربا دلڙي ڏتار،
سڀ وڃن لحظي ۾ وسري، ڏنجهہ ڏوکا سور جا!



## دين محمد 'سجاڳ'
(پلي)

# حمد شريف

امان جن وٽ ابو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ،
ادي جن وٽ ادو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

ٻني ۾ ٻج ويو جن جو سڙي سارو ثمر سُک جو،
ڦٽو جن جو سَلو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

ٻَني جن وٽ نکو ٻارو ملي جن کي نہ اوڏارو،
ڏنتو جن جو لڳو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

سموري سخت سردي ۾ مينهوڳي جي ايامن ۾،
سڄو جن جو ڳيو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

سڳهن کي جو سنڀاليندؤ اڳهن جو آسرو سو رَب،
بدن جن جو سَڄو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

خطا پوريان خطا کائين، اچي ٿي مَتِ نہ جن کي کا،
عقل جن وٽ ذرو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

'سُجاڳ' جن جا پرم ٻائر نہ رشتيدار، مٽ مائٽ،
سڄڻ همدرد کو ناهي، خُدا تن کي ٻُ پاليندؤ.

◙



## سرورنواز ٻگهيو

# غزل

پُوري طرح مُون پَرکيو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن،
پرکيو آ مون، پُرجهيو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن.

ٻانهن جو ٻَل، ڇيهہ جا سندرا دوست اسان جا آهن،
نيٺ وڃي مون سمجهيو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن.

هرڪا ڳالهہ ڪجي ٿي تن سان، روح اندر جي ڪولي،
ٻائر جهڙو رشتو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن.

دوستن سان گڏ طاقت آهي، دوست ٻنان دم ڪهڙو،
منهنجو هيءُ تجربو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن.

'سرور' سائين! خيال نئون پر، آهي حقيقت هيءَ،
وِک وِک تي مون، سوچيو آهي، دوست وڏي وَٿ آهن.

◙

## شاهه مردان شاهه
(سوڀارو)



※

آهي فلڪ جي، هاڻ خصومت ٻه چار ڏينهن،
بازار ۾ آ باقي فروخت ٻه چار ڏينهن.

هرڪو مسافر آ، ڪنهن جو نہ آ مڪان،
هوڏون هُڏيون هي حرص جي، حرڪت ٻه چار ڏينهن.

دِڄ تون خدا جي ڊاءُ ڪان، سجدي ۾ سِر جهڪاءِ،
دنيا جو مان شان، هي دولت ٻه چار ڏينهن.

جلوو جواني جوت، اٿئي عارضي مڙيئي،
گل هي گلابي رنگ سان، صورت ٻه چار ڏينهن.

’مردان‘ هتان مَتي ڪيئي مانجهي هليا ويا،
سامان ساز آ سلامت، ٻه چار ڏينهن.

## غازي جمالي



## غزل

عجب رنگ پئي ٿي ڏيکاري محبت،
پٿر دل کي پئي ٿي روئاري محبت.

ڇڏيو ڪن کي مجنون بڻائي محبت،
ٿي ڪِٿ ريج رت جا ڏياري محبت.

ڪسي ٿهڪ گلشن اُجاڙي خوشي جا،
ڏسو ڪيئن جٺڙو ٿي ڳاري محبت.

ڪي طعنن ۽ ٺوڪن جي ور ٿا چڙهن پيا،
سَتل سور سڀ ٿي اُٿاري محبت.

فضا چين آرام واري جي خوشبو،
ڪري دور من ٿي اُڀاري محبت.

۽ ڪن کي ڪناري تي ٻوڙي ڇڏي،
۽ وِچ سِير ۾ ڪيئي تاري محبت.

ٻڌايان مان ڇا ڇا هي ’غازي جمالي‘،
ٿي پيالا ڏکن جا پياري محبت.

## سعيد مگسي



# غزل

مٽيءَ جو هو اڳي هاڻي ٿيو انسانُ ڪپڙي جو،
وتايو سچ ڇٽي ويو آ، اڄڪلهه مانُ ڪپڙي جو.

اڃا ڪردار پي ميرَن لٽن ۾ ٿي ڏِسي ميرا،
اڄوڪي اک به ڪپڙي جي اڄوڪو ڏِيانُ ڪپڙي جو.

نه رشتن جي به گلدستي ۾ اڄ خوشبو رهي ساڳي،
سُکن جا گل به ڪپڙي جا سڄو گلدانُ ڪپڙي جو.

حَوس ۽ حرص جي ٿوري هوا تي ٿو پوي ڦڙڪيو،
ڪڏهن هوڙڪ جو ۽ اڄ ٿيو، ايمانُ ڪپڙي جو.

اگهاڙو انگ ڍڪڻ لئه وال، پي دل تان نٽو اُتري،
لِکي پٽِ تي ٽنگڻ لئه آ سمورو ٿانُ ڪپڙي جو.

اميرن لئه خوشي باقي غريبن لئه پريشاني،
ڪٽي هر عيد ايندي آ، وڏو ارمانُ ڪپڙي جو.

نه ڪو آ هوش رعايا کي، نڪو احساس حاڪم کي،
عوامي ووٽ ڪپڙي جو ڪٺيل سلطانُ ڪپڙي جو.

اڃي ڪالر جا پوڄاري نظر ٿوري ڪفن ڏي ڪر،
’سعيد‘ آخر مِٽي ٿِيڻو آ، سارو شانُ ڪپڙي جو.

## ولي محمد ’ولي‘ هگورو



# ڪافي

نڪي توڪان جاني پنهنجو منهن مٽيون،
پري يَر اسان کان وڃين ڇو تون مٽيون.

تنهنجي اچڻ لئه دلبر، باسيون مون باسون،
ڏيندس پڙ پيرن تي، پريندس پيو مٽيون!

دلڙي جو سودو، دل تي ڪيو ٿم،
ڪوڙن سِڪن تي ڪڏهن ڪونه مٽيون!

تون سارين نه سارين، منهنجي آ عبادت،
عبادت انهيءَ ۾ وڃن راتيون مٽيون!

روزِ ازل کان ڪڏهن تنهنجي دَر جي،
’وَليءَ‘ پاسو ڏيئي وڃي ڪونه مٽيون!

**مايا ساگر اوڍ**
**ٽنڊو الهيار**

## بيت

سِڪ ۾ سمجهي سامين، چاهت ڪَيڙي چُور،
سَرسَ، رُڳي ها سُور، پوري تنهنجي پاڳ ۾.

سنڌ جيجل جي لڄ رکي، اوچو ڪيو ڳاٽ،
رهزن جا سڀ ڪاٽ، رولي ڇڏيا روپلي!!

من ڪوري ڪاغذ جيان، توڙي اُجرو يار،
سور ڏئي سنسار، هر جذبات اُباريو.

ڌرتي ڌوئي ڇڏيئي، روئي روئي رات،
چنڊ سان ڪهڙي بات، عشق اڌوري جي پرين.

جيون آهي جستجو، توسان هار ٻه جيت،
صدين ڪان هي ريت، محبت مرڪي ماريو.

مُحبت من ۾ اوتيو، محبت مَنَ جو ماڻ،
سوچي هر انسان، مايا هرهڪ جوڻ ۾.

تون نس نس ۾ ٿو رهين، توکي ڪهڙي خبر،
مون تي تنهنجو اثر، رهندو آهر جنم ۾!!

مايا! مُرڪون محبتون، هوتن هر دو هار،
پائي ناري نار، 'ساگر' سيئي ساعتون.

## بيت

اهڙي حالت ديس جي، ڪير نہ ڄاڻي ڪار،
مارن تي آ مار، چور ٿيا هن پاڳيا،
چور ٿيا هن پاڳيا سڪيا سارا ساڃ،
ڏکڙا رهيا واڃ، ڪاٽو ٿيندا ڪينڪي!

جنم جنم ڪان آتما ٻٽڪي ٿي هر وار،
سور سڄو سنسار، 'ساگر' ڪاٽي ڳوليان.

اُلفت جا مون رنگ ڏٺا، رب جو جنهن ۾ نور،
وسرن سي نا مُور، قلب اتوَ قربائتو!

اکين جي تون روشني، توبن آ اونداهہ،
توسان ساهہ پساهہ، 'مايا ساگر اوڍ' جو.

اُب ۾ ڪهڙو فاصلو، توسان ٻنتن تيئن،
چنڊ چڪور جيئن، ساگر توکي چاهيو.

چريون اٿئي چاهتون، ڪارا ڪندا راهہ،
ڏکيو هرهڪ ساهہ، راڻا رهجانءِ روح ۾!

تنها تنها دل ٻري، مون کي برهہ بخار،
درشن دل درڪار، مرض نہ ڄاتو ويچ تو!!

## سيف الله 'خالد' يوسفاڻي



✻

الاءِ کهڙي ڏنڊ ۾،
حياتي آهي جنڊ ۾.

اسان جو بخت آ رهيو،
سدائين روهه رنڊ ۾.

سوايا سور ڏک مليا،
اسان کي ورچ ونڊ ۾.

اکيون اوهان جي آسري،
اُداس ۽ اُڪنڊ ۾.

ڇڏي وئين ڇورڙو،
منڊي اسان کي منڊ ۾.

حياتي جر جو بڙبڙو،
نہ گهار سا گهنڊ ۾.

خدا کي ڳولڻ پاڻ ۾،
خدا نہ آهي گهنڊ ۾.

عدو جي عمر آ وئي،
سڄي پنڌ ۽ پنڊ ۾.

نہ 'سيف' وقت کي وڃاءِ،

## پير ثناءُالله "ثنا" سرهندي

(سامارو)

## غزل

ڪٽان تير پالا، بچائي ڇڏيا تو،
نظر گهور سان گهوٽ گهائي ڇڏيا تو!

نگاهن جا خنجر هٽي خون ڪَيئِي،
ڪُلهن ڪنڌ ڪوري ڪٽائي ڇڏيا تو.

سرِ راهہ هلندي هٽائي حجابہ
قمر شمس لوڪان لڄائي ڇڏيا تو!

قدم قرب جا جت لهي ات بهشت،
زمين آسمان هڪي مِلائي ڇڏيا تو!

ڇوان ڇا برهہ بُت پسر پيو ڪري،
اَلا آڳ لونءِ لونءِ بہ لائي ڇڏيا تو!

ڏيان ڏوهہ توکي يا قسمت ڏيان،
وفا جا وچن ڪيئن ڀُلائي ڇڏيا تو!

ڏنم تنهنجو در، ہي دنيا نہ ڏٺم،
ازل کان پرين پيچ پائي ڇڏيا تو!

ٿيا اڄ بہ آباد مقتل وري،
جتي ڪالهہ ڪونتر ڪُهائي ڇڏيا تو!

'ثنا' جي اکين ۾ عمر پر عجيب،
اميدن جا سپنا سجائي ڇڏيا تو!

ادب، سان انسان کي شروع کان وٽي دلچسپيي رهي آهي، ان جو سبب اهو آهي ته ادب ۾ جيڪي ڪجهه پيش ڪيل هوندو آهي، تنهن جو انساني مسئلن سان سڌيءَ يا اڻ سڌي طرح واسطو هوندو آهي، تنهنڪري ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته انسان جي ادب سان دلچسپي دراصل خود پنهنجي پاڻ سان دلچسپيءَ جي سبب ڪان آهي. انڪري ئي چيو ويو آهي ته ادب ۽ زندگيءَ جو پاڻ ۾ چولي ۽ دامن جو لاڳاپو آهي. جيئن ته انساني زندگيءَ ۾ هميشه تغير آهي، تنهنڪري ادب پڻ فڪر توڙي فن جي لحاظ کان هميشه بدلبو رهي ٿو. نت نوان ادبي قدر ۽ نيون ادبي صنفون وجود ۾ ايندیون رهن ٿيون، انهن مان جيڪي زندگي کي ويجهو آهن، سي دائمي جاءِ وٺي بيهن ٿا ۽ باقي آهستي آهستي منجي وڃن ٿا. هن وقت ڏٺو ويندو ته دنيا جي هر ترقي يافته ٻوليءَ جي ادب ۾ مختصر افسانو هڪ خاص مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پڻ مختصر افسانو، اڄ غير معمولي مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي، انڪري اهم حيثيت رکي ٿو.

**ثميره زرين**

ڪتاب: 'مهراڻ جون ڇوليون'، مقدمو ص 1 تان کنيل

**ماهتاب** جو فن سندس ڳوڙهي مشاهدي، حساس طبيعت ۽ انساني همدرديءَ سان سرشار دل جو نتيجو آهي. سماج جي هر طبقي ۽ تر جي اوڻاين ڏاڍاين ۽ ماحول جو هن گهرو مشاهدو ڪيو آهي. ونس ڪڏهن به موضوع جي کوٽ نه رهي آهي ● ماهتاب جي فن جي نمايان خوبي سندس ڪردار نگاري آهي. پنهنجي ڪردار جي هر رخ ۽ ڪمزوريءَ کي ماهتاب مخصوص طنزيه انداز ۾ پيش ڪرڻ تي مهارت رکي ٿي ● ماهتاب اکرن وسيلي هن جو اهڙو نقش ٿي چٽي. جو اُهو جيئرو جاڳندو چرندڙ پرندڙ انسان ٿو لڳي. ڪردار جي پوري شخصيت، جذبن ۽ اُمنگن جي عڪاسيءَ ۾ ماهتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهي ● ماهتاب محبوب جي فن جي ٻي نمايان خوبي سندس سادگي ۽ سچائي آهي. هوءَ پنهنجي منشا ۽ مراد مقصد ۽ مطلب سادي نموني سوليءَ سنڌي زبان ۾ بيان ڪري ٿي جو ۽ جيئن هو ڏسندي آهي ۽ محسوس ڪندي آهي. سو ۽ تيئن ئي عام فهم زبان ۽ ڪاغذ تي اُڪريندي آهي. نه هن جي افساني ۾ ڏکيا ۽ دقيق فيلسوفاڻا نڪتا هوندا ۽ نه ئي ناصحانه ۽ مبالغ فقرا ● هن لاءِ ادب آئينو يا آرسي آهي. نه ڪي پرزم (بلور) يا مئگنيفائنگ گلاس (آتشي شيشو) ان ڪري ئي سندس ڪهاڻيون تصنع ۽ وڌاءُ کان صاف، سچ ۽ حقيقت لڳنديون آهن.

**رشيد ڀٽي**

ڪتاب: 'لهر لهر زندگي' تان کنيل

”زماني جي خيال ۾ تون هڪ غير عملي انسان آهين... ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهين... زندگي رڳو عشق عاشقي ناهي... چڙو ويلنٽائن ناهي... زندگي عملي اظهار جو پيرايو آهي... هتي عملن سان ئي وڏا وڏا گولز هٽ ڪري سگهبا آهن ۽ منهنجي گهر وارن جي خيال ۾ اهي گولز هٽ ڪرڻ تنهنجي ڏانءُ کان گهڻا آهن.“

تماڪا رڳو ظاهري ڪوڙ ٿيندا آهن. اهي ته ڪڏهن ڪڏهن صرف ۽ صرف اوهان کي ڀٽڻ ۾ ايندا آهن... دنيا سڄي پنهنجي ڪاروهنوار ۾ گم هوندي آهي ۽ اوهان بمبارٽمينٽ ۾ پڇندا پُرندا رهندا آهيو. انهن ساعتن ۾ مون سان به ڪجهه اهڙو ئي ٿيو پئي... هن ڏانهن بي يقينيءَ سان نهاريندي، ڪيس هر انداز جي منٽ جو ديدار ڪرايو هئم... پر هُنَ ان مهل پنهنجي ڪمان کي سڌ ۾ جهليو هو. مان ’بُلز آءِ‘ جيان نشاني تي هئس ۽ ڪڏهن وار خطا نه پئي ٿيو...

”تون رڳو جذباتي ۽ بي انتها پيار ڪندڙ شخص آهين... ٿلهو پيار ۽ ٿلها جذبا ڪتابي ڳالهيون آهن... عملي ڳالهه اها ڇڀي آهي، جنهن ۾ بصر پٽلا ايندا آهن. تنهنجي جذبن ۾ ته ان ڇپيءَ جي ڪڙي ٻڌڻ جي صلاحيت به ناهي.“

ذلتن جو شايد ڪو پيمانو نه هوندو آهي. شايد عزت هڪ حد تائين ڪري سگهجي ٿي، الاءِ ان لاءِ به ڪو ماپو يا تورَ ڪونهي، ان لاءِ ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. باقي اهو سڀ وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته بيعزتي ڪرڻ لاءِ ڪوبه ڪاٽو دنيا ۾ ايجاد ناهي ٿيو. ڪوبه، ڪنهن جي به ڪيتري به بيعزتي، ڪنهن به گهڙيءَ ڪري سگهي ٿو. رڳو ڪيس اها ڪرڻ جي سوچ هُجي... ۽ ان مهل منهنجي محبوب کي اها سوچ مضبوط ڪيو بيٺي هئي. محبتن جي ڏور جا ڌاڳا، نفرتن ۽ بدخواهن جي الزامن ڪُتري ڇڏيا هئا... آخري لفظن هڪ سَٽ ڏني ۽ اها ڏور ڌاڳو ڌاڳو ٿي وئي... هن چيو هو ”مان ڪڏهن به هن وڇوڙي تي شرمنده نه ٿينديس... ها، جي توسان ملي پوان ها ته شايد شرمسار ٿي وڃان ها...“

وگهريل شيهو چا ٿيندو آهي... گهاوَن ۾ ڪيترو لوڻ ٻرڪجي جو ماڻهو اُٿل پٿل ٿي وڃي... بيقراريءَ جي اصل معنيٰ ڇا آهي، اهو سڀ انهن ڏينهَن سيکاريو هو. زندگي بي معنيٰ، اڻ سَوادي ۽ بدلجڻي لڳندي هئي. واپسيءَ جو ڪوبه ڏڳ نظر نه ٿي آيو، پر الاءِ ڪيئن واپسي ٿي به وئي. عملي زندگيءَ جي معنيٰ هڪ بهترين ڪئريئر کي جنم ڏنو... حياتيءَ ۾ هڪڙو سچو جيون ساٿي آيو ۽ لمحا ٽنلبون ٽوڙائي ڀوڙڻ لڳا.

محبت به عجيب هوندي آهي، جنهن سان ٿي وَڃي، تنهن جي خالي جُتيءَ ۾ به جڻ هُن جا پير سمايل لڳندا آهن. رنگ اهو امر ٿيندو آهي جيڪو هُو پهري. انهن گهرن جي پٿين کي هٽ لاٿبو آهي، جنهن جي دَر جي چاٺنٽ هن اُڪري هجي... ماڻهو ته هُن جي گهر ڏانهن رخ ڪري هوائن سان شڪايتون ڪندو آهي. ان محبت ڪان وڌيڪ عجيب وري وڇوڙي جو درد هوندو آهي، جيڪا آنڌ مانڌ محبت ۾ مٿل هوندي آهي، اها وڇوڙي جي مٺار ۾ مَنجي ويندي آهي. انسان ٻنٽر مان نڪري، هڪڙي ئي ڪيفيت ۾ هليو وڃي ٿو، مُرڪون رخصت ٿين ٿيون... ڳوڙها دامن جهلين ٿا. ٻين جو مرڪڻ سٺو لڳي ٿو، پنهنجي اداسي پاڻ کي وڻي ٿي. الاءِ ڇو ائين به ٿئي ٿو ته پوءِ اهو ساٿيو جاني جگر، لاتعلقيءَ جي پردي ۾ ويڙهجي وڃي ٿو. حياتيءَ سان بيزاري ايتري وڌي ٿي جو انسان، ان ساٿيءَ هستيءَ جي خبر به وٺڻ نه چاهيندو آهي، جنهن جي هڪ ننڍڙي خبر به جڻ ڪڏهن ’بريڪنگ نيوز‘ هوندي هئي.

هوائن الاءِ ڪيترو سفر طئي ڪيو. رنگن الاءِ ڪيترا شيڊز مٽايا... الاءِ ڪيترن ورهين پڄاڻان هن جي فون اچي وئي.

”ڪٿي آهين... ڇا پيو ڪرين...؟“

دل چيو، چوانس ته اسان جهڙا وجود ڇا ڪري سگهن ٿا ۽ مون ڇا ڪيو هوندو...؟ ڪهڙا اڪَ ڪارا ڪيا هوندم ۽ ڪهڙي طرف کان مقصدن جي هماليہ تي چڙهيو آهيان... زهر جو ڍڪ ڀريندي چيم ”ميٽنگ ۾ آهيان... ڪلائينٽس ويٺل آهن...“

”مون سان ملي سگهين ٿو...؟“

”ڪڏهن...؟“

”ڪڏهن به... جڏهن تو وٽ وقت هجي....“

”خير آهي...“ مون ڳيت ڏني... جنهن سان ملڻ لاءِ بهانا ڳولبا هئا، اڄ وقت ان کان ئي ملاقات جا سبب پڇڻ تي مجبور ڪيو هو.

”پوءِ سڀاڻي هليو اچ... هتي... مون وٽ... آفيس ۾...“

هن تڪڙ ۾ ائڊريس اُچاري ۽ الاءِ ڪيئن مون چئي ڏنو، ”مون وٽ پنجاهه منٽ اٿئي... ٺيڪ ڇئين وڳي مان پهچندس ۽ چار پنجاهه تي نڪرندس...“

هن ترُ تڪڙ ۾ ها ڪئي ۽ مون فون رکي ڇڏي. پهريون خيال ئي اهو آيو ته ميٽنگ ۾ فون ٽُرو ڪيئن ٿي... پر پوءِ لهجي جو تحڪم ڏسي سوچيم ته ٻاهر نڪتل ڪي به ڪجهه اهڙو ئي سُر هڏايو ويو هوندو... گمان اهو به آيو ته نمبر ڪٿان مليس... ته الاءِ ڪنهن سرگوشي ڪئي ”وڏو وڏو جهانُ... ڪنهن ڪنهن ڏاڍو ننڍو ٿي پوندو آهي صاحب...“

سفر پورو ٿي چڪو هو... وڏي جهان جي هڪ ننڍي ڪنڊ ۾، هڪ خانگي آفيس ۾، مان، سالن کان پوءِ هن جي سامهون ويٺو هئس. حسن جي تابَ عمرِ عزيز ڪجهه حصو ڪٽي ڇڪي هئي پر هارايل ڪنهن به شڪست تسليم ناهي ڪئي... ڪونه ڪو حيلو بهانو ڪٽب آڻيندو رهندو آهي، ۽ انسان ته هونئن به ڪٽڻ لاءِ ئي پيدا ٿيو آهي.

پنهنجي آرامده آفيس ۾ ڪاڏي پيتي جي الاءِ ڪيترين شين جو آرڊر ڏيندي، هن مون ڏانهن نهاريو هو..

”اهڙو ئي آهين... بس رڳو وار ٿورا اڇا ٿي ويا ٿئي...؟“

مون کي ڪل اچي وئي... اڄ به هن جي نگاهه منهنجي ’ظاهر‘ تي ئي هئي.

”هائو... هاڻي عمر وڌندي ته وارَ ته اڇا به ٿيندا....“

”نه پر غالباً... ٿنهن زماني ۾ به ’ڪجهه‘ اڇا ٿيا هئا...“

’غالباً‘ جي استعمال، من جي تاندن تي ڪجهه وڏيڪ گاسليٽ هاريو... ڪيس يقين نه هو... محبتن جي موسمن ۾ به هوءَ بي يقين ئي رهي هئي...

”الاءِ... توکي خبر هوندي... مان ان زماني ۾ هونئن به آئينو گهٽ ڏسندو هوس... بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته آئيني جي خبر ته مون کي پوءِ پئي آهي.“

منهنجي مرڪ جي زهرَ هن کي گهڻو ڪجهه سمجهائي ڇڏيو. ڦرندڙ ڪرسيءَ کي آسودو ڪندي چيائين، ”تون اڄ به ساڳيو آهين...“

”نه... مان ڪافي بدليل آهيان... عزت، دولت، شهرت... عملي زندگيءَ جا سڀ عڪسَ مون وٽ آهن... جيڪي چاهيان خريد ڪري سگهان ٿو...“

ڪيس لهجي جي سوڪهڙي جو احساس ٿيو... مرڪندي چيائين، ”هتي وڙهڻ آيو آهين ڇا؟“

مون به زماني سارو مرڪيو، ”نه نه... آءِ ايم سوري... تو سوال پڇيو... مون کان جواب نڪري ويو...“

هاڻي وري ماٺ ٿي وئي... نه هن وٽ ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ بچيو هو، نه مون کو سوال پڇڻ تي چاهيو. سوچيو هئم انهن پنجاهه منٽن ۾ ڪيس جيڪو ڳالهائڻو آهي سو ڳالهائي... مان ڪوشش ڪري ڪجهه پڇندس ڪونه... نگاهه جُهڪي وئي... الاءِ ڪيترا لمحا جُهڪيل رهي...

”هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ...“ هن هلڪو ڪنگهي نڙي صاف ڪئي... ”مان ڪٿي آهيان؟...“

نظر کنيم ته هيٺ ڪري نه سگهيس... ڪٽورا لبالب هئا... اکين ۾ ديدَ جي جاءِ تي لڙڪ ڀريل هئا... غير ارادي طور تي، منهنجي اک ڪمري جي هڪ ڪنڊ ڏانهن کڄي وئي... ڇت ڏانهن نهاريندي چيم ”اتي... ان ڪُنڊَ تي... مٿانهينءَ جاءِ تي... تون ازل کان ابد تائين مٿانهون مقام رکندڙ آهين... جتي هُئينءَ اُتي ئي آهين... حيثيتون ته اسان جهڙا مَٽائيندا آهن...“

جملو تعزيانو بڻجي ويو هو. نيڻ ڇُلڪي پيس... ڪنڌ هيٺ ڪندي چيائين... ”سڀ ڪجهه آهي... ٻه گهر آهن... ٻه گاڏيون آهن... بئنڪ ۾ گهڻو ڪجهه آهي، سرٽيفڪيٽس... مال دولت... زمين... ناهين ته تون ناهين...“

دل چيو ته چوانس ته ’بيوقوف... اهو سڀ ڪونه ٿئي... صرف مان آهيان ۽ مان...‘ پر هن جي

"ٽي نيائيون آهن سائين، وڏي ٻارهن سالن
جي، ٻي اٺن جي، ۽ ننڍڙي پنجن سالن جي آهي."
"مڙس ڇا ڪندو اٿئي؟"
"مڙس گھر ٽي ويو سر، هي ٽيون سال اٿس.
اوهان پنهنجو نمبر ڏيو سر، آئون اوهان
سان رابطو ڪنديس."
"اُن جي ضرورت ڪانهي." هن رُکائيءَ مان
چيو.
"غلط نہ سمجھو سر آئون ٻچن خاطر اوهان
ڪان ڪجھ مدد وٺڻ ٿي چاهيان."
"اڇا... ڪنهن ڪراچيءَ اچين تہ جوهر
چورنگيءَ جي ڀرسان پرفيوم چوڪ تي "المدينہ پينٽ
هائوس" جي نالي سان منهنجو رنگن جو اسٽور آهي،
اتي اچي ملازم کي چوندينءَ تہ هو رابطو ڪري،
مون تائين پهچائي ڇڏيندُئي."
چار شوري واري ٽول پلازه وٽ پهچي،
هن پڇيس:
"ڪٿي لهندينءَ؟"
"ٿورو اڳيان سر، ڪوٽڙيءَ واري اسٽاپ
تي."
اسٽاپ تي پهچي هن گاڏي روڪي، هوءَ
لهڻ لڳي تہ شاهنواز احتياطاً پڇيس:
"سوزوڪيءَ جو ڀاڙو اٿئي؟"
"سر ٽاٽي وارن اڳ ڪنهن وٽ ڪجھ
ڇڏيو، جو مون وٽ ڀاڙو ڇڏيندا؟"
"پوءِ گھر ڪيئن پهچندينءَ؟"
"بس سر، ڪنديس منٿ ڊرائيورن کي، من
ڪنهن کي رحم پنجي وڃي."
"منٿ نہ ڪر ڪنهن کي، هي وٺ."
هن پرس مان سؤ جو نوٽ ڪڍي ڏيندي
چيس.
"ٿئنڪيو سر، الله پاڪ اوهان کي اجر ڏيندو."
گاڏيءَ مان لهي، وڃڻ لڳي تہ ڪجھ
سوچي، هن پويان سڏ ڪيس:
"ٻڌ..."
هُوءَ مڙي، گاڏيءَ جي دريءَ تي جُهڪي بيٺي.
"جي سر؟"
"ٻارڙيون بک تي هونديئي، انهن لاءِ ماني
وٺيو وڃجانءِ."
پنجين سئين جو نوٽ ڏيندي هن چيو.
"صاحب ڪهڙيءَ زبان سان اوهان جا ٿورا
مڃيان؟ الله سائين ججهو ڏيندوَ، مولي سائين آباد
رکندوَ..."
هن جون اکيون، شڪرگذاريءَ واري جذبي
ڪان ڀرجي آيون. اکيون اُگهندي رواني ٿي، اسٽاپ تان
هوڪا ڏيندي سوزوڪي وڃڻ لڳي تہ اشارو ڪري اُن
کي روڪي ورتائين. پنهنجي علائقي ۾ پهچي،
هوٽل تان ڪڪڙ جو ٻوڙ، گرم نانءَ ۽ مرنڊا جي ڏڍي
بوتل وٺي، گھر پهتي. ننڍڙي ثمرين سُتي پيئي هئي،
عنبرين جون اکيون بہ ننڊ کان گھوريون پئي ٿيون،
ماءُ کي ڏسي هُوءَ سجاڳ ٿي پيئي. نسرين اڳتي
وڌي، ماءُ کان ماني ورتي.
"ثمري ڪيڏيءَ مهل سُتي آهي؟" هن برقعو
لاهيندي چيو.
"ڇڱي دير ٿي اٿس امي." نسرين پليٽون
ڪڍندي وراڻيو.
"بخار ڪيئن هئس؟"
"بخار تيز هئس، هر هر توکي پئي ياد
ڪيائين."
"صدقي وڃانس، آئون وس ۾ هجان تہ ڪٿي
ويهان ها پٽ!"
هن ڪلهن کان جهلي، ڪيس ٿورو ٿونٽاڙيو:
"ثمر راڻي، اُٿي ماني کاءُ... لوجاني... اُٿ
ماني کاءُ."
هوءَ اکيون مليندي اٿي ويٺي، اوباسي
ڏيئي، مانيءَ کي ڏسي پڇيائين:
"ڇا جو ٻوڙ آهي امي؟"
"ڪڪڙ جو ٻوڙ آهي پرين، توکي وڻندو
آهي، نہ ڪڪڙ جو ٻوڙ؟"
ماءُ ڪيس هنج ۾ ويهاريندي چيو.
بخار ۽ غنودگيءَ جي ڪري، هُن ڪو جواب
ڪونہ ڏنو، مانيءَ جي ننڍڙي گرهہ تي، ٻوٽيءَ جو ذرو

رکي، رس ۾ ٻوڙي، ماءُ سندس وات ۾ ڏنو. بيدليءَ سان ڳرهه چٻاڙيندي، بوتل تي نظر پيس، ته رڙ ڪيائين: "امي، بوتل پيئنديس."

"بوتل ڪوڙ منهنجي مليءَ لاءِ، ٻهرئين ٿوري ماني ته کائي وٺ."

ماني کائي، بوتل پي، نسرين ۽ عنبرين اٿيون، ته ثمرين ماءُ جي گوڏي تي مٿو رکي، وري سمهي پيئي. ماءُ جا هٿ اچانڪ دعا لاءِ کڃي ويا.

"پروردگار اُن سخي انسان جي روزي رزق ۾ برڪتون وجهه، هر قسم جي ڏکن ڏولاون کان محفوظ رکينس، من جون مرادون پوريون ڪرينس، جنهن منهنجي ٻچن لاءِ رزق جو ذريعو بڻيو آهي."

صبح ٿيندي ئي هُوءَ گهر جي ڪمن ۾ لڳي وئي، رکي رکي محسن جي ياد دل ۽ دماغ ۾ وراڪا ڏيندي رهيس، ٻه ڏينهن جيئن تيئن گذاري، ٽئين ڏينهن دل ۾ ڪيئي آسون اميدون کٽي، وڃي ڪراچيءَ نڪتي، ٻڌايل ائڊريس تي پهچڻ ۾، ڪا گهڻي تڪليف ڪانه ٿيس، اسٽور تي ويٺل ملازم ملڪ سان رابطو ڪرڻ بعد، هن کي وٺي سامهون واري رهائشي پروجيڪٽ ۾ پهتو، بيل ڏيئي هو در تي انتظار ڪرڻ لڳا. ٿوريءَ دير ۾ شاهنواز پاڻ اچي در کوليو، هن کي ڏسندي ئي رشيده جي منهن تي سرهائي اچي وئي.

"سر السلام عليڪم."

"وعليڪم السلام، ته تون آهين رشيده بيگم؟"

"جي سر."

"اچ، اندر اچ... پٽ اسان کي ڪلو ڪن ڪير آڻي ڏي." ملازم کي چيائين.

هُو در بند ڪري اڳيان ٿي هليو، لائونج ۾ پهچي، رشيده کي ائين لڳو، ڄڻ ڪنهن باغ ۾ داخل ٿي هجي، هر طرف گلن ۽ ٻوٽن جا مختلف نمونا نظر آيس. ڪي ولائتي ولين جا ننڍڙا گملا ته ڇت ۾ ٻه ٽنگيل هئا. فينسي مڇين جي اڪوائريم ۾ رنگ برنگي ننڍڙيون مڇيون تري رهيون هيون. لائونج کي لتاڙي، ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿي ته پير قالين ۾ ٻه اڍائي انچ هيٺ لهي ويس، اندر ۾ هڪ لطيف احساس جنم ورتس، جنهن مان گهر جي معيار جي خبر پيس. گئلريءَ ۾ ٻه گل ٻوٽا لڳل هئا، رنگين طوطن جو پڃرو به هو، جيڪو دريءَ مان نظر پئي آيو.

"ويهه رشيده" شاهنواز ڪيس صوفي تي ويهڻ جو اشارو ڪندي چيو.

"ڇا کائيندين، ڇا پيئندينءَ؟"

"سر ٻهرئين ته پاڻي پيئنديس، پر اوهان تڪليف نه ڪريو، اجازت ڏيو، ته آئون پاڻ ئي اندران پي وٺان."

"تنهنجي خواهش آهي ته ڀلي پي وٺ."

هوءَ اٿي بيٺي، برقعو لاهي تهه ڪري، ٿيلهو کڻي ڪمري ۾ وئي. شاندار بيڊ روم، عاليشان ڊبل بيڊ، مئچنگ الماريون، ٽيبلون، نفيس ڊريسنگ ٽيبل، ديوارن تي لڳل قيمتي پينٽنگس، فئمليءَ جون ڪجهه تصويرون، ووڊن فريم سان لڳل، پينڊوليم وارو، رائل برٽش اسٽائل جو شاهي گهڙيال، وڏي ۽ ويڪري باٿ روم ۾ ليٽو پلٽي ڏنائين ته هر شيءِ اعليٰ ڪواليٽيءَ جي نظر آيس. فرج مان بوتل ڪڍي پاڻي پيتائين، شاهنواز نئون صابڻ ۽ ٽوال ٽيبل تي رکندي چيو:

"باٿ وٺي فريش ٿي گرميءَ ۾ پگهرجي پيئي آهين."

"مهرباني سر، مون وٽ پنهنجو سامان آهي."

"جيڪا تنهنجي مرضي."

هُوءَ شاور وٺي فريش ٿي، هلڪي گلابي رنگ جو ڪاٽن جو وڳو پائي، شئمپو ڪيل وارن کي براءِ ڪري ڊريسنگ ٽيبل تي ويهي، ڇهري کي ميڪ اپ جو ٽچ ڏنائين، شيشي ۾ ڏسي چپن کي موڙا ڏيئي، سرخيءَ کي چيڪ ڪري، اٿي بيٺي، آئيني اڳيان سڌا ۽ پاسيرا پوز ناهي، اڳا پيڇا ڏسي مطمئن ٿي، رائل مٽريچ جي اسپري ڪري، ماحول کي خوشبوءِ ۾ واسيندي، ڊرائينگ روم ۾ پهتي. هن کي ڏسي شاهنواز رڳو ٿورو مُرڪي سگهيو. چيائين ڪجهه ڪونه، اکيون اکين سان مليون جهڪي ويون، وري مليون وري جهڪيون، جوان دلين ۾

”نہ سر، منهنجي ڪهاڻي بہ ڏاڍي عجيب آهي، ماءُ پنجاپڻ، پيءُ سنڌي، مڙس وري پٺاڻ هو، سو بہ وانا جو، جتي فوج ۽ دهشتگردن وچ ۾ جنگ هلندڙ هئي.

ماءُ سان ملڻ جو چئي، هُو نڪتو تہ وري موٽيو ئي ڪونہ.

”ڪم ڪهڙو ڪندو هو؟ دهشتگرد تہ ڪونہ هو؟“

”نہ سائين، اشراف ماڻهو هو، رازڪو ڪم ڪندو هو، ڪاٺڻ پيٽڻ لاءِ ڏاڍا خوش هئاسين. هُن کان پوءِ اسان عذابن ۾ اچي وياسين...“

”هاڻي گهر ڪيئن ٿو هلي، ڪير ٿو ڪفالت ڪري؟“

”ڪير ڪونہ ٿو ڪري سر، الله جي آسري آهيون، هن کان پوءِ گهر ۾ رکيل ميڙي چونڊي ختم ٿي، تہ فاقا ٿيڻ لڳا. تعليم ايتري هئي ڪانہ جو نوڪري ملي سگهي ها، نہ وري ڪا سفارش هئي، ٻچن خاطر مجبور ٿي، بنگلن ۾ ٿانوَ ٻهاري ڪرڻ لڳس. ڇئن گهرن ۾ جان مارڻ کان پوءِ بہ ايترو نٿي مليو، جو گهر هلي سگهي ها...“

چانهہ تيار ڪري هُوءَ کڻي آئي، شاهنواز بہ ڪيڪ، بسڪٽ ڪڍي ٽيبل تي رکيا، چانهہ جو ڍُڪ ڀري چيائين:

”واهہ جي چانهہ ٺاهي اٿئي! واقعي چانهہ جي ماهر آهين.“

”ٿئنڪيو سر، رڳو چانهہ ئي نہ، آئون ٻي ڪُڪنگ بہ تمام سٺي ڪندي آهيان، منهنجي امڙ، رڌپچاءَ جي ماهر هئي، ان کان سکيو اٿم.“

”تو ڳالهہ پئي ڪئي ڪم ڪرڻ جي...“

”ها سر، ڇئن گهرن مان، چار هزار بہ پورا ڪونہ پئي مليا. تنهن ڪانسواءِ، ايندي ويندي ماڻهو بہ تنگ ڪندا رهندا هئا. نيٺ بيزار ٿي اهو ڪم ڇڏيم.“

”پوءِ؟ هاڻي ڇا ٿي ڪرين؟“

”ان کان پوءِ شهر ۾ ايندي ويندي، ڪارو برقعو پائي پنڻ وارين جا ٺٽ ڏسي، مون کي بہ ريس آئي، برقعو پائي، مون بہ پنڻ شروع ڪيو.“

”او نو...؟“

”جي سر، سچ ٿي چوان.“

”اوه ماءِ گاڊ...!!“

”بس سر ڇا ڪجي، چوندا آهن بک بجڙو ٽول دانا ديوانا ڪري، سڄو ڏينهن ماڻهن اڳيان هٿ ٽنگي، منٿون ايلاز ڪرڻ کان پوءِ بہ، ڪڏهن اڍائي سؤ تہ ڪڏهن ٽي سؤ روپيا ملندا هئا، گذارو وري بہ نہ پئي ٿيو.“

”ٻي جو پنڻ وارين جا ٺٽ پئي ٻڌائيئي...؟“

”ها سر، انهن ٻيا ڌنڌا بہ ڪيا ٿي، جيڪي مون کان نہ ٿيا، پنڻ ۾ الله جي نالي تي روپيو يا ٻہ روپيا ئي ملن ٿا، ڏهين وارو نوٽ بہ اتفاق سان ئي ملندو هو. ماڻهن جون گهوريندڙ نظرون، ڇڇوريون حرڪتون ۽ چُڀندڙ جملا بہ برداشت ڪرڻا پوندا هئا، پريشانيون روز وڌنديون پئي ويون.“

”ڏاڍي ڏک ڀري ڪهاڻي آهي تنهنجي!“

”اِها تہ شروعات آهي سائين، ڏک جو ذڪر تہ اڃا ڪيوئي ڪونہ اٿم. بنگلن ۾ ڪم ڪندي، ڪن مالڪن مهربان ٿيڻ جي ڪوشش بہ ڪئي... هڪڙو صاحب، جيڪو وڏو آفيسر هو، ڏسڻ ۾ بہ شريف ماڻهو ٿي لڳو، نوڪري ڏيڻ جو پڪو دلاسو ڏنائين. ان جي ڳالهين جو اعتبار ڪري، ڀيريون پيرو دوڪو ڪاٽي وينيس...!“

هُوءَ ڏڪاري ٿي، ڪجهہ دير لاءِ خاموش ٿي ويئي.

”اُها سڄي رات مون روئندي، تڙپندي گذاري هئي، ضمير ملامت ڪندو رهيو، جيئڻ تان ارواح کڄي ويو. اهڙي زندگيءَ کان چوٽڪاري جو هڪڙوئي طريقو هو، تہ آپگهات ڪري ڇڏجي...!!“

”اهڙيءَ پريشانيءَ ۾ ڪنهن مٽ مائٽ سان صلاح تہ ڪرين ها، شايد ڪو چڱو ماڻهو، سهڻي صلاح ڏيئي، تنهنجو ارادو بدلائي وٺي ها.“

”ڪنهن سان صلاح ڪيان ها سائين، ڪير آهي اسان جو سڄڻ؟ صبح سوير ٻارڙين کي ساڻ ڪري واهہ جي ڪناري پهچي ويس. ارادو ڪيم، تہ ٽنهي چوڪرين کي ٻاڪر ۾ ڀري وڏو ٽپو ڏيني، واهہ

۾ پونديس، گهڙي پل ۾ کيل ختم ٿي ويندو! پر واهه جو پاڻي ۽ ڇوليون ڏسي، دهشت طاري ٿي ويئي. هٿن پيرن مان ساهه ڇڏائجي ويو، ٽپو ڏيڻ جي همت ئي نہ ٿي، ڪناري تي ويهي روئندي رهيس... وڏي ڇوڪريءَ پڇيو:

”ڇو ٿي روئين امي؟ پاڻ ڇو هتي آيون سين؟“

چيومانس، ”روز روز جي مصيبتن کان بيزار ٿي پيئي آهيان، اڄ پاڻ واهه ۾ ٽپو ڏيئي، خودڪشي ڪنديون سين...!!!“

ٻئڻ شرط، هُوءَ ”نا امي... نا امي...“ چوندي، رڙيون ڪندي، پيٽن کي گهلي، بند تان لهي، هيٺ وڃي بيٺيون. هنن جي حالت ڏسي سوچيم، مون کان پوءِ هنن معصومڙين کي ڪير سنڀاليندو، ڪير هنن جي حفاظت ڪندو؟ وحشي بدمعاش هنن جي عزتن سان ڪِلواڙ ڪري، برباد ڪري ڇڏيندن. منهنجي سهاري جي هنن کي سخت ضرورت آهي. اهو سوچي موٽي آيس. روزگار جو ٻيو ڪو ذريعو هو ڪونہ، انڪري وري پنڻ شروع ڪيم، ائين ئي اُن رات پڪڙجي ٿاڻي پهتي هئس... قسمت چڱي هئي جو اوهان پهچي ويا هئا، نہ تہ سپاهي سڄي رات مون سان ’راند‘ ڪيڏندي، صبح تائين مون کي لاش ڪري ڇڏين ها...!“

”ڪجهہ عقل کان ڪم وٺين ها، تہ شايد ڪو عزت وارو ڪم بہ ملي وڃئي ها، ٻيو نہ تہ، رڳي سلائيءَ واري مشين وٺين ها، تڏهن بہ چڱي روزي ڪمائي وٺين ها، هرويرو پاڻ کي گند ۾ ڪيرائي ڪِنو ڪيو ائٿي.“

”مجبوري انسان کان سڀ ڪجهہ ڪرائي ٿي سائين، نہ تہ گند ۾ ڪرڻ جو شوق ڪنهن کي ڪونہ هوندو آهي... سچ پڇو تہ دنيا ڪوئلي جي کاڻ ٿي پيئي آهي، انسان لک ڪوشش ڪري تڏهن بہ ڪٿان نہ ڪٿان، ڪونہ ڪو داغ لڳي ٿو وڃيس...! پارسائيءَ جي دعويٰ ڪير ڪري ئي نٿو سگهي... ماءُ غريب ۽ مجبور هوندي بہ پنهنجي ٻچن کي، بک ۽ بيماريءَ ۾ ڦٿڪندي نٿي ڏسي سگهي. مانيءَ جي لولي ۽ دوا جي چمچي لاءِ هُوءَ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿي. اُن گهڙيءَ هن جي نظر ۾، عزت، آبرو ۽ حيا، شرم جهڙا لفظ، بلڪل بي معنيٰ ٿيو ٿا پون... اِهو ڏاڍو ڏکوئيندڙ جهان هوندو آهي سائين، اِن جي پيڙا کي اُهوئي محسوس ڪري سگهي ٿو، جنهن تي اهڙو وقت گذريو هجي...!!“

هن جون اکيون ٽِمي پيون، شاهنواز بہ سندس ڏک کي محسوس ڪرڻ لڳو.

”حيرت آهي، ڏک کي رڳو تنهنجو گهر ئي ڇو پسند اچي ويو؟ الائي ڇو، مون کي تون ٻنلئيءَ واري گونڊر وَل جي گُري پئي لڳين...!“

”سڀ قسمت جا کيل آهن سر، اسان ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو تہ اسان تي اهڙو وقت بہ ايندو... هڪڙو عرض ڪيان سر جي اجازت هجي تہ؟

”ڇو...؟“

”عيد اچڻ واري آهي، منهنجي ٻچن کي عيد ڪرايو سائين، مارڪيٽ ۾ ٻارن جا هلڪي ڪوالٽيءَ وارا سستا ڪپڙا بہ هوندا آهن، هنن کي نوان ڪپڙا وٺي ڏيو. خوش ٿي دعائون ڏيندوُ... اوهان تہ هونئن بہ غريبن جي مدد ڪندا هوندؤ...“

”سوچيندس، پر واعدو نٿو ڪري سگهان.“

”ڇو سر؟ واعدو نہ ڪرڻ جو سبب؟“

”غريب ۽ لاوارث ٻارن جي مٿي تي، همدرديءَ مان ماڻهو هٿ تہ رکن ٿا، پر پوءِ اڳتي هلي انهن جا ايترا تہ وارث ۽ مٽ مائٽ نڪري ٿا پون، جو مدد ڪرڻ وارو شريف ماڻهو، عذابن ۾ اچي ٿو وڃي. طرحين طرحين جا الزام ۽ بهتان هڻي، هن کي ٿاڻن ۽ ڪورٽن ۾ گِهلي، ذليل ڪرڻ کان پوءِ ميڊيا تي بہ بدنام ڪيو ٿو وڃي، اهڙي بلائيءَ کان ماڻهو پري ئي رهي تہ چڱو.“

ٿيون، تہ معنيٰ رب راضي ٿيو. جي رب راضي ٿي ٿو پوي، تہ پوءِ بيو ڇا کپي؟"

ٻہ ٻہ جوڙا پسند تي وٺڻ کان پوءِ، هنن سينڊل، چوڙيون، ميندي، پونيون، ڪِلپون، ڪاڄَا ۽ سرخي پائوڊر کان علاوه ڪجهہ رانديڪا بہ ورتا.

"تون بہ پنهنجي لاءِ ڪجهہ وٺ نہ." هن رشيده کي چيو.

"سر، هنن مارڪيٽ سڄي ڪٺي مٿي تي کنئي آهي، اُهو خرچ گهٽ آهي، جو مٿان آئون پنهنجي لاءِ بہ وٺان؟"

"الله مالڪ آهي، پئسن لاءِ ڪونہ ڇڏيندو. ڪجهہ تہ وٺ."

شاهنواز جي زور ڀرڻ تي ٻہ جوڙا ڪپڙن جا هُن پنهنجي لاءِ بہ ورتا. ان کان علاوه سينڊل، چوڙيون، شئمپو ۽ ڪجهہ ميڪ اپ جو سامان بہ ورتائين.

آخر ۾ خوبصورت سوٽ ڪيس وٺي، سامان ان ۾ وجهي، گاڏيءَ ۾ رکيائون.

"هاڻي ڇا پروگرام آهي، ڪائڻ پيئڻ جو آهي ڪو موڊ؟"

"انڪل، آئيس ڪريم ڪائينديون سين." عنبرين وات ٻاڪي ڪندي چيو.

"خاموش بدتميز! هيڏو خرچ ڪرائڻ کان پوءِ وري آئيس ڪريم، صفا لنگهياٽيون ٿي پيون آهيو، ايترو بہ ڪنهن کي تنگ نہ ڪجي جو..."

"ڇو ٿي دڙڪا ڏين؟ اهائي تہ عمر آهي ڪائڻ پيئڻ ۽ انگل آرا ڪرڻ جي، منهنجي بہ دل گهري پئي تہ آئيس ڪريم ڪائجي."

هو ڦري، برنس روڊ تي آئيس ڪريم پارلر پهتا. واپسيءَ تي قائدِ اعظم جي مزار جو سير بہ ڪرايائين، بيشمار تصويرون ۽ سيلفيون بہ ورتائين. اِن دوران هنن جي وچان اجنبيت واري وِٿي ختم ٿي ويئي. هُو گهر جي سربراهہ وانگر، هن کي چنبڙنديون رهيون. گهر پهچي هنن سمورو سامان کولي ڏٺو. نوان ڪپڙا ۽ سينڊل پائي، شيشي اڳيان، نازن ادائن سان ڪئٽ واڪ ڪري دل خوش ڪنديون رهيون. شاهنواز وري بہ سندن تصويرون ورتيون...

اهو گهر، جيڪو عرصي کان انساني چُرپُر ۽ آوازن کان وانجهيل ۽ محروم هو، جنهن کي پاڙي وارا 'ڀُوت بنگلو' سڏيندا هئا، اوچتوئي اوچتو ٻارڙين جي ٽهڪن شرارتن ۽ ڪِلڪارين سان گونجڻ لڳو. گهر ۾ هرطرف هنن جون چپلون، سينڊل، ڪپڙا ۽ رانديڪا ٽِڙيل پکڙيل نظر اچڻ لڳا...

شاهنواز کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو تہ گهر ڇا هوندو آهي، زندگي ڇا ٿيندي آهي، خوشي ڇاکي چئبو آهي؟ هو پاڻ بہ ٻار ٿي، ٻارڙين سان کيڏڻ لڳو...

"منهنجو خيال آهي تہ هاڻي مانيءَ لاءِ نڪرجي، هن کان پوءِ ننڍڙين کي ننڊ اچي ويندي."

"ڪا ضرورت ڪانهي هلڻ جي سر، آئيس ڪريم، سموسا، پڪوڙا ۽ برگر ڪايو ويٺيون آهن، بک ڪانہ ائن، اوهان پيندبيون ۽ چماٽا وٺي اچو، ماني آئون پچائي ٿي وٺان. طلب هوندنِ تہ بہ ٻہ گِرهہ ڪائي وٺنديون."

"سٺو نٿو لڳي، اوهان جي تہ دل پڪي آهي، ٻارڙيون اسان وٽ مهمان آهن، پيندبيون ڇا سوچينديون؟"

"ڪجهہ ڪونہ سوچينديون، هرويرو هوٽلن ۾ پئسا ضايع نہ ڪريو سر، ڪجهہ بچت بہ ڪندا ڪريو."

"اهڙي بچت ڪيون ها تہ هيڏي شهر ۾ اسان جون پلازائون نہ هجن ها! تيار ٿيو، تہ عثمانيہ تائين هلون."

"ڪٿي بہ ڪونہ ٿا هلون سر، ٿڪجي چُور ٿي پيون آهيون، هلڻ لاءِ دل نٿي چوي، اوهان وڃي ٻاڄي وٺي اچو، گهر ۾ ٿا رڌيون."

”مجبوراً هن کي وڃڻو پيو، ثمرين ۽ عنبرين کي به پاڻ سان گڏ وٺي نڪتو. ٿوريءَ دير کان پوءِ پيندين، ڇماڻ بدران، شاهي پيزا وٺي موٽيو. ٻارڙيون پيزا ڏسي، ڪپڙن ۾ نه پيون ماپن. هنن پهريون پيرو پيزا ڏٺو! ڪاٺي پي خوش ٿي، ثمرين ۽ عنبرين ته شاهنواز جي بيڊ تي ئي سمهي پيون. ماڻ هنن کي کڻڻ آئي ته هن منع ڪري ڇڏيس.

”سر سڄي رات پاسا ورائيندي، لتون هڻندي، اوهان جي ننڊ ڦٽائيندين رهنديون، ڇڏيو ته هُن پلسي کڻي وڃان.“

”ننڊ ته اسان جي هوندئن ئي ڦِٽل آهي، اڄ هنن ڦِٽائي ته ڇا ٿي پيو. سمهڻ ڏين.“

هُو ٻنهيءَ جي وچ ۾ سمهي پيو، اڌ رات جو سماءُ لهڻ خاطر رشيده آئي ته شاهنواز گهريءَ ننڊ ۾ هو، هن ثمرين کي ڀاڪر ۾ ڀري، سيني سان لڳائي رکيو هو، عنبرين جا مُرڙيل گوڏا، هُن جي پُٺيءَ سان لڳل هئا. منظر ڏسي هن کي خوشگوار حيرت ٿي ۽ ٿوريءَ دير تائين مُرڪندي، هنن کي ڏسندي رهي ۽ پوءِ چادر ڇڪي، هنن مٿان وجهي، دعائون ڏيندي موٽي ويئي...

صبح ساڻ اُٿي هُوءَ واپسيءَ جي تياري ڪرڻ لڳي. ٻارڙين جا ڪپڙا ڇپلون، رانديڪا ڳولي، ڳنڍي، ڦوڪي شاپرن ۽ پٺڪيتن ۾ وڌائين. شاهنواز نيرن لاءِ حلوو، پُوريون، ڇولا ۽ ڏوُنرو وٺي آيو. ان دوران رشيده پنهنجين، ٻارڙين کي تيار ڪري ورتو، وڃڻ کان اڳ، هنن مهربان انڪل کان ڀاڪر پائي موڪلائي ڪئي ته سيني جا نيڻ پرجي آيا. شاهنواز جون اکيون نم ٿي ويون، رشيده ڀريل ڳلي سان چيو:

”سالن کان پوءِ سک جون ڪي گهڙيون نصيب ٿيون هيون. ٻارڙين جو ته خوشيءَ مان پاءُ رت وڌي ويو آهي. اسان کي هتي ئي رهڻ ڏيو سر، ٻارڙين سان گهر ۾ رونق لڳي پئي هوندوَ، اوهان جي دل به وندري پئي هوندي. آئون به اوهان جي خلمت ڪندي رهنديس، اوهان جي پسند جا طعام تيار ڪري کارائيندي سانوَ.“

”هينئر عيد جون سموريون تياريون ڪري وٺيون آهيو، عيد پلي پنهنجي گهر ۾ وڃي سڪون سان ڪريو. بعد ۾ ڏسنداسين ته ڇا ٿو ڪري سگهجي.“ هن خاموشيءَ سان عيد لاءِ ڪجهه رقم رشيده کي ڏني.

”جيڪا اوهان جي مرضي سر، اسان جون ته هر وقت دعائون اٿوَ.“ هن بيوسيءَ مان چيو.

هو گلاڏيءَ ۾ ويهي، صدر واري لاري اڏي تي پهتا، ٽڪيٽ وٺي کين ڪوچ ۾ ويهاري، شاهنواز ڳوريءَ دل سان موٽيو... گهر پهچي دروازو کوليائين ته پنهنجو ئي گهر ڪيس ڪاٽڻ آيو! ٿوري دير اڳ، جنهن گهر ۾ ٽهڪ هئا، مُرڪون ۽ شرارتون هيون، خوشيءَ ڀريا هنگاما هئا، اهوئي ساڳيو گهر ڪيس موهن جي دڙي جيان اُجڙيل اُجڙيل ۽ ڪنبر ڪنبر لڳو! هن کي لڳو ڄڻ گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، رشيده زندگيءَ کي ڪک پَن وانگر، ٻُهاري کڻي ويئي هجي...!!

حيرت ۽ افسوس مان ڏسندي، ڪي گهڙيون ته بيٺوئي رهيو...

ڪپڙا بدلائڻ لاءِ الماري کوليائين ته وات مان رڙ نڪري ويس:

”اڙي...!!“ الماريءَ جي ڪنڊ ۾ ثمرين جي پورن وارن واري گُڏي، پٺڪٽ ۾ مُرڪي رهي هئي، جيڪا هن کان وسري ويئي هئي...

ثمرين جي شڪل ۾، هن کي پنهنجي ڪائنات جي جهلڪ نظر ايندي هئي، اِن ڪري هو ساڻس خصوصي اُنس رکڻ لڳو هو. هن جي گُڏي کڻي هو تيزيءَ سان نڪتو. ڪراچيءَ جي ’مين بس ٽرمينل‘ تي پهچي ٽائيم ڪيپر کان ڪوچ بابت پڇيائين، جنهن ٻڌايس ته اها ڇاڻ اچڻ واري آهي، ڪجهه ئي منٽن ۾ ڪوچ پهچي وئي. هن شيشي مان

هٿ لوڏي، ڳڏي ڏيکاري ته هنن ٻه ڄڻ ساهه پٽجي ويو. ثمرين ۽ عنبرين، ماٺهن جي پيهه مان ڳهٽ هٽي، زوري، نڪري آيون. هن ٻنهي، کي ڀاڪر ۾ ڀري، ڳڏي ثمرين جي حوالي ڪئي ۽ رشيد کي لهڻ جو اشارو ڪيائين ته هو، ٽڙتڪڙ ۾ ٽيلهيون ڪٽي نسرين کي ساڻ ڪري لهي آئي.

"ڇا ٿيو سر؟ وري خير ۾ موٽيا آهيو؟" هن پريشاني، مان پڇيو.

"وٺڻ آيو آهيان اوهان کي، واپس هلو."

سيني جا منهن خوشي، مان ٽڙي پيا. هن ڪنڊڪٽر کي بيگ ڪڍي ڏيڻ لاءِ چيو ته رشيد دانهن ڪئي:

"سر ڀاڙو به واپس وٺوس نه."

"عيد جو موقعو آهي، ڀاڙو ڪونه ڏيندو، خواه مخواه ڦڏو ٿيندو، اچو ته هلون."

هلو کِلندي، مُرڪندي اچي گاڏي، ۾ ويٺا. ثمرين ٽپ ڏيئي هن جي هنج ۾ ويٺي. اسٽيئرنگ ۾ هٿ وجهي، گاڏي هلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي... فليٽ جي در کلندي ئي هو ائين ٻوڙي اندر گهڙيون، ڄڻ پنهنجو گهر هجين! هو گلن، ٻوٽن، مڇين ۽ پکين کي ڏسي، انهن سان ڳالهائي ٻولهائي، واپس ڊرائينگ روم ۾ آيون ته ثمرين کي ڪٽي جهولي، ۾ ويهاري، شاهنواز شفقت مان سندس مٿي تي چمي ڏني، جواب ۾ هن به سندس ڪنڌ تي چمي ڏني، ته هن جا چوڏنهن ئي طبق روشن ٿي ويا. اِن جاءِ تي هن جي لاڏلي ڌي، ڪائنات ئي ڪيس چُميون ڏيندي هئي. هِن کي لڳو، ڄڻ اِها چمي به ڪائنات ئي ڏني آهي...!! سندس ڳلي جي ڪليل ٻٽڻ کي بند ڪندي، انتهائي معصوميت مان ثمرين چيو:

"انڪل... اوهين... اوهين... اوهين نا...!"

"پٽ، اڳتي به چؤ نه، رڳو اوهين تي ئي ڇو سُئي اٽڪي پيئي اٿئي؟"

شاهنواز جي هُشي، تي، هن وري ڪوشش ڪئي:

"انڪل، اوهين نا، امي، سان شادي ڪري، اسان جا ابو ٿي وڃو نا...!"

رشيد ڇرڪي پيئي، شاهنواز جي مغز مان نڪاءُ نڪري ويو! ناراض ٿيڻ بدران، مُرڪي پاڻوهه مان چيائين:

"حاضر منهنجي ماءُ، هاڻي ته اِهوئي ڪرڻو پوندو...!!"

ثمرين هن جي هنج مان ٽپ ڏيئي اٿي، تاڙيون وڄائي، ڇيلهه کي موڙا ڏيئي نچندي ڳائڻ لڳي:

لونگ ڦوٽا ٿالهي، ۾ آئون کنيو پئي اچان،
راٽل اينڊر اڳ ۾ آئون نچندي اچان.

نسرين ۽ عنبرين به اُٿي، هن سان شامل ٿي ويون، تاڙين ۽ سهرن جي ڏمچر سان، ڏسندي ئي ڏسندي، گهر ۾ شادي، جهڙو ماحول ٿهي پيو. رشيد به جذبات کي روڪي نه سگهي، ٻنهي هٿن ۾ مُنهن لِڪائي، پنهنجي خوش بختي، تي سُڏڪي پيئي، شاهنواز سندس ڪلهي تي هٿ رکي، آٿت جي ٿپڪي ڏني، ته هن سندس هٿ کي ٻنهي هٿن ۾ مضبوط جهلي، چپن تي رکي، سُڪون جو وڏو ساهه کنيو...

ڄڻ سالن جي اٿانگي سفر کان پوءِ ٿڪل ٽُٽل مسافر کي، اچانڪ منزل ملي ويئي هجي...!!

◙

چيچ تي ترِ هوندو هو، جيڪو هاڻي نہ آهي. ڪِني ڪڙيءَ مٿان، ڏُن پرسان، ڪاڏيءَ جي پاسي ڪان ترِ هئا، جيڪي وقت سان مٽجي چڪا آهن. ترِ جسم جا نُڪتا هوندا آهن، انهن ۾ شخصيت جو مفهوم سمايل هوندو آهي، ترِ مٽجي وڃي تہ شخصيت جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو مان بي معنيٰ ٿي پيو آهيان، ڪوئي مون کي سمجهي نہ سگهيو آهي، سوپيا مون ڏي ائين ڏسندي آهي ڄڻ ڪو مُنجهيل جملو هجان، جنهن ۾ نُڪتن جون غلطيون هجن.

پگهر جسم مان وهي رهيو هو ۽ ڪِني هٿ جو ترُ منهنجين نظرن اڳيان ڇُرپُر ڪري رهيو هو.

ترُ نندي ڪاري جيت جيان ٻانهن تي آيو ۽ پوءِ ڏوري وڻ بيهي ڄڻ مون کي ڏسڻ لڳو. جيتن جون اکيون انڪري تيز هونديون آهن جو سنهيون هونديون آهن، شيءِ جيتري سنهي هوندي، ايتري اندر ۾ پيهجي ويندي. نظرن کي بہ چهنب هوندي آهي. طوطي جي ڳاڙهي چهنب سائي مرچ ۾ گهري ويندي آهي.

گرميءَ جو احساس وڌي ويو آهي، هن سال گرمي تمام گهٽي پئي آهي ۽ گذريل سال بہ ڪنهن ساڳيو جملو چيو هو تہ هن سال گرمي تمام گهٽي پئي آهي. موسمن جو اسان جي عيبن تي اثر آهي. گرمي اگهاڙو ڪري ٿي ۽ سردي ڍڪ ڍڪي ٿي.

گرمي گهٽي آهي ۽ مان اڌ اگهاڙو آهيان، اڌ اگهاڙپ جو سبب اڌ اونهارو آهي. اُميد تہ گرمي نہ وڌندي ۽ اڌ اگهاڙو هوندس. مون لاءِ گرمي مسئلو نہ آهي، پر اهو خوف مسئلو آهي جيڪو ٻانهن تي گهمندڙ ترِ ڪري پيدا ٿيو آهي.

ڪارو ترُ ڦرتيلي جيت جيان گهمي، هڪ هنڌ بيهي وري گُهمي رهيو هو، ڄڻ هڪ هنڌ بيهي ڪجهہ سنگهندو هجي. ترِ هلندو منهنجي ڪُلهي وٽ پهتو. مون ٽيڏي اک ڪري ڏٺو، اهو ڪاري ٽٻڪي جهڙو هو جيڪو مون کي پريشان ڪري رهيو هو. ترِ مٿي چڙهي ڳچيءَ ڏي سُريو تہ منهنجين نظرن ڪان اوجهل ٿي ويو. انسان پنهنجو ڪنڌ ڏسي نہ سگهندو آهي ڇو جو ڪنڌ ٻين لاءِ هوندو آهي. خوبصورت ٻانهن لاءِ يا ڦاهيءَ لاءِ.

مون هٿ هٽي ڪنڌ کي ڇُهيو ۽ پوءِ ڪِني هٿ پويان ڏٺو، ڪِني هٿ پويان منهنجو پيدائشي ترُ نہ هو. جيت جيان مٿي چڙهي ڪنڌ وٽ پهتل ترِ کي ڏسڻ لاءِ آئيني جي ضرورت پئي. مان ٽپو ڏئي اُٿيس ۽ آئيني اڳيان بيٺس. مون ڏٺو تہ ڪنڌ اڳيان ڪِني پاسي ڳچيءَ وٽ موجود هو. مون ان کي مهٽيو. هر هر آڱر هٽي محسوس ڪيو. اهو جيت نہ هو، ترِ هو. مون لاءِ حيرت جي ڳالهہ هئي تہ هٿ پويان هڪ ترِ جيت جيان هلندو ڳچيءَ جي ڪاٻي پاسي پهچي ڄمي ويو هو.

ان ڏينهن جڏهن سائي ڍنڍ ڪناري بيد مشڪ هيٺان رکيل بينچ تي سوپيا مون سان گڏ ويٺل هئي تہ اوچتو منهنجي نظر سندس ڪنڌ جي ڪِني پاسي ڳچيءَ تي پئي، ڇرڪ نڪري ويو، ڇو جو ڪيس اُتي ترُ هوندو هو، جيڪو نہ هو. اهو ترُ منهنجين نظرن جو مرڪز هوندو هو. ڳچيءَ جو خوبصورت ترُ، جنهن کي ڏسي سوچيندو هئس تہ ڪڏهن ان کي چمندس. مون پريشان ٿي سوپيا کان پڇيو.

”سوپيا تنهنجي ڳچيءَ جو ترُ ڪيڏانهن ويو؟“

سوپيا مون ڏانهن پيار مان ڏٺو ۽ پوءِ ڪٻو هٿ ڏيکاريندي چيو.

”خبر نہ آهي اهو ترُ ڳچيءَ وٽان هلندو ڪِني هٿ پويان ڪيئن پهتو؟“



اوهينري (آمريڪي ڪهاڻي)

سنڌيڪار: ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

# آخري پَنُ

وليم سڊني پورٽر جنهن جو قلمي نالو اوهينري آهي، مشهور آمريڪي ڪهاڻيڪار ٿي گذريو آهي. هڪ پرپور تجسس ۽ حيراني، تي ختم ٿيندڙ اوهينريءَ جي ڪهاڻين کي سڄي دنيا ۾ وڏي مڃتا حاصل ٿيندي رهي آهي. پاڻ 11 سيپٽمبر 1862ع تي گرين بورو، اتر ڪيرولينا، آمريڪا ۾ ڄائو ۽ سندس وفات 5 - جون 1910ع تي ٿي.

آخري پَنُ' لوهينريءَ جي اها ڪهاڻي آهي. جنهن کي دنيا جي ڪهاڻين جي 'شهزادي' سڏيو ويو آهي. هيءَ ڪهاڻي 1907ع ۾ ڇپيل لوهينريءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي "The Trimmed Lamp and other stories" (اجهاميل ڏيئو ۽ ٻيون ڪهاڻيون) ۾ شامل آهي. آخري پن گرين وچ نالي هڪ ڳوٺ ۾ نمونيا جي پکڙجڻ جي پس منظر ۾ لکي وئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن ساهيڙين ۽ هڪ پوڙهي مصور جي ڳالهه ٿيل آهي. انهن مان هڪ ساهيڙي نمونيا ۾ ورتجي وڃي ٿي ۽ مايوس ٿي موت جو انتظار ڪري ٿي، پر پوڙهو مصور ڪيس همٿائي ٿو ۽ جيئڻ جو حوصلو ڏئي ٿو، نيٺ هو پاڻ به مري وڃي ٿو.

لوهينريءَ 600 ڪهاڻيون لکيون، جيڪي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. - سنڌيڪار)

واشنگٽن جي پرسان ئي اولهه پاسي گرين وِچ نالي هڪ ڳوٺ آهي. سڄي ڳوٺ جون گهٽيون بي ترتيب ۽ اِنگڙ وِنگڙ آهن. هڪ گِهٽي وڪڙ کائي پاڻ کي هڪ ٻن هنڌن کان ڪاٽي اڳتي لنگهي ٿي. مصورن لاءِ ان گهٽيءَ ۾ زبردست فنڪاراڻا امڪان موجود هئا. تنهنڪري مصور ۽ فنڪار سَستي مسواڙ جي ڪري ان نرالي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. هوريان هوريان اهي چيڙ شاهراهه جي بازار مان ٽانوَ ٿڪا ۽ ٻيو سيتو سامان وٺي اتي ئي آباد ٿي ويا. اهڙيءَ طرح اهو ڳوٺ ڄڻ ته واشنگٽن جو ئي هڪ پاڙو بڻجي ويو هو.

ان ئي ڳوٺ ۾ هڪ ڪشادي ٽه- ماڙ بلڊنگ جي مٿان 'سُو' ۽ 'جانسيءَ' پنهنجو تصوير خانو ٺاهيو، جانسيءَ جو اصل نالو 'جون آنا' هو ۽ هوءَ 'مين هيٽن' کان آئي هئي ۽ سُو جو تعلق ڪئليفورنيا سان هو. روڊ نمبر- 8 جي هڪ عام هوٽل جي ميز تي انهن جي هڪٻئي سان واقفيت ٿي هئي. ڳالهين ڪندي کين خبر پئي ته لباس، کاڌ خوراڪ ۽ مصوريءَ ۾ ٻنهي جي پسند هڪجهڙي آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو ٻنهي گڏجي ڪري هڪ گڏيل تصوير خانو قائم ڪري ورتو.

اها نومبر مهيني جي ڳالهه آهي، جڏهن نمونيا جهڙي بڇڙي ۽ بدبخت بيماريءَ ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري ڇڏيو. جانسيءَ جهڙي هلڪي ۽ هيٺي عورت به ان بيماريءَ جي سَٽ کان نه بچي سگهي. هوءَ ويچاري اڱ ۾ ئي ڪئليفورنيا جي رت جمائيندڙ ٿڌ ۽ ٿڌين هَوائن جي ڪري اڌ مُئي ٿي چڪي هئي، ويتر مٿان سيءَ به کيس سوڙهو ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ته هوءَ چُري پُري به ڪونه ٿي سگهي. هوءَ پنهنجي بستري تي ليٽندي سڄو ڏينهن ننڍڙيءَ محراب دار دريءَ جي شيشن مان نظر ايندڙ گهر جي ديوار کي تڪيندي رهندي هئي.

هڪ صبح جو اچڻ وارن واري ڊاڪٽر، سُوکي ورانڊي ۾ سڏيو. "منهنجو خيال آهي ته جانسيءَ جي زنده بچڻ جو امڪان ڏهه سيڪڙو آهي." ڊاڪٽر ٿرماميٽر کي جهٽڪو ڏيندي ٻڌايو، "۽ اهو امڪان به تڏهن آهي، جيڪڏهن هوءَ پاڻ جيئري رهڻ جي ڪوشش ڪندي. جيڪي ماڻهو جيئري رهڻ جي اميد ختم ڪري ڇڏيندا آهن، تن لاءِ ڊاڪٽر جو علاج بيڪار آهي. تنهنجي سهيليءَ به دل ۾ اهو سوچي ڇڏيو آهي ته هوءَ ٺيڪ نه ٿي سگهندي. ها! اهو ٻڌاءِ ته ڀلا سندس دل ۾ ڪا خواهش، ڪو ارمان آهي ڇا..!؟"

"اصل ۾ هوءَ خليج نيپلز جي تصوير ٺاهڻ چاهي ٿي." سُو ٻڌايو.

"اڇا.... اڇا.... ٺيڪ! ڊاڪٽر چيو، "بهرحال، جيستائين منهنجي ڳالهه آهي ته مان تنهنجي سهيليءَ

ڪي بچائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندس، پر جڏهن منهنجو مريض پنهنجي موت جي باري ۾ گهڻو سوچڻ لڳندو آهي ته پوءِ مان دوائن جي اثر کي اڌ سمجهندو آهيان. ها! جيڪڏهن تون ڪنهن نموني هن کي سياري جي نئين فيشن جي ڪوٽ جي بانهن جي باري ۾ هڪ سوال پڇڻ تي راضي ڪري سگهين ته پوءِ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته سندس بچڻ جي اميد ڏهه سيڪڙو بدران ويهه سيڪڙو ٿي ويندي."

ڊاڪٽر جي وڃڻ کانپوءِ سُو تصوير خاني ۾ ويٺي ۽ ڪينواس تيارڪرڻ لڳي. ڪجهه دير کانپوءِ هوءَ ڊرائنگ بورڊ سميت سيٽي وڄائيندي جانسيءَ جي ڪمري ۾ داخل ٿي. هوءَ بيحس ليٽيل حالت ۾ دريءَ ڏانهن گهوري رهي هئي. سُو سمجهيو ته شايد هوءَ سُمهي پئي آهي، تنهنڪري هن هڪدم سيٽي وڄائڻ بند ڪري ڇڏي.

هن پنهنجو بورڊ هڪ هنڌ جمائي رکيو ۽ هڪ رسالي جي ڪهاڻيءَ لاءِ تصوير ٺاهڻ لڳي. انهن نوجوان مصورن لاءِ، جيڪي مصوريءَ ۾ اڳتي وڌڻ جي خواهش ٿا رکن. اهو ضروري آهي ته شروع شروع ۾ اُهي ڪهاڻين جون تصويرون يا اسڪيچ ٺاهي پنهنجو رستو گهڙين، ائين جيئن نوجوان اديب مئانهون ادبي مقام حاصل ڪرڻ لاءِ ننڍيون ننڍيون لکڻيون سرجيندا آهن.

سُو پنهنجي هيري جي جسم تي رياست اڊ اهو جي ڌنارن جهڙي سُٿڻ ۽ هڪ شيشي جي عينڪ ٺاهڻ ۾ مصروف هئي. ڪيس ڪو جهيڻو آواز بار بار ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ هڪدم جانسيءَ جي بستري وٽ پهچي ويئي.

جانسيءَ جو اکيون کليل هيون. هوءَ دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهي هئي ۽ ڪا ڳڻپ ڪري رهي هئي، اُبتي ڳڻپ.

'ٻارنهن....' هن چيو ۽ ڪجهه دير کانپوءِ، 'يارهن' ۽ وري هڪدم، 'ڏهه' وري، 'نوَ'، 'اٺ، سَت'.

سُو وڏي ڌيان سان دريءَ جي ٻاهران ليئو پائي ڏٺو، اتي اهڙي ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن کي هوءَ ڳڻي رهي هئي. ڪيس هڪ اڱڻ ۽ گهر جي ديوار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه آيو. ها! پر وڻ ويڙهيءَ جي هڪ پُراڻي وَلِ ڪيس ديوار سان چنبڙيل نظر ٿي آئي، اها وَل ڪومائجي چُڪي هئي ۽ ان جون پاڙون به ڳري ويون هيون. سرءُ جي تيز ۽ ٿڌين هوائن ان وَلِ جا اڪثر پَن ڪيرائي ڇڏيا هئا ۽ هاڻي رڳو خالي ڏاڙ ديوار سان چنبڙيل هئا.

"ڇا ڳالهه آ پياري جانسي؟" سُو پڇيو.

'ڇهه....' جانسيءَ ڀُڻ ڀُڻ ڪئي. "هاڻي اهي جلدي جلدي ڪِري رهيا آهن. ٽي ڏينهن اڳ سَوَ جي لڳ ڀڳ هئا، انهن کي ڳڻي ڳڻي منهنجو ته مٿو ئي ڦري ويو هو، پر هاڻي ڳڻڻ سولو آهي... ها! هڪڙو ٻيو به ڪِري پيو. هاڻي رڳو پنج وڃي بچيا آهن."

"پنج ڇا، پياري سهيلي؟ پنهنجي سُو کي ٻڌاءِ نه!"

"پَنَ.... وڻ ويڙهيءَ جي وَل مان جڏهن آخري پَنُ ڇڻي ويندو، ته پوءِ مان به مري وينديس. ٽن ڏينهن کان مون کي ان ڳالهه جي خبر آهي. توکي ڊاڪٽر ناهي ٻڌايو ڇا....؟"

"اُف....! بڪواس نه ڪر ڇوڪري.... مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اهڙي فضول ڳالهه ناهي ٻُڌي... ائيندي اهڙي بَڪ نه ڪجانءِ." سُو ڪيس پيار مان داٻو ڏيندي چيو. "ڀلا، ان پراڻي وڻ ويڙهيءَ جي وَل جو تُنهنجيءَ صحت سان ڪهڙو تعلق؟ ۽ ها! توکي ته اها وَل ڏاڍي وڻندي هئي، شرير ڪنهن جاءِ جي! تون ڊڄڻي نه ٿيءُ، ڳالهه ٻڌ! اڄ صبح ئي ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو آهي ته تنهنجي تندرست ٿيڻ جو ڏهه سيڪڙو امڪان آهي. ٻڌ ته! جڏهن اسان نيويارڪ ۾ ٽيڪسيءَ تي سير سپاٽو ڪري رهيا هوندا آهيون يا وري ڪنهن نئين عمارت وٽان لنگهي رهيا هوندا آهيون، تڏهن به اسان جي زنده گهر پهچڻ جا امڪان به ڏهه سيڪڙو هوندا آهن، ڳالهه ڪوڙيءَ ۾ وئي؟ بس، هاڻي ٿورڙي يخني پيءُ ۽ پنهنجي سُو کي ڪم ڪرڻ ڏي ته جيئن هوءَ تصويرن جي پئسن مان پنهنجي ۽ تُنهنجي پيٽ لاءِ دال روٽيءَ جو بندوبست ڪري سگهي."

"هاڻي تون منهنجي ڳڻتي نه ڪر." جانسيءَ پنهنجو اکيون دريءَ کان ٻاهر ڄمائيندي چيو، "آ....!

هڪ ٻيو پَن بہ ڪِري پيو... نہ..... نہ! مون کي يخني نہ گهرجي. مان نہ ٿي پيئڻ چاهيان. هاڻي رڳو چار پَن وڃي رهيا آهن. مان رات جي اونداهہ ٿيڻ کان اڳ آخري پَن کي ڪِرندي ڏسڻ چاهيان ٿي، پوءِ مان بہ مري وينديس."

"جانسي! پياري جانسي!" سُو مٿس جُهڪندي چيو، " جيستائين مان پنهنجو ڪم ختم ڪريان، تيستائين تون پنهنجون اکيون بند ڪري نہ ٿي سگهين؟ هي تصويرون مون کي سياڻي تائين ڏيڻيون آهن. مون کي روشنيءَ جي ضرورت هئي، نہ تہ مان دريءَ تي پردو ڪيرائي ڇڏيان ها..."

"ڇا تون اهي تصويرون ٻئي ڪمري ۾ نہ ٿي ٺاهي سگهين؟" جانسيءَ لاپرواهيءَ مان پڇيو.

"نہ...! مان تو وٽ هجڻ چاهيان ٿي." سُو چيو، ۽ ٻيو اهو تہ مان نہ ٿي چاهيان تہ تون هَروِبَرو وڻ ويڙهيءَ جي وَلِ کي تڪيندي رهين."

"چڱو، تون جڏهن پنهنجو ڪم ختم ڪرين تہ پوءِ مون کي ٻڌائجانءِ." جانسيءَ پنهنجون اکيون ٻوٽيندي چيو، "مان آخري پَن کي ڪِرندي ڏسڻ چاهيان ٿي، مان انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پئي آهيان. سوچيندي سوچيندي بيزار ٿي ويئي آهيان. مان هن دنيا کان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ انهن ويچارن پَنن وانگر ڇڻي وڪري ختم ٿي وڃڻ گهُران ٿي."

"آرام ڪر... سمهڻ جي ڪوشش ڪر." سُو چيو، "مان پوڙهي فقير جي تصوير ٺاهڻ لاءِ 'باحرمن' کي ماڊل بڻائڻ چاهيان ٿي. مان ڪيس سڏڻ ٿي وڃان. بس، هڪ منٽ ۾ موٽي آيس. تون منهنجي موٽي اچڻ تائين بستري تان اٿڻ جي ڪوشش هرگز بہ نہ ڪجانءِ."

پوڙهو باحرمن هڪ مصور هو، جيڪو ان ئي بلڊنگ جي هيٺين ماڙ تي رهندو هو. سندس عمر سٺ سالن کان بہ مٿي هئي. جسم مائيڪل اينجلو جي ٺاهيل مجسمي 'شيطان' جهڙو هئس. ڏاڙهي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي مجسمن جهڙي ۽ ڪَنَ اساطير جهڙا. باحرمن هڪ ناڪام مصور هو. گذريل چاليهن سالن کان هُو بُرش وسيلي ڪاغذي چادرن تي رنگ ٿَڦي رهيو هو، پر هڪ پَن بہ ٺاهي ڪو نہ سگهيو هو. هُو سدائين هڪ شاهڪار ٺاهڻ جا سپنا ڏسندو رهندو هو، پر ان شاهڪار کي ٺاهڻ شروع بہ نہ ڪيو هئائين. هُو ان ڳوٺ جي انهن سيڪڙاٽ مصورن جو ماڊل بڻجي ڪجهہ ڪمائي وٺندو هو، جيڪي ڪنهن مناسب ماڊل جي في ڀرڻ جي سگهہ نہ رکندا هئا. هُو سگريٽ ڏاڍا پيئندو هو ۽ اڪثر پنهنجي ايندڙ شاهڪار جي باري ۾ وڏا وڏا حَوال ڪَڻڻ لڳندو هو. هو بلڊنگ جي تصوير خاني ۾ رهندڙ ٻن نوجوانڙين يعني سُو ۽ جانسيءَ جي حفاظت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو.

جڏهن سُو باحرمن وٽ پهتي تہ هُو جونيپر ٻير جا پَن سنگهي رهيو هو. هڪ ڪنڊ ۾ خالي ڪينواس ايزلا تي رکيل هو. اهو ڪينواس پنجويهن سالن کان شاهڪار جي پهرين لڪير جي اوسيئڙي ۾ هو. سُو ڪيس جانسيءَ جي وهم جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. سُو ڊڄي رهي هئي تہ ويچاري جانسي ڪنهن پَن وانگر هيٺي تہ آهي ئي ۽ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو دنيا مان بيزار ٿي، ٻي دنيا ڏانهن هلي پئي.

پوڙهو باحرمن ڳاڙهين اکين سان لاڳيتو سُو کي تڪيندو رهيو ۽ جانسيءَ جي اهڙي بيوقوفاڻي سوچ تي ڪلنڊو بہ رهيو.

"بيوقوفيءَ جي حد آ...!" پوڙهي اوچتو وڏي آواز ۾ ڳالهايو، "ڇا دنيا ۾ اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن، جيڪي بيڪار وَلين جي پَنن ڪِرڻ سان مري ويندا هجن، مان تہ ڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي ٻڌي. نہ بابا نہ! مان تنهنجي لاءِ پوڙهو فقير ڪو نہ ٿيندس. ڀلا تون جانسيءَ جي ڪوپڙيءَ ۾ اها چريائپ واري ڳالهہ ڇو اچڻ ڏني؟ هاءِ! ويچاري جانسي!"

"هوءَ گهڻو بيمار ۽ ڪمزور آهي." سُو ٻڌايو، "۽ تيز بخار سندس دماغ کي عجيب ۽ غريب مريضاڻين سوچن سان ڀري ڇڏيو آهي. اڇا باحرمن صاحب! تون جيڪڏهن منهنجي لاءِ فقير جو ماڊل نہ ٿو بڻجڻ چاهين تہ نہ بڻج، وڃي ڏوڙ پاءِ... تون ڪنهن بہ ڪم جو ناهين. هڪ بيڪار پوڙهو آهين.... رڳو بڙبڙ ڪندو وتندو آهين."

"تون بہ هڪ بيڪار عورت آهين!" باحرمن وات ڦاڙي چيو، "مان اهو ڪڏهن چيو تہ مان فقير جو ماڊل نہ ٿيندس؟ هل، مان تو سان گڏ ٿو هَلان. مان تہ

اڌ ڪلاڪ کان ٻڪي رهيو آهيان ته مان ماڊل ٺيڻ لاءِ تيار آهيان، تون ڀتين ئي ڪو نه ٿي. هاءِ ويچاري جانسي! ان ڪي ته بيمار نه رهڻ گهرجي. هي اهو هنڌ ناهي جتي ڪو بيمار ٿي پوي. هڪ ڏينهن مان پنهنجو شاهڪار ٺاهيندس. پوءِ اسان هتان لڏي هلنداسين، ٺيڪ آهه؟"

جڏهن اهي ٻئي مٿي پهتا ته جانسي سُتي پئي هئي. سُو دريءَ تي پردو ڪيرائي ڇڏيو ۽ ٻاحرمن کي ٻئي ڪمري ۾ اچڻ جو اشارو ڪيو. ٻئي ڪمري ۾ پهچي پهرين هنن دريءَ مان ليئو پائي وڻ ويڙهيءَ جي وَلِ کي خوف وچان ڏٺو ۽ پوءِ ڪجهه گهڙيون هڪٻئي کي تڪيندا رهيا. هُو چاهيندي به هڪٻئي سان ڳالهائي ڪونه سگهيا. ٻاهر تيز مِينهن وسي رهيو هو ۽ برف به ڪِري رهي هئي. ٻاحرمن نيري رنگ جي پراڻي قميص پايو ڪاٺ جي هڪ اسٽول تي فقير بڻجي ويهي رهيو.

جڏهن سُو رات جو ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين سُتي ننڊ ڪري صبح جو اُٿي ته سندس نظر جانسيءَ تي پئي. جانسي دريءَ جي ڪِريل پردي کي اداس نظرن سان ڏسي رهي هئي.

"پردو هٽاءِ.... مان ڏسڻ چاهيان ٿي." جانسي هلڪي آواز ۾ حڪم ڏيندي چيو.

سُو بيدليءَ مان پردو هٽائي ڇڏيو.

پر ڏسو ته سهي! ڪيڏي نه حيرت جي ڳالهه آهي جو سڄي رات مينهن وسندو رهيو ۽ تيز هَوا به گهلندي رهي، پر سامهون ديوار سان گڏ وڻ ويڙهيءَ جي وَلِ تي هڪ پَن اڃا به لڳل هو. اهو وَلِ جو آخري پَن هو. ان جا ڏندائتا ڇيڙا ڪومائجي هيڊا ٿي ويا هئا، پر اهو سنهڙي ٽاريءَ وٽان اڃا تائين سائو هو ۽ زمين کان لڳ ڀڳ ويهه فوٽ مٿي ديوار سان وَلِ جي شاخ تي لٽڪيل هو.

" اهو آخري پَن آهي." جانسيءَ ڳالهايو، "مان سمجهيو ٿي ته رات اهو پڪ سان ڪِري چڪو هوندو. رات ته ڏاڍي هَوا به گهُلي رهي هئي. خير، اهو ضرور ڪِرندو ۽ پوءِ مان به مري وينديس."

"منهنجي پياري سهيلي!" سُو پنهنجو ٿڪل چهرو وهاڻي وٽ جُهڪائيندي چيو، "اهڙيون ڳالهيون ته نه ڪر، جيڪڏهن توکي پنهنجو خيال ناهي ته پوءِ ڀلا منهنجو ئي خيال ڪر. مان توکان سواءِ جيئري رهڻ جو سوچي به نه ٿي سگهان."

پر جانسيءَ ڪا به ورندي نه ڏني. اهو روح، جيڪو پنهنجي هڪ ڏکيي ۽ پُراسرار سفر جي تياريءَ ۾ مصروف هجي، دنيا جي سڀ کان وڌيڪ اڪيلي شيءِ هوندو آهي. جانسيءَ کي هن دنيا سان لاڳاپو ۽ سُو سان دوستيءَ جو رشتو ڪمزور ٿيندي محسوس ٿيو. جانسي خيالن جي دنيا ۾ گم ٿيندي ويئي.

ڏينهن ختم ٿي ويو، پر شفق جي روشنيءَ ۾ وڻ ويڙهيءَ جو اڪيلو پَن اڃا به اهڙيءَ طرح ئي ديوار سان وَلِ تي چنبڙيل نظر اچي رهيو هو. رات ايندي ئي برسات ۽ هَوا جو سلسلو وري شروع ٿي ويو. اُتر جي تيز هَوا لاڳيتو گهُلي رهي هئي ۽ مينهن جون بوندون درين جي شيشن تي ٽپ ٽپ ڪري رهيون هيون.

ٻئي ڏينهن جڏهن اُسَ نڪتي ته جانسيءَ وري حڪم ڏنو ته پردو هٽايو وڃي.

وڻ ويڙهيءَ جو پَن اڃا به موجود هو.

جانسي گهڻي دير تائين ان پن کي تڪيندي رهي ۽ پوءِ هُن سُو کي سڏ ڪيو، جيڪا پريان رڌڻي ۾ سندس لاءِ ڇڪن سوپ تيار ڪري رهي هئي.

"سُو! مان ڏاڍي خراب ڇوڪري آهيان." جانسيءَ چيو، "ڪنهن غيبي طاقت ان آخري پَن کي اُتي ئي روڪي ڇڏيو آهي، ته جيئن مون کي خبر پئي ته مان ڏاڍو بُرو سوچيو هو. مرڻ جي خواهش ڪرڻ ته گناهه آهي. هاڻي ائين ڪر ته منهنجي مٿي ۽ پُٺيءَ کان ٻه-ٽي وهاڻا رک ته مان ٺيڪ ڏئي ويهان ۽ توکي ڇڪن سوپ ٺاهيندي ڏسان.

سوپ پيئڻ کانپوءِ جانسيءَ چيو، "سُو! مان ڪنهن ڏينهن خليج نيپلز جي تصوير ٺاهينديس."

منجهند جو ڊاڪٽر آيو ۽ جانسيءَ کي ڏٺائين. سُو کيس ڇڏڻ وراندي تائين آئي.

"جانسيءَ جي طبعيت سڌرندڙ آهي." ڊاڪٽر ٻڌايو، "جيڪڏهن تون ان جو گهڻو خيال رکندينءَ ته پوءِ هوءَ زندگيءَ جي جنگ کٽي ويندي. مان هاڻي

هيڻ هڪ ٻئي مريض کي ڏسڻ پيو وڃان. ان جو نالو باحرمن آهي ۽ هو به مصور آهي. ان ويچاري کي به نمونيا ٿي ويئي آهي، پوڙهو ۽ ڪمزور ماڻهو آهي. نمونيا جو حملو به شديد ٿيو اٿس. سندس بچڻ جي ڪا به اميد نظر نه ٿي اچي. پر مان اڄ ڪيس اسپتال وٺي پيو وڃان ته جيئن اُتي ڪيس وڌيڪ آرام ملي سگهي.“

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر سُو کي ٻڌايو، ”تنهنجي سهيليءَ جي حالت هاڻي خطري کان ٻاهر آهي. هوءَ ڪٽي ويئي آهي. هاڻي ٿورڙي سٺي خوراڪ ۽ احتياط جي ضرورت آهي، بس!“

ان ڏينهن ٽيپهريءَ جو سُو جانسيءَ جي ويجهو آئي. سُو وڏي ڏيان سان بستر تي ليٽي نيري رنگن جو سوئيٽر اُڻي رهي هئي. سُو سندس پرسان رکيل وهاڻن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي ورتو ۽ وڏي اداس لهجي ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو.

”باحرمن صاحب ويچارو اڄ اسپتال ۾ نمونيا وگهي گذاري ويو. هُو رڳو ٻه ڏينهن بيمار رهيو. چوڪيدار ٽيون ڏينهن ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ هيٺي حالت ۾ ڏٺو هو، سندس بوٽ ۽ ڪپڙا صفا آلا هئا ۽ ٿڌا پڻ. ماڻهو حيران هئا ته باحرمن آخر رات جو ويو ڪيڏانهن هو؟ ماڻهن کي سندس ڪمري ۾ هڪ لالٽين نظر آئي، جيڪا ٻَري رهي هئي ۽ هڪ ڏاڪڻ به، جيڪا ڪيڏانهن گهلي ڪنئي ويئي هئي ۽ ڪجهه برش به، جيڪي هيڏي هوڏي وکريا پيا هئا. هڪ تختو به جنهن تي سائو ۽ هيڊو رنگ ملايو ويو هو ۽.... ۽ منهنجي پياري سهيلي! ٿورو دريءَ کان ٻاهر ديوار تي وڻ ويڙهيءَ جي آخري پَن کي ڏس... ڇا توکي ان ڳالهه تي حيرت نه ٿي ٿئي ته اهو پَن هَوا جي گهُلڻ سان لُڏي ڇو نه ٿو؟ منهنجي جان! اهو باحرمن جو شاهڪار آهي، جنهن رات آخري پن ڪِريو هو، تنهن رات هن پَن جي اها تصوير اُتي ٺاهي هئي.

◙

## نوان ڪتاب






جاويد عباسي



# حاجاڻي

”هاڻي وينا پاڻ ئي مُرڪندا رهندؤ يا منهنجي ڳالهه به ٻڌندؤ.

شازي چانهه جو ڪوپ منهنجي اڳيان ٽيبل تي رکي پرسان ڪرسي تي ويهي رهي ۽ مون کي ڏسڻ لڳي. زالن جو پيار، حيات جي پوئين پهر ۾ ئي سمجهه ۾ ايندو آهي.

”سائين، ڳالهه ٻڌايو ته ٻڌندس.“ مون چانهه جي ڪوپ مان چُسڪي وٺندي چيو.

”ڏسو، علينا جي شاديءَ کي ڇهه مهينا ٿي ويا آهن، اڃا اولادي ناهي ٿي. هڪ بيبيءَ جي مزار آهي، چون ٿا ته اتي دعا گهرڻ سان نياڻين کي اولاد ٿئي ٿو.“

علينا منهنجي هڪ ئي ڌيءَ هئي، جنهن جي ڇهه مهينا اڳ شادي ڪرائي هئي، ماڻس کي الائي ڪهڙي جلدي هئي ته بس علينا کي اولاد ٿئي.

”شازي، اڃا ڇهه مهينا مس ٿيا آهن، الله چاهيو ته اولاد به ٿي ويندو.“

”پر الله وارن کان دعا پني سي ته ڇا ٿيندو.“ هوءَ پڪي ضدي هئي.

”ڇڱو هلنداسين.“

”نه، سڀاڻي ئي هلڻو آهي.“

”ڇڱو ڀلا، سڀاڻي ئي ٿا هلون، پر هلڻو ڪٿي آهي؟“

”ڳوٺ ميسڙا، بيبي حاجاڻي جي مزار تي.“

”ڳوٺ ميسڙا...!“ مان پريشان ٿي ويس، نرڙ تي پگهر اچي ويو.

”ڇا ٿيو، توهان ايڏو پريشان ڇو ٿي ويا آهيو، نه ٿا هلون ڀلا.“ شازيءَ مون کي ٻانهن کان اچي جهليو، مان ڪيس ٺيڪ هجڻ جو اشارو ڪيو ۽ سڀاڻي هلڻ جو چيو.

به ٽي ڏينهن ڇڏي وري ساڳي بيٺڪ گهر ۾ لڳندي هئي ۽ پيڻ جي شاديءَ جو مسئلو بحث هيٺ ايندو هو، امان بابا کي ڇئن ٻارن جو اولاد هو، ان ۾ مون کان وڏا ٻه ڀائر ۽ سڀني کان ننڍي هڪ ڀيڻ، راڻي. وڏو ادو محمد بخش زمينون سنڀاليندو هو، ۽ ٻيو نمبر ڀاءُ ڪريم حسين مال جي واڙي کي مُنهن ڏيندو هو، ڀليون مينهون اسان جي واڙي ۾ هونديون هيون، جن جو ڪير شهر موڪلبو هو. مون ميٽرڪ ڪئي هئي ۽ هاڻي شهر ۾ هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ پڙهندو هئس. پئسي ڏوڪڙ جي پرواهه نه هئي، ڳوٺ ميسڙا جا ننڍا زميندار هئاسون.

”بابا... پيڻ کي ڏارين ۾ نه ڏينداسين.“ ادو محمد بخش ارڏو ۽ ضدي هوندو هو، وڏو هجڻ ڪري بابا به هن جي ڳالهه رکندو هو.

”ابا، پنهنجن ۾ ڪهڙا رشتا بچيا آهن، هڪ ٻه آهن به ته اهي ننڍا آهن.“

بابا، ادي محمد بخش کي سمجهائيندي چيو: نياڻين جي رشتن جي حوالي کان اسان جي ڏپ واري سوچ اڃا ناهي بدلي.

”ٺيڪ آ، ٻاهر ٿا ڪريون ته پوءِ ذات برادريءَ وارا هجن.“ ائين چئي ادو محمد بخش ڪمري مان نڪري ويندو هو ۽ مسئلو اُتي جو اُتي رهجي ويندو هو. ڪيترن سالن کان ائين ئي پئي ٿيو. پيڻ جي عمر چاليهن کان چڙهي هئي، هن به آسرو لاهي، روزي نماز جو در ورتو هو، تمام گهٽ ڪنهن سان ڳالهائيندي هئي، امان بابا پريشان رهندا هئا، ڪجهه رشتا ذات برادريءَ وارن جا آيا ته اهي ادي ولرن کي نه وڻيا، ائين ڇڻ پيڻ ويهجي وئي هئي.

ڳوٺاڻو ماحول هو، امان بابا، روزي نماز جا پابند هئا، اسان پاڻ مڙئي جمعي تي مسجد ويندا هئاسون.

باقي راڻي، اسان جي ڀيڻ تهجد گذار هئي، الله جي نيڪ ٻانهي هئي، ڪڏهن نہ ڪُڇندي هئي، بابا امان جي عمر بہ وڏي ٿي وئي هئي، عُمري جو ارادو ڪيائون ۽ راڻيءَ کي بہ پاڻ سان وٺي وڃڻ لڳا. هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ راڻيءَ جي چهري تي رونق ڏٺي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي وئي. عمري جي ادائگيءَ کانپوءِ سڀ واپس آيا تہ بابا اڪثر بيمار رهڻ لڳو، ڳوٺ وارا پڇڻ ايندا هئا. مايون بہ ايندڙيون هيون، اهي وري امان ۽ ڀيڻ سان ويهنديون هيون. اڻين ٻي اولادي مايون، راڻيءَ کي اولاد واسطي دعا ڪرڻ لاءِ چونديون هيون تہ هوءَ بہ هٿ کڻي کين دعا ڏيندي هئي. جڏهن ڪجهہ دعائون اگهاميون تہ پوءِ بس ماين جي رش وڌڻ لڳي ۽ راڻيءَ کي بہ جڻ ونڊر ملي وئي.

بابو ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ گذاري ويو، زندگي جو رُخ رواج بدلجڻ لڳو. ادي محمد بخش گهر جون واڳون سنڀاليون، ان دوران ادي محمد بخش شادي ڪئي، ادي ڪريم بہ شادي ڪئي، مان شهر ۾ پڙهائي مڪمل ڪري ورتي، پر اسان جي ڀيڻ راڻي رهجي وئي، امان بہ گذاري وئي. امان کان پوءِ گهر ڄڻ ڀوت گهر بڻجي ويو، راڻي ماين کي دعائون ۽ سڳا ڏيڻ ۾ مصروف ۽ پاڻ وري ڀاڄاين سان خوش، پر ان خوشيءَ پويان هڪ تباهيءَ بہ ڪَرُ ڪنيو هو، ادي ڪريم کي جوئا جي عادت پئجي وئي هئي ۽ ادو محمد بخش نشو ڪرڻ لڳو هو، ٻئي ڀائر اولادي بہ ٿي ويا هئا، پر هو پنهنجي گهر وارين ۽ اولاد کي ڄڻ ڇڄڻ لڳا هئا، امان بابا هليا ويا، ڪو دعا ڏيڻ وارو نہ رهيو، اسان جو آباد گهراڻو ڀُرڻ لڳو. ان ڏينهن تہ حد ٿي وئي. ادي محمد بخش ۽ ڀائو ڪريم مون کي ڪمري ۾ سڏايو، مان ويس تہ هُو ڪجهہ پريشان ٿي لڳا، ڀڳهريا پيا هئا، مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو، مان مُوڙي تي ويهي رهيس.

”ابا محمود، توسان ڳالهائڻو آهي.“ ادي محمد بخش ابتدا ڪئي، مون کي هُو ان وقت بہ نشي ۾ لڳو.

”جي ادا، حڪم ڪريو.“ مان ڌيان ڪري ڪيس ٻڌڻ لڳس، هن جا چپ خشڪ پئي ٿيا، هن ادي ڪريم ڏانهن ڏٺو.

”ڀائو ڳالهہ ڪرينس.“ ادي ڪريم بخش مُنهن تي بوڇڻ ڦيري، ڀڳهر اگهندي وڏي ادي کي همت ڏياري.

”محمود، اسان ٻنهي وڏن ڀائرن فيصلو ڪيو آهي تہ هاڻي مال ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڪٽون ۽ پنهنجي منهن زندگي گذاريون.“ ادي محمد بخش جلديءَ ۾ چيو. مان حيران ٿي ويس، بابا جي جوڙيل ملڪيت، ٻني ٻارو اڻين چو ورهايون، جڏهن تہ معاملا سڀ ٺيڪ پئي هليا.

”ان جي ڪهڙي ضرورت آهي ادا، سڀ ٺيڪ تہ هلي پيو، پاڻ ۾ خوش آهيون.“

”نہ ابا، سڀ ٺيڪ ناهي، زمينن ۾ اها طاقت ناهي رهي، واڙي واري ڪمائيءَ ۾ بہ ڪا بچت ناهي، گڏجي هلڻ مشڪل آهي.“ ادي محمد بخش ڳالهايو تہ مان سمجهي ويس تہ ٻئي وڏا ڀائر فيصلو ڪري چڪا آهن.

”تون نہ گهٻراءِ، اسان توکي خرچو ڏيندا رهنداسين، جيستائين توکي نوڪري ملي.“ ادي ڪريم منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکيو.

”بس راڻيءَ جو مسئلو آهي.“ ادي محمد بخش چيو، مون نہ سمجهندي ڏانهس ڏٺو.

”ادا، مسئلو وري ڪهڙو آهي، هوءَ نياڻي آهي، وڏي عمر جي ٿي وئي آهي، شادي تہ ٿيندس ڪونہ، پوءِ حصو پتي وٺي ڇا ڪندي؟“ ادي ڪريم وڏي ڀاءُ جي ڳالهہ ڪٽي ورتي، مان ٻن وڏن ڀائرن جي وچ ۾ ويٺو ڪڏهن هِن کي ٿي ڏٺو، ڪڏهن هُن کي. مون کي لڳو مان ٻن بگهڙن جي وچ ۾ ويٺو آهيان. مان سمجهي ويس تہ وڏي ادي کي پنهنجي نشي پتي لاءِ زمينون گهربيون هيون ۽ ننڍي ڀاءُ کي واڙو گهربو هو تہ جيئن جوئا ۾ اُڏائي سگهي. منهنجو ۽ راڻيءَ

پنهل چاڪراڻي

# مينڊيٽ

هڪ ته سڄي رات مڇرن تپايو هيو جڏهن آگسٽ جي صبح جي سج جا ڪرڻا ڳلن کان ٿيندا اکين سان لڳا ته شمس تبريز جي هوندي پچڻ جهڙي تپش محسوس ٿي. مان به آرسيل، چادر کي جاڻو ڻتي اولهه طرف پاسو ورائي ليٽي پيس، ته ڪجهه گهڙين کان پوءِ امان جو آواز ٻُڌيو.

”ابا مصور اُٿي!“ شايد امان مون کي اڳ ۾ ڪجهه سڏ ڪيا هئا جيڪي ننڊ ۾ مون نه ٻڌا. ايتري ۾ بابا جو آواز آيو.

”پٽ! اُٿي ڪاليج جو ٽائيم ٿي ويو آهي؟“ اِتي مان ننڊائتي آواز ۾ جواب ڏنو. ”بابا اڄ ڪاليج ڪونه ويندس.“ بابا جهٽ ۾ حاضر جواب ٿيندي پڇو.

”پٽ! ڇو ڪاليج اڄ نه کلندو ڇا؟“ مون چادر اڇا منڻي سوري منهن ڍڪيو ڇو جو صبح جي گرمي وڌندي ٿي وئي. چادر سوريندي جواب ڏنو سو به پاڻ کي بي قصور ثابت ڪندي.

”بابا ڪاليج ته کليل آهي، پر موڪلن کان پوءِ اڄ خميس جو ڏينهن آهي، انڪري مٿئين هفتي کان ڪلاس هلندا ۽ بابا اوهان کي ته خبر آهي ته پهرين ڏينهن ۾ شاگرد توڙي استاد ڪاٽي ايندا آهن، اهو وڃي مٿيون هفتو سنڀاريو.“

بابا پنهنجي اصلي خاصيت موجب منهنجي مڪمل ڳالهه ٻڌي ۽ پوءِ ادي؛ سان مخاطب ٿيندي پڇو.

”بابا نازش! توهان ته اسڪول ويندؤ نه.“ ادي؛ جي بجاءِ مون جلد جواب ڏنو.

”بابا جڏهن اسان ڇوڪرا ئي ڪونه ٿا وڃون ته هي؛ ڇوڪري وڃي ڇا ڪندي“ مون مس ڳالهائڻ بند ڪيو. ادي مون سان سهمت ٿيندي چيو. ”بابا ادا ٺيڪ ٿو چوي، مان به سومر کان اسڪول ويندس.“ ايتري ۾ بابا بغير ڪجهه چوڻ جي بلٽ روم ڏانهن وهنجڻ ويو ۽ اُتان ئي بلند آواز سان امان کي چيائين: ”بلقيس نيرن جلدي ٺاهيو،“ هاڻي مان مان اٿڻ جي ڪري رهيو هئس جو هاڻي هڪ ته گرمي هيو وري مٿان چادر، رهندو وري بابا رات جو ٽين وڳي اليڪشن ڊيوٽي؛ تان موٽڻ کان پوءِ صبح پنجين وڳي اُٿي اسڪول وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو، پر مان اڃا تائين سُتو پيو هئس. مون کي پهريان ته ڪجهه عجيب لڳو ڇو جو بابا ادي؛ کي اسڪول يا مون کي ڪاليج نه وڃڻ تي لفظ به نه چيو جو سندس اها فطرت رهي آهي ته، هُو اسان کي هميشه آزاد خيال رهڻ ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي سکيا ڏني آهي. سندن اهڙي رويي جي ڪري، اسان کي ڪڏهن به بابا عام پيءُ وانگر پوليس وارو نه، پر دوست محسوس ٿيو آهي.

ڪٽ تان اٿندي ئي وڏي اوٻاسي ڀري بيخودي؛ ۾ ئي ٻئي هٿ مٿي ڪري آرس ڀڃندي کٽ جي ساڄي پاسي کان جُتي ڏسڻ لڳس، کاٻي پاسي کان جهاتي پائي پر جُتي جو ته پاڇو به نظر نه آيو ۽ پوءِ ڪوريئڙي وانگر ڪوشش ڪري کٽ جي پيراندي؛ وٽ به ڏٺم، پر جُتي نظر نه آئي. آخر ۾ نيٺ بيزار ٿي چادر کي سٽ ڏئي لاٿو، لهندي ئي منهنجي نظر سيراندي؛ جي سڄي پاڻي جي پر ۾ پيل جُتي؛ تي پئي. فاتح وانگر جهٽ پٽ جتي پير ۾ پاتي ته اوچتو بابا جي چيل ڳالهه ذهن تي تري آئي، جنهن تي مان ڪڏهن به سنجيدگي؛ سان ڌيان نه ڏنو، ته ڪلهه شي؛

تيستائين جلدي نہ ليندي جيستائين اها پنهنجي اصل جاءِ تي نہ رکبي. انهن لفظن ۾ ايتري سچائي هئي جو مان سوچيندي ئي سوچيندي سيرانديءَ کان موبائل فون کڻي ڪمري ۾ پهچي ويس.

انهن خيالن جي ڪشمڪش دوران وچي ٽي.وي جو سُئچ آن ڪيو، جيستائين ٽي.وي مڪمل آنِ ٿئي، مان ڪمري ۾ چوڌاري نظر ڦيرائيندو رهيس. ڏسندي ئي ڏسندي ٽي.وي آن ٿي، جنهن ۾ بريڪ فاسٽ شو هلي رهيو هو، اُن ۾ هميشہ جيان اِليٽ ڪلاس جي ڪلاڻ ۽ سندن زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ تي چرچا ٿي هوندا آهن. رموٽ هٿ ڪري چينل مٽايو، جنهن تي وري راتوڪو ٽاڪ شو ريپيٽ ۾ هلي رهيو هو. مان تہ اڳي ئي انهن سياستدانن کان باغي، پوءِ نيٽ وري بہ چئنل مٽايو. چئنل مٽائيندي ئي ٽي.وي اسڪرين تي بريڪنگ نيوز لکجي آئي. مان بريڪنگ نيوز جا لفظ پڙهڻ سان ئي چيو، ”يا خدا خير،“ چو جو اسان جي ميڊيا جي بريڪنگ نيوز مطلب نوانوي پوائنٽ نوانوي سيڪڙو خوفائتيون خبرون‘ جو چڱو ڀلو بہ دل جو مريض ٿي پئي. بريڪنگ نيوز لفظن پنيان ڪڙڪندڙ آواز ۾ نيوز ڪاسٽر خبر پڙهندي چيو.

”ناظرين اسان اوهان کي بريڪنگ نيوز ڏئي رهيا آهيون تہ سنڌ جي صوبائي تڪ تي ٿيل ضمني چونڊن ۾ حڪومتي پارٽيءَ جو اميدوار رئيس دلبر خان عوامي مينڊيٽ سان آزاد اميدوار ڊاڪٽر بشير احمد ۽ ٻين کي سنڌس ئي تڪ ۾ شڪست ڏئي سندس خانداني سيٽ تي چوٿون ڀيرو ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.“ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، لفظ ڪنن تي پوڻ سان ئي مون رموٽ جي ڳاڙهي بٽڻ کي هٿ هڻي ٽي.وي بند ڪئي.

مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ فطرت جو مانداڻ مون سان ڪوڙ ڳالهائيندو هجي ۽ هن هارِ ۽ جيت جو فيصلو ڪندي سوچيم.

هڪ اهڙو شخص ڊاڪٽر بشير احمد کي ڪيئن ٿو هارائي سگهي، جنهن جا پڙڏاڏا ٻئي علائقي جا هوندي مسلسل 80 سالن کان هتي جمهوري حڪومت ڪري رهيا آهن، جن سواءِ ذاتي ملڪيت ناهڻ جي ٻي ڪنهن بہ بنيادي ڪم ڪرڻ جي بہ ڪڏهن تڪليف نہ ڪئي هوندي.

هوڏانهن ڊاڪٽر بشير احمد فارين (ولايت) مان تعليم حاصل ڪرڻ جي باوجود پنهنجي اباڻي تر جي خوشحاليءَ لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏيو آهي. جنهن رات ڏينهن هڪ ڪري حڪومت توڙي ٻين سماجي تنظيمن جي مدد وسيلي پنهنجي بي پناهہ ڪاوشن سان هن علائقي جي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪڏهن ڊگري ڪاليج لاءِ بلڊنگ، ڪڏهن سول اسپتال جي گهُرَ، مطلب هر انهيءَ عمل ۾ اڳڀرو رهيو آهي، جنهن سان عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ خوشحالي اچي تہ اهڙو شخص ڪيئن ٿو هارائي سگهي. ڇا ايترو انڌير آهي؟ جو ڊاڪٽر جهڙا انسان دوست سياستدان ڪڏهن بہ اسيمبلين تائين نہ پهچندا؟

انهيءَ فڪر دوران مون کي اوچتو بابا جي ياد آئي چو جو بابا ڪالهہ انهيءَ اليڪشن تي هو. ايتري ۾ بابا بہ ڪمري ۾ پهچي ويو. بابا ڪمري ۾ پهچڻ سان ئي ڪٻٽ ۾ پيل ڪتابن ڏانهن ويندي منهنجي ڪياڙيءَ تي هلڪي ٿڦڪي هڻي دوستاڻي انداز ۾ پڇيو.

”رئيس! خير تہ آهي، ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو؟“ سوال پوري ٿيندي ئي مان بہ ساڳئي ئي انداز ۾ ورايو.

”سائين! ڏسو دنيا دورنگي جا رنگ، ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.“ اجا مان ڳالهہ پوري ئي نہ ڪئي، بابا وري سوال ڪيو.

”اهڙو ڇا ٿيو آ جو توکي اچي دنيا جي فڪر ورتو آ“ بابا جي انهي ٻئي سوال منهنجي دوستاڻي انداز ۾ دخل وجهي جذبات ۾ چوارايو.

”اهو پڇو ڇا نہ ٿيو آ، ڇا اوهان کي خبر ناهي؟ سچي خبر ڪيئن نہ هوندي، اوهان پاڻ اليڪشن تي هئا جو(؟)“ منهنجي ڳالهہ وري بہ اڌ ۾ پر بابا ڪٻٽ

مان به ڪتاب ڪڍي ٽيبل تي رکندي چيو.
”ها مان هنس پوءِ ان ۾ ڇا آهي؟“ بابا جي لفظن مون کي وڌيڪ جذباتي ڪيو.
”اوهان ته هتا تڏهن ته پڇان ٿو ته ڊاڪٽر بشير احمد ڪيئن هارايو؟“ بابا هڪ ٻيو ڪتاب ڪڍي ٽيبل تي رکيو ۽ ڪبٽ ۾ ٻين ڪتابن ڏي نهاريندي چيو.
”جيئن هارائبو آ ائين.“ شايد بابا جي زبان ڪجهه ٻيو چوڻ گهري ها جو بابا جا اهي لفظ وتائي فقير جي چرچن کان گهٽ نه هئا. هونئن به مزاح اهڙي حقيقت جو نالو آهي جيڪا سڌي طرح نه ٻڌائي سگهجي، پر بابا جي هن پوڳ تي مون کي کلڻ بجاءِ ڏک ٿيو ۽ بي تڪلفيءَ ۾ چئجي ويو.
”بابا! ان جو مطلب ته اوهان به ڊاڪٽر جي شڪست تي خوش آهيو؟“ بابا به پنهنجو ساڳئي انداز ۾ وراڻيو.
”مان ڇا سڀ خوش آهن،“ انهن لفظن جو منهنجي ڪنن تي پوڻ سان تڪلف ڪاوڙ ۾ تبديل ٿيندو ويو.
”پوءِ ڇا ٿيندو؟“ منهنجي سوال بابا جي ستل سورن کي جاڳائي وڌو ۽ مون کي منهنجي ئي لهجي ۾ چيائين: ”پٽ! ڇا ٿيندو مطلب، اسان جڏهن چاهيون ٿي نتا ته ڪجهه ٿئي ته پوءِ ڇا ٿيندو ٻڌاءِ!“ بابا جي تکي لهجي، منهنجي ڪاوڙ کي ٻنبو ڏئي سوچڻ تي مجبور ڪيو، جيستائين بابا به ڪتابن مان هٿ ڪڍي مون ڏانهن منهن ڪري سڌو ٿي ويٺو، مان معصوميت منجهان پڇيو.
”بابا! اهو ڪيئن؟“ بابا به جڻ منهنجي سوال جو انتظار ڪري رهيو هو ۽ سندس لهجو اڃا به تکو ٿيندو ويو.
”پٽ! اهو ائين ته اليڪشن کان ڪجهه ڏينهن اڳ شايد تو به ٻڌو هوندو ته سيني جي زبان تي هڪ ئي رٽ هئي ته ’رئيس دلبر خان هونئن به جيئن جو تيئن کٽي ويندو، باقي اسان ڊاڪٽر بشير کي ووٽ ڏئي ڇو ڏنا ٿيون‘، ها! سڀ کان اهم ڳالهه اِها ته اسان جي هڪ يا ٻن ووٽن سان ڪهڙو ڪندو.“ اتي بابا جو لهجو انقلابي سياستدانن کان به جوشيلو ٿي لڳو، رهندو جڏهن منهنجو اهو پڇڻ ته: ”ان سان ڇا ٿيندو؟ اهو ته سڀ چئون پيا.“ منهنجي انهن لفظن بابا جي اندر جي باهه تي گاسليٽ جو ڪم ڪيو.
”اڙي! سچو اچو منهن اتي ئي ته آهي، جو اسان کي ڪير سمجهائي ته اسان کان سواءِ ٻيو ڪير به ووٽ ڏيڻ ڪونه ويندو ۽ جڏهن اسان سيني جي اهائي سوچ هجي ته ڊاڪٽر جهڙي ماڻهن کي ووٽ ڪير ڏيندو، جڏهن آهيون ئي اسان ۽ اسان ئي ٽا ووٽ ڏيون ته جنهن کي ڏينداسين اهو ئي کٽندو ڇو ته اسان پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ رئيسن جا ذهني غلام آهيون ۽ اها ذهني غلامي ئي اسان جي جهالت جو سبب آهي ۽ جاهل ڪڏهن به ڊاڪٽر جهڙن سياستدانن کي اسيمبلين ۾ ڪو نه موڪليندا، هاتي سمجهئي رئيس مصور خان!“
بابا جو اهو رويو جنهن مون کي رئيس مصور خان جي فضيلت سان نوازيو، اهو جلدي سندس قابو ۾ اچي ويو ۽ پنهنجي ساڳئي ڪم سان لڳي ويو، جنهن لاءِ ڪمري ۾ آيو هو يعني وري ڪتاب ڳولڻ لڳو ته اتي مون کي بابا جون جاهلن بابت ٻڌايل نشانيون ياد آيون ۽ بي اختيار زبان مان نڪري ويو ته:
”جاهل سچ ۾ جاهل آهن جو هنن کي خبر ناهي ته سندن طاقت ڇاهي، نه ئي سندن کي ذميواري جو ڪوئي احساس ۽ نه ئي هنن کي پنهنجي حق جي ڪا سُڌ آهي جو پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجو مقدر بدلائي سگهن.“ منهنجي هن جوش ۽ ولولي بابا تي ڪوبه اثر نه ڇڏيو ۽ بابا آهستي آهستي ڪتابن کي ٿيلهي ۾ سهيڙڻ لڳو. مان رهندو جذباتي ٿيندي چيو:
”ها بابا! اوهان بلڪل ٺيڪ آهيو، اهڙن جاهلن کي ڊاڪٽر بشير جهڙن جو قدر ڇو ٿيندو، ڇو ته هنن کي خادم نه پر حاڪم کپن جيڪي هنن تي ظلم ڪن، هنن جا حق غضب ڪن ۽ هنن کي ذهني غلامي توڙي معاشي استحصال جو شڪار بڻائين، سچ ته اهڙن جاهلن جو مقدر ڪڏهن به نه مٽبو، جيستائين

هُو پاڻ نہ چاهيندا، هي تہ ڊاڪٽر آ پلي ڪو آسمان ڪان فرشتو اچي تہ بہ هنن جي قسمت نٿو بدلائي سگهي.“

مون ڪي ائين محسوس ٿيو بابا منهنجي ڳالهين تي ڪو بہ ڌيان نہ پيو ڏئي، شايد انهن ڳالهين ۾ رڳو واويلا ئي محسوس ٿيس، هونءَ بہ ڏاهپ ان ۾ آهي تہ مسئلن تي اجائي بڪ بڪ بجاءِ ڪو مثبت حل تلاش ڪجي. انهيءَ مهل بابا ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو جيڪو مون ڪي اهو ٻڌائي تہ هن مسئلي جو حل ڇا آهي. مان بابا ڪان پڇڻ تي هئس تہ بابا ڪمري ڪان در طرف قدم وڌايا، تيستائين منهنجي خيالن جو پڙلاءُ منهنجي زبان تي آيو ۽ جوشيلي آواز ۾ پڇيو:

”بابا! پوءِ انهيءَ جو حل ڇا آهي؟“ منهنجي سوال، بابا جي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا جو بابا جا قدم اتي ئي ٽڪيا ۽ قدم بہ اڳتي نہ هليا ۽ اتي ئي مان سوال جو ٻيو حصو پڇيو:

”ڇا اهڙا وڏيرا اسان کي هميشہ ذهني غلام ۽ ذليل ڪندا رهندا، ڇا اسان جو مقدر اهو ئي آهي، ڇا اسان جي تقدير بدلجڻ واري نہ آهي، تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“ منهنجي سوال جي پڇڻ سان ئي بابا جي منهن تي ڪاوڙ بجاءِ ڪنهن فتح جون نشانيون نظر آيون، سندس اهڙو انداز ۽ لهجو مون ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو ۽ سندس ڪڙڪيدار آواز منهنجي ڪنن تي ڪجهہ هيئن پيو:

”جيستائين اوهان جهڙا لکيل پڙهيل جاهل هوندا، تيستائين توهان تي اهڙا حڪمران صديون ڇا تا قيامت حاڪم رهندا.“ بابا جي اهڙي لهجي ۽ آواز تي پاهران امان جو آواز آيو.

”ڇا ٿيو اٿوَ جو تا وڙهو؟“ بابا بہ امان کي اهڙي ئي انداز ۾ چيو:

”ڪجهہ بہ نہ.“ ۽ پنهنجو مڪمل ڌيان مون ڏانهن ڪري چوڻ لڳو تہ:

”پٽ! تون ۽ تنهنجي ڪاليج وارن دوستن ڪان وڌيڪ ڪو ٻيو جاهل ٿيندو، جو اوهان سڀ هنن جاهلن وانگر اهو چئو ٿا تہ هن هفتي ڪير ڪاليج ڪونہ ايندو ڇو جو اونهاري جي موڪلن ڪان بعد پهريان ڏينهن آهن. اڄ انٽو اوهان ڪان سواءِ ٻيو ڪاليج ۾ ڪير آهي، اوهان شاگرد، استاد ۽ ڪٿي ٻيو ٿورو گهڻو اسٽاف، ٻيو ڪير آهي؟ اوهان سڀ يعني استاد، شاگرد ۽ اسٽاف وارا اهو چوندؤ تہ ڪاليج ڪير ڪونہ ايندو تہ جاهلو ڪير ويندو. هاڻي ٻڌاءِ انهيءَ جهالت جو ڪهڙو علاج آهي، هاڻي ڪير وڌيڪ جاهل آهي؟ اوهان يا هو ووٽرجن وڏيري جي پوَ ڪان ان کي ووٽ ڏنا، پر اوهان سان تہ اهڙو ڪو مسئلو ڪونهي جو اوهان کي ڪو ڪاليج يا اسڪول وڃڻ تي تشدد ڪري تہ نہ وڃو، تہ پوءِ اوهان طاقت، حق ۽ نميواريءَ جو مظاهرو ڇو نہ ٿا ڪيو پٽ!“

پٽ چوندي بابا جو لهجو نرم ٿي ويو، باقي پهريان تہ منهنجو ساهہ مُٺ ۾ هو، نرم لهجي ۾ بابا جا ڳالهايل لفظ ياد آهن جيڪي هن ٿيلهي کي کُلهي تي سوريندي چيا.

”جيستائين هرڪو پنهنجو ڪم نميواري سان ڪرڻ بجاءِ ٻين تي ٽٽوليون ڪندو تيستائين خدا بہ چاهي تہ اسان جي قسمت نٿو بدلائي سگهي، اهو فطري اصول آهي.“

بابا جا اهي لفظ سڄي ڪمري ۾ گونجڻ لڳا ۽ مان اتي ئي بيٺو رهيس، پر بابا موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪري پنهنجي اسڪول هليو ويو.



ڪارو ۽ ڪاري قرار ڏيئي ڇڏيو ۽ پوءِ اڪبر وارا انهن ٻنهي کي ڳولڻ لاءِ نڪري پيا. علائقي جي ڪُنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا، نيٺ ڪجهه سالن کان پوءِ هنن جي وَر تي حلاج خان چڙهي ويو، پهرئين گولي هٿي ماريائون ٿي، پر هن جي مرڻ کان پوءِ هنن کي ڪاري ڪيئن ملي ها سو هِن کي مارڻ بجاءِ پنهنجن سردارن وٽ ڪٽي آيا. انهن هن جي جان بخشي، انهيءَ شرط تي ڪئي ته ڪاريءَ کي پنهنجن هٿن سان ماريندو، ۽ پنهنجي ڌيءُ جو سڱ اڪبر وارن کي ڏيندو ته سندس جان بخشي به ٿيندي ۽ رکيل رقم به معاف ڪئي ويندي، جنهن تي حلاج خان راضي ٿي ويو ۽ اڪبر وارن سان گڏجي، حلاج خان، سُهائيءَ جي امان وٽ پهتو ۽ اُن جي ڪڇ مان سُهائيءَ کي ڇڪي، دونالي سندس سيني تي رکي. سُهائي جي امان اڪيون ڦاڙي، حلاج خان کي ڏسندي رهجي ويئي، جيڪو ساهه وانگر هن کي ويجهو هو سو اڄ ڪوهين ڏور نظر پئي آيو. ڊبل بيرل بندوق جي ٺڪاءَ سان ڪاري ڪِري پئي، هن جون اکيون آسمان ۾ کُتل، هٿ ۾ سورة النساء وارو سيپارو هو. اڄ هي لاڏو حلاج خان بيعزتي جو ٽڪو پائي، پنهنجي معصوم ڌيءُ کي ستر سالن جي پوڙهي کي پرڻائي پيو ڏي ۽ وري هڪ ڀيو خون بيدرديءَ سان ڪيو پيو وڃي."

اَدي وڏيءَ جا ڳوڙها ڪِرڻ لڳا. مون کي ائين لڳو، اهي سڀ ڏوهه ڄڻ مون ڪيا آهن، منهنجي ڪنن ۾ سُهائيءَ جا لفظ گونجي رهيا هئا.

"سسئي ڏس، سهڻي ڏس ۽ نوريءَ جي ڳالهه ڇو نٿو ڪرين جن پنهنجون حياتيون پنهنجن لاءِ ختم ڪري ڇڏيون....!

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** الرحيم

**تحقيق ۽ تدوين:** محمد شاهد حنيف

**موضوع:** تحقيق (تعارف ۽ ڏسڻي)

**ڇاپو پهريون:** 2019ع

**قيمت:** -/300 رپيا

**ڇپائيندڙ:** سيڪريٽري - علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

ڪمزور ٿيندو ويو ۽ نيٺ ڏاڍي ڪسمپرسيءَ ۾ گذاري ويو. هڪ زندگيءَ جا پويان پهر، ٻيو بيماري، ٽيون اٿهوند ۽ چوٿون سائين جي منهن موڙ، سو هٿي مڙس کي هندان هندان ٽوڙي وِڌو. اسپتال جي ڏينهن ۾ بيماريءَ جي بستري تي سائين کي ڏاڍو ساريائين! نياپا پڻ ڪيائين، ڪرايائين، پر ڪو مزاج پرسي، درڪنار، ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ ته نهيو، پر ٻه ٻه قدم پري ڪو همدردي ڪرڻ به ڪو نه آيو! چاچا اسان بابا سائين پڄاڻا ڏاڍو پوڳيو آهي، ائين چو آهي؟ هن هلڪو ٿڌو ساهه ڀريو ۽ وري ڳالهائيندي عليءَ جي مٿي تي سوال ڦهڪائي ڏنائين "چاچا توهان به بابا جا ساٿي آهيو نه؟" "ها بابا". عليءَ ڌيرج سان وراڻيو ۽ ان اڻڄاڻائيءَ تي پاڻ کي قصوروار سمجهڻ لڳو. "چاچا بابا سائين جي وڇوڙي کان پوءِ مون کي هڪ وڏي حسرت رهي آهي ته ڪاش! ڪو بابا سائينءَ جو ساٿي ملي، ته ڪانئس هڪ سوال پڇان، ڇا مان توهان کان سوال پڇي سگهان ٿو؟" "ها بابا بلڪل"، عليءَ مختصر جواب ڏيندي نوجوان جي چهري جا وَرَن ۽ تاثرات ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو توڙي جو سچ پنهنجي پوئين پساهن ۾ هو تڏهن به نوجوان جي چهري تي آيل معصوميت ۽ پنهنجائپ سان گڏوگڏ عزت احترام بکي رهيو هو.

نوجوان جڏهن ته ساهي پٽي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "چو چاچا ائين چو آهي؟ مون کي سمجهايو نه؟ خواب بابا سائين ڏٺا، انهن لاءِ هڙان وڙان پاڻ ڏنائين، پر ڀوڳيون اسان ٿا، اسان ته ڪنهن چڱي اسڪول ۾ به نه پڙهي سگهياسين، نه ڪنهن فضيلت ڀرئي روزگار سان لڳي سگهياسين، نه چڱو کائي، نه پهري سگهياسين، نه سندس سائين جي سٿ ۾ شامل ٿي سگهياسين، مرڳو ٿي سندس مخالفتون ۽ دشمنيون ڳلي پئجي ويون، چو؟ اسان جو ڏوهه ڪهڙو آ؟ ڏسيو نه چاچا؟" ائين چوندي نوجوان جو ڳلو ڀرجي آيو ۽ هُو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. عليءَ نوجوان جي نيڻن ۾ نهاريو ته نوجوان جا نيڻ ساوڻيءَ جي برسات وانگي وڏڦڙا وسائي رهيا هئا، نوجوان جا نيرَ ڇا هئا جڻ ته گونگي برسات ڀريل ٻوڏ هئي، جيڪا نوجوان سان گڏ علي کي به ٻوڙي ۽ جهوري رهي هئي. عليءَ جا نيڻ به پڄي پيا هئا، پر عمر جي رک رکاءُ ۽ نوجوان کي آٿت ڏيڻ جي جذبي نيڻن کي روڪي ڇڏيو توڙي جو سندس من به نئن گاج جيان گجگوڙ ڪري ۽ ڌڌڪريون ڏئي روئڻ پئي چاهيو. ڪن پل لاءِ ڪيس به ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو ته "جتي دل هئي اتي درد ئي درد هو!" علي زماني ساز مرڪ چهري تي آڻي انتهائي پنهنجائپ، پيار ۽ پاٻوهه مان اڳتي وڌي نوجوان کي ڳراٽڙي پائي پيشانيءَ تي چمي ڏئي، آهستي آهستي ڳالهائڻ شروع ڪيو، "پٽ ان ئي سماجي ناانصافي خلاف توهان جي بابا ۽ اسان جي جدوجهد هئي ۽ آهي. اسان اهو ئي پئي چاهيو ته هي اڻبرابري وارو سماج ٽوڙي مروڙي ڪو نئون برابريءَ وارو سماج اڏيون، جنهن ۾ ڪا به ارهي اک نه هجي ۽ ڪو به لڙڪ نه لاڙي، اهي ئي ته اسان جون خواهشون ۽ اهي ئي ته اسان جا خواب هئا جن لاءِ پاڻ پتوڙيوسون ۽ رت ولوڙيوسون، اهو ئي ته رشتو هو، جنهن کي سڀني رشتن تي مقدم سمجهيوسون، پر بابل اسين اياڻا هئاسين، اڻڄاڻ ۽ جاهل هئاسين جو، جن کي رهبر سمجهيوسين، سي ئي رهزن نڪتا ۽ اسان جا خواب لُٽجي ويا، برباد ٿي ويا، ڪنهن رات جي اونداهيءَ ۾ نه پر چٽي پٽي ڏينهن ڏٺي ۾! زهر جا ڍڪ ڀري "چور جي ماءُ روئي ڪنڊ ۾" وانگر ڪَٽو ڪَٽو ٿي وڪري وياسين.!

"ڪا جا هن تسبيح ڇڳي، تارا سارا ڏاڻا ڏاڻا ها!
پنهنجا ڦٽ پراڻا ها، يا هو ويڄ اياڻا ها."

عليءَ هلڪو ٿڌو ساهه ڀري جهٽ پل جي ساهي پٽي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "بابل اهو اسان جي تقدير ۾ لکيل ئي نه هو ته ڌو اسان ظلم جي

هن رات جي اونداهين گهٽين ۾ گهٽجي بي موت مري وڃون. اسين ته انڪاري هئاسين، انهن فرسوده ۽ مدي خارج ريتن رسمن جا، اسان ته وڏي واڪي للڪاريو هو، انهن ڪاري رات جي رکوالن کي ۽ نئين فڪر ۽ سونهري خوابن جا ٻج ڪٽي آيا هئاسين. هن دوزخ جهڙي زمين کي بهشت بنائڻ لاءِ پر... يار پاڻ ڦرجي ويلسين، لُٽجي ويلسين!. هاڻ به همت ڪيون ته گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا، ڪجهه يار ته وري مڙي مُٺ پيا ٿين، جئين سڀني انقلابن جو پيش خيمو ۽ هراول دستو تعليمي انقلاب آهي. اتڪ ته سني ڪٺي اٿن اڳتي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي، "ڪاش اک جو علاج يا اڳين روشني به ڇٽ!" ائين چئي علي ساهه کڻڻ لاءِ رڪيو، ته نوجوان ڳالهائڻ شروع ڪيو: "پر چاچا هاڻي توهان جو به ته وڃي پويون پهر بچيو آ، وري نئين سر سندرو ٻڌي جي ميدان ۾ ٿا لهو ته ڇا ٿيندو." "هائو بابا سچ ٿو چئين، اسان جو سچ به ڪڪرن جي گهيري ۾ آ جڻ آيو ڪي آيو، پر پٽ "هڪ سچ به پاڇا" زندگيءَ جي آخري هڏڪي مهل به ماڻهو درست دڳ تي هجي، اها وڏي ڳالهه آ، هن عمر ۾ جيڪڏهن ٻيو ڪجهه نه به ڪري سگهياسين رڳو ان سياسي ڏائڻ جو گهونگهٽ کولي وڃوسون، ته اسان جو نئون نسل ٽاٻڙجڻ ۽ پٽڪڻ کان بچي ويندو." "هاها چاچا اهو ته آهي، پر جيڪڏهن ائين ٿي پوي ته وهه واهه!"

رات جا اونداهان پاڇا هر طرف تيزيءَ سان وڌي ۽ وڌيڪ گهرا ٿي رهيا هئا. دامن ڪوهه جي پڪنڪ پوائنٽ ميلي جي ميدان وانگر خالي ٿيڻ شروع ٿي هئي. نوجوان ۽ علي ان اونداهي ۽ ماٺ جي گهيري ۾ گهيربا ٿي ويا جو نوجوان ان ماٺ کي ٽوڙيندي چيو ته: "چاچا ڪافي دير ٿي چڪي آهي، هاڻي اسان کي به هلڻ گهرجي." علي پٿر تان اٿندي چيو ته "صحيح ٿو چوين ٻچا، يار زنده صحبت قائم وري گڏباسون پٽ." ائين چئي علي ٽيڪسي اسٽينڊ ڏانهن ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون وڌائڻ لڳو. نوجوان جي اوچتو ملاقات، سندس ڇُپندڙ سوالن، ڪامريڊ جي حال احوالن، عليءَ جي دل و دماغ ۾ وڏي اٿل پٿل آڻي ڇڏي هئي. هن کي به پنهنجي گهر ڀاتين جي ياد اچي وئي ۽ سندس اولاد جون شڪليون سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون ۽ جڻ ته ڪيس چوڻ لڳيون: خواب تو ڏنا، اسان جو ڪهڙو ڏوهه! خواب تو ڏنا، اسان جو ڪهڙو ڏوهه!؟ خواب تو ڏنا، اسان جو ڪهڙو ڏوهه!؟ هن خيالن ئي خيالن ۾ ڪنڌ ڌوڻي انڪاري انداز ۾ ڇٽڪيو ته پٽ نه، ٻچا هاڻي ائين نه ٿيندو. ٽيڪسيءَ واري چرڪ ڀري علي کي چيو: "سائين ڪهان چلنا هي؟" ها ادا تون صحيح دڳ تي آهين، ٽيڪسي ايوان دوستيءَ کان ٿيندي پارليامينٽ هائوس، سپريم ڪورٽ، وزيراعظم سيڪريٽريٽ، ايوان صدر کان ٿيندي پراڻي فيبرلاج گيٽ تي پهتي ته عليءَ ٽيڪسيءَ جو ڪرايو ڏئي، هاسٽل تي وڃڻ بجاءِ، فيبرلارج ۽ آب پارا جي پويون پاڪستان سيڪريٽريٽ سان ملندڙ روڊ وٺي جهوپڙا هوٽل طرف وڌڻ لڳو.



رافعہ حسين

# تڏهن ملنداسين

منهنجا ڪنپ ڪپجي ويا!!

مان هن کي ڪڏهن نہ ٻڌائي سگهندس.

آه...

ڪيتري نہ تڪليف پئي ٿئي.

مون تہ ڪڏهن نہ ڀانيو تہ اڏام ملڻ ڪانپوءِ واپس کسجي بہ سگهي ٿي؟

پر هوءَ چوندي رهندي هئي تہ پنهنجي اڏام جو قدر ڪجانءِ.

ڇاڪاڻ تہ هر نعمت جو حق آهي تہ ان کي بهتر کان بهتر انداز ۾ استعمال ڪجي.

نہ زنگ سٺو، ۽ نہ بد رنگ سٺو.

زنگ روڪي ڇڏيندو، ۽ بد رنگ موڙي ڇڏيندو!

ڪاش!

مان هن کان پڇي سگهان... تہ هي زنگ چئجي يا بد رنگ چئجي؟

فيروزي مخمل ۾ ڍڪيل ننڍڙي گول ميز.

ان تي رکيل هي سونهري سيخن وارو پڃرو.

سامهون کليل دريءَ مان لهندڙ سج جا پاڇولا نظر اچن ٿا ۽ انهيءَ منظر ۾ وڌيڪ اداسي پريندڙ...

پڃري ۾ قيد هي بي سُري ڪويل.

ها... مان هڪ بي سُري ڪويل آهيان، مان خزان...

هڪ بي سُري ڪويل آهيان.

خزان جيان خالي... بي رنگ اجڙيل!

بهار منهنجي لاءِ هڪ بهترين ناليءَ جي چونڊ ڪئي هئي.

مون کي ڪيتري ياد اچي ٿي... منهنجي دوستن... بهار!

هن کي آزادي پسند هئي ۽ مون کي... قيد...!

❁❁❁

انهيءَ ڏينهن... مان پنهنجي پهرين اڏام خاطر تيار ڪيو ويو هئس. پوري جوش سان مان اڳتي وڌيس... ۽ جيئن ئي مون اڏامڻ شروع ڪيو تہ اک ڇنڀ ۾ پنهنجي وجود ۾ ڏک ڪاٺڻ جي تڪليف محسوس پئي ڪيم.

مان ڪِري پيو هئس.

جيڪر مان هي ڪنپ توکان اڌارا وٺي سگهان ها..."

ائين چوندي هن مون کي واپس آکيري ۾ رکيو، ۽ پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳي.

منهنجو آکيرو هن جي گهر جي باغ ۾ ٿي هڪ وڻ تي آهي. مان سامهون کان ڏسي سگهان پيو.

"ڇا مان انهن پرَن جي لائق ناهيان؟"

مون کي ڪاوڙ پئي آئي، پکين ۾ پڻ احساس ٿين ٿا!

ٻئي ڏينهن مون اڏام پري هن جي گهر جو رُخ ڪيو ۽ هن جي ڪمري جي دريءَ مان اندر داخل ٿي ويس.

هوءَ دريءَ سان گڏ رکيل ميز ۽ ڪرسيءَ تي مٿو رکي ويٺي هئي. بيوسي... حسد... ڪاوڙ ۽ تڪبر... منهنجا پهريان احساس هئا، جڏهن مان هن سان مليو هئس.

جڏهن تہ هن جي طرفان هڪ معصوم خواهش کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ جذبو نہ هو.

مان ميز تي ويهي هن کي ڏسندو رهيس، ٿوريءَ دير ۾ هن اکيون کوليون مون کي سچاتو ۽ اڏامڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيائين.

مون پڻ شڪريو ادا ڪرڻ گهريو، پر هوءَ منهنجي ڳالهه نه سمجهي سگهي، مون کي ته هرهڪ لفظ سمجهه ۾ پئي آيو. الائي ڇو؟ الائي ڪيئن؟

پنهنجي بي سُري آواز تي هن جو مايوس ۽ همدرديءَ وارو تاثر پڻ سمجهي ويس.

”تُنهنجي آواز کي ڇا ٿيو؟ ڇا توهان کي به زڪام، بخار ٿي پيو آهي؟“

زڪام، بخار انسانن جي هڪ عام وبا آهي، اهو ڄاڻان پيو، انڪري مسڪرائي ڏنم.

هن کي سمجهائڻ گهريم ته منهنجو آواز باقي ڪويلن کان منفرد آهي، بي سُرو آهي، ۽ مون کي بي سُرو ئي ڪوئيو وڃي ٿو.

”مان توکي خزان چوندس!“

خزان...؟ هوءَ ڇا پئي ڳالهائي؟ اهو ويچارڻ مون ضروري نه ڄاتو، منهنجون نظرون ته پنهنجي پرسان رکيل پڃري تي کُتل رهيون.

آکيري جهڙو پڃرو، جيڪو فيروزي رنگ جي ريشمي رسيءَ سان سجايل هو، اندر کائڻ، پيئڻ جو سامان به رکيل هو، مان اندر هليو ويس.

منهنجي گمان موجب داڻي پاڻي جي تلاش ئي ته اسان کي اُڏام سيکاري ٿي ۽ مون کي داڻو پاڻي ملي ويو هو.

”خزان منهنجي پسنديده موسم، ۽ مان بهار آهيان.“

هوءَ ڳالهائيندي رهي، هن جي تاثر ڏسڻ ۾ دلچسپي نه ورتم، مان بس داڻو چڳڻ لڳس.

”هيءُ منهنجي پهرين دوستن جو پڃرو آهي، هوءَ به هڪ سريلي ڪويل!“

مان هن کي سونهن ڪوئيندي هيس.

هن جي آواز ۾ ڏک محسوس ڪري سگهان پيو.

”هڪ ڏينهن هوءَ اُڏامي وئي، شايد... هن کي به مون وانگر آزادي پسند هئي، اُڏام پسند هئي.

هاڻي ڪٿي ڪنهن بهتر جڳهه تي هوندي.

هن پڃري کان بهتر هنڌ هوندي.

ان وقت مون هن سريلي ڪويل جي قسمت تي افسوس ڪيو هو، جنهن کي ايترو خوبصورت پڃرو پسند نه آيو؟ جتي آسانيءَ سان داڻو پاڻي ميسر هو؟

”توهان پکين وٽ اسان کان وڌيڪ توڪل هوندي آهي نه!“

بهار جي موسم چوي پئي، پر مان انهيءَ وقت توڪل کان اڻڄاڻ هئس، ان پڃري مان نڪرڻ تي دل ئي نه چاهيو پئي.

مان هتي ترسي پيس، جيستائين سيئي داڻا کپائي نه ڇڏيان.

***

”ڇا توکي اُڏام جو قدر ناهي؟“

هوءَ افسوس وچان چوندي رهندي هئي ۽ ڪڏهن پڃري جو دروازو بند نه ڪيائين.

پر ڪڏهن داڻو رکڻ به نه ڇڏيائين.

هڪڙي ڏينهن هن جي گهر مهمان آيو، ڪنهن بهار وانگي ۽ خزان پاڻ اُجڙي وئي!

آه...

هڪ درد سيئي ڏکڙا وساري ڇڏيا.

يادون به ڪهڙي نه عجب شيءِ آهن؟

ورهين جي اذيت هڪ لمحي ۾ اچي گذري به وڃي ٿي.

۽ انهيءَ هڪ لمحي ۾ پڻ ساڳيو درد ٿئي ٿو، جيڪو ڪڏهن ورهين تائين سَٺو هيوسين.

هيءَ ماڻهو... ايندي ويندي مون کي چڙيءَ سان ڏکُ ڇو پيو هڻي؟

پَرَ ڪپجي ويا آهن، ساهه ته کڻان پيو، چرپر به ڪيان ٿو، پوءِ ڀلا ڇا مسئلو اٿس؟

مان اُڏامندي اُڏامندي آخر ڪيئن هن جي هٿان شڪار ٿي ويس؟

ها... تلاءَ وٽ پاڻي پيئڻ لاءِ ترسيو هئس...

اُتان ڪنهي ڪٿي آيو.

اُف...

ڪيتري نه سهڻين يادن ۾ گُم هئس ۽ ورهين جي خوشي هڪ لمحي ۾ ياد اچي تازا ڏک وسارائي ڇڏيا هئا.

بهار جو ابو ورهيه بعد ڪنهن جوکم ڀري سياحت جي تلاش کان پوءِ هڪ ڊگهي سفر تان گهر

”دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا خوبصورتي آهي ته اهو ’ننڍپڻ‘ آهي، هر ڪنهن جو ننڍپڻ دنيا جي سڀني کان خوبصورت ۽ جادوئي جڳهه آهي.“

مان ٽڪجڻ لڳو هئس، انهن جي ڳالهين سان جيڪي اڄ شدت سان ياد ڪريان پيو.

”ٿيلهي پيٽي تي ڌيان نه ڏيو ته بهتر آهي، توهان جي عمر ناهي ان علم سکڻ جي.

ڇو نه اسين سڀئي گڏجي ڪنهن سفر تي هلون؟

اسان سڀئي گڏجي وڃوڙي کي الوداع چونداسين!

سرمد صاحب جوش وچان چيو هو ۽ منهنجي دل ٻڏندي وئي، ڇا... هي سڀئي ڪيڏانهن هليا ويندا؟

منهنجو گهر؟

مان پنهنجي محفوظ پناه گاه کي ڇڏڻ جو سوچي نه پيو سگهان، ۽ جڏهن مون هُن پڃري کان ٻاهر اُڏام ڀري ته قيد جي گهُٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ٿيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن اسين پاڻ کي ڪنهن قابل ناهيون سمجهندا، غنيمت ٻه جنگ جوٽڻ ۽ جنگ ڪٽڻ کانپوءِ حاصل ٿئي ٿي، پوءِ اسين ڪهڙي آسانيءَ جا عادي آهيون؟

توڪل وارا بزدل نه ٿا ٿين!

۽ مان اُڏام ڀرڻ کان پوءِ توڪل جو مطلب سمجهيو.

ڪير ٻه جاندار پنهنجي فطرت کان منهن موڙي مطمئن نه ٿو رهي سگهي.

پنهنجي آکيري ۾ رهندي نسلن جي تربيت ڪرڻ انسان لاءِ قدرت جو اصول آهي.

۽ پنهنجي اَن جي تلاش ۾ آکيرو ڇڏڻ، نسلن کي اُڏام ڏيڻ پکين جي وصف آهي.

پکي قيد نه ٿو رهي سگهي، ۽ انسان دربدر نه ٿو ڦري سگهي، ردوبدل جو انجام ڏکيو آهي.

شايد انهيءَ ڪري ئي هڪ پکي ڪمزور ۽ انسان سڀ کان مضبوط گهر ناهي ٿو.

سرمد صاحب گهمڻ جي شوق ۾ گهر کي وساري ڇڏيو، ۽ هاڻ پنهنجي ئي گهر ۾ جڳهه ناهڻ لاءِ ڪوشان هو.

بهار جي موسم اڪثريت سان وڙهڻ لڳي هئي، هوءَ ماءُ جي مڪمل توجهه جي عادي هئي، جيڪا توجهه هاڻ ونڊجي وئي.

هوءَ پيءُ جي توجهه جي عادي نه هئي، انهيءَ ڪري مداخلت برداشت نه ڪري سگهي پئي.

گهٽي وقت کان پوءِ هاڻ هو ’دوست‘ بڻجڻ لڳا هئا، نيٺ اولاد ۽ والد جو رشتو به جڳهه والاريندو.

منهنجي جڳهه گهٽجڻ لڳي هئي، جڏهن کان بهار جو ڌيان ونڊجڻ لڳو ۽ هن جو وقت ورهائجي ويو ته پڃرو، پڃري وانگي سوڙهو ٿيڻ لڳو هو.

”سياڻي منهنجو جنم ڏينهن آهي، خزان!“

ڪنهن مهل هوءَ ڊاٺو پاڻي رکڻ ايندي هئي ته ڳالهه ٻولهه ڪندي هئي.

”امي ابو ڪنهن پهاڙي علائقي جي سير جو پروگرام ناهي رهيا هئا، شايد... مون کي سرپرائيز ڏيندا.“

هن کي منهنجا تاثر نظر نه ٿي آيا.

ڇا مان خوشنصيب آهيان...؟ جيڪو روئي سگهي ٿو، اُداس ٿي سگهي ٿو، ظاهر ٿي وڃڻ جي ڊپ بغير؟ مڪمل آزادي سان؟

پر اها خوشنصيبي مون کي چُڀي رهي هئي.

”تون ڄاڻين ٿو نه، ته مون کي ’چيري بلاسم‘ گل پسند آهن؟ بهار جي مُند آهي...“

شايد چيري گل ڏيکارڻ جو سوچين پيا؟

”جاپان ۾ هر سال بهار ۾ چيري گُلن جو ميلو سجايو وڃي ٿو، متان اسين اوڏانهن وڃون؟“

منهن هٿ تي رکي هوءَ سوچي مُرڪي رهي هئي.

ميز تي رکيل هن جي ٺونٺ تي چهنب هڻڻ جو ارمان ٿيو، انسان به ڪيڏو نه عجيب آهي...؟

پنهنجو وقت ورهائي نه ٿو سگهي، ۽ پاڻ مڪمل توجهه گهُري ٿو؟

پر پوءِ مون کي هڪ بهتر 'سرپرائيز' ڏيڻ جو خيال آيو.

هي بيرحم ماڻهو گهڙي گهڙي اچي ڳائڻ جو اصرار ڪري ٿو، ۽ پوءِ ڪيڏانهن هليو وڃي ٿو.

پاڻي بہ چڙيءَ جي ڏک سان پيرن ۾ ڇُلڪي پيو آهي، ۽ منهنجو گلو خشڪ ٿئي پيو.

سامهون دريءَ جي ٻاهران چيري بلاسم جو وڻ نظر اچي ٿو، گُل ڦٽي رهيا آهن.

انهن گلن جي ئي تلاش ۾ اُتر طرف نڪتو هئس.

سوچيان پيو هن کي هڪ چيري گُل آڻي ڏيندس تحفي ۾، تہ هوءَ خوش ٿي ويندي.

هاڻي هوءَ بدگمان نہ ٿئي... تہ هن جي پهرين ڪويل سونهن جيان مان بہ آزادي خاطر اُڏامي ويس.

منهنجا تہ پَرَ ئي ڪپجي ويا، اُڏام ڪسجي وئي. ساهہ بہ جهڪو ٿئي پيو.

آلين اکين ۾ بہ هن جو مُرڪندڙ چهرو چٽو نظر اچي پيو. شايد... نيلي پيٽيءَ سان مون وٽ پيغام پهچائڻ گهريو هجي؟

مان زندگيءَ کان ڊنل رهيو آهيان، ۽ پنهنجي بي سُري آواز کان بہ، ۽ زندگيءَ جي انت لمحن ۾...

مان ڳائي رهيو آهيان! پنهنجو ڏک... پنهنجي بيوسيءَ کي...!! ۽ ڳائيندو رهندس.

انهيءَ بي سُري آواز ۾، هڪ خوبصورت ياد ۾، هن جي پسنديده گلن کي ڏسندي.

هن جو پسنديده ڪلام، پرن سان نوازڻ واري مالڪ جي نانءِ... هوءَ بہ اکين ۾ ساڻ ڳائي رهي آهي.

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** پڙلاءُ

**شاعر:** ارباب علي "عادل" چوهاڻ

**موضوع:** شاعري

**ڇاپو پهريون:** اپريل **2019**ع

**قيمت:** -/250 رپيا

**ڇپائيندڙ:** مهراڻ ادبي سنگت شڪارپور



سنڌ ادبي فورم عمرڪوٽ پاران مؤرخه 03 نومبر 2019ع (لطيف نگر) ۾ برک شاعر عبدالڪريم 'ڪريم' پلي صاحب جي ورسيءَ جي تقريب ملهائي وئي جنهن ۾ ساڄي کان:- ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي، رسول بخش درس ۽ مدد علي سنڌي اسٽيج تي ويٺل آهن



شرڪت ڪندڙ معززين

## مؤرخ 02 ڊسمبر 2019ع پبليڪيشن ڪاميٽي جي ٿين ميٽنگ



چيئرمين پبليڪيشن ڪاميٽي ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، ميمبر ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽
سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري) پبليڪيشن شعبي جي ڪارڪردگي جي حوالي سان ميٽنگ ڪندي

## مؤرخ 20 ڊسمبر 2019ع تي اسٽينڊنگ ڪاميٽي جي پهرين ميٽنگ



چيئرمين اسٽينڊنگ ڪاميٽي سيد شبير علي شاهه 'هاتف'، ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، سيد ارشاد علي شاهه، سرفراز راڄڙ ۽
سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري) ميٽنگ دوران

سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي ڪراچيءَ ۽ بزمِ روح رهاڻ (مرڪز) حيدرآباد جي سهڪار سان مؤرخ 12 جنوري 2020ع تي برک اديب ليکڪ ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪي جي ڪوٺايل تقريب




اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: مدد علي سنڌي، اڪبر لغاري، شوڪت حسين شورو، امداد حسيني، ڊاڪٽر قاضي خادم، شمس الحق ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد ۽ ارشد حميد ميمڻ



ساڄي کان: مدد علي سنڌي، اڪبر لغاري، ڊاڪٽر قاضي خادم، نذير ناز، شوڪت حسين شورو، زيب سنڌي، تاج جويو، سليم چنا، نصير مرزا ۽ محسن جويو خطاب ڪري رهيا آهن



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان

نامياريِ چترڪار ڊاڪٽر زبيده جوڻيجو جا جوڙيل خوبصورت شاهڪار





انساني سماج، هن ڪائنات جو هڪ حيرت انگيز لقاءُ آهي، جيتري هيءَ مادي ڪائنات وسيع، پيچيده ۽ عجب ۾ وجهندڙ آهي، او تري ئي وُسعت ۽ گوناگونيت هن انساني سماج ۾ به آهي. هن ڪائنات جي وهنوار ۾ انسان جي سوچ ۽ عمل جو بنيادي هٿ نه آهي، انسان رڳو ان کي سمجهي ۽ پروڙي سگهي ٿو. پر ڪائنات جا مادي قانون تبديل نه ٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته مادي ڪائنات انساني شعور جي محتاج نه آهي، انڪري انسان جو ان سان بنيادي تعلق خارجي آهي. اُها ئي ڳالهه آهي ته شاعرن، اديبن، فنڪارن ۽ صوفين هن ڪائنات ۽ فطرت سان انسان جي احساساتي يا داخلي لاڳاپي کي هميشه دريافت ڪرڻ ۽ تخليق ڪرڻ جي تخليقي ۽ وجداني ڪوشش پئي ڪئي آهي. جنهن جي ڪري انسان جو فطرت ۽ ڪائنات سان لاڳاپو خوف مان نڪري، حُسناڪيءَ، تجسس ۽ محبت ۾ تبديل ٿي ويو. رومي مفڪر افلاطينوس، هندي ويدانت جي مفڪر شنڪر آچاريه ۽ محي الدين ابن عربيءَ جي وحدت الوجود جي تصور ته ويتر خدا جي تصور کي ڪائنات جي فطري مظهرن ۾ تحليل ۽ تبديل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ انساني سماج خالص انسان جي شعور ۽ عمل جي متحرڪ تخليق آهي، پر ان باوجود انسان جو ان سان لاڳاپو گهڻ طرفو ۽ ٻنهي معنائن ۾ آهي، يعني خارجي به ۽ داخلي به. انساني سماج جيئن ته انساني شعور، عمل، مفادن، تجربن جي اڻ ڳڻين مرحلن مان گذرندي جُڙيو ۽ ارتقا پذير ٿيو آهي، انڪري ان جون حُسناڪيون، ڪمزوريون، چئلينج، تخليقون ۽ تضاد به مختلف مثبت ۽ منفي نوعيت جا آهن ۽ اهو عمل لڳاتار جاري آهي، ڇاڪاڻ ته فطرت جيان انساني سماج جو بنيادي جوهر پڻ تبديلي ۽ مسلسل تبديليءَ ۽ ارتقا جو گهڻ طرفو عمل ۽ لقاءُ آهي ۽ اِهائي انساني سماج جي وڏي ۾ وڏي سَگهه آهي.

**جامي چانڊيو**

ڪتاب: 'سنڌي سماج' تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس

مقدمو، ص 11-12 تان ورتل

# متفرقه

اوائلي انسان جون شروعاتي پناهہ گاهون جبل ۽ غارون رهيون آهن. انهن جابلو گڦائن ۾ انسان، پنهنجي ابتدائي ڄمار جا ٽيهہ لک سال زميني خطرن ۽ آسماني آفتن کان لڪي گذاريا. غارن جي پُراسرار اونداهين ۽ ور وراڪن ۾ هن کي سڪون ۽ سانت جو احساس ٿيندو هو. ان وحشي دور جي انسان جبلن ۽ گڦائن ۾ رهي موسمي مصيبتن ۽ خونخوار جانورن سان مقابلي جا گُر ۽ باهہ ٻارڻ جو هنر سکيو.

ماڻهو ڪجهہ سمجهہ ڀريو ٿيو تہ پهاڙن کي اُپ سان مٿو گسائيندڙ ۽ حشمت واري هستي سمجهي، انهن جي چوٽين تي هن کي ڪنهن ڳُجهي طاقت جو وجود ۽ ديوتائن جا آستانا نظر آيا. اڄ بہ مختلف مذهبن ۾ پهاڙن کي وڏي مڃتا آهي. اهڙي طرح دنيا جي هر پنٿ سان ڪونہ ڪو پهاڙ ۽ غار منسوب آهي.

هونئن بہ دنيا جي هر خطي جا ماڻهو، پنهنجي جبلن ۽ ٽڪرن کي ديوتائن جيان مانُ ڏيندا آهن. اتان جي جهنگلي جيوت انهن علائقن جي سڃاڻپ هوندي آهي. ساڳي وقت فطرت جي شيدائين جا تفريح توڙي مهم جوئي ڪري انهن پهاڙن تي پيچرا نهي ويندا آهن. اسان جي سنڌ جي اولهہ ۾ بہ آسمان کي ڇُهندڙ کيرٿر نالي هڪ خوبصورت جابلو سلسلو آهي. پر افسوس جو ڪن سببن ڪري سنڌ جا عام ماڻهو کيرٿر جي انهن دلڪش چوٽين ۽ من موهيندڙ ماٿرين جي سونهن ڏسڻ کان محروم رهيا آهن. اسان جا فقط چند ماڻهوئي اهي پُر پيچ پيچرا پار ڪري ان جابلو ڇت تي پهتا آهن. جتي سرهن ۽ ڳُڊن جا ٽينگ ٽپا ڏسڻ سان گڏ اتان جي قدرتي گلن ۽ ولڙين جو واس ورتو آهي.

**اشتياق انصاري**
ڪتاب 'کيرٿر جو سفر'
مهاڳ ص 11 تان ورتل



ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي

# شاهه جو رسالو- سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت

## محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

گذريل ويهين صدي عيسوي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي تحقيق جي صدي هئي، هن تحقيق جي ضرورت اُنهيءَ ڪري پيش آئي جو ڇاپي خواهه قلمي رسالن ۾ بيتن ۽ واين جي تعداد ۽ صورتخطيءَ جي اختلافن سبب معنيٰ ۽ مفهوم جا وڏا مسئلا ۽ بحث ڇڙي پيا. ساڳئي وقت ڀٽ ڌڻيءَ جي سوانح ۾ به ڪيئي هٿ ٺوڪيون روايتون جاءِ والاري ويون. شاهه صاحب جي جاءِ پيدائش، سندس ناناڻا ۽ تعليم متعلق ڪيئي اهم ڳالهيون سامهون آيون، غير معياري ۽ مبهم ڳالهين تي تحقيق ڪري انهن جا رد پيش ڪرڻ ضروري ٿي پيا. اُن سان گڏ اِهو به ضروري ٿي پيو ته شاهه جي رسالي مان ڌاريو ڪلام ڌار ڪري، سندس ڪلام جو صحيح متن تيار ڪجي، ڪلام جي صحيح صورتخطي بيهارجي ۽ انهيءَ مستند متن جي لغت تيار ڪجي. ان بعد هن سچي ڪلام جي سمجهاڻي ۽ مفهوم لکي تيار ڪري ڇپرائجي.

هن سلسلي ۾ جن لطيفي عالمن اڳ ۾ پنهنجي پر ۾ ڪم ڪيو هو، اُنهيءَ کي سامهون رکي سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع ڪم شروع ڪيو. بلوچ صاحب هيءُ ڪم ٽيهن سالن جي جدوجهد بعد مڪمل ڪيو. ڪيترائي ڪلام جيڪو ٻين بزرگ شاعرن جو هو، ان کي علحده ڪري، رسالي جو مستند متن تيار ڪيو ويو. هن ڪم جي شروع ۾ ڪجهه رسالا مختلف نسخن تان پيٽي تيار ڪري شايع ڪرايا ويا. رسالي جا بنيادي ماخذ پڻ شايع ڪرايا ويا. ان بعد بين الاقوامي ادبي سطح جا اُٽ معيار مقرر ڪيا ويا ۽ ان مطابق بيتن کي پرکي ۽ پروڙي رسالي جي ڪلام کي ٻن حصن ۾ شايع ڪرايو ويو. هڪ ’شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام‘، ٻيو ’شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام‘. هيءُ تحقيقي ڪم بنيادي طور ستن جُلدن تي مشتمل آهي. ان بعد ’شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام‘ کي اٺين ۽ نائين جلد جي شڪل ۾ علحده شايع ڪيو ويو، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ ’شاهه جو سچو- صحيح، سربستو ۽ مستند متن‘ آهي. ڏهين جلد ۾ ’شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام‘ شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ اُن وقت تائين جي موجود سڀني قلمي ڇاپي رسالن جو اهو ڪلام اچي ويو، جيڪو رسالن ۾ ته آيو آهي، پر شاهه جو ڪلام نه آهي. اهڙي طرح رسالي ۾ آيل هيءُ ڌاريو ڪلام جيڪو شاهه صاحب جو ته نه آهي، پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم ذخيرو آهي، ضايع ٿيڻ کان بچي ويو.

هن اهم وڏي ۽ طويل تحقيقي ڪم سان گڏ شاهه صاحب جي سوانح حيات تي به ساڳي معيار جي تحقيق ڪري جامع سوانح پڻ ترتيب ڏني وئي. هن سوانحي تحقيق ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شجرو، سندن ناناڻا، ولادت جو ماڳ، خاندان جو احوال، ننڍپڻ جا حالات، سندن تعليم، مدرسا ۽ مُدرس، شادي، سير و سفر، لطيفي راڳ، بزرگن جي درگاهن جي تعمير ۽ سنڀال، سندن همعصر دوست، اولاد، سنڌ ۾ سندن تڪيا، ڀٽ شاهه تي قيام ۽ فقيرو نظام وغيره متعلق وڏي محنت ڪئي ويئي. سوانح جي سلسلي ۾ عام طرح هلندڙ سطحي روايتن کي

مدلل طور رد ڪري، صحيح عالمانہ ۽ محققانہ سوانح سامهون آندي ويئي. هن تحقيقي ڪم جي يارهين جلد طور وري شاهہ جي رسالي جي لغت ڪي علحده شايع ڪيو ويو. هن جلد کي 'روشني' جو نالو ڏنو ويو.




ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لطيفي تحقيق جي سلسلي جو هيءُ ڪارنامو مستند ڪلام، سوانح ۽ لغت جي حوالي سان تمام وڏو ۽ عظيم ڪارنامو آهي. جيڪڏهن اسين چئون ته اها الله پاڪ جي سنڌ ۽ سنڌي زبان تي وڏي مهرباني آهي جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙو دنيا جو عظيم شاعر ۽ مفڪر سنڌ کي ڏنو تہ انهيءَ بعد اهو بہ قدرت جي مهربانين جو تسلسل چئجي جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙو عظيم ۽ بين الاقوامي سطح جو محقق سنڌ ۽ سنڌي زبان کي عطا ٿيو، جنهن اسان کي لطيفيات جا گس- پنڌ ۽ پيچرا سونهايا. سندس هن جامع ڪم جو احسان سنڌي زبان جا ڄاڻو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا.

مستند متن، جامع سوانح ۽ لغت بعد هن تحقيق جو آخري ڪم ڪلام جي سمجهاڻي ۽ مفهوم هو، جنهن جي تفصيلي شروعات طور ڊاڪٽر بلوچ صاحب تحقيق رسالي جي پهرئين جلد ۾ سُرڪلياڻ ۽ يمن جي سمجهاڻي ۽ مفهوم لکي ڪيو. بعد ۾ هن ڪم کي مؤخر ڪري پهريائين يارهن جلدن کي جلدي اُڪلائڻ جي تياري ڪئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن معياري ۽ مستند متن طور جيڪي جديد تحقيق موجب پرک جا اٺ معيار مقرر ڪيا، انهن ۾ آخري ٻہ معيار هي هئا:

(7) ستون معيار= معنيٰ ۽ مفهوم جو معيار.

(8) اٺون= اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار.

لغت جي تياري بعد، مفهوم، اعليٰ فهم ۽ فڪر جي سمجهاڻي تمام اهم هئي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڏهين جلد ۾ لکيو آهي تہ "اعليٰ فهم ۽ فڪر جي اِها پڻ تقاضا آهي تہ ذڪر جي اُڌام اونداهيءَ بدران روشني ڏانهن هجي. ذڪر بذات خود روشن هجي ۽ روشني ڏئي. سوچ ۽ ويچار منڌل راهن ۾ نہ ڀٽڪن." يعني اعليٰ فهم ۽ ذڪر چئبو ئي ان کي جڏهن فڪر جي پرواز هيٺائين بدران اُتاهين ڏانهن هجي، بدي بدران نيڪي ڏانهن هجي، بتن بدران وحدهٗ لاشريڪ لهٗ ڏانهن هجي، جسم بدران روح ڏانهن هجي، ڪوڙ بدران سچ ڏانهن هجي، نابوديءَ بدران بود ڏانهن هجي ۽ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ:

تيلانهن رسيون بود کي، جيلانهن ٿيون نابود.

هن اعليٰ فهم ۽ فڪر جي سمجهاڻي رسالي جي تحقيق جو آخري جلد هو، جيڪو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب تيار ڪيو آهي ۽ اسان جي هٿن ۾ آهي.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب سنڌي اَدب جو مشهور ۽ معروف محقق آهي. تصوف جي تاريخ ۽ تعليمات سندس مطالعي جو خاص مُوضوع رهيو

آهي. پاڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ 'شاهه عبداللطيف ۽ مولانا روميءَ جي فڪر جو جائزو' جي عنوان تي پي ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائون. ڪين بلوچ صاحب جي قرابت ۽ رهنمائي صرف نصيب نه ٿي، بلڪ بلوچ صاحب جي تحقيقي ڪم دوران ساڻس گڏ رهيا ۽ بلوچ صاحب جي رهنمائيءَ ۾ هنن ستن ۽ اٺن معيارن تي ڪم شروع ڪيائون. سندن فارسي زبان تي عبور ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي مطالع هن اعليٰ فهم ۽ فڪر جي شرح ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڇاڪاڻ ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي بنيادي ماخذن ۾ قرآن مجيد جي مطالع ۽ شاهه ڪريم جي شاعريءَ ڪان علاوه مثنوي جو نالو به اهم آهي. اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب شارح جي حيثيت سان هن رسالي جي سمجهاڻي ۽ مفهوم ۾ مولانا روميءَ جي فڪر کي جڳهه- جڳهه تي حوالي طور آندو آهي. هن طريقي سان اسان کي نه صرف رسالي جو اعليٰ فڪر ۽ فهم سمجهه ۾ اچي ٿو، پر انهيءَ جو سلسلو به سمجهه ۾ اچي ٿو، جيڪو شاهه ڪريم جي ڪلام کان ٿيندو، مثنوي جي مطالعي سان وڃي ٿو قرآني تعليمات جي روشنيءَ ۾ روشن ٿئي ۽ اهوئي اُهو نُڪتو آهي، جنهن لاءِ بلوچ صاحب لکيو آهي ته اعليٰ فڪر روشني ڏئي ٿو.

هن نئين رسالي کي اسين شاهه جي رسالي جي تحقيقي رٿا جو ٻارهون جلد تسليم ٿا ڪريون ۽ هن معياري تحقيقي جلد جي چند اهم نُڪتن تي غور ٿا ڪريون.

(1). رسالي جو نالو: هن رسالي جو نالو اهڙي واضح احسن ۽ تحقيقي انداز سان ڏنو ويو آهي جيڪو نه صرف تحقيقي رٿا سان پنهنجي نسبت ڏيکاري ٿو، بلڪ واضح ٿو ٻڌائي ته:

(الف). شاهه جو رسالو، سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت. يعني هن جلد جا ٻه حصا آهن هڪ شاهه جو رسالو ۽ ٻيو حصو ان جي سمجهاڻي ۽ مفهوم.

(ب). هن رسالي جو پهريون حصو، جنهن ۾ مستند متن ۽ جامع سوانح حيات شامل آهي، ان جو محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي.

(ج). هن رسالي جو ٻيو حصو، جنهن جي هر ڪنهن بيت هيٺان ان جي سمجهاڻي ۽ مفهوم آهي، اُن جو شارح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب آهي.

(2). هيءُ پهريون دفعو آهي جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي معياري متن کي مڪمل طور حوالي جي شڪل ۾ ورتو ويو آهي. هن کان اڳ ۾ اسان وٽ ڀٽائيءَ جي محققن خواهه مرتبن هن طريقي کي استعمال نه ڪيو آهي. هِتان ڇڻ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ايندڙ دؤر جي محققن کي اهو گس سونهائيو آهي ته آئنده تحقيق ۾ مستند متن کي ئي حوالي طور استعمال ڪيو وڃي. هيءُ مستند متن هن کان اڳ ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان ٿيندڙ ابتدائي دؤر جي سُر وار تحقيقي ڪتابن ۾ جزوي طور شروع ٿيو. ان بعد تحقيقي رٿا جي پهرين ستن جُلدن ۾ ورهائجي آيو. ان کان پوءِ اٺين ۽ نائين جلد جي گڏيل شڪل ۾ صحيح سربستو شايع ٿيو ۽ هاڻي هيءُ 'شاهه جو رسالو' جيڪو سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت آهي انهي ۾ آيو آهي. هن کانپوءِ هيءُ ئي طريقو اڳتي ڀٽائيءَ جي محققن لاءِ معياري ۽ مستند هوندو.

(3). هن رسالي جي نالي سان محقق ۽ شارح جي وضاحت، هن ڪيل ڪم جي ايمانداري جو ثبوت آهي. نه ته اسان وٽ اِهو غير معياري طريقو اڪثر استعمال ٿيو آهي، جو اِهي بنيادي وضاحتون پيش لفظ جي ڪنهن غيراهم ۽ مبهم جملي ۾ آڻي ميار لاهبي آهي ۽ پنهنجو نالو نمايان ڪبو آهي.

(4). ڏسٽي: هن سلسلي تحت اڳ ۾ 'شاهه جو رسالو- الف- ب وار' جي سَري تحت ڪي رسالا تيار ٿيا، مگر اِها ڳالهه هميشه مونجهاري جو شڪار رهي ته هي ڪهڙي نسخي جي الف- ب وار ترتيب

هن تحقيق جي آخري مرحلي جي اشاعت بعد هاڻي اسان وٽ شاهه جو مستند رسالو، معنيٰ ۽ شرح سميت ميسر ٿي سگهيو آهي. هاڻي هن روشنيءَ جا شعاع جيڏانهن به ڦهليا ته اوڏانهن روشني ئي روشني هوندي. ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته اسين پنهنجي نوجوان نسل کي شاهه جي ڪلام پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي تربيت ڪريون.

سنڌي ادبي بورڊ هيءُ زبردست ڪيچ ڪئي آهي جو هيءُ جامع رسالو، جنهن جا صفحا 1216 ۽ قيمت اوچي ۽ سادي پني جي فرق سان -/900 سؤ ۽ -/1200 سؤ رکي آهي، ۽ بهترين ديده زيب ڇپائي آهي.

**حرفِ آخر**: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هن گهڻن جُلدن واري ڪم کي پڙهندڙن لاءِ اجا به آسان بنائڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن مسلسل محنت ۽ سوچ ويچار بعد هن سلسلي ۾ ڪُل ٽي جلد تيار ڪيا آهن، پهرين جُلد ۾ شاهه عبداللطيف جي سوانح سان گڏ مستند شاهه جي ڪلام جو متن، سُرن ۽ داستانن جو معنوي تعارف ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو تيار ڪيل آهي ۽ ڪلام جي سمجهاڻي ۽ مفهوم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جو لکيل آهي ۽ بيتن جي ڏسڻي به ڏني ويئي آهي.

ٻيو جلد شاهه جي پنهنجي ڪلام جي مختلف پڙهڻين تي مشتمل آهي، ۽ هرڪنهن بيت جي لفظي معنيٰ پڻ ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح ٽئي جلد ۾ رسالي جو ڪلام جيڪو شاهه جو پنهنجو نه آهي پر رسالي ۾ درج ٿيل آهي ۽ ڏاريو ڪلام آهي جيڪو معياري پرک ۽ سمجهاڻي موجب واضح ڪيل آهي ته اهو شاهه جو ڪلام ڇو نٿو قرار ڏنو وڃي، اهو شامل ڪيل آهي ۽ بيتن جون مختلف پڙهڻيون به ڏنل آهن.

اهڙي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ڪيل پنجاهه قلمي ۽ سورنهن ڇاپي رسالن جو هيءُ مواد، تحقيق جي تارازيءَ مان ٽُري پڙهندڙ جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سمجهاڻي ۽ مفهوم جي محنت ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي آهي.

هتي هڪ ٻي ڳالهه جي وضاحت ڪندو هلان ته جيڪي اسان جا دوست غير ذميوارانه طور مهل ڪُمهلا ائين چوندا آهن ته ڊاڪٽر بلوچ فلاڻو بيت شاهه جي رسالي مان ڪڍي ڇڏيو آهي، انهن سپوتن، دراصل هي جامع ڪم مطالع ڪيو ئي ڪونهي. بلوچ صاحب جهڙو سچاڻ ۽ سنڌ جو خبدار فرزند ڪيئن ٿو رسالي جي هڪ سٽ به ضايع ڪري سگهي. اُها انهن بزرگن جي ڪوتاهه نظري ۽ ڪپوتائي آهي، جن هن هيڏي وڏي تحقيق جو سنجيدگي سان مطالعو ڪيوئي ناهي. بلوچ صاحب جهڙي داناءَ ۽ بين الاقوامي معيار جي محقق تي ڳالهائڻ کان پهرين اسان کي پنهنجي دامن داغدار ۾ هزارها جهاتيون پائڻ گهرجن.

دنيا ۾ هن هيڏي وڏي تحقيق جو هن انداز سان مثال ئي نٿو ملي. ڏٺي در دعا آهي ته مالڪِ دوجهان مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا درجات بلند فرمائي ۽ سندن ڪم کي اڳتي وڌائيندڙن کي اجا به وڌيڪ توفيق عطا فرمائي، آمين.





’عاصي‘ عبدالواحد ڦکڙو

# وتايو فقير ۽ سندس ماءُ

سنڌ جي زرعي ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ مدفون عظيم اڪابرَ ڏاهي، بزرگ ۽ انسانيت جي فلسفي جو پرچارڪ ’بهلول ثاني‘ وتائي فقير جي سوانح، تعليم تدريس ۽ حسب نسب بابت جيئن جاکوڙ ڪيم ته سندس سوانح جي پهلوئن تي ڪافي معلومات ميسر ٿي آهي!

ڳالھ درس اصل هيءَ آهي ته وتائي فقير جي بظاهر معمولي گفتن ۾ اهڙا عميق ۽ گهرا فلسفا سمايل ۽ سوڏيل آهن جن کي سمجهڻ لاءِ هڪڙي پاسي ته ظاهري علوم جو پارکو هئڻ شرط آهي، ته ٻئي پاسي رندي رمزن ۽ رازن جي واٽ کان واقف هجڻ به لازمي آهي!

حضرت شاھ عبداللطيف رحہ جهڙي انمول هيري کانپوءِ وتايو فقير اهڙو خوش نصيب بزرگ ۽ اڪابر آهي، جنهن جا گفتا ۽ نُڪتا، چوٽيون ۽ چلولايون هر گهر ۽ هر محفل جي زينت بنيل آهن.

وتائي فقير جي فڪر ۽ فلسفي جون پاڙون پاتال ۾، ۽ عميق گوهر گلدستا عوام الناس جي دلين ۽ دماغن ۾ اڄ به صدين ۽ سالن گذرڻ جي باوجود، نه مٽجي سگهيا آهن ۽ نه ميسارجي سگهيا آهن. جنهن جو سڀ کان وڏو سبب اهو آهي ته وتائي فقير جي گفتن جي حاصلات لاءِ اسان کي نه وڏن ڪُتب خانن جو رُخ ڪرڻو پوندو، نه ئي ڪا ايڏي وڏي عرق ريزي ڪرڻي پوندي!

بلڪ سنڌ جي خالص ڳوٺاڻي ماحول ڏانهن موٽڻو پوندو، اها ئي آهي وتائي فقير جي فڪر جي ڪاميابي. ڀهراڙي جا اڻپڙهيل ۽ اڌ پڙهيل انسان جيڪي پڙهيل لکيل طبقي کان وڌيڪ اڪابر ۽ اعليٰ دماغ آهن، وتائي فقير جهڙي داناءُ انسان جي نقلن ۽ نُڪتن کان ڪيترا واقف آهن، ان جو ثبوت اهو آهي ته وڏن ماڻهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون لکڻ وارا تاريخدان ۽ قصا گهڙيندڙ گهٽائي آهن، پر ان زماني ۾ وتائي فقير جهڙي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي ڳالهيون جون ڳنڍيون نقل، نظير گهڻي عرصي تائين مختلف محفلن ۾ ٻُڌڻ ۽ ٻڌائڻ، اوطاقن ۽ اوتارن جي زينت بنجڻ يقينن وتائي فقير جي فتح ۽ سوڀ آهي، جيڪا صدين تائين قائم رهندي.

سوين سال گذرڻ جي باوجود ۾ اڄ به ڀهراڙيءَ ۾ رهندڙ هر عام و خاص ماڻهو جي زبان تي وتائي فقير جا نصيحت ڀريا نقل ۽ نُڪتا ائين جو ائين رواني سان ٻڌڻ ۾ ايندا جهڙا انهن پنهنجن وڏڙن جي زباني ٻڌا هئا، جيڪي اڄ به جهونن جونجهارن ۽ وڏن وينجهارن جي واتان وتائي جي وارتا سان گڏ جابجا ٻڌڻ جو موقعو ميسر ٿيندو رهندو آهي جنهن مان توهان ۽ اسان جهڙا ڪيئي اڻڄاڻ مستفيض ٿيندا رهندا آهن.

ان کان وڌيڪ وتائي فقير سان ماڻهن جي ڪهڙي عقيدت ۽ محبت ميججي، يقينن وتايو فقير اڄ به زنده جاودان آهي، جنهن کي سنت ۽ سنڌي ماڻهو ڪڏهن به وساري نٿا سگهن.

وتائي فقير جي حالات زندگيءَ بابت مختلف رايا آهن، ته پاڻ اصل ڪٿي جو رهندڙ هو ۽ ڪٿي ڄائو، نپنو ۽ سندس والدين جا نالا ڇا هئا؟ ۽ اهي ڇا ڪندا هئا يعني انهن جي ڪرت ۽ ڌنڌو ڌاڙي ڪهڙو هو؟ نسل در نسل مسلمان هو يا بعد ۾ مسلمان ٿيو؟ جيڪڏهن مسلمان ٿيو ته ڪهڙي شهر ۽ ڪهڙي اهل الله جي هٿ تي؟

اچو ته انهن سڀني سوالن جا جواب ڪتابن توڙي عالمن کان پڇون.

وتائي فقير جو سڀ کان پهرين ذڪر ’ميرعلي

ويندا هئا، تہ جيئن کير ۽ پاڃي الڳ، الڳ ونجي. اسان وارو بزرگ 'شيخ طاهر' (وتايو فقير) جيڪو زبان کان ٿورو ٻاتو بہ هوندو هو. اهو 'وٽي' کي 'وتو' چوندو هو. اهو جڏهن انهن گهرن مان کير پاڃي وٺڻ ويندو هو، تہ اتي ماين کي چوندو هو تہ 'وتي' ۾ پاڃي يا کير وجهو. اهڙي ريت 'وتي' جي نسبت سان اسان وارو بزرگ شيخ طاهر وتي وارو مان 'وتايو' ۽ پوءِ 'فقير' سڏجڻ لڳو.[6] جنهن کي اڄ اسان 'وتايو فقير' جي نالي سان سڏي رهيا آهيون. نہ تہ وتائي فقير جو پراڻو نالو يعني اصلي نالو 'طاهر' هو. جيئن تہ وتايو فقير هميشہ هل هلان ۾ هوندو هو، ان ڪري هن علائقي ۾ هي پهاڪو بہ عام ٿي ويو تہ 'طاهر' سدائين ٻاهر. اهو نالو وتائي فقير جي نئي هوندي مسلمان ٿيڻ جي باوجود بہ قائم رهيو، جنهن ۾ صرف شيخ جو خطاب اڳيان رکي کيس 'شيخ طاهر' سڏڻ لڳا. ڪن سندس اسلامي نالو 'عبدالمعالي' بہ ڄاڻايو آهي، اگهم ڪوٽ جون اڪثر عورتون کيس چيڙائڻ لاءِ 'وتي وارو[7]' سڏينديون هيون، جيڪو 'وتايو' بنجي ويو.

جيئن 'ڪام' واري مان ڪامارو 'سام واري' مان سامارو، بنجي ويو! ان زماني ۾ سندس پاءُ 'شيخ عالي' نصرپور جو قاضي مقرر ٿيو تہ وتائي فقير جي وڏڙن 'اگهم ڪوٽ' کي خيرباد چئي 'نصرپور' جا وڻ اچي وسايا![8]

وتائي فقير جا نُڪتا ۽ گفتا ناصحانہ آهن، پاڻ سنڌ جو سيلاني بنجي سموري سنڌ جو سير ۽ سفر ڪيائين. اتي جي بزرگن ۽ الله وارن جي آستانن تي وڃي ساڻن ميل ملاقات ڪري، رس رهاڻيون ڪيائون (ص 17). انهيءَ دور ۾ وتايو فقير ڪڏهن 'مڪليءَ'، ۾ ملندو هو تہ ڪڏهن 'لنواريءَ' ڏي لاڙو ڪندو هو، ڪڏهن اگهم ڪوٽ تہ ڪڏهن عمرڪوٽ ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيندو هو. ڪڏهن گاجي پور جا گس ووڙي 'ڄام پور' جي ڄارين ۾ وڃي ڏاڍو ڪندو هو تہ ڪڏهن 'نصرپور' مان نڪري نروار ٿيندو هو.

هو اڻ سڏيو ۽ اڻ ڪوٺيو راڄن ۽ ڪاڄن ۾ پيو رهاڻيون رچائيندو هو. پوتڙو ڪلهي تي، وار ڪنبريل، ڪڏهن پير اگهاڙا تہ ڪڏهن پيرن ۾ چنل ٽتل گيتلو پايو، پير پيو گهليندو هو. ڪنهن نہ ڪنهن راڄ ۽ ڪاڄ ۾ ڪاهي پوڻ ڪانپوءِ خاص ڪري 'ڪاڄ ڏٺيءَ' کي ڪُلها هڻي چوندو هو تہ: "انتو آهين ڇا جو ڪُلها پيو هڻين"[9]

وتايو فقير اڪثر اوقات 'اگهم ڪوٽ' جي مسجد ۾ پيو ايندو ويندو هو. مسجد جي ملان جي وتائي فقير سان ڪانہ پوندي هئي سو مسجد مان کيس لوڏي ڪڍي ڇڏيندو هو.

وتايو فقير ملان جي رَوش کان تنگ ٿي ڇڳن منٽ کي پيو ملان جون دانهون ڏيندو هو![10] پر ڪنهن بہ وتائي فقير جي دارسي ڪانہ ڪئي!

ڳالهہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا هئا. ماڻهن طرفان موٽ نہ ملڻ جي ڪري 'وتايو فقير' ڪاهي مسجد شريف وٽ آيو تہ مسجد سڳوري منهنجو داد ڪر. ائين ڪيترائي ڏينهن 'وتايو فقير' مسجد کي پيو ملان جون دانهون ڏيندو هو پر ملان جي اُها ئي 'ڪهاڙي اهو ئي ڳن.' ملان هر وقت وتائي کي 'دڙڪا ۽ امان' ڏيئي مسجد مان پيو تڙيندو هو.

هڪ ڏينهن وتايو فقير جلال ۾ اچي منهن مٿي ڪري 'اگهم ڪوٽ' جي مسجد کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ "مون کي تہ تڙايو اٿئي ڪندين تون بہ ياد" هڪ ٻي بہ روايت ملي آهي تہ وتائي فقير انهيءَ مسجد کي[11] مخاطب ٿيندي هيئن چيو تہ: "ٻلا ٿئي جامي (جامع) ڪن ٻئي ڪيٽا ڪرين ڪڏهن سجدن

---

[6] راوي حنيق لغاري ڳهٽ نصيرخان مندرائي ڳڏ ڪوٽ.

[7] حوالو ساڳيو.

[8] حوالو ساڳيو صہ 17

[9] راوي- محمد يوسف شاڪر ابڙو، ولي محمد طاهر زادو.

[10] راوي ساڳيا.

[11] راقم جو مقالو- وتائي فقير جو ڪشف ۽ ڪرامتون ص 95.

لئي سگهندين.[12]

ڪن ڪيترا مان مراد وتائي فقير جي مسجد جي نيلن طرف نگاھ هئي!

سُتت ئي مدد خان پٺاڻ (1781-1780ع) ڌاري سڄي سنڌ کي ساڙيندو ٻاريندو 'اگهمر ڪوٽ' تي الاهي آفت بڻجي اچي ڪڙڪيو ۽ 'اگهمر ڪوٽ' کي ٻاھ ڏيئي ڀسم ڪري ڇڏيو! 'اگهمر ڪوٽ' جي اها مسجد جيڪا اڄ بہ وتائي فقير واري مسجد جي نالي سان سڃاتي ٿي ۽ ٻيون مسجدون اُجڙي ويون جيڪي ويران حالت ۾ اڄ بہ اگهمر ڪوٽ ۾ موجود آهن.

وتائي فقير کي نہ پئسن سان پريت هئي ۽ نہ مايا سان موھ. هونئن بہ لالچ ۽ لوڀ کان ڪوهين ڏور تڏهن تہ پرائي کان پڇڻ وارو نہ ماڻهن جو منگهرو ۽ نہ دوکي دولاب وارو، ڪيس سچ چوڻ سو بہ مُنهن تي چوڻ جي البت سا عادت هوندي هئي، اها ڪنهن بہ صورت ۾ وٽانئس ڪانہ ويئي. چڱن چوڪن کي بہ سچي ڳالھ ٺھ، ٺَھ منهن تي چٽي ڏيندو هو. ڀلي يار رُسي تہ رسڻ ڏينس. وتائي جي منهن تي نہ ملامت هوندي هاٿي نہ ندامت. وتائي فقير جي سچائيءَ جا ساکي توهان ۽ اسان نہ بلڪ جُڳن کان سنڌ جا ڳوٺ، واهڻ ۽ وسنديون آهن، جن ۾ جڏهن ڳج ڳوٺائي، مڙي اچي مچ تي مارڪو ڪندا آهن. رس رهاڻيون رچائيندا آهن، تہ اتي ٻين ڳالهين سان گڏ وتايو فقير ۽ سندس دانائيءَ جو ذڪر بہ ضرور نڪرندو آهي، جنهن مان توهان ۽ اسان جهڙا ڪيئي اڄاڻ مست فيض ٿيندا رهندا آهن، ائين ڪٿي چئون تہ لوڪ ڏاهپ ۽ ڏانو جو هي اهم ڪردار 'وتايو فقير' اسان کان وڇڙيو، ضرور آهي پر وسريو ناهي!

وتايو فقير هڪ سماج سڌارڪ هئڻ سان گڏ عقل ۽ دانائيءَ جو سرچشمو بہ هو. ڪيس هر ڏتڙيل ۽ ڏکايل سان تہ همدردي هئي، پر ڪيس جيڪو پيار ۽ محبت جو درس مليو، اهو فقط سندس ماءُ کان مليو. ڪيس جيڪا همدردي ۽ حب هئي تہ اُها وڌ کان وڌ سندس ماءُ سان هئي. دنيا ومافيها ۾ ڪيس آئت ڏيڻ وارو هو تہ صرف سندس ملمتا هئي، جيڪا هر ڏک ۽ سُک ۾ سندس پرجهلو هئي.

انساني سماج ۾ ماءُ جو ڪردار، اهم ۽ اُتم آهي. وتايو فقير جيئن تہ اٺموٽ ۽ سچار هوندو هو، هُو تکيون مٺيون ڳالهيون ٻين سان گڏ ماءُ کي بہ منهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو.

وتائي فقير هڪ ڍڳي ڌاري، وتائي جي والده جو ڍڳيءَ سان ڏاڍو پيار هوندو هو، ايندي ويندي ڍڳيءَ کي پٺي هٿڙا ڦيريندي ۽ سندس ٿهل ٽڪور پئي ڪندي هئي، هڪ سال مال ۾ اچي موڙو پيو، ٻاڳين جا ٻاڙا خالي ٿي ويا، ان سال اتفاق سان وتائي فقير واري ڍڳون بہ ڳلبي سوڌي الله کي پياري ٿي ويئي. ماڻس کي ڍڳون جي مرڻ تي تمام گهڻو صدمو پهتو ۽ روئڻ ۾ اچي چنڪي ۽ پار ڪيڻ لڳي، وتائي فقير ماءُ کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ وڏا ئي جتن ڪيا ۽ حيلا هلايا، مگر ماڻس ماٺ ئي نہ ڪري، وتايو ماءُ جي آلاپن تي اٻاڻو ٿي پيو ۽ ماءُ کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ "امان ماٺ ڪر مرڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڏ نہ وٺئي"!

وتائي فقير جي والده جو پٽ سان اڻٿو پريم ۽ پيار هو جو وتائي جي تڪليف توڙي ڏک ماءُ کان ڪنهن بہ ريت برداشت ڪونہ ٿيندو هو. ان کان علاوه ماءُ جو پٽ ۾ اهو بہ اعتقاد هو تہ هي الله لوڪ ۽ 'مجذوب' شخص آهي، جنهن جي هر ڳالھ، جيڪا هو رب کان گهرندو آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ جي در تي اها اگهامي پوندي آهي، انڪري ننڍي توڙي وڏي تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ هميشہ وتائي فقير کي الله تعاليٰ جي در، دعا لاءِ موڪليندي رهندي هئي.

ماءُ جو اهو پڪو يقين ۽ ويساھ هوندو هو تہ فقير جيڪي الله سائين کان گهرندو، اهو سوال پڪ سان پورو ٿيندو. انهيءَ يقين تي عمل ڪندي پٽ سان ڪجھ سرسي ۽ سوائي محبت رکندي هئي، سندس سمورا انگل ۽ آرا پورا ڪندي هئي!'

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي اچي بُک ورايو سو ماءُ کي چيائين تہ امان جلدي ماني پچاءِ تہ کاوان، وتائي جي ماءُ کيس ڪُتو جواب ڏيندي چيو تہ "وتايا اٽو کپي ويو آهي، وڃي ڪٿان وٺي آ تہ ماني پچائي

(12) راوي حنيف لغاري ڪتاب 'وتايو فقير' مرتب- محمد حسين ڪاشف ۽ شيخ اسماعيل 1985ع.

ڏيانءِ. وتايو پيو در واجهائڻ وارو ڪونہ هو، سو سڌو مسجد سڳوري ڏانهن ڪٽي ٻوڙ پاتائين مسجد جي ممبر تي چوٽ ڪري چڙهي ويٺو "اتي مس ۽ قلم ڪڍي رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چيائين ته:

"الله سائين اَنُ ۽ اَٽو ڏي جيڪڏهن ڪٿو هجين ته صحيح ڪري ڏيم. سنبري جو تنهنجي در آهيو آهيان سو خالي هٿين ڪونہ موٽندس." فقير صاحب اهي جملا چئي اجا مس ماٺ ڪئي ته مسجد جي ٻاهران وتائي فقير کي سڏ ٿيو، جان ٻاهر ڏسي ته هڪ ماڻهو گڏهہ تي ان جي ڳوڻ رکيو بيٺو آهي، فقير کي چيائين ته: "هي تنهنجي لاءِ آندو اٿم."

وتائي فقير ڪلهي رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چيو ته:

"يار صحيح سا ڪانہ ڏنئي، باقي اَن موڪلي ڏنئي" اهي آهن وتائي فقير جون پنهنجي رب سان رهاڻيون، ڪهاڻيون، رمزون ۽ ريجهائڻ جا طريقا.

وتايو فقير ويسلو ۽ وسوڙيل نہ هو. وڏي ويلي هُو ڏکئي ڏينهن توڙي رنج واري رات صرف رب تعاليٰ کان سوالي بنجي گهُرندو هو، جنهن ۾ حجتون بہ هونديون هيون تہ حال احوال بہ، مگر ڪنهن بہ مخلوق جي آڏو نہ ڪڏهن ڪنڌ جهاڪايائين ۽ نہ ڪڏهن هٿ ڦهلايائين. فقير توڪل جي توهي تي تار تري وڃي پار پيو.

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو تہ ابا 'توڻ' کٽي پئي آهي، هاڻ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجهہ ڏياري. فقير، رب سائين کي سوال ڪيو تہ الله سائين تون اسان جي حال ۽ قال کان واقف آهين، ڪجهہ ڏي تہ گهر جي چُلهہ ٻري ۽ ڪائي پيٽ جي بُک لاهيون.

الله سائين کان ارشاد ٿيس تہ گهر ۾ جيڪا ٻير بيٺي اٿئي، ان کي وڃي ڌوڻ. 'وتائي' ٻير کي وڃي ڌوڏيو تہ منجهانئس پئسن جو مينهن وسي پيو، ماڻس اها سموري ماجرا اکين سان ويٺي ڏٺي، سا هيترا سارا پئسا پسي دل ٿي، دل ۾ باغ و بهار ٿيڻ لڳي تہ اجهو گهر پئسن سان ٿو ڀرجي پر اڳيان بہ وتايو ويو هو سو ڪٿي ٿو هيج ۽ هوڏ ڪري!

وتائي فقير ڇا ڪيو جو انهن پئسن مان صرف هڪ رپيو ڪڻي آٽي ماڻس جي هٿ تي رکيو، ماڻس چيو: ابا هيترن پئسن مان صرف هڪ رپيو ڪڻي آيو آهين؟" فقير چيو: "ماٺ ڪر هيج نہ ڪر، الله سائين کي ريجهڪ آيو تہ اهو بہ ڪسي نہ وٺنئي."

ان مان اسان لاءِ اهو سبق ڪافي آهي تہ جيڪر بہ رب سائين انسان کي عطا ڪري، ان تي الله تبارڪ و تعاليٰ جو شڪر بجا آڻڻ کپي، گهڻو ڏسي 'سرهو نہ ٿيڻ' کپي ۽ نہ ٿورو ڏسي 'ارهو' ٿيڻ کپي پر صبر ۽ شڪر جي دامن کي پنهنجي هٿان نہ ڇڏڻ کپي.

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي امڙ سان ڪنهن ڏورانهين پنڌ تي سفر لاءِ سنبريو، پنڌ پري هئڻ جي ڪري ڪين واٽ تي ئي سج لهي ويو ۽ رات پئجي ويئي، ماڻس کيس چيو تہ :

"ابا ڪو ٽانبو ڪٿان ڪٽي اچ، تہ باهہ ٻاريون ۽ ماني پچايون." فقير ورندي ڏني تہ "امان هن جهنگ ۾ ٽانبو ڪٿان آيو؟

"ماڻس چيس تہ تون الهہ لوڪ فقير آهين وڃي دوزخ مان ٽانبو ڪٽي اچ." وتائي، ماءُ کي ورندي ڏني تہ "دوزخ ۾ ٽانبو آهي ئي ڪونہ هرڪو انسان هتان ٽانبو کڻيو ٿو وڃي!"

وتائي فقير کي سَيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، سي بہ سيڪيل، ڀُڳل ۽ سوادي سو هڪ ڏينهن ماءُ سان انگل ڪندي چيائين تہ "امان سيون رڌي ڏيم تہ ڪائي جُهج ڪريان."

وتائي کي ماءُ ورندي ڏني تہ اجها عيد اچڻ واري آهي سموري ڳوٺ جا ماڻهو عيد تي اڪثر سيون رڌيندا آهن، جنهن ۾ گيهہ جي اوت ڏيئي مُستي مٿان پلٽائي گرم، گرم اسان ڏانهن بہ موڪلي ڏيندا. ڪائي رَڄ ٿجان. وتائي فقير ماءُ کي ورندي ڏني تہ "عيد ۾ تہ اجا دير آهي. سيون ڪڏهن نصيب ٿينديون." اوچتو وتايو فقير ماءُ کان ٿورو پريرو هٽي رب سائين کان دعا گهرڻ لڳو تہ الله سائين عيد جلدي اچي، ماڻهو سيئي سَيون رڌين، جڏهن سيون رڌجي بس ڪن، تڏهن سموري ڳوٺ جا سيئي ماڻهو مري وڃن. آئون ۽ امان وڃون سيني گهرن مان سَيون ميڙي پنهنجي گهر ۾ گڏ ڪريون جڏهن سَيون گڏ

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو*



# معمور يوسفاڻي: هڪ قابل ۽ سچو دوست

مون کي 1954ع واري سال جا اُهي ڏينهن ٿا ياد پون، جڏهن نثر ۾ منهنجو هڪ افسانو ۽ هڪ مضمون، سنڌيءَ جي محاورن (Dialects) بابت ڇپيو هو ۽ ائين ٿي ڄاتم ته قافيا ملايم ته شعر ٺهي ويندو. هڪ ايڊيٽر مون کي صلاح ڏني ته شعر تنهنجي وس جي ڳالهه ناهي، نثر لک.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ ٻن ماڻهن سان قلمي دوستي ٿي، اُنهن ۾ محمد عمر 'معمور' هڪ هو. 'معمور' صاحب ۽ سندس دوستن جي اُنهن ڏينهن ۾ عمرڪوٽ جي پرپاسي ۽ صوفي فقير شهر ۾ اَدبي محفل واه جي متل هئي، منهنجي 'معمور' صاحب سان قلمي دوستي ۽ ساڻ توڙي ملاقاتن جي ابتدائي دؤر جا ڏهه سال 1956ع کان 1966ع وارا سال آهن. اُن کان پوءِ به ملاقاتون ٿيون ۽ هڪ ٻئي جي ادبي مشغولين کان واقف ٿيندا ۽ ملندا رهياسين. ملاقات کان اڳ قلمي ملاقات ۾ مون پنهنجو هڪ نظم ڏانهس اصلاح لاءِ موڪليو، اصلاح بعد اُهو واپس موڪليائين. نظم ۾ وزن ۽ زبان جا سقم هئا. اُهي دور ٿيل ڏسي مان 'معمور' صاحب جي زبانداني ۽ علم عروض جي واقفيت جو معترف ٿيس. اڄ به معترف آهيان ۽ سندس اعليٰ اخلاقي، انسان دوستي ۽ شرافت توڙي محبت تي ناز ڪريان ٿو.

'معمور' صاحب جي ادب ۽ تعليم جي طلب ۽ پياس مثالي هئي. هن تاثر لکڻ وقت منهنجي اڳيان سندس فرزند ڊاڪٽر اسد جمال جو لکيل سوانحي خاڪو بعنوان 'پڳهه ڇوڙي پنڌ پيا' به آيو. هي خاڪو 'معمور' صاحب جي ڪتاب 'مُهراڻي جا مير' ۾ شامل آهي. هن خاڪي ۾ اسد فرزند هجڻ ڪري 'معمور' صاحب جي سوانح جو مجمل بيان ڪيو آهي ۽ ڪي قدر



ڪسر نفسيءَ کان به ڪم ورتو اٿس. حقيقت هيءَ آهي ته 'معمور' صاحب جي ذات، علم ۽ ادب ۾ اڃا به اعليٰ ۽ ارفع آهي. مون هي لکندي اسد جي تحرير مان به استفادو ڪيو آهي.

مان ته چوندس ته ڀلاري آهي سنڌ جي هيءَ ڀون، جنهن ڀِٽڙن املهه ماڻڪن کي جنم ڏنو. اسان جو پيارو دوست محمد عمر، جيڪو پنهنجي قلمي ۽ ادبي نالي محمد عمر 'معمور' ۽ پوءِ 'معمور يوسفاڻي' سان سنڌ ۾ مشهور ٿيو، سو جناب محمد يوسف پليءَ جي گهر ۾ 25- جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پليءَ ۾

* مرحوم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جو هيءُ تاثر تماهي "مهراڻ" لاءِ معمور يوسفاڻي صاحب جي فرزند ڪرم الله يوسفاڻيءَ پنهنجي لائبرريءَ مان ارسال ڪيو. ادارو سندس تهدل سان شڪرگذار آهي.

پيدا ٿيو. ”هن خانوادي جي تاريخي حيثيت بہ آهي، پاڻ درس پليءَ جو اولاد آهي ۽ ڄام هالي جي سٽين پيڙهيءَ ۾ آهي. ڄام هالو سمو سردار هو ۽ همير سومري کي شڪست ڏني هئائين(1).“

هن خانوادي ۾ ڪيترائي عالم، فاضل ۽ سخي مرد ٿي گذريا آهن. 20هين صديءَ ۾ معمور صاحب هڪ عالم فاضل، شاعر ۽ معلم ٿيو. نہ رڳو ايترو بلڪ تعليم عام ڪرڻ لاءِ هر طرح پاڻ پتوڙيائين. مشرقي زبانن جي امتحانن کان پوءِ بي.اي ڪيائين ۽ سنڌيءَ ۾ ايم.اي ڪيائين، پرائمري کان ثانوي اسڪول جو استاد ٿيو، اُتان ئي رٽائر ٿيو. هيءَ حقيقت آهي تہ عالم ۽ اُستاد رٽائر نہ ٿيندو، بلڪ ويران وير وڌندو آهي. علم جي طلب ۽ تعليم ڏيڻ ۾ هوَس جي حد تائين ويندو آهي. ’معمور‘ صاحب بہ ائين ڪيو. هن بہ تعليم ڏيڻ ۽ ادبي امداد ڪرڻ سان پنهنجي سماج لاءِ هر طرح جا مثبت قدم کنيا(2).

’معمور‘ صاحب مختلف تعليمي ۽ ادبي ادارن جو ميمبر رهيو ۽ ٿر ۾ بہ مختلف ادبي تنظيمن جي قيام ۽ ترقيءَ ۾ هٿ ونڊايائين. ’معمور‘ صاحب جي ادبي ڪردار تي نظر ڪبي تہ اُهو تمام وسيع آهي. مذهب، سنڌ ۽ خاص طور ٿر جي تاريخ، لوڪ ادب، گِرامر، لطيفيات، مشاعرن ۽ نوآموز شاعرن جي همت افزائي ۽ اصلاح شامل آهي(3).

جيئن عرض ڪيو اٿم تہ ’معمور‘صاحب جي علمي پالوٽ تمام وسيع رهي. ابتدائي تعليم کان يونيورسٽيءَ تائين ماڻهن جي مدد ڪندو رهيو. ماڻهن جي مدد ڪرڻ واري جي پنهنجي شخصيت بہ ڪا معمولي يا عام رواجي نہ هوندي آهي. هن جي حيثيت روشنيءَ جي مناري واري هوندي آهي. ’معمور‘ صاحب روشنيءَ جو منارو هو ۽ اعليٰ اخلاق، نرم رويي وارو، نرم گفتار، هڪ برجستو انسان ۽ پُرعزم شخص هو. سندس زندگيءَ جو سڄو دؤر هڪ اورچ انسان جي زندگيءَ جو دؤر هو. مون هڪ دوست جي حيثيت ۾ ڪيس ڏٺو تہ هو دوستيءَ ۾ نظرين جي زير اثر نہ هو. عام ماڻهو پنهنجي نظرئي جي زيراثر ئي انتها تي هليا ويندا آهن ۽ دوستي بہ ڇڏي ويندا آهن. اهڙن جي ابتڙ مثال هن جو مون سان رويو آهي.

سنڌي ادب توڙي اسان جي سماج ۾ ڪي نظريا نمايان آهن. اديبن وٽ بہ گهڻ ۾ گهڻ ڀن جدا نظرين جي ڪري بہ گروهہ بنجي پيا، انهن جو زور 1950ع کان وٺي اينديڙ چاليهن سالن تائين محاذ آرائيءَ جي حد تائين وڃي پهتو. ’معمور‘ صاحب هن سلسلي ۾ تعلقات ۾ اعتدال ۾ رهيو ۽ ڪٽي بہ دوستيءَ ۾ نظرئي کي اوليت نہ ڏنائين. مون اِهو عملي طور ڏٺو.

’معمور‘ صاحب هڪ پختو شاعر ۽ پختو نثرنويس هو. ڪٿي بہ سندس تحرير ۾ جهول نہ ملندو. هڪ ڀرپور انداز جي ادبي زندگي گذارڻ وارو اديب هجڻ سان گڏ ’معمور‘ صاحب ڀرپور معاشرتي زندگي بہ گذاري. هن پوک توڙي هنري ڄاڻ جو بہ هڪ ڀرپور دؤر گذاريو، ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ راڄ ۾ بہ هڪ هاڪاري ۽ ڀرپور دؤر گذاريو(4). اِن باري ۾ سندس اديب فرزند ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ لکيو آهي:

”معمور صاحب جو ڪلام، تحقيقي مقالا ۽ مستقل ڪتاب سندس ادبي معيار جا شاهد آهن. ڪلام نهايت بلند معيار ۽ پختو چيائين. سندس هر سٽ قادرالڪلام ۽ اُستاد شاعر هجڻ جي ساک ڀري ٿي. ٿر جي تاريخ، معاشرت ۽ ادب بابت معمور صاحب جا مقالا ۽ ڪتاب موجود آهن. انهن مان خاص طور تر ۽ ٿر جي ليکڪن توڙي شاگردن گهڻو استفادو ڪيو آهي.“ پاڻ هميشہ ڪمال مهربانيءَ سان پنهنجا ڪتاب مون کي سوکڙي طور موڪليندو هو. سندس اٽڪل 14 ڪتاب شايع ٿيل آهن ۽ ڊاڪٽر اسد جمال جي لکڻ موجب اڻڇپيل مسودا بہ موجود آهن.

ڊسمبر 1991ع ۾ جڏهن ’معمور‘ صاحب علاج لاءِ ڄام شوري آيو تہ منهنجي ساڻن ملاقات

ٿي. اِها آخري ملاقات هئي ۽ پڻ سالن بعد هُو جسماني طور عزيزن ۽ دوستن کان 24- ڊسمبر 1993ع تي جدا ٿي ويو. شاعر جو هي چوڻ حق بجانب آهي ته:

اي هم نفسان از محفلِ ما
رفتيدو نه از دل ما.

آخر ۾ هڪ واقعو بيان ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. هيءَ 2005ع جي ڳالهه آهي، جڏهن مان سنڌ جي اديبن جي هڪ وفد سان ڀارت جي سفر تي هوس. دهلي، جئپور، لکنؤ، ڪانپور، بمبئي، حيدرآباد دکن، احمدآباد ۽ آگري جا پروگرام رهيا. آگري ۾ تاج محل جي ديدار سان گڏ ادبي نشست به رهي. هوٽل جي ڪانفرنس هال ۾ گرميءَ سبب مان ٻاهر ايوان ۾ نڪري آيس ته اُتي بيٺل ٻن سنڌي نوجوانن کي ڏسي منهنجا نيڻ ٺري پيا. هڪ همراهه جو منهن مُهانڊو، قدڪاٺ ۽ رنگ روپ ڏسي ڀِرين وجي اُن سان هٿ ملايم. چڻ 'معمور' صاحب بيٺو هو! مون هن سان اِها ڳالهه به ڪئي ۽ چيو ته اوهان بلڪل منهنجي جدا ٿي ويل دوست 'معمور' صاحب جهڙا آهيو. اُتي بيٺلن مان هڪڙي مون کان عجيب سوال پڇيو، "چا! اوهين اُن وقت مسلمان ٿيا جڏهن محمد بن قاسم آيو يا جڏهن 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو؟" جيڪو صحيح جواب هو سو مون ڏنو، پر اُن سان گڏ 'معمور' صاحب جي هم شڪل دوست جي ٻانهن زور سان پڪڙي ورتم.

**حوالا:**


1. معمور، محمد عمر، 'مُهراڻي جا مور'، ضلعي حڪومت عمرڪوٽ، 2010ع.
سوانحي خاڪو (پڳهه چوڙي پنڊ پيا) از: ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ص 14
2. ايضاً، صفحو 14-15
3. ايضاً، صفحو 15-19
4. ايضاً، صفحو 21-22


سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب






سنڌ جي سورمين ۽ ماضي جي تاريخ، گوشن جي صورتگري هيٺين شعرن ۾ ڏسي سگھجي ٿي:

ڀڏي سهڻي محبت ۾،
هيا طعنا ڪنيارن ۾،
گذاري ڪنهن حياتي آ،
نماڻي سا پهنوارن ۾،
هٺي رُج ريت ۾ مومل،
تتل تن ريگزارن ۾،
چنل جهوپو ته ڪانن جو،
هٺي وينگس هزارن ۾،
نظر ڪا "راز" مارن جي،
پکن پيرُن ته چارن ۾.

انساني رُتبي، همدردي ۽ لذت جي حاصلات جو اصل ذريعو، غم ۽ سُور آهي، چاهت جنهن ۾ جيتري هوندي اوتروئي اُهو سرگردان ۽ پريشان هوندو. ڊاڪٽر 'راز' به اهڙي چاهت جو ڳولائو آهي، جنهن سان وصل جي تونس رکندڙ دل وارن کي جياپو نصيب ٿئي:

غمن ۾ تون ستائيندين ته ڇا ٿيندو،
خوشين کي تون گهٽائيندين ته ڇا ٿيندو،
تلخ روئي، رکي ڇڏ پاڻ ـ وٽ پيارا،
مٺي منهن سان نڀائيندين ته ڇا ٿيندو.
جفائن کي وفائن کي به سمجهان ٿو،
محبت کي رُلائيندين ته ڇا ٿيندو.
محبت آهي دل وارن جو جياپو،
محبت سان گذاريندين ته ڇا ٿيندو.
ڪڏهن ويهي پڇين ها، حال تون دل جو،
مگر جي تون ٽٽائيندين ته ڇا ٿيندو.
ڪَسَرَ ڪَسُ "راز" ٿيندي آ محبت ۾،
وري پردو هٽائيندين ته ڇا ٿيندو.

ڊاڪٽر 'راز' بيمارِ محبت آهي. سماجي سور، ناانصافي، اڻبرابري ۽ بيوفائيون اهڙيون وچڙندڙ وبائون ۽ پيچيدگيون آهن جن مان جان ڇڏائڻ ۽ سماجي سطح تي سک جي سنسار اڏڻ جي خواهش هر شاعر جو اولين خواب ٿئي ٿو. اهڙي سنسار اڏڻ جي خواهش ڊاڪٽر 'راز' کي به آهي، جنهن ۾ هرڪو آزاد، متوالو ۽ ٻانهن لوڏي هلي ۽ پنهنجي فن فڪر توڙي رنگ ۽ روپ سان سماج ۾ رعنائيون ۽ خوبصورتيون پکيڙي، ڪيس خبر آهي ته آزاد سنسار جو هر ڪردار باوقار ۽ سونهن وارو بڻجي پوي ٿو ۽ ڪنهن جي هر ادا ۽ انگ ۾ ڪشش پيدا ٿي پوي ٿي ۽ سندس جسم جي هر جنبش سماج ۾ تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي:

بيمار سوز و فرقت، بيوس ڪيو ته مون کي،
ٿيندي دوا مگر حاصل ڪا شفا نه ٿيندي،
عشق بتان ۾ آ دامن تار تار منهنجو،
ديدار ڪان سوا، ٻي ڪائي دوا نه ٿيندي
هڪ "راز" تنهنجي سڪ ۾ آهي اداس ڪيڏو!
گر تون سڏي ويهارين، ٻي وڌ سخا نه ٿيندي

•••

لوڏي ٻانهن تون هلين ٿي،
ڪيڏو نه دل کي وڻين ٿي،
سُندر سهڻو بدن تنهنجو،
رنگ ته آهي ڪُندن تنهنجو،
اکيون ڪاريون خُماريون،
هٽين هر هر ٿي ڪٽاريون،
مارين ٿي جي اک ڪڻين ٿي،
لوڏي ٻانهن تون هلين ٿي.

سنڌي، سرائيڪي، اُردو، فارسي ۽ هندي شاعريءَ جو ڪليات 'راز' تاحال ڇپجي منظر عام تي اچي ڪونه سگهيو آهي، پر 'راز' صاحب پاڻ تاريخ 10-جون، 2011ع تي سفر آخرت اختيار ڪري هليو ويو. خداوند ڪريم ڪيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ رکندو.

## مددي ڪتاب:


1. سومرو 'راز' عبدالخالق، ڊاڪٽر، ڪليات راز- اڻ ڇپيل.
2. شاد شريف، 'ادبي تاريخ تعلقو لکي'، سمبارا پبليڪشن حيدرآباد 2017ع.
3. شاد شريف، 'وسي شال سنڌو جو ڪنارو' 2018ع، ڊاڪٽر عبدالخالق راز اڪيڊمي شڪارپور.
4. راز عبدالخالق، ڊاڪٽر، 'سکر جي تاريخ عظمت'، ماروي اڪيڊمي سڪرنڊ 2016ع.

ويهي هِت ذڪر ڪجي، جيڪر ڪجن ڳالهيون هُن جون، هُوند کُٽي وڃي هيءَ رات، پر ڳالهيون هرگز ختم نہ ٿين.

اڄ عمرڪوٽ ۾ عبدالڪريم پليءَ کي ياد ڪري، هنن هوائن ۽ فضائن ۾ هن لاءِ ڪي اکر پيا ڳالهايون، سندس ڳوٺ ۽ عمرڪوٽ جو شهر ۽ قلعو سامهون آهن، پر اسان جو من بيقرار آهي، سندس هنن سِٽن وانگر:

رُوح اڄ بيقرار ڏسجي ٿو،
دل تي ياڻن جو بار ڏسجي ٿو.
پيار ۾ تہ هاريو آهي ’ڪريم‘،
شهر چو سوڳوار ڏسجي ٿو.

***

هُن جي ياد سڄ پڄ تہ رابيل جي خوشبوءِ وانگر ٿي سدائين ايندي رهي. يادگيريون انيڪ سُرهي سار ٿي اڀرنديون آهن، ڪنهن ڪارونڀار تان ۽ جڏهن اُهي من جي اڱڻ تي وسڻ لڳنديون، تہ پوءِ اصل بس نہ ڪنديون آهن. ساروڻيون اڪثر سپنا سانجهي ٿي، من جي ويران گلن ۾ پٽڪنديون آهن تہ پنهنجا ياد ايندا آهن، اهي پنهنجا هوندا ئي اهڙا آهن، جيڪي من جي ڪئنواس تان ڪڏهن بہ نہ ميسارجي سگهبا آهن. نہ وري ڪوئي ڪڏهن انهن کي وساري سگهندو آهي. چاڪاڻ تہ اهڙن ماڻهن جون يادگيريون، اونداهي رات ۾ ڪنهن فانوس وانگر راهہ ڏيکاريندڙيون ۽ ٽِم ٽِم ٿي ٽمڪنديون رهنديون آهن.

هِن سخي مرد قلندر جي حياتي الف ليليٰ جي ڪهاڻي تہ هرگز نہ هئي، پر حقيقتن جو پڙلاءُ ضرور هئي، اهوئي سبب آهي، جو هِن دور ۾ جڏهن ماڻهپو نظر نٿو اچي، تڏهن ڏيئو کڻي ڳوليون تہ بہ ڳولي نہ سگهنداسين، اهڙي شخص کي قومن جو ڪيريڪٽر ۽ مزاج، ماڻهن ۽ ماڻهپي مان سڃاتو ويندو آهي، پر ماڻهو ئي نہ هوندا، تہ قوم ڪيئن ٺهي سگهندي. جڏهن اڄ ڪنهن سان هن شخص جي دريا دلي ۽ سخاوتن جي ڳالهہ ٿا ڪريون تہ اڳلو سوال ٿو ڪري، تہ ڇا واقعي اهڙو ماڻهو بہ هو.

ڪٿي بخت پنهنجو ’ڪريم‘ آهي اهڙو،
جو حاتم جون پهچن سخائون اسان وٽ.

هُن جي سُوءِ منزل اٽل هئي، وٽس ڪا خود فريبي تہ نہ، پر ڪائي مٺيا ضرور موجود هئي جو هرڪو اچي مٽس گهور گهور پيو ٿيندو هو، آخر هُو ڇا هو، لطيف سائين جو هيءُ بيت ڪيڏو نہ مٽس ٺو ٺهڪي اچي:

ڪيچي ڪاڇوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تني جي چوٽي پُورب ٿيندي پٽري.

واقعي هاڻ نہ اهڙا ماڻهو ڏسي سگهبا، نہ وري مائرون عبدالڪريم پليءَ جهڙا پُٽ ڄڻي سگهنديون. مٿي ذڪر ڪيل ڪا تہ ڪا مٺيا ۽ ڳُجهڙي ڳالهہ ضرور هئي هُن ۾ هر ماڻهو پيو، هن تي ساهہ ڏيندو هو. مختلف مڪتبۂ فڪر سان تعلق رکندڙ وٽس اچي ڪڏهن پاڻ کي هرگز اوپرا نہ محسوس ڪندا، ڇاڪاڻ تہ ميزبان هر ڪنهن کي هڪ جيترو قرب ڏيندي خوش پيو ٿيندو هو. ترقي پسند اديب، جماعت اسلامي سان تعلق رکندڙ شخص، ماڊرن ليکڪ علي بابا، مشتاق شورو، شمشيرالحيدري، مست ملنگ، سُگهڙ، شاعر ۽ اديب مطلب تہ هرڪو هن جو سڄڻ ۽ پاڻ وري هن جو ساٿ ڏٺي، سمورا هُن جي مُرڪندڙ اوطاق جا سلامي ۽ وڏي اهم ڳالهہ تہ خود عبدالڪريم پلي پاڻ وڃي هنن جي در جو سلامي ٿيندو، هڪ ئي وقت محمد ابراهيم جويي، مولانا غلام محمد گرامي، جوش مليح آبادي، محمد عثمان ڏيپلائي، حميد سنڌي، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجي، شمشيرالحيدري، شوڪت حسين شوري، مراد علي مرزا، پرواني ڀٽي سان دوستي تہ ٻئي پاسي، سيد سردار علي شاهہ ’ذاڪر‘، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’خليل‘، معمور يوسفاڻي، محمد خان ’غني‘ ۽ يار محمد چڳاڻي بہ هُن جي حلقہ احباب ۾ شامل. اهو هو هُن مَرد قلندر جي فڪري آزاديءَ جو مثال.

هن جون سارونٽيون انيڪ آهن، پر هڪ سارونٽي ڪر ڪٽي پئي ذهن جي اڱڻ تي تري اچي:

سال 1982ع جنوريءَ جي هڪ رات جو پوين پهر مٽي حيدرآباد جي آڪاس تي سوين ستارا، سردي وڳهي ڪنهن اونهي ٻڏتر ۾ جڻ ڪوئجي ويا هئا. 'سنڌي ناٽڪ' جي سؤ ساله تقريبن جو غالباً پهريون ڏينهن هو. ماٺهو آهستي آهستي زبيده گرلز ڪاليج جي هال مان ٻاهر نڪري رهيا هئا. اُتر ڪان سيءُ سِرون ڪري پئي ولهه ٿي وسيو. اسين آهستي آهستي ننڍيون وِکون کڻندا پئي آياسين. اُن رات پلي صاحب کي ميرزا قليچ بيگ جو هڪ صدي اڳ لکيل ناٽڪ 'ليليٰ مجنون' ڏاڍو وڻيو هو. اوچتو تيز واءُ جو ڪوئي جهوٽو اسان سان ٽڪرائجي هليو، پر مان ڪائي پنل خوشبوءِ ڪنهن پرفيوم جي آئي، ۽ واءُ ۾ گم ٿي ويئي، اسان ٻاهر نڪرڻ جي بدران سامهون بيهي رهيا هئاسين. پريان ڪان ڪلهوڙا خاندان جي ميان عطر خان ۽ ڪنهن ٻئي گمنام ڪلهوڙي جي ڪليل آسمان هيٺان سفيد قبرون پريان ڪان ٻرندڙ جهيٽي بلب جي جهڪي روشنائيءَ ۾ نظر پئي آيون.

مشهور فارسي شاعر عبدالقادر بيدل جي هن شعر وانگر هر ماڻهوءَ جو حال هوندو هو، جيڪو هن جي محفل مان نڪرندو هو:

*بوئے گل نالہ دِل دودِ چراغِ محفل،*

*جو تیری بزم سے نِکلا، وہ پریشان نکلا۔*

دوستو!

هيءَ دنيا نفيس ڪنهن ڪوزه گر ٺي جوڙي آهي، ۽ انسان ڪنهن عاشق زار وانگر ٿو رهجي وڃي. عمرڪوٽ قلعي جي ٿُلهه تي بيهي، هڪ پيرو مون عبدالڪريم پلي صاحب جي ڳوٺ ڏانهن نهار ڪئي هئي، اُن مهل شام جي ميرانجهڙي ۾ 'روزِ ابر شبِ ماهتاب' وانگر دُور ڪان واريءَ جي دڙن پاسي هُن جو ڳوٺ خيالن ۾ اُڀريو هو. گردشِ ايام وانگر ماضيءَ جو هڪ هڪ منظر لڪيل هوندو آهي، اسان جي نيڻن جي نهار ۾، ۽ اُن نهار ۾ سارونٽين جا سوين پَل ۽ رخشِ عُمر، جنهن جون نہ واڳون هٿ ۾ آهن، نہ وري ماٺهو جا پير ڪنهن رڪاب ۾ قائل، جو عُمر جي ڊوڙندڙ گهوڙي کي ڪٽي بيهاري ساهہ پٽي، ڪجهہ دير لاءِ ڪٽي ڪنهن کي ياد ڪريون! ۽ بس رهجي ٿا وڃون سڀ ڪجهہ وساري... پوءِ تپش آميز زندگيءَ ۾ ڪيترائي سارونٽين جا جُهڙ نيڻن جا ڳوڙها ٿي وسڻ ٿا شروع ٿين.

حياتيءَ جي هن بيڪرانِ دشت ۾ پلي صاحب جي شاعري چوڏهين جي چنڊ وانگر آهي، هُن جي ذات جو ڏيئو سنڌي ادب جي آسمان تي سدائين ٻرندڙ مشعل وانگر نہ ڪي گهٽائون، نہ وري تيز طوفاني واريءَ جون هوائون وسائي نہ سگهنديون. هن جي ذات جي امر جوتن کي عمرڪوٽ جي اُپ تي جڏهن بہ باک ڦٽندي ۽ ٿر جي واررياسي پٽ تي سورج شام جي شفق جي تلاءُ ۾ ٽبيون هڻي، ٻيهر اُڀرڻ جو وچن ڪندو، تہ هن جي گيتن جي گونجار پن پن پڙلاءُ ٿي، دوردور تائين ويندي پکڙبي.

اڄ عمرڪوٽ ڏي ايندي، هن جي ياد سياري جي ڏڪ وانگر سٽ ڏيئي اُڀري، ۽ پوءِ اها ياد ساڙيندي رهي ۽ پوءِ دل چيو: ڪاش هُو هجي ها، تہ هن سان ڪئين ڪجن ها ويهي دل جون ڳالهيون. سندس ئي هن ڪافيءَ جي سِٽ وانگر:

**سلٽ چني ۽ ٽوڙي سانگا، ويهي رهيا ٿي ٻنهہ مهانگا،**

**ويڙهي وَهر وڏا ڪي ويانِ، هيڪر جي گڏجن تہ چوانِ،**

**سُور اندر جا سلري سلري**

◙

## نصير مرزا



# وتايو فقير سنڌ جو سدا بهار داناءُ درويش

[وتايو فقير سيمينار- جمع 22- نومبر 2019ع لڳ ڀڳ قبو اسٽاپ ٽنڊو الهيار]

لوڪ ڏاهپ جي خوش گفتار ڪردار ۽ داناءُ درويش وتايي فقير بابت پهريون وڏو ۽ شاندار ادبي سيمينار 15- مئي 1985ع تي، ان وقت جي اهلِ دل ۽ ادب دوست اسسٽنٽ ڪمشنر (SDM) عبدالقادر منگي صاحب جي ڪوشش سان ٿيو هو. سنڌ ۾ اِهو پهريون ڀيرو هو جو هن خوش ڪردار ۽ لوڪ ڏاهپ جي نشانبر ڪردار بابت شاندار جشن، فقير جي پنهنجي ابدي آرامگاهه واري شهر ٽنڊي الهيار ۾ ملهايو ويو. ان بعد 2007ع ڌاري، نوجوان شاعر ۽ سماج سڌار منٺار علي لاشاري ۽ سندس ڪجهه دوستن جي سٿ سان پڻ وتايي فقير جي مزار لڳ ميلو مچايو ويو هو ۽ ان موقعي تي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جهڙي عظيم شخصيت ان ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪئي هئي، عبدالقادر منگي صاحب خاص مهمان هو ۽ مون اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏنا هئا.

تازو 22- نومبر، جمع ڏينهن 2019ع تي هڪ ڀيرو ٻيهر جناب عبدالقادر منگيءَ جي نقش قدمن تي هلندي ضلع ٽنڊي الهيار جي ڊپٽي ڪمشنر رشيد احمد زرداري صاحب وتايي فقير تي شاندار ادبي سيمينار سڏايو. ياد رهي ته جناب رشيد احمد زرداري خود اهلِ دل، ادب دوست ۽ سهڻي گفتگو ڪندڙ هستي آهي، جنهن کي هيءُ فخر به حاصل آهي ته پاڻ سنڌ جي عظيم سازڪار گهڙي نواز ۽ وضعدار انسان بابا سائين مٺا خان زرداري جي خانوادي سان تعلق رکن ٿا. رشيد احمد زرداري صاحب، وتايي فقير جي هن عرس ۽ گڏ ادبي سيمينار کي يادگار بڻائڻ لاءِ 22- نومبر تي سڄي ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ۽ گڏوگڏ هيءُ خوشخبري به انائونس ڪئي ته هاڻ سال بسال اِهائي روايت رهندي ۽ ان ڏينهن تي نه فقط قبي اسٽاپ لڳ وتايي فقير تي ميلا مچندا رهندا، پر ضلع ۾ ان ڏينهن تي عام موڪل به رهندي. هن سال رشيد احمد زرداري صاحب سان انتظامن ۾ جيڪي شريڪ نظر آيا، اهي هئا: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جناب عبدالحفيظ لغاري ۽ نوجوان اسسٽنٽ ڪمشنر جناب شبير جان جسڪاڻي، ايس.پي رخسار کهاوڙ، جڏهن ته منتظم اعليٰ طور ڪمشنر حيدرآباد بويزن جناب محمد عباس بلوچ مٿن ڇپرڇانءُ مثل هئا.

ان ڏينهن قبي اسٽاپ لڳ، ٽنڊي الهيار ۾ هر طرف چا ته رونق نظر آئي. خبر پئي ته هي شهر مير چؤياري جي مکيه بادشاهه فاتح سنڌ مير فتح علي ٽالپر جي والد گرامي مير الهيار خان ٽالپر آباد ڪيو هو، جنهن جو آخري آرامگاهه چنوڙي جي قبرستان اندر موجود آهي.

صبح جو، قبه اسٽاپ نڳ بزرگ شيخ لوهيٽڙو جي مزار مبارڪ جي احاطي ۾، وتايي فقير جي تربت تي، عرس جو افتتاح گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتح پڙهي ڪيو ويو. ان وقت چؤطرف ميلي جو سمان هو. درگاهه وتايي فقير جي طالب فقراء مان، رامچند فقير ۽ سندس ساٿين سنگ جي انداز ۾ ڳاتو پئي. ”پلي چائو ماءُ، وتايو فقير...“ دهلن دمامن جي گونج ۾ هر پاسي رونق پئي نظر آئي ۽ درگاهه جي دروازي وٽ جيڪي مانوارا ماڻهو حاضر نظر آيا، انهن ۾، ڪمشنر حيدرآباد جناب محمد عباس بلوچ سان گڏ ضلعي ٽنڊي الهيار جا بالا عملدار ۽ سنڌ ثقافت کاتي پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم سولنگي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هدايت الله راڄڙ، سيد مريد علي شاهه سجاده نشين درگاهه مصري شاهه امام، سگهڙ خليل ڪوسو، ادب دوست ۽ قلمڪار مسد حنيف

لغاري، برڪت خواجہ، تاج جويو، منٺار علي لاشاري، ارمان گل اوڏ، شادي خان ڪوسو، قائم سولنگي، عبدالواحد عاصي هڪڙو، نصير نهڙيو ٻيا معززين ۽ وتايي فقير جا عقيدتمند.

تقريب جو افتتاحي اجلاس ٽنڊي الهيار شهر وچ ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي پارڪ ۾ رکيل هو. ان موقعي تي ضلعي ٽنڊي الهيار جي پرپاسي وارن اسڪولن جي ٻارڙن وتايي فقير جي ٽوٽڪن بابت ڊاڍا وڻندڙ ٽئبلوز پيش ڪيا ۽ گلن جهڙن ٻارڙن دلچسپ تقريرون بہ ڪيون، جن ۾ گورنمينٽ گرلز اسڪول رحيم آباد ڪالونيءَ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران پيش ٿيندڙ رقص ٽئبلوز کي بيحد پسند ڪيو ويو، جنهن جي تياري اسڪول هيڊمسٽريس محترمہ نسرين ناز مگسي ڪرائي هئي. معزز مهمانن ۽ ڏسندڙن هن اسڪول جي ٻارڙن جي همٿ افزائي لاءِ ڪين نقد انعام سان پڻ نوازيو. ان موقعي تي "عرس وتايو فقير سوونيئر" جي پڌرائي پڻ ڪئي وئي. هن افتتاحي اجلاس جو اسٽيج سيڪريٽري فقير محمد ڍول هو. ان موقعي تي شاه لطيف باغ جي لان ۾ ڪتابن، مصورن، ڪان سواءِ ٽنڊي الهيار جي ثقافتي هنرن جا اسٽال بہ نمائش لاءِ موجود هئا.

جمع نماز جي ادائگي بعد، باغ جي سبزه زار تي وتايو فقير ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري جي محفل سان گڏ راڳ رهاڻ جي محفل جو پڻ انتظام ٿيل هو، جنهن لاءِ ضلعي انتظاميہ کي سنڌ ثقافت کاتي جي صوبائي وزير جناب سيد سردار علي شاه ۽ EFT اداري جي سيڪريٽري جناب عبدالحميد آخوند پاران مالي سهڪار حاصل هو. صبح کان رات تائين، سٽي چئنل HD-389 پاران يوٽيوب تي وتايي فقير ڪانفرنس کي سڄي دنيا جا ماڻهو Live پڻ ڏسي رهيا هئا.

ادبي ڪانفرنس جي صدارت، جناب عبدالقادر منگي جي حصي ۾ آئي، جڏهن تہ تقريب جو خاص مهمان هو- وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات جناب سيد سردار علي شاه ۽ اعزازي مهمان هئا: سيد مريد علي شاه سجاده نشين درگاه سيد مصري شاه امام، تقريب جي آغاز ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊياري پاران هالار نواز گهانگهري جي پروڊيوس ڪيل آڊيو CD جو مهورت ڪرايو ويو، جنهن ۾ نصير مرزا جي آواز ۾، وتايي فقير جا هڪ ڪلاڪ جيترا چونڊ ٽوٽڪا، پڙهيل هئا. ان CD جي تياريءَ ۾ هالار علي نواز کي شرجيل ٽالپر، ڪرن جويو، روحل حسن درس ۽ طالب حسين مغل جو سهڪار حاصل هو. دلچسپي رکندڙ يوٽيوب تي ان کي ٻڌڻ چاهن، تہ اُن جو ڏس پتو هي پڌايو ويو: "w.w. Roshni Publication.com" هيءَ آڊيو سيڊي جنهن جو افتتاح سيد سردار علي شاه هٿان ڪرايو ويو، ان کي سائونڊ ڪلائوڊ تي بہ ٻڌي سگهجي ٿو.

وتايو فقير ادبي سيمينار جي موقعي تي منعقد ٿيل مشاعري جي صدارت تاج جويي ڪئي، جڏهن تہ خاص مهمان هو- خليل ڪوسو ۽ جن شاعرن پنهنجي شعر پڙهي داد ماڻيو، انهن جا نالا هئا- آغا ظفر، ذاڪر حسين ڪٽي، آسي زميني، شريف نظاماڻي، عاشق سولنگي، سليمان سمون، منٺار علي لاشاري، فرهاد جروار، روحل ڪالرو، محمد علي ميرجت، سعيد مگسي، جاويد جبار، عبدالرحيم عبد ڪنبر، مايا ساگر اوڏ، عنايت لغاري، عاجز قنبراڻي، سجاد ميراڻي، سليم چنہ، طالب پنهور، انور ساگر کانڌڙو، ريحان ابڙو ۽ ٻيا. محفل ۾ ڪيترين ئي نامارين، علمي، ادبي شخصيتن وچ ۾ ناميار قلمڪار ڊاڪٽر پرڏان سميت جناب غلام اڪبر لغاري سيڪريٽري ڪلچر ۽ ٽنڊي الهيار جو اڳوڻو ڊپٽي ڪمشنر جناب شفقت حسين عباسي خاص ڪراچي مان سيڙجي اچي شريڪ ٿيا هئا. ان موقعي تي استاد لغاري ۽ منظور ڪالرو پڻ موجود هئا.

وتايو فقير ادبي ڪانفرنس جي ابتدا ۾ نوجوان راڳي ۽ موسيقار انور(انو) سولنگيءَ شاه لطيف پارڪ ۾ شاه لطيف سائين جي وائي ڳائي وه وا ڪرائي ڇڏي. ان موقعي تي قائم سولنگي، عبدالواحد 'عاصي' هڪڙي، محمد مسڪين سمي ۽ ٻين وتايي فقير، ٽنڊي الهيار جي قدامت ۽ اتي علائقي جي پسگرداءِ ۾ موجود اوليائن، بزرگن ۽ آثار قديمہ جي باري ۾ ڌار ڌار پنهنجا تحقيقي مقالا ۽

مضمون پڙهيا، جن کي ٻڌندڙن دل جي حضور سان ٻڌو ۽ ساراهيو. نامياري قلمڪار ۽ محقق، ڊاڪٽر اسد جمال پلليءَ چيو: وتايو فقير جنهن صديءَ ۾ پيدا ٿيو، اُها صدي سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي اهميت جي حامل آهي، تڏهن سنڌ ۾ اوليائن ۽ بزرگن جو دؤر اوج تي هو، انهن جي وچ ۾ وتايو فقير داناءُ درويش جي صورت نمودار ٿيو ۽ اهڙا يادگار، عقل پريا نُڪتا دنيا ۾ ڇڏي ويو، جنهن جو ڪو بيو نظير نظر ئي نٿو اچي. ادبي ڪانفرنس ۾ نامياري سگهڙ خليل ڪوسي، پنهنجا مشهور مزاحيه نظم پيش ڪري بيحد داد ماڻيو. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو ته، وتايي فقير ذهانت سان ۽ علامتي انداز ۾، پنهنجي سماج جي اوڻاين کي پوڳن ئي پوڳن ۾، ماڻهن تي ظاهر ڪري، هڪ پاسي عوام کي کِلايو ته ٻئي پاسي ان مان سبق پرائڻ جو به درس ڏنو. انهيءَ موقعي تي عبدالقادر منگي صاحب صدارتي خطاب ۾ چيو ته، وتايي فقير بابت جيڪا ڇنڊڇاڻ مون شروع ڪئي، انهيءَ گهڻي حد تائين رنگ لاتو ۽ ان بعد پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾، هر پاسي وتايي فقير جي اهميت ۽ عظمت جي ڳالهه ٿيڻ شروع ٿي ويئي. هن پنهنجي خطاب ۾ جناب رشيد احمد زرداريءَ کي ڪامياب ڪانفرنس جون واڌايون ڏيندي، خواهش ظاهر ڪئي ته ڪاش! اسان جي يونيورسٽين جي وائيس چانسيلرن ۽ مختلف شعبن جي سربراهن کي خيال ٿئي ته جيئن هو نصاب ۾ وتايي فقير بابت سبق لکرائڻ سان گڏوگڏ ايم.فل ۽ پي ايڇ.ڊي جا مقالا لکرائڻ جو به بندوبست ڪن. ادبي سيمينار جي مهمان خصوصي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات حڪومت سنڌ جناب سيد سردار علي شاهه، پنهنجي خطاب ۾ چيو ته، هاڻي 22- نومبر کي وتايي فقير جي ميلي لاءِ مخصوص ڪجي ٿو ۽ هر سال ان ڏينهن تي نه فقط ضلعي ۾ عام موڪل هوندي، پر بهتر کان بهتر انداز ۾ وتايي فقير جي عرس سان گڏ ادبي ڪانفرنس، مشاعرو، راڳ رنگ جي محفلن سميت سنڌ جي ثقافتي هنرن جي نمائش ۽ ٻارن جي وندر وروندهن لاءِ به دلچسپ پروگرام پيش ڪيا رهبا. هن چيو ته وتايي فقير جا ڳُفتا اسان لاءِ جڻ زندگي جي فڪر ۽ فلسفي کي سمجهائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ائين هن سچ سمجهائڻ لاءِ کل پوڳ جو سهارو ورتو ۽ هر سطح تي پاڻ کي داناءُ درويش ۽ خوش ڪردار انسان طور مڃرايو.

تقريب ۾ نامياري شاعر سيد مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهي، ميان ولي محمد ولهاري، امداد علي شاهه، عبدالقادر منگي، مريد علي شاهه ۽ ادبي ڪانفرنس ۾ مقالا پڙهندڙ محققن، ۽ مشاعري ۾ حصو وٺندڙ شاعرن ضلعي انتظاميه جي منتظمين ۽ ڪارڪن کي يادگار شيلڊن، اجرڪن ۽ ٽوپين سان نوازيو ويو.

آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي، جنهن ۾ احمد مغل، برڪت علي، ريشما پروين، امين زرداري، ارشاد يوسف، ذوالفقار خاصخيلي، فقير رامچند ۽ سائين مزاحيه فنڪارن مان اصغر ڪوسي، ولي محمد ولهاري، امداد علي شاهه، سيد مريد علي شاهه سميت علي گل ملاح ۽ سهراب سومري، کِل پوڳ جا بهترين آئٽم پيش ڪيا، جڏهن ته نوجوان صوفي راڳين- رضوان ۽ ڪامران چانديي صوفي انداز جا اسر ڳائي، محفل کي جهومائي ڇڏيو. ان موقعي تي منهنجي لاءِ به خوش نصيبي ته سال 2007ع بعد هِن سال (2019ع) ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وتائي فقير ڪانفرنس لاءِ اسٽيج سيڪريٽري جي ذميواري مون کي سونپي ويئي هئي.



ڊاڪٽر قاضي خادم

# يادگيريون



ننڍپڻ ۾ ڏٺل فلم 'بوٽ پالش' جو گانو ٻڌبو هو:

نھی منی بچی تیری مٹھی میں کیا ہے؟

ٻار چوندو هو:

مٹھی میں ہے تقدیر ہماری

ہم نے قسمت کو بس میں کیا ہے۔

مون کي اهو گانو ڏاڍو وڻندو هو جنهن ۾ انڊين سينيئر اداڪار ڊيوڊ جو مک رول هو ۽ هن تي اهو گانو فلمايل آهي ۽ ان ۾ ٻار ڪورس جي انداز ۾ جواب به ڳائي ڏين ٿا.

آءٌ ان وقت پنهنجي مُٺ کولي ڏسندو هوس ته ان ۾ سواءِ هٿ جي آڱرين ليڪن جي ٻيو ڪجهه ڪونه هوندو هو ۽ اهي ليڪون پڙهڻ جي مونکي خبر به ڪانه هوندي هئي. ليڪن جڏهن وقت جو وهڪرو هڪ مخصوص رفتار سان وڌندو ويو ۽ مون ۾ توڙي منهنجي سامهون ايندڙ نظارن ۾ تبديليون اينديون ويون، ڪيترا تجربا ٿيا، ۽ جڏهن ناڪامين ۽ ڪاميابين جا داستان به نظر مان گذريا ته ايتري ضرور خبر پيم ته مٺ ۾ ڪابه تقدير ناهي. هٿ سان تدبير ڪري سگهجي ٿي ۽ جي اها ڪامياب آهي ته چئبو قسمت سٺي آهي ۽ جي ناڪام، ته ساڳيو ڏوهه قسمت کي ئي ڏبو. اها آهي تقدير ۽ تدبير جي ڪهاڻي.

اجا ڪالهه ڪالهوڻي جي ڳالهه آهي، آءٌ انٽر آرٽس پاس ڪري اخبار ۾ نوڪري ٿو جوائن ڪريان. طارق اشرف، غلام نبي ميمڻ، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، مقبول صديقي، ظهور انصاري، يوسف شاهين، عزيز شيخ، پير مظهر، مصطفيٰ قريشي، ع.ق.شيخ، علي محمد شيخ ۽ محمد ابراهيم جويو، رشيد ڀٽي، مولانا غلام محمد گرامي ۽ محمد



عثمان ڏيپلائي، ابن حيات پنهور، مولانا عبدالواحد سنڌي ۽ خان محمد پنهور، نجم عباسي ۽ مراد علي مرزا، رسول بخش پليجي ۽ بيشمار سائين سان ساٿ جڙي ٿو ۽ ان وقت رسالي 'روح رهاڻ' سان به ناتو جڙي ٿو، جيڪو حميد سنڌي نالي هڪ نوجوان ڪهاڻيڪار ٿو شايع ڪري. اهو ڪنهن مهل روپ محل حيدرآباد جي هڪ ڪمري ۾ امداد حسيني، خواجا سليم، ناصر مورائي ۽ اشفاق قاضيءَ سان گڏ نظر اچي ٿو ته ڪنهن مهل بسنت هال ۾ جشن روح رهاڻ پيو ملهائي، جنهن ۾ اسان جي پسند جا شاعر، شيخ اياز، تنوير عباسي، عبدالڪريم گدائي، بردو سنڌي، اقبال پروين سومرو، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، نوان نوان ماڻهو، نيون نيون ڳالهيون، جتي اياز جي گيتن 'جل جل مشعل جل' ۽ 'ڀڳت سنگهه کي

قلسي‘ پيا اسٽيج تي پيش ٿين. وڏا وڏا ڪهاڻيڪار جمال ابڙو، سراج ميمڻ، حفيظ قريشي، جمال رند، ناصر موراڻي، سياستدان سائين جي.ايم.سيد، قاضي فيض محمد، قمر شهباز، مراد علي مرزا، ڪنهن ڪنهن جو ذڪر ڪجي، هنن جون رهاڻيون روح ۾ رچي ويون ۽ وقت بدليو ته اهوئي جيڪو پنهنجي فاڪسيءَ ۾ هيڏانهن ڪان هوڏانهن، روح رهاڻ جي اشاعت ۽ جشن روح رهاڻ جي تيارين ۾ مصروف هوندو هو، ڪڏهن ڪارو ڪوٽ پائي وڪيل ته ڪڏهن مسلم ڪمرشل بينڪ ۽ مرڪنٽائل بينڪ ۾ آفيسري ڪندي، ۽ ڪڏهن ڪوئلن جو واپار ڪندو، يونيورسٽي سروسز ۾ ٿو شامل ٿئي، پر پيار ۽ قرب اهوئي ساڳيو رَوَيو. پنهنجن همعصرن سان محبت، وڏڙن جي عزت ۽ اسان جهڙن سيڪڙاٽن سان قرب ونڊيندو نظر آيو. حالانڪ مٽي بيان ڪيل سڀ اصلي هيرا هئا. اميٽيشن ڪابه ڪانه هئي، پر حميد انهن جو ڪوهنور نڪتو. وقت ثابت ڪيو ته هن جاڪوڙي انسان، جنهن نوشهري جي سيڻين جي گهراڻي ۾ هڪ ڪليڪٽر سيٺ اسماعيل جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ اتي ئي سندس پرورش ٿي، پر اصلي پرورش هڪ ماحول ڪان ورتي. دوست بڻايائين ۽ دوستيون نڀايائين. ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن جو ذڪر آءٌ پنهنجي هر ڪتاب ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ڪندو رهيو آهيان ۽ اهو لڳم ته هو ان پار جيان آهي جيڪو چوي ٿو:

مٹھی میں ہے تقدیر ہماری
ہم نے قسمت کو بس میں کیا ہے

روح رهاڻ ڪان بزم روح رهاڻ جو سفر ڏاڍو اٿانگو هو. هر ڪنهن کي ساٿ وٺڻ، هر ڪنهن جا سور پٽڻ، سيڪڙاٽن کي ادب جي سمونڊ ۾ ترڻ سيکارڻ ۽ ساڻهه ويهه سال هر آچر تي ادبي محفل جو سڏاءُ جنهن ۾ ڪتابن جو افتتاح، اديبن ۽ اڪابرن جون ورسيون، ادبي مباحثا، ڇا ڇا نه هو، جنهن جي ڪري سنڌ جا ڪيترا نوان اديب جن لاءِ ڪراچي هوٽل، لا ڪاليج جو لان، بسنت هال جون بينچون، سهڻي رسالو، نئين زندگي ۽ نئون نياپو، مارئي ۽ روح رهاڻ به ڪسجي چڪا هئا، تن کي وري هڪ پناهگاهه ملي ويئي، جتي هُو گڏجي هڪ ٻئي جي خيالن کي پڙهڻ سان گڏ پنهنجن اڪابرن سان ڪچهريون به ڪري سگهندا هئا. هڪ لحاظ کان حميد سنڌيءَ جو گهر، اديبن لاءِ هر وقت در کوليو، آسائتو نظر ايندو هو، پر وقت هميشه ساڳيو نه ٿو رهي. نئين سال 2020ع جي 3 ڏينهن تي حميد پنهنجون منيون کولي ڇڏيون، جن ۾ هن قسمت جي وس ۾ ڪيو هو. هن پنهنجي حصي جي جنگ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪئي ۽ انسان جي ازلي ماءُ، مٽي ماءُ جي ڪڇ ۾ وڃي آرامي ٿيو. گهڻي جاکوڙ ڪيائين، وڏا وڏا عهدا، وڏا وڏا بار ۽ وڏا وڏا تجربا ڪيائين، انهن کي پنجن افسانن جي صورت ڏئي پنهنجي نالي کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ روشن ڪري، پاڻ ماءُ جي هنج ۾ وڃي آرامي ٿيو.

مون گنريل سياري ۾ جڏهن نئون افسانو ’اڪيلائي جو آواز‘ به لکيو هو ته هن پڙهي صبح سان مونکي فون ڪري چيو هو، ’ادا قاضي! هي قاضي خادم جي واپسي آهي يا تارزن جي واپسي.‘ هن جنهن خوشي ۽ جذبي سان ڀرپور اهي لفظ چيا هئا، هاڻ اهي ڪير چوندو؟

حميد جي اُسرڻ سان دل جي هڪ ڪنڊ خالي ٿي وئي آهي ليڪن يادگيرين جي دنيا کي روشن ڪري ويو آهي.



محمد عثمان منگي

# حميد سنڌي

## هڪڙو ماڻهو موتيءَ داڻو

1991ع ۾ آئون اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار هئس ته اتي مون هڪ تعليمي سيمينار ڪرائڻ جو رٿيو. ان لاءِ حميد سنڌيءَ کي ان سيمينار جي صدارت ڪرڻ لاءِ آئون وٽس حيدرآباد ويس، منهنجي دعوت ته قبول ڪئي، پر ايترو چيائين ته مُنهنجو والد ڊپٽي ڪمشنر روينيو رهيو، پر توهان پهريان اسسٽنٽ ڪمشنر آهيو جو تعليمي سيمينار ڪري رهيا آهيو، مون کي بيحد خوشي ٿي آهي. آئون ضرور ايندس، ان سيمينار جو عنوان هو 'تعليم ڪيتري مفيد آهي'. حميد صاحب ان سيمينار جي عنوان تي به خوش ٿيو. مون ڪيس ٻڌايو ته شاگرد، والدين ۽ استاد ان عنوان تي تقريرون ڪندا. محترم حميد سنڌي ڏنل تاريخ ۽ وقت تي پهتو. شاگردن، استادن ۽ والدين سندس ڀرپور استقبال ڪيو. هڪ وڏي اسٽيج جوڙائي هئي جنهن تي هُو ٻين تعليمي ماهرن سان گڏ ويٺو ۽ صدارت ڪئي. هن پنهنجي صدارتي تقرير ۾ استادن ۽ والدين جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته مون کي خوشي ٿي آهي ته توهان سجاڳ آهيو ۽ ٻارن جي تعليم تي ڌيان ڏيو ٿا، ۽ شاگردن کي داد ڏنو توهان تعليم حاصل ڪندا رهندو ته اهو علم توهان کي منزل تي پهچائيندو.

مان ٽنڊي الهيار ۾ 5 سال اسسٽنٽ ڪمشنر هيس ۽ حميد سنڌي ۽ سنڌ جا ٻيا تعليمي ماهر ۽ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد سيمينارن ۾ شرڪت ڪندا رهيا ۽ اتي تعليم ۾ سڌارو ۽ بهتري آئي. شهدادپور، سانگهڙ، ماتلي، ٽنڊوباگو ۽ سجاول ۾ هر سال تعليمي سيمينار ڪرائيندا هئاسين ۽ هُو مهرباني ڪري شرڪت ڪندو هو. هُو علم جي اصل طريقن کان ٻارن کي آگاهه ڪندو هو، ۽ تعليم جي بهتري لاءِ تجويزون ڏيندو هو. شاگردن کي محنت سان پڙهڻ جي تلقين ڪندو هو ۽ والدين کي پنهنجي ٻارن کي تعليم، صحت ۽ راندين ۾ ڀرپور شرڪت تي زور ڏيندو هو. انهن موقعن تي انهن شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام به ڏنا ويندا هئا. شاگردن کي پهريون انعام سائيڪل ۽ ٻيو بجليءَ جو پکو ۽ ٽيون نمبر کٽڻ تي ٻارن کي معياري واچ، جڏهن ته نياڻين کي سلائي مشين، بجليءَ جو پکو، ۽ واچ ڏني ويندي هئي. استادن کي جناح ڪيپ، قلم ۽ مس ڪُپڙي انعام طور ڏني ويندي هئي.



امتحان ۾ پهرين پوزيشن کٽندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻين جي والد کي پڳ ٻڌرائي ويندي هئي. انهن سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ کان حميد سنڌي ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو، موسم ڀلي کهڙي به هجي، پر حميد سنڌي انهن تعليمي سيمينارن ۾ اچي شرڪت ڪندو هو. سال 1994ع ۾ شهدادپور ۾ جڏهن آئون اسسٽنٽ ڪمشنر هئس ته اتي عالمن، تعليمي ماهرن، اديبن سان رهاڻ رچائي. ان ۾ سنڌ جي يونيورسٽين جي وائيس چانسيلرن ۽ تعليمي ماهرن کي مدعوع ڪيو ان ۾ به حميد سنڌي، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر سليمان شيخ، سچل سرمست جو

گادي نشين، سچل چيئر جو باني، ايچ.ايم خواجا کي
به دعوت هئي. جنهن پنهنجي پٽ کي موڪليو، مراد علي نظاماڻي لاڙڪاڻي مان ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌي ٻهرين درجي جا ڪتاب سليٽ، پني، ڪلڪ مس ڪُپڙي ۽ شيلڊون سڀني اديبن کي ڏنا ويا. جنهن تي حميد سنڌي ڏاڍو خوش ٿيو، حميد سنڌي جڏهن ڪتاب، ڪلڪ، مس ڪُپڙي ۽ شيلڊ وصول ڪئي ته ان کي چُميو ۽ مون کي چيائين ته منگي صاحب توهان پرائمري اسڪول جون شاگرديءَ دؤر جون يادگيريون ياد ڏياريون آهن. هيءُ هڪ وڏو اعزاز ۽ ايوارڊ آهي جيڪو توهان ڏنو. مون کي پوءِ جڏهن به مليو ته چوندو هو ته اهي اوارڊ مون سنڀالي رکيا آهن.

سال 2000ع ۾ سجاول ۾ منهنجي پوسٽنگ هئي ته مون پراڻن استادن سان رهاڻ جو پروگرام رکيو جنهن ۾ پرائمري سيڪنڊري ۽ ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ استادياڻين کي مدعوع ڪيو. ان موقعي جي صدارت محترم حميد سنڌيءَ ڪئي ۽ ڪيترن ئي تعليمي ماهرن پڻ شرڪت ڪئي. ان پروگرام ۾ پراڻن استادن کي به شرڪت لاءِ دعوت ڏني. جن ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر محمد رجب ميمڻ، ڊاڪٽر محمد ميمڻ سميت سجاول سب ڊويزن جي پراڻن شاگردن شرڪت ڪئي. ان پروگرام جي صدارتي تقرير ۾ حميد سنڌيءَ جي اکين ۾ لڙڪ وهي آيا ۽ استادن کي شيلڊ ڏيڻ مهل سندن هٿن کي چُميو ۽ مچتا شيلڊون ڏنيون. ڪن استادن جيڪي اسي سال جي لڳ ڀڳ عمر جا هئا انهن کي پڳ پارائي ۽ ٻين استادن کي اجرڪ ۽ ٽوپيون پارائيون. حميد سنڌيءَ تقرير ۾ چيو ته هنن استادن کي هتي گهرائي منگي صاحب وڏو عظيم ڪم ڪيو آهي، ۽ اهي والدين، استاد خوشنصيب آهن، جو سندن اولاد صالح آهي. جيڪي ڪين هن ميڙ ۾ پاڻ سان هتي وٺي آيا آهن.

سال 2002ع ۾ مان رٽائرڊ ٿي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳس ته حميد سنڌيءَ سان مختلف موقعن تي ملاقاتون ٿينديون هيون، جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتابن جي رونمائي ۾ شرڪت ڪيائين ۽ خطاب ڪيائين ۽ چيائين ته ڊاڪٽر بلوچ هڪ وڏو مثالي عالم آهي، جنهن کان اسان پرايو آهي، علامه غلام مصطفيٰ قسمي جي ڪتاب جي رونمائي واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ سندس خدمتن کي ساراهيو ۽ علامه صاحب کي وڏو خراج پيش ڪندي چيو ته هُو دين جو وڏو عالم آهي، هن ڪيترن ئي محققن کي پي.ايچ.ڊي ڪرائي علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي آهي. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪتاب جي مهورت سنڌ ميوزيم ۾ منعقد ڪرائي، هن چيو ته محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ جي ٿر ۽ ٻر جو ماڻهو هو، جنهن محنت ۽ جفاڪشي ڪري 'عبرت' پريس حيدرآباد ۾ قائم ڪئي ۽ علم ۽ ادب جا ڪتاب ۽ هفتيوار ۽ پوءِ روزاني اخبار جاري ڪئي ۽ هُو هڪ بيباڪ صحافي هو، حرن تي لکيل ناول 'سانگهڙ' محمد عثمان ڏيپلائي جو ڪتاب هڪ تاريخي ۽ تحقيقي ڪارنامو آهي. ان کان علاوه ڊاڪٽر حبيب الله صديقي هن ڪتاب جي رونمائيءَ جي موقعي تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مظهرالحق صديقي شريڪ ٿيا. حميد سنڌي اُن موقعي تي ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ کي پارايل پڳ کي ور ڏنا. ان کان علاوه سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم طرفان مون جيڪي به پروگرام ڪيا انهن ۾ حميد سنڌي صاحب اچي شرڪت ڪندو هو. ڪن پروگرامن جي صدارت ڪئي ڪن ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ڪينجهر تي رٽايل 'نوريءَ سان رهاڻ' ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

سنتو درياهه تي المنظر تي رکيل 'رهاڻ' جنهن جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مظهرالحق صديقي ڪئي ۽ ان موقعي تي حميد سنڌي به قرب ڪري شرڪت ڪئي. نوشهروفيروز واسي هجڻ جي ڪري سنتو درياهه جي وهڪرن کان واقف هو جنهن تي هن خوب خيالن جو اظهار ڪيو. پلي ۾ پلاءُ، مڇي، ساڳ، پلي، جوئر ۽ ٻاجهري ۽ چانورن جي اٽي جي ماني کائي خوش ٿيو. پلي جي آني به کائي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته هاڻ سيون اپ پيار ته ماني هيٺ لهي مون چيو ته حاضر

سائين. مون کي چيائين تہ توکي اهڙا آئيڊياز ڪيئن تا اچن ۽ مون کي تمام گهڻو داد ڏنو. جڏهن پروگرام ۾ ايندو هو تہ پاڪر پائي ملندو هو، ۽ پاڪر پائي موڪلائيندو هو. هن جي روايت هئي، ڪارائتن ماڻهن جو قدردان هو، هڪ ڏينهن سنڌس خدمت ۾ حاضر ٿيس، چيم تہ درياهہ ۾ پاڻي ڪونهي سُڪي ويو آهي، سو سياڻي درياهہ تي هلبو، ڊاڪٽر بلوچ بہ ايندو، شاهہ لطيف جا فقير بہ ايندا. درياهہ جي پيٽ ۾ ويهي اچي دعا ۾ شريڪ ٿيو. مظهرالحق صديقي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، اعجاز قريشي، محمد علي ڏيپلائي ۽ ٻيا عالم ۽ اديب بہ آيا ۽ درياهہ جي سُڪل پيٽ ۾ ويهي دعا گهري ۽ مون کي پاڪر پائي دعا ڏنائين تہ تنهنجو خيال ۽ سوچ سنڌو درياهہ ۽ سنڌ لاءِ جيڪا تمام گهڻي اون آهي، مان توکي دعا ٿو ڪيان تہ تون سدائين خوش ۽ آباد هوندين. مان وڏو خوش آهيان، جو مون کي حميد سنڌيءَ جون چار سالگراهون ڪرائڻ جو موقعو مليو آهي ۽ ڪيس چئني سالگراهن تي پڳ پارائي، اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي، ان موقعي تي وڏا دوست ۽ اديب شامل ٿيا. سنڌس اولاد بہ شامل ٿيو ۽ محترم حميد سنڌي سنڌ ماڊل موتي تنظيم پاران سمورين مچ ڪچهرين ۾ لڳاتار شرڪت ڪئي ۽ مچ ڪچهرين تي ڏاڍو بهتر نموني خيالن جو اظهار ڪيو ۽ منهنجي تعليمي خدمتن کي هميشہ ساراهيندو هو. آپا شمس عباسيءَ کي پيٺا ڏيڻ لاءِ 'اچو تہ امان سان گڏجي ماني کائون' جي موقعي تي پڻ شامل ٿيو، جنهن ۾ مظهرالحق صديقي، سلطانہ صديقي، اعجاز قريشي فيملي سميت شرڪت ڪئي، جڏهن تہ مهتاب راشدي سنڌس ڀينرون ۽ تاج جويو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. حميد سنڌيءَ ان موقعي تي آپا شمس عباسي جي خدمتن کي ساراهيو ۽ ڪيس زبردست خراج پيش ڪيو، ساڳي طرح زبيده گرلز ڪاليج ۾ آپا مريم نوحانيءَ جي مانَ ۾ رٿيل تقريب ۾ شريڪ ٿيو ۽ سنڌس خدمتن کي ساراهيو.

بزم روح رهاڻ ۾ پڻ منهنجو اچڻ وڃڻ ٿيندو ۽ ڪيس سان ملاقاتون ٿينديون هيون، ان کان علاوه بہ صلاح مشوري، ڪچهري ۽ ملاقاتون چانهہ، بسڪيٽ ۽ پاپڙن تي ڪچهري ڪندا هئاسين، ۽ علم ادب تي سوچ ويچار ۽ صلاحون ڪندا رهياسين، حميد سنڌيءَ جي اوچتو ۽ رات جي اونداهي ۾ ڇڏي وڃڻ جو ڏک پهتو ۽ اهو بہ ڏک رهيو جو ڪلهي ڪانڌي نہ ٿي سگهياسين، ۽ ٻئي ڏينهن تي سنڌس اباڻي اوطاق ۾ بہ سنڌس ڀاءُ ۽ پٽ سان هٿ فاتحہ ڪئي ۽ سنڌس لاءِ دعا ڪئي. الله تعاليٰ هن کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا ڪندو ۽ سنڌس علم و ادب جون خدمتون، بزم روح رهاڻ جون محفلون ۽ ڪچهريون ڪڏهن بہ نہ وسرنديون ۽ هميشہ ياد رهنديون.

## نئون ڪتاب



سلطانہ جمالي

# قصو ڪوتاهہ

قاضي خادم جو نالو ادب ۾ نئون ناهي سندس سجاڳ سنڌي ادب جي مختلف صنفن ناول، افسانہ، ڊراما توڙي ٻين ادبي صنفن جي ڪري مشهور آهي، اُتي سندس يادگيرين ڪيس هڪ الڳ سڃاڻپ ڏني آهي. پاڻ نہ صرف تعليم ڏيڻ لاءِ استاد جي حيثيت سان اڻٿڪ محنت ۽ جدوجهد ڪيائون، پر سنڌي ادب کي پنهنجا قيمتي ڪتاب ڏيئي وڏيڪ معلومات پڻ ڏنائون، تہ جيئن ايندڙ نسل لاءِ تاريخ بنجي وڏيڪ ڪارائتو ثابت ٿين. قاضي خادم هر سال 21 نومبر پنهنجي جنم ڏينهن تي پنهنجي چاهيندڙن توڙي علم ادب سان واسطو رکندڙ سيني کي ڪتاب جي صورت ۾ تحفو ڏيندا رهندا آهن، هر سال مون وانگر ڪيترن ئي علم جي اُڃايلن کي قاضي صاحب جي نئين ڪتاب جو بيحد انتظار رهندو آهي. تمام ٿورن ليکڪن وانگر پڙهندڙن جي ذوق ۽ شوق لاءِ پنهنجي يادگيرين کي اهڙن لفظن ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جو پڙهندڙ لفظن جي جي سحر ۾ جڪڙجي وڃي ٿو. سندس هيءُ نائون ڪتاب 'قصو ڪوتاهہ' 2019ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب 184 صفحن تي مشتمل آهي.

قاضي خادم پنهنجي هن يادگيرين جي مجموعي 'قصو ڪوتاهہ' ۾ ڪيترائي مختلف واقعا بيان ڪيا آهن، پر پنهنجي پوئين ڪتابن جي تسلسل کي پڻ برقرار رکيو آهي، ان سان گڏوگڏ مختلف تاريخي شين، شخصيتن، توڙي ڪيترن ئي مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سندس فڪر جي گهرائي، سنجيدگيءَ ۽ سوچ جي خوبصورتي جو اندازو سندس لکڻين ۾ ملي ٿو.

قاضي خادم شمشيرالحيدريءَ جي باري ۾ لکن ٿا تہ "شمشير هڪ بيباڪ شاعر سان گڏ هڪ پُرخلوص دوست بہ هو. هن مون سميت ڪيترن ئي نون لکندڙن کي راتين جون راتيون اسٽريٽ لائيٽ جي هيٺان ويهي، سنڌن لکڻين کي سڌارڻ، ڪاما ۽




فل اسٽاپ جا قانون پڌائڻ ۽ نڪارڻ ۾ صرف ڪيا، انهن مان ڪيترن ئي نالن ۾ هن جا ئي مضمون ۽ شعر رسالن، ريڊيو ۽ ٽي.وي تان بہ نشر ٿيا، پر هاڻ انهن جا نالا لکڻ مناسب نہ ٿو لڳي. هنن جي نظم ۽ نثراٽين لکڻين کي جڏهن پسند ڪيو وڃي تہ ان جي تحسين شمشير کي نہ تہ هن جي روح کي ضرور ملندي هوندي. شمشيرالحيدريءَ جي باري ۾ ڪئين مقالا لکي سگهجن ٿا. جن ۾ هن جي شاعري، مضمون نويسي، صحافت، (ريڊيو) ٽي.وي ۽ رسالن سان وابستگيءَ جو احوال قلمبند ڪري جديد ادب تي تحقيق جا نوان باب کولي سگهجن ٿا، انڪري جو شمشير جهڙيون شخصيتون بار بار ڪونہ پيدا ٿينديون آهن."

قاضي خادم دلچسپ فلمن سان گڏوگڏ ٿئيٽر

کي به نه وساريو آهي، پر ان دؤر جي باري ۾ ٻڌائين ٿا ته ”جڏهن اڃا فلم ريڊيو ۽ ٽي.وي وجود ۾ ڪونه آيا هئا تڏهن ٿيئٽر ئي عام تفريح جو واحد ذريعو هو. سڄي دنيا ۾ ٿيئٽر جو راڄ هو جيئن انگلستان ۾ شڪسپيئر جا ڊراما مشهور هئا ۽ ماڻهو انهن کي اسٽيج تي ڏسڻ لاءِ آتا هوندا هئا. تيئن هندستان ۾ آغا حشر ڪاشميريءَ جا ڊراما به مشهور هئا. ماڻهو ڏاڍي شوق ۽ دلچسپيءَ سان خوبصورت بلا، صلہ، حوس، سفيد خون، يهودي کي لڙکي، آنکھ کا گناہ، سورداس ۽ ٻيا ڊراما اسٽيج تي ڏسندا هئا خاص ڪري جو آغا حشر جا ڪردار به شيڪسپيئر جي ڪردارن وانگر نهايت اعليٰ پائي جا شاعراڻي فصاحت ۽ بلاغت سان ڀرپور ڊائلاگن رستي پنهنجي جذبات جا اظهار ڪندا نظر ايندا هئا. هن دؤر جو ذڪر ڪندي حڪيم احمد شجاع پنهنجي آتم ڪهاڻي ’خون بها‘ ۾ لکيو آهي ته ”جي اسٽيج جي دنيا فلم جي هٿان برباد ٿئي ها ۽ انهن ماهرن جو دؤر ختم نه ٿئي ها ته اهي ماهرين اڃا به دنيا مان ختم نه ٿين ها، جن سالن جا سال ماڻهن جي دلين کي خوش ڪيو.“

قاضي صاحب پنهنجي يادگيرين ۾ سنڌ جي ثقافت کي به نه وساريو آهي، پاڻ جنڊي ۽ ڪاشيءَ سميت نڪر تي چٽساليءَ سميت مختلف ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي، پاڻ لکن ٿا ته ”جنڊيءَ جي ڪٽن سان گڏوگڏ جنڊيءَ جي منجين جو به رواج هو، عام ڪاٺ جون منجيون يا ته رڌڻي ۾ چلهه تي ماني پچائڻ وقت ويهڻ لاءِ ڪم اينديون هيون، يا وري نوڪر نوڪرياڻين کي ويهڻ لاءِ ڏبيون هيون. جنڊيءَ جي پاون واريون ڪٽون نه صرف خوبصورت ۽ مضبوط هونديون هيون، بلڪ وڏ ماڻهپي جو نشان به هونديون هيون. سنڌ ۾ کاٽوٽ توڙي هالن جي جنڊيءَ جي وڏي هاڪ هوندي هئي.“

’قصو ڪوتاهه‘ يادگيرين جي تسلسل وقت بوقت ليکڪ جي ذهن ۾ ايندڙ خوبصورت خيالن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ادب جي مڃني پهلوئن سان گڏ سنڌ جي ثقافت توڙي ريتن رسمن سميت مختلف ڪاروهنوار سان لاڳاپيل ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

قاضي خادم جي يادگيرين جي سمورن ڪتابن ۾ هن پنهنجي خاندان، دوستن، سنڌ جي درسگاهن، ادبي ادارن ۽ مختلف تقريبن جون جيڪي تصويرون شايع ڪيون آهن، اهي هڪ وڏو تاريخي ڪم آهي، انهن ۾ 1934ع ۾ سنڌ پرانوشل ڪوآپريٽو بينڪ جي افتتاح جي موضوع تي پنهنجي ڏاڏي قاضي عبدالقوي مرحوم ۽ ان سان گڏ سنڌ جي ڪن وڏن زميندارن سان گڏ ڪوآپريٽو کاتي جي پهرين اسسٽنٽ رجسٽرار خانبهادر عظيم خان جو گروپ فوٽو ڏنو آهي ته 1940ع ۾ مشهور انگريز ڪمشنر هيوڊيوٽ جي لاڙڪاڻي ۾ آمد تي نڪتل تصوير ۾ سندس والد قاضي محمد قريشي ان وقت مختيارڪار هو ۽ تصوير ۾ ڊاڪٽر محمد عمر بن دائودپوٽي، محترم عبدالله چنا، ان وقت ڊپٽي ڪليڪٽر سيوهڻ، رئيس غلام رسول خان جتوئي، عاشق جتوئي ۽ ٻين ڪيترن مشاهير جو گروپ فوٽو شايع ڪري ان کي تاريخ جي دائري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. حقيقت ۾ سندن ڪتابن ۾ شايع ٿيل تصويرون خود سنڌي سماج جي عڪاسي ڪن ٿيون، ڪويتا پبليڪيشن جي ڇاپيل هن ڪتاب جي قيمت -/460 آهي، جيڪا موجوده دور ۾ ڇپائي ۽ پني جي مهانگائي آڏو ڪجهه به ناهي، هيءَ ڪتاب سنڌ جي هر ڪتاب گهر تان ملي سگهندو.

دين محمد ڪلهوڙو



# ڪلاسيڪي شاعري [فلسفو ۽ تاريخ] جو مختصر اپياس

ڪلاسيڪي شاعري [فلسفو ۽ تاريخ] نوجوان اسڪالر ۽ا ديب راز شاهاڻيءَ جو ايم.فل ريسرچ پيپر آهي، جنهن ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي معنيٰ، وصف ۽ فلسفي سميت اُن جي ارتقائي تاريخ پڻ بيان ڪيل آهي، جڳ مشهور اداري سنڌي ادبي بورڊ هِن تحقيق ڪي مئي 2019ع تي ڪتابي صورت ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي. پهريون باب ڪلاسڪ/ ڪلاسيڪل ڇا آهي؟، ٻيو باب- ڪلاسيڪي شاعريءَ جي تاريخ، باب ٽيون- ڪلاسيڪي شاعريءَ جو فلسفو، باب چوٿون- ڪلاسيڪي شاعري، باب پنجون- متفرق. ڪتاب پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو آهي، صفحا 151، ڊيمي سائيز ۾، ۽ قيمت ٻه سئو سٺ روپيا اٿس. ڪتاب جي ارپنا سندس نالي تي آهي.

هن ڪتاب جي اهميت بابت اداري پنهنجي ڇپائيندڙ نوٽ ۾ لکيو آهي ته: ”ڪلاسيڪي شاعري سنڌي ادب جو هڪڙو اهڙو عظيم اثاثو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صوفي بزرگن، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صورت ۾ انسان جي سماجي ۽ اخلاقي آسودگي، امن پائيچاري ۽ خوشحاليءَ جو پيغام ڏنو.“ (ص- 3).

ليکڪ پنهنجي پاران ۾ ڪتاب اندر موجود مواد تي راءِ هن طرح ڏئي ٿو: ”ڪلاسيڪي شاعري، سنڌي شعري ادب جو وڏو خزانو آهي. بلاشبہ اُن کي انساني ڪردار ۽ اخلاق جي تعمير ۽ اصلاح جو حيلو وسيلو به چئجي، ته وڌاءُ ڪونهي. حالانڪ اُن جي فلسفي جا مختلف پهلو آهن، جنهن تي مختلف رُخن کان تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ڪلاسيڪي شاعريءَ جو پيغام وڌ کان وڌ عام ٿئي. مُون پنهنجي هن ڪتاب (تحقيق) ۾ به اُن جي فلسفي متعلق مختلف پهلوئن کان هڪ شاگرد (اسڪالر) جي حيثيت ۾ تحقيق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.“ (ص- 9)




پهرئين باب ۾ وصف، موضوع ۽ اهميت تي روشني وڌل آهي. لفظ ’ڪلاسڪ‘ ۽ ’ڪلاسيڪل‘ جي معنيٰ، وصف ۽ اُن اصطلاح تي مختلف ڏيهي، پرڏيهي عالمن، فلاسافرن سميت لغتن ۽ ٻين ڪتابن تان مدد ورتي آهي، جنهن ۾ هُو لکي ٿو ته: ”اصل ۾ لفظ ’ڪلاسِڪ‘ ۽ ’ڪلاسيڪل‘ جو بنياد قديم يونان، لاطين ۽ روم جي ادب ۾ قبل مسيح جي زماني ۾ پيو. جتي اُن جو اول اول استعمال طبقاتي

طور اعليٰ يا مٿانهين درجي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي سڃاڻپ واسطي ٿيو.“ (ص- 30). معنيٰ ۽ مفهوم جي حوالي سان هو لکي ٿو ته: ”اهڙي تخليق يا تحرير کي ڪلاسيڪل چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ دائميت هجي، ۽ اُها زمان، مڪان ۽ سرحدي حدبندين کان بالاتر، هر زبان ۽ مُلڪ جي ماڻهن کي احساساتي طور هڪ جيترو متاثر ڪري. اهڙو ادبي شعري خزانو، جيڪو مقرر معيارن تي پورو هجي ۽ جنهن جا موضوع فطري، انساني، اخلاقي، سماجي قدرن جي اُپٽار تي مشتمل هجن ۽ اهو مذهبي رنگ ۽ نسل کان بالاتر هُجي ۽ پنهنجي فلسفي ۾ بين الاقواميت رکندو هجي، منجهس فطرت جي عڪاسي ۽ انساني قدرن، مزاج، نفسيات ۽ حقيقت پسنديءَ جي ترجماني ڪندو هجي. اُهو غاصباڻي يا جابراڻي سوچ ۽ پرماريت لاءِ همدرداڻو رويو نه، پر مظلوميت جو طرفدار هجي ۽ مَنجهس اعليٰ انساني قدرن جو بيان ۽ آفاقي پيغام سمايل هُجي. اهڙي ادب کي ’ڪلاسِڪ‘ جي حيثيت حاصل آهي.“ (ص 30)

باب ٻئين ۾ ڪلاسِڪل/ ڪلاسيڪي/ اُساسي جو بيان ۽ اُنهن جي تاريخ تي تحقيقي بحث ڪيل آهي. هن باب ۾ لفظ ڪلاسيڪل/ ڪلاسيڪي جي لفظي اُڪيڙ، معنيٰ جيڪا ڏيهي پرڏيهي لغتن ۽ عالمن جي ڪتابن مان ورتي آهي، اُها غالباً هڪ ئي معنيٰ ۽ مراد کي ظاهر ڪري ٿي، پر سنڌي ٻوليءَ جي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لفظ ’ڪلاسِڪ‘ کي سنڌيءَ ۾ ’اُساس‘ جي اصطلاح سان ظاهر ڪيو آهي. جنهن جي معنيٰ، بنياد، جَڙ، پاڙ ورتي ويئي آهي. اهڙيءَطرح ’ڪلاسيڪي‘ يا ’ڪلاسيڪل‘ لاءِ ’اُساسي‘ لفظ استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ڪلاسيڪل يعني اساسي شاعريءَ کي قاضي قادن کان شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات، شاهه لطيف ۽ اُن کان پوءِ گرهوڙي صاحب، روحل، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاريءَ کان پوءِ غلام محمد خانزئي تائين شاعرن جو ڳاڻيٽو اُساسي شاعر طور ڪري ٿو، ۽ اهڙي شاعريءَ کي ورهائي ٿو ٽن دورن- اُساسي شاعريءَ جوا بتدائي دور، وچيون ۽ آخري دور ۾ ورهائي ٿو. هن بحث ۾ راز شاهاڻي صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي استعمال ڪيل اساس يا اساسي تي اعتراض واري ٿو، چو ته ڪلاسيڪي يا ڪلاسيڪل لفظ اسان وٽ امپورٽڊ آهي، ٻاهران آيو آهي، تنهنڪري پرڏيهي عالمن، انهن لفظن جي جيڪا معنيٰ ٻڌائين ٿا، اها ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي متعارف ڪيل معنيٰ کي تحويل ۾ نه ٿي وٺي. هن سلسلي ۾ راز شاهاڻي صاحب لکيو آهي ته:

”معنيٰ جي حساب سان ڏسبو ته ٻنهي لفظن يعني اساسي ۽ ڪلاسيڪيءَ ۾ فرق آهي. اساسيت ۾ ڪلاسيڪيت ٿي سگهي ٿي پر سموري ڪلاسيڪي شاعريءَ کي اساسي يا اساسي شاعريءَ کي ڪلاسيڪي شاعري ڪونه ٿو ڪوٺي سگهجي اساسيءَ جو البته قصو مختلف آهي. هِن حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ جي موقف سان اختلاف جي گنجائش بهرحال موجود آهي.“ (ص 34- 33)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لفظ’ڪلاسيڪي‘ ’ڪلاسيڪل‘ جي شاعريءَ جو بنياد اهي ئي ڳالهيون طئه ڪري ٿو، جيڪي ٻين پرڏيهي عالمن به ٻڌايون آهن. يعني اهڙي شاعريءَ جو بنياد، جيڪو انساني اعليٰ قدرن واري فهم ۽ فڪر سان هجي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي نظر ۾، ”اهڙي شاعري، جنهن ۾ محض ڪنهن قصي ۽ واقعي جي بيان يا محض شاعرانه خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمجهايل هجي. هن اعليٰ شاعريءَ جو اُساس (بنياد)، ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ انساني وحدت ۾ ويساهه ۽ معاشري ۾ اعليٰ خوبين واري شخصي ڪردار جي مفهوم تي ٻڌل آهي. مجموعي طور سان، سنڌي اساسي شاعري انسان جي ايمان ۽ ارادي جي

سچائي ۽ عملي ڪردار جي اعليٰ معيارن جي تشريح ۽ تعبير آهي. گهڻي حد تائين اها تشريح، اسلامي تصوف ۽ طريقت جي ان صاف پاڪ روايت جي روشنيءَ ۾ ٿيل آهي جيڪا سنڌ ۾ اڳاٽي وقت کان وٺي عام مقبول ٿي.“ (بلوچ، 1999ع: 458)

هن مان مطلب اهو ٿيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مٿي ڄاڻايل شاعرن جي ڪلام کي اساسي (ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل) شاعريءَ جي پيرا ميٽر (ڪسوٽي) طور مقرر ڪيو آهي، جو ته انهن جي ڪلام جو بنياد (اساس)، اعليٰ انساني قدرن وارو فهم ۽ فڪر آهي. تنهنڪري سنڌيءَ ۾ لفظ ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل جي مبتادل ۾ لفظ ’اساس‘ ڪم آندو آهي، باقي مواد ۽ موضوع ساڳيو ورتو ويو آهي، جيڪو پرڏيهي عالمن اظهاريو آهي. البته راز شاهاڻيءَ جي راءِ ڪي به رد نه ٿو ڪري سگهجي ته لفظ ’اساس‘ پوريءَ طرح ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل جي اصطلاح کي مڪمل طرح پنهنجي تحويل ۾ نه ٿو وٺي. ان لاءِ اهڙو اصطلاح ڪم آڻجي، جنهن سان فقط ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل روايتن کي پنهنجي احاطي ۾ آڻي بيهي.

باب ٽيون- تصوف جي باري ۾ آهي هن ۾ ڪلاسيڪي شاعري، فلسفي ۽ موضوعاتي گوناگونيت ۾ ٻن اهم جزن- تصوف ۽ اخلاق قدرن تي انحصار رکي ٿي. يعني اهي ٻئي جزا ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل يا اساسي شاعريءَ جي فلسفي کي واضح ڪن ٿا. هن باب ۾ اسڪالر ڪلاسيڪي/ ڪلاسيڪل يا اساسي شاعريءَ جي تناظر ۾ تصوف بابت هن طرح رقم طراز آهي ته: ”تصوف جو ڪلاسيڪي شاعريءَ سان تعلق، جسم ۽ روح جي ڳانڍاپي وانگر آهي. بلڪل ائين چئجي ته اُها پيداوار ئي تصوف جي آهي ته وڌاءُ نه ٿيندو.“ (ص- 66) هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”جنهن زماني، يعني سمه دور (1520ع- 1350ع) جي آخر ۽ ارغون دور (1554- 1521ع) جي ابتدا ۾ جڏهن قاضي قادن جي صورت ۾ ڪلاسيڪي شاعري باقاعدي اُسري چُڪي هئي، اهو دور سنڌ ۾ نئدي ڪنڌ ۾ تصوف جو حامل فڪري دور هو. خود قاضي قادن مهدوي سلسلي تحت، تصوف جي وجودي فڪر جو حامل شعر چوندو هو. سنڌي شعر ۾ اڳتي هلي تصوفي سلسلن تحت موضوعاتي گوناگونيت ۽ فڪري گهرائي آئي ۽ تصوف (Mysticism) کي ماخذ ۽ نظريي (Ideology) جو روپ ٽيندي، وحدت الوجد، وحدت الشهور ۽ ذيلي سلسلن- قادريه، چشتيه، سهرورديه، نقشبنديه وغيره جي فڪري اثر هيٺ، ڪلاسيڪي (اساسي) شاعريءَ کي دائره ڪار ۾، فطرت ۽ اُن جو حسن، راز ۽ رمز، توحيد، وحدت درڪثرت، استغراق، حيرت، وصال جا باريڪ نُڪتا، انساني سماج، اُن جون خوبيون ۽ خاميون، روحانيت ۽ امن ۽ ڀائيچاري، ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جي پالوٽ ڪئي وئي. (ص- 66)

ڪلاسيڪي (اساسي) شاعريءَ جو ٻيو جز يعني اخلاقي قدر آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيل ڪلاسيڪل (اَساسي) شاعرن جي ڪلام ۾ جا بجاءِ ملي ٿو، ۽ هن روايت جو بنياد، گهڻو ڪري آسماني مذهبن جي تعليمات تي ٻڌل آهي. اسان جو مذهب اسلام ته هِن سلسلي ۾ وڏو بنياد فراهم ڪري ٿو ۽ انساني قدرن جو وڏو مبلغ ۽ پرچارڪ پڻ آهي، جي گهڻو ڪري هي آهن- حُسن خُلق، سچائي، همدردي، اتحاد ۽ اتفاق، درگذر، نيڪي، ساٿيهه جي سڪ (وطن جي محبت)، آئي جو آدر ڀاءُ، رحم وڪرم، ڀائيچارو، عاجزي ۽ انڪساري، جدوجهد، صبر ۽ شڪر، قناعت ۽ ڪفايت، توڪل الله، عبادت، انساني مساوات، راست بازي، عدل ۽ انصاف، ملڪي ۽ قومي مفادن جي حفاظت ڪرڻ، نيڪين جي پابندي ۽ بڇڙاين کان نفرت، باڪرداري، ارادي ۽ فيصلي جي قوت، عزم ۽ حوصلو، تحمل ۽ برداشت، محنت ۽ جفاڪشي، خوداري، رحمدلي، شفقت، دل ۽ ذهن جي ڪشادگي (فراخدلي)، امانت ۽ ديانتداري، سخاوت، نرمي، غير مشروط محبت ۽ شفقت، ايمانداري، احترام، باهمي سهڪار، ترس ۽ رحمدلي وغيره شامل آهن.

باب چوٿين ۾ ڪلاسيڪل (اساسي) شاعرن جي ڪلام جو اڀياس ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ شروعات، سنڌي زبان جي اوائلي شاعر قاضي قادن (1551ع- 1463ع) کان ڪئي وئي آهي ۽ اختتام

خليفي نبي بخش لغاري (1850ع - 1776ع) تي ڪيو ويو آهي. انهي وچ واري عرصي ۾ جيڪي شاعر (اساسي) ٿيا آهن، تن ۾- مخدوم نوح (1586- 1500ع)، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1626ع- 1538ع)، شاهه لطف الله قادري (1679ع- 1611ع)، ميين شاهه عنات رضوي (1125هه- 1030هه)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1752- 1689ع)، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو (1775- 1713ع) شيخ عبدالرحيم گرهوڙي (1152هه)، روحل فقير (1804- 1734ع)، سچل سرمست (1827ع- 1739ع)، پائي چين راءِ لنڊ (1850ع- 1743ع)، خليفو نبي بخش لغاري (1850ع- 1776ع).

هي اهڙا ڪلاسيڪل (اساسي) شاعر آهن، جن جي ڪلام ۾ مٿي بيان ڪيل انساني قدرن وارو فهم ۽ فڪر شامل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چواڻي ته: "هنن جي ڪلام ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ انساني وحدت ۾ ويساهه ۽ معاشري ۾ اعليٰ خوبين واري شخصي ڪردار جو مفهوم شامل آهي." (بلوچ، 1999ع: 458)

مجموعي طرح هيءُ ڪتاب، ڪلاسيڪي شاعري، اُن جي تاريخ ۽ فلسفي تي نهايت ڪارآمد معلومات فراهم ڪري ٿو. اسڪالر راز شاهاڻي هن تحقيق تي بهتر انداز ۾ قلم کنيو آهي. ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ اسڪالرن جي راين کي پڻ بحث هيٺ آندو آهي ۽ انهن جو هڪ لحاظ کان تقابلي جائزو پڻ ورتو آهي. هن تحقيق جي اصولن جي به پاسداري ڪئي آهي متن ۾ حوالن ڏيڻ ۽ ريفرنس درج ڪرڻ جي اصولن کي به نظرانداز نه ڪيو آهي. هر باب جي آخر ۾ ملٽي لنگيوئل سسٽم (MLS) مطابق، حوالا ڏنا آهن، ۽ آخر ۾ الف. ب وار ببليوگرافي ڏني آهي. سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن تان استفادو ورتو ويو آهي.

## سنڌي ادبي بورڊ جا رسالا






حافظ احمد الدين انڙ

# عبدالڪريم پليءَ جي ورسي رپورٽ



مورخه 3- نومبر 2019ع آچر شام، سنڌي ٻوليءَ جي برک شاعر، سياستدان ۽ سچي انسان مرحوم خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پليءَ جي 28 هين ورسي، سنڌ ادبي فورم پاران عمرڪوٽ (لطيف ننگر) ۾ ملهائي ويئي. محفل جو صدر مدد علي سنڌي صاحب ۽ خاص مهمان نصير مرزا هئا، جڏهن ته اعزازي مهمان رسول بخش درس هو. اسٽيج تي ميزبانيءَ جا فرائض حاجي ساند ۽ اشرف پلي ڏنا. جڏهن ته اسٽيج تي ويٺلن ۾ خانصاحب اخترپلي، حاجي علي مراد راڄڙ ۽ ڊاڪٽر اسد جمال پلي شامل هئا. تلاوت ڪلام پاڪ ڪانپوءِ جمن دربدر وائي ٻڌائي، جنهن بعد حليم باغي تقرير ڪندي چيو ته: منهنجي پلي صاحب سان روبرو ملاقات ڪونه ٿي، پر وفا صاحب سان فون تي ڪچهريون ٿيون.

رسول بخش درس چيو ته: منهنجي پلي صاحب سان ملاقات ڪونه هئي، پر سندن ادب پروري ۽ سخا جي هاڪ سڄيءَ سنڌ ۾ هلي ٿي. مون ڪي ڪريم صاحب جا ذڪر اعجاز صاحب ٻڌائيندو هئو. ڪريم سخي، ڏاتار، بهترين شاعر ۽ محبتي انسان هو.

نصير مرزا چيو ته: منهنجي ساڻس خط و ڪتابت هئي ۽ پوءِ ريڊيو پاڪستان تي ملاقات ٿي ۽ سندن گوٺ اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو. پاڻ وڏو مهمان نواز ۽ پيار ڪندڙ انسان هو، سندن سخاوت جي پيالي مان مون سميت اڪثر سنڌي اديبن سُرڪيون ڀريون.

مدد علي سنڌي صدارتي تقرير ۾ چيو ته منهنجي ساڻس 49 سالن جي رفاقت رهي، جنهن ۾ پاڻ اِهو ڪڏهن به محسوس نه ڪرايو ته مان ڪو وڏو جاگيردار ۽ پ.پ جو ايم.پي.اي آهيان. سندن محبت جو وڏو حصو سنڌي اديبن لاءِ مخصوص هو.

علي نواز پلي ساڻس عقيدت جو اظهار ڪندي چيو ته: آءٌ جيڪو ڪجهه به آهيان، اُهو هن خاندان جي ڪري آهيان.

ميرحسن آريسر، ڪريم پليءَ جي شاعريءَ جي حسناڪين تي تفصيل سان روشني وجهندي چيو ته: ڪريم پلي مسڪينن جو آواز هو. سندس شاعريءَ کي ماڻهن جي پس منظر ۾ پڙهڻ گهرجي.

حاجي علي مراد راڄڙ صاحب ذاتي تعلق ۽ پلي صاحب جي موسيقي سان محبت ۽ شوق بابت تفصيلي روشني وڌي.



ڊاڪٽر اسد جمال پلي ووٽ آف ٿئنڪس پيش ڪندي آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪرڻ سان گڏ، پلي صاحب جي شخصيت ۽ ڪلام تي پڻ روشني وڌي. ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب مقررن جي ڳالهين جون درستگيون به ڪيون. پاڻ پلي صاحب جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ڇپائڻ دوران دلچسپ واقعن ۽ تجربن بابت به سٺيون ڳالهيون ٻڌايون.

ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ٻڌايو اسان کي ڪريم پلي صاحب جا خط ڇپائڻا آهن، ان لاءِ سڀني دوستن جو سهڪار کپي ٿو.

مقررن جي تقريرن بعد رات جي مانيءَ ڪانپوءِ محفل موسيقي ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي ڀلوڙ راڳين شاعر عبدالڪريم پليءَ جي شاعري ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو.



رپورٽ: عبدالقيوم يوسفاڻي

# نعتيہ محفل مشاعرو

تاريخ 9- نومبر 2019ع، ڇنڇر جي شام مطابق 12 ربيع الاول جي رات سنڌ جي سرموڙ شاعر ۽ ليکڪ مرحوم قاضي عبدالرحمٰن هاليپوٽي جي ورسيءَ جي سلسلي ۾ دستوري طرحي ۽ غير طرحي نعتيہ مشاعرو، ڳوٺ محمد عمر هاليپوٽي ۾ ٿيو، نعتيہ مشاعري جي طرح قاضي عبدالرحمان هاليپوٽي جي نعتيہ ڪلام مان ڪنئي ويئي ته:

أپ زمينون ڪن ثنا، عالم اجهي آڌار جي.

قافيو "آڌار" ۽ رديف "جي" هو.

هن شاندار مشاعري جا ميزبان هر سال وانگر محمد قاسم هاليپوٽو، اڪبر هاليپوٽو ۽ عبدالغني هاليپوٽو هئا. مشاعري جي صدارت سنڌ جي صف اول جي عالم، اسڪالر، مقرر ۽ شاعر سيد قلندر شاهہ لڪياري صاحب ڪرڻ فرمائي، جڏهن تہ مهمانِ خاص صاحبِ نعتيہ ۽ حمديہ ديوان جناب ڊاڪٽر عبدالجبار 'عابد' لغاري اويسي صاحب هو ۽ اعزازي مهمان نامور محقق، ليکڪ ۽ شاعر پروفيسر الهہ بچايو 'مشتاق' آريسر صاحب هو ۽ اسٽيج تي ميزباني جا فرائض هر سال وانگر سيف الله خالد يوسفاڻي سرانجام ڏنا.

مشاعري جي شروعات ۾ تلاوت قرآن پاڪ کان پوءِ ٽنڊي الهيار مان آيل خوش الحان شاعر نور نبي 'ناچيز' پنهنجي سُريلي ۽ مٺي آواز ۾ معمور يوسفاڻي صاحب جي نعت شريف:

"تنهنجي در جا اچي دربان ٿيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو" ٻڌائي مجلس تي وجد طاري ڪري ڇڏيو. نعت شريف کان پوءِ طرحي مشاعري جي آغاز ۾ اسٽيج سيڪريٽري سيف الله خالد يوسفاڻي پنهنجو نعتيہ ڪلام پيش ڪيو، جنهن جا ڪجهہ اشعار هن طرح هئا تہ:

بخت واري پونءِ سان، پرين ڏنا جت پيرڙا،
خاڪ سُرمي ڪان مٿي پانيان ٻلن جي پار جي.
هٿ شفاعت جو ڌري داور اڪارج دشت مان،
آس تو ۾ آهي عربي، هن بندي بيڪار جي.

ان کان پوءِ عبدالغني هاليپوٽي صاحب پنهنجو نعتيہ ڪلام پيش ڪيو:

واه جي بارات سنيري، گهوٽ خوش گفتار جي،
عرش اعظم ڏي سواري، سيدُ الابرار جي.
آهي خوشبو دوجهان ۾، محب مٺيادار جي،
سوجهرو جڳ تي ڪري ٿي جوت جلويدار جي.

دڙيلو مان شاعر محمد حسن مصروف چانڊيي پنهنجو طرحي نعتيہ ڪلام پيش ڪيو، جنهن جي جهلڪ هيٺ ڏجي ٿي:

دم نہ هڪڙو دم جيان، دلبر سوا دنيا اندر،
سڪ اندر ٿئي ساه پورو، سڪ اٿم سرڪار جي.

ڪنڙي کان آيل نياز محمد 'نياز' صاحب پنهنجو طرحي نعتيہ ڪلام پيش ڪري حاضرين کان تحسين حاصل ڪئي:

جو غريبن ۽ يتيمن، بيوسن جو پرجهلو،
جنهن لڌي ٿي ماءُ کان وڌ سار هر هڪ ٻار جي.
لک درودن ۽ سلامن جا مٿي منٺار تي،
أپ زمينون ڪن ثنا، عالم اجهي آڌار جي.

ٽنڊي الهيار کان آيل شاعر ناچيز نور نبي پنهنجو خوبصورت طرحي نعتيہ ڪلام ترنم ۾ ٻڌائي حاضرين مجلس جي دلين کي سُرور بخشيو.

دل ٿئي ماندي ٿي هردم، شهر آقا کي پسان،
تشنگي تڙپائي ٿي جيءَ کي پلاري پار جي.
تون مسيحاه جهان آهين جهانن جا اجها،
ڪر مدد يا مصطفيﷺ ناچيز هن ناچار جي.

شير خان چانڊيي کان آيل خوبصورت ٻولن جي شاعر عطر گل چانڊيي صاحب پنهنجي طرحي نعتيہ ڪلام پنهنجي مٺڙي آواز ۾ ترنم سان ٻڌائي محفل ۾ راحتن جا رنگ پکيڙي ڇڏيا:

سکر لاشاري

# عظيم ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪي جي تقريب



سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي ۽ 'بزمِ روح رهاڻ' جي سهڪار سان سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار ۽ اديب حميد سنڌيءَ جي ياد ۾ ممتاز مرزا آڊيٽوريم سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ تاريخ 12- جنوري 2020ع تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ڪيو ويو. جنهن ۾ ناليوارن اديبن حميد سنڌيءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ڳالهايو، جنهن ۾ ناليواري شاعر امداد حسينيءَ چيو ته حميد سنڌيءَ جو عشق 'روح رهاڻ' رسالو هو، ۽ جڏهن اُن کي بند ڪيو ويو ته اُن جي ڪنهن به مدد نه ڪئي، حميد سنڌيءَ جي ڪم کي بقاءُ آهي اهڙو ڪم ڪندڙ شاعر، اديب زنده رهندا آهن ۽ حميد سنڌي به زنده رهندو. نامياري ڪهاڻيڪار ۽ اديب مدد علي سنڌيءَ چيو ته روح رهاڻ جا سمورا جُلد جيئن جو تيئن ڇپرايا وڃن. ناليواري ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري ڳالهائيندي چيو ته حميد سنڌي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ شامل هو، حميد سنڌي جي شخصيت هڪ ڪهاڻيڪار طور قومي تحريڪ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. ۽ گهُر ڪئي ته حميد سنڌيءَ جون يادگيريون به قلمبند ٿيڻ گهرجن. ۽ سندس نالو پنهنجين لکٿين ۾ زنده رهندو. نامياري اديب ڊاڪٽر قاضي خادم چيو ته 'روح رهاڻ' رسالو تاريخ آهي ۽ چيو ته علمي ادبي شخصيتن کي صرف هڪ ڏينهن ياد نه رکڻ گهرجي ۽ وڌيڪ چيو ته 'روح رهاڻ' رسالي، 'سهڻي' ۽ 'نئين زندگيءَ' کي محفوظ ڪرڻ گهرجي. نامياري شاعره ڊاڪٽر سحرامداد، حميد سنڌيءَ جي شخصيت تي ڳالهائيندي چيو ته حميد سنڌي 60 سال شاندار تحريڪ جو زنده ڪردار هو. گهڻ پاسائين شخصيت هو. هُو عهدن تي ميرٽ جي بنياد تي رهيو. اسان اديبن ۽ ليکڪن کي ڪجهه نه ڏئي سگهيا آهيون. ۽ وڌيڪ چيو ته شاندار زندگي گذاريندڙ اديبن کي زندگيءَ ۾ ميحتا ملڻ گهرجي. حميد سنڌيءَ کي به گهربل موٽ نه ملي. نامياري اديب تاج جويو چيو ته حميد سنڌي تهذيبي قدرن جو محافظ ڪهاڻيڪار آهي. هن جي هر ڪهاڻي سنڌ جي ڪهاڻي آهي. هن ڪڏهن به جبر جي حمايت نه ڪئي، هُو ملنسار، مهمان نواز ننڍن سان پيار ڪندڙ ۽ وڏن جو احترام ڪندڙ هو. ليکڪ پروفيسر اعجاز قريشيءَ چيو حميد سنڌيءَ روح رهاڻ رسالي ۾ مزاحمتي ادب ڏنو ۽ وڌيڪ چيو ته ثقافت کاتو هن جا چونڊ ايڊيٽوريل ڇپرائي. نامياري ليکڪا ۽ ناول نگار ماهتاب محبوب چيو ته حميد سنڌي نياز نِوڙت واري مزاج سان هر ڪنهن کي متاثر ڪيو. هُو وڏن عهدن تي رهيو، پر عاجزي نه ڇڏي. نامياري شاعر ۽ ليکڪ نصير مرزا چيو ته حميد سنڌي اندران ۽ ٻاهران هڪجهڙو محبوب صفت انسان هو، هن جي ڪنهن به اداري خدمت نه ڪئي، هن سمورن جي خدمت ڪئي.

نامياري ليکڪ زيب سنڌيءَ چيو ته حميد سنڌي گهڻ رخي شخصيت هو، هُو قداور ۽ حسين ڪهاڻيڪار هو. نامياري شاعره ۽ پبلشر نذير ناز

چيو تہ حميد سنڌيءَ جي وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک پهتو آهي، هن جا منهنجي مٿان وڏا احسان آهن. ۽ وڌيڪ چيو تہ مون کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ حميد سنڌيءَ جي چوڻ تي ٿوري عرصي ۾ سندس حياتيءَ ۾ ڪتاب ڇپرائي شايع ڪرايو. ناماري ليکڪا ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو چيو تہ حميد سنڌي بااخلاق، باڪردار ۽ ٻين گهڻن ئي خوبين جو مالڪَ هو. سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽري ۽ ناماري اديب اڪبر لغاريءَ چيو تہ حميد سنڌيءَ جي چونڊ ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ڪتاب ڇپرائي رهيا آهيون. آرڪائيوز کاتو ثقافت کاتي جو حصو هجڻ ڪري حميد سنڌيءَ جي رسالن کي محفوظ ڪيو ويندو ۽ چونڊ رسالن کي ڇپرايو ويندو. حميد سنڌيءَ جي پٽ ارشد حميد، مصطفيٰ سولنگي، واحد ڪانڌڙي، محسن جويي، روشن سندر چانڊيو ۽ ٻين پنهنجا ويچار ونڊي حميد سنڌيءَ کي ڀيٽا پيش ڪئي. ناميارن شاعرن آسي زميني ۽ سليم چنا حميد سنڌيءَ کي شاعريءَ ذريعي زبردست خراج پيش ڪيو. هن تعزيتي ميڙاڪي ۾ سنڌ جي سمورن اديبن حيدرآباد جي ڪمشنر کان گهُر ڪئي تہ قاسم آباد جي واڌو واهہ روڊ جو نالو حميد سنڌيءَ جي نالي منسوب ڪيو وڃي. ۽ سنڌ حڪومت کان پڻ گهُر ڪئي تہ نوشهروفيروز ڊگري ڪاليج حميد سنڌيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي ۽ سنڌالاجيءَ ۾ ڪارنر پڻ قائم ڪيو وڃي.

**ليکڪ هيڪلائي سبب پاڻ اورڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن جو مثال ان ڏورانهين تاري وانگر آهي، جيڪو اشارا موڪليندو رهي ٿو. ليکڪ نہ ٻڌائي ٿو نہ سيکاري ٿو نہ ئي حڪم ڪري ٿو، بلڪ معنيٰ جا، احساس جا ۽ مشاهدي جا ناتا قائم ڪرڻ چاهي ٿو.**

**_جان اسٽئنڪ بئڪ**

***

**منهنجو خيال آهي تہ لکڻ بيحد مشڪل ڪم آهي، پر جيڪو بہ ڪم احتيط سان ڪيو وڃي، مشڪل هوندو آهي. ڪنهن ڪم کي ڪاملتا سان راس ڪرڻ ئي امتيازي ڳالهہ آهي. اديب خودپسند ۽ نرگسي طبيعت جا مالڪ هوندا آهن. اهي پنهنجي پيڙا کي وڌائي بيان ڪندا آهن. پر جيڪا شيءِ آءٌ گهڻي پسند ڪريان ٿو، اها آهي ڪم کي انتهائي خوبصورتيءَ سان ڪرڻ.**

**_گارشيا مارڪيز**

****



## هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، ڀَلُ پُوڄا ڪان پاڻُ،
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي سَڌ نہ ڪَنِّ ساڻُ،
ڇَڏِنُ تعلق تَڪِيا، اِيءُ آديسِين آهَياڻُ،
ڄاڻِي ڇَڏِي ڄاڻَ، پُرِئا پُورَبَ پارَ ڏي.

(سُر رامڪلي)

***

سمجهاڻي: (اي آديسي!) تون جوڳيءَ وارو ويس ٻڌائي، پنهنجي پوڄا نہ ڪراءِ. عبداللطيف چوي ٿو تہ جيڪي لاهوتي (منزل وارا) جوڳي آهن سي ڪنهن بہ قسم جي خواهش نٿا رکن. اهي تہ پاڻ هر قسم جا لڳ لاڳاپا ۽ رهڻ جا ماڳ بہ ڇڏي ڏين ٿا. هنن جي اهائي خاص سڃاڻپ يا علامت آهي. هو پڪو پختو ارادو ڪري پنهنجي ڄاڻ ۽ ڏاهپ کي پاسيرو رکي، پورب (جي منزل) ڏانهن روانا ٿين ٿا.

(شاهہ جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
ڇاپو پهريون: 2016ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

